# قرة العينين في مناقب السبطين

صاحبِ انتخاب

**سالکِ راهہ حقيقت حضرت عبدالقادر بيدل**

ترجمو تحقيق، حاشيوءِ مقدمو

**نوشاد علي جعفري**

Scanned with CamScanner

# قرة العينين في مناقب السبطين

صاحبِ انتخاب

سالڪِ راهه حقيقت حضرت عبدالقادر بيدل رحمة الله عليه

ترجمو، تحقيق، حاشيو ۽ مقدمو

نوشاد علي جعفري

موج وحدت پبليڪيشنس، روهڙي

2011ع

Scanned with CamScanner

ڪتاب جا حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو: قرة العينين في مناقب السبطين
صاحب انتخاب: سالڪ راهه حقيقت فقير عبدالقادر بيدل رحمة الله عليه
ترجمو تحقيق،
حاشيو ۽ مقدمو: نوشاد علي جعفري
ڪمپوزنگ: فهيم احمد سولنگي
ڪمپيوٽر لي آئوٽ: نديم احمد سولنگي
ڇپيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي
ڇپائيندڙ: موج وحدت پبليڪيشنس، روهڙي

ملهه: 200 رپيا

QURRAT'U, AL-AINAIN FEE
MANAQIB'I,S-SIBTAIN
(name of the book)
HAZRAT ABDUL QADIR "Bedil"
(the author)
NAUSHAD ALI JA'FARI
(the translator, the researcher,
The preface writer and the
Marginal notes writer)

ملڻ جا هنڌ
ڪاٺياواڙ بوڪ اسٽور اردو بازار ڪراچي
شاهه لطيف ڪتاب گهر، حيدر چوڪ گاڏي کاتو حيدرآباد
ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، سکر
عزيز ڪتاب گهر، بئراج روڊ سکر
نيشنل بوڪ اسٽور بندر روڊ لاڙڪاڻو

Scanned with CamScanner

## صفت ۾ پنهنجي راءِ سان
## سوين نالا سڏايا سي

(بيدل)

حضرت بيدل سرڪار رحمة الله عليه سندن تصانيف و تاليفات ۾ مختلف دستاويزن ۾ ساڳئي منسوب ٿيئي نالا عبدالقادر ۽ قادر بخش استعمال ڪيا آهن، ايستائين جو سندن مُهرون به ٻنهي نالن سان ڪتب آنديون اٿن. اها ڳالهه نظر ۾ رکندي، ڇاڪاڻ ته هن ڪتاب جي ڪتابت سندن دوست قاضي پير محمد صاحب جي ٿيل آهي، جنهن بيدل سائين رحمة الله عليه جو نالو عبدالقادر ڄاڻايو آهي. تنهن ڪري تڪنيڪي اعتبار کان اسان ان ڳالهه جا پابند آهيون ته هن ڪتاب جي سرورق ۾ عنوان جي هيٺان سندن نالو "عبدالقادر" لکون.


تم انعوز شهدای کربلا هی شنوند و اصل متوصل دارد و فرمانیده کتاب و خواننده و شنونده و نویسنده
از مثوبات آن نوشندگان شربت شهادت و کرامات آن نوشندگان خلوت سعادت محروم
و بی بهره نگذارد لنظم ای جهان آفرین بجان حسین به غم و درد بیکران حسین که رسانی تو آل آن شهدا
بمصیبت رسیدگان حسین فضل کن بر مصنف و کاتب بهر خواننده هم بسان حسین آمین یا رب العالمین
خاتمه بالخیر اعلموا ان هذه الاوراق تسود لیهیجان الاشتیاق مبتدی باحادیث النبویة ومنتهی بعض
مقالات التی تخرج من روضة الشهداء فی حب السبطیة کان تالیفها ابن عبدالقادر الفقیر وتحریرها
من فریقه پیر محمد بن المستخیر تاریخ اتمامها ثامن عشر من شهر رجب فی سنة الف و مائتین
ثمانین اللهم ادخلنا فی زمرة خدام قرة العینین رسول رب العالمین وحشرنا معهم وتحت لوای دولته آمین
الٰهی بحرمت اهل بیت [illegible]

# انتساب

سندم سورائتي محنت سک ۽ سور جي سرواڻ، درد ۽ عشق جي اڳواڻ ۽ پريت ۽ پيڙا جي پيشوا بيدل بادشاھ مٿن بي انت درود ۽ سلام هجن، جي بارگاھ ۾ پيش ڪريان ٿو.

اي الله جا ولي! توهان جي ئي خزاني منجهان درد ۽ محبت جا موتي ميڙي سنڌي ٻوليءَ جي سپ ۾ نئين سر سانڍي توهان جي خدمت ۾ حاضر ٿيو آهيان. منهنجي مزدوري بس ايتري آهي ، جو اڌ ڪليل اکين سان مون تي هڪ نگاھ ڪريو تہ دل ۽ نظر پاڪ ٿي پويم.

Scanned with CamScanner

# اداري پاران

روهڙيءَ جو اهو رهاڪو جيڪو صاحبِ علم شريعت هوندي پنهنجي دل مجازي محبوب کي ڏئي پاڻ کي "بيدل" سڏائيندو رهيو سو پنهنجي دور ۾ اهلِ دل، اهل ظرف ۽ صاحب بصيرت لاءِ انتهائي قابلِ احترام رهيو. مجاز جي مام هن عاشق، جيءَ کي شاعر، موسيقار، درويش ۽ بيباڪ رند بڻائي ڇڏيو ۽ پوءِ تيزيءَ سان هي صاحبِ دل مجاز جي اوکي ڏاڪڻ چڙهندي معرفت جون منزلون پڻ طي ڪندو رهيو ۽ جڏهن انهيءَ آخري ڏاڪي تي پهتو تہ پنهنجي عرفاني نظرن سان ڪيس عشق جي اعليٰ ترين مقام ۽ خالص ترين صورت (واقعہِ ڪربلا) جو مشاهدو نصيب ٿيو ۽ هن راهِ عشق ۾ ڏنل بي نظير قربانيءَ کي هيٺين طرح بيان ڪيو:

برهہ جي برسات سائينءَ سِر جَهلي،
سِرُ وَڍائي سُرخُرو ٿيا هُتِ هلي.
مُقبِلا منصبُ لڌو قربئون ڪُلي،
ان مٿون عشقئو عطا احسان ٿيو.

هن مشاهدي "بيدل" رحمة الله عليه کي فقر جو منصب عطا ڪندي ڪيس عارف ۽ سالڪ بڻائي ڇڏيو ۽ پوءِ هو عاشقن جي امام (حضرت امام حسين عليه السلام) جي بارگاهہ ۾ هيٺين لفظن سان ياڏائيندو رهيو:

يا امامُ العارفين! نينهئون نهار
شاهہ! "بيدل" کي برهہ بهرو ڏيار



Scanned with CamScanner

سوز سک جي سَيّدا سرکي پيار،
دردُ تنهنجو دل سندو درمان ٿيو.

۽ پوءِ ٿيو ٻہ ايئن، جو کيس برهہ جو ٻهرو عطا ٿيو ۽ سوز جي سرڪيءَ جي ڪمال جو مظهر سندس ڪتاب "قرة العينين في مناقب السبطين" جي صورت ۾ ظاهر ٿيو جنهن جو سنڌي ۾ ترجمو محترم نوشاد علي جعفري صاحب اهڙي تہ عشق سان ڪيو آهي، جو محسوس پيو ٿئي تہ شايد "بيدل" رحمة الله عليه سائين کي ڏيڍ سؤ سالن کان ڪنهن اهڙي ئي اهلِ دل ترجمي نگار جو انتظار هيو. ۽ هجي بہ ڇو نہ؟ جو هي ڪتاب سندن سڄي علمي پورهيي يعني لکيل ڪتابن جي زينت جو درجو رکي ٿو، جيڪو عشق جي امامن ۽ سالڪن جي شهنشاهن حضرات امام حسن مجتبيٰ ۽ امام حسين سيد الشهداء عيلهما السلام جن جي مختصر زندگي نامن ۽ سندن راهِ عشق ۾ ڏنل قربانين جي ذڪر تي مشتمل آهي.

اسان جو اشاعتي ادارو هي ڪتاب شايع ڪري موجوده ۽ آئينده دور جي صاحبِان بصيرت لاءِ علم، عرفان، عشق ۽ درد جو تحفو پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندي پنهنجي عزت افزائي سمجهي ٿو ۽ اها پڻ اميد ان يقين سان ڪجي ٿي تہ اهي پاڪ هستيون (عليهم السلام) هيءَ حقير ڪوشش پنهنجي بارگاهہ ۾ قبول ڪندي اداري جي متعلقين جي نيڪ توفيقات ۾ اضافو ڪندي آئنده لاءِ پڻ اهڙي خدمت ڪرڻ جي سگهہ عطا ڪندا. (آمين)

محتاج دعا
انجنيئر عبدالحسين موسوي
سيڪريٽري
musavi_hussain@yahoo.com
0300_3525318
021_35376811

4 صفر 1432هہ، 9 جنوري 2011ع

A – 203, Beach Blessings,
Fl-1, Block 2, Clifton,
Karachi

# فهرست


- صفت ۾ پنهنجي راءِ سان سوين نالا سڏايا سي 3
- انتساب 4
- اداري پاران 5
- ڪتاب 'قرة العينين في مناقب السبطين' بابت راءِ 15
- سٽايائون سنگ ڪي سندي راز رهاڻ 17
- مقدمو 21

روضة الشهداء 23

جفا وارن جَسُ 24

ڪاشفيءَ رحمة الله عليه روضة الشهداء ڇو لکيو؟ 24

ڪتاب جي ورڇ 25

اندرِ اي اهنج سانڍيج سُڪائون ڪري 26

روءِ منجهان ئي رت 27

قلمي نسخا 28

ڇپيل نسخا 28

تلخيص 29

روضة الشهداء جو تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو 30

روضة الشهداء جا اثرات 32

ايران ۾ اثرات 33

ننڊي ڪنڌ ۾ اثرات 34

سنڌ ۾ اثرات 39




Scanned with CamScanner

روهڙيءَ تي اثرات 42
زير نظر ڪتاب: قرة العينين في مناقب السبطين جو تفصيلي
تعارف 44
تاريخ انتخاب 44
مقصد انتخاب 44
ڪتاب جي ترتيب 44
قرة العينين في مناقب السبطين جا مآخذ 45
قرة العينين.... (منتخب روضة الشهداءَ جا مآخذ 47
قرة العينين.... جي تاريخي اهميت 49
ڪتاب جو تنقيدي جائزو 50
خطي نسخا 59
متن جي تصحيح 60
استدراڪ 61
روضة الشهداء جو مؤلف: حسين واعظ ڪاشفي رحمة الله عليه 62
(الف) زندگيءَ جو احوال 62
(ب) علمي آثار 65
(ج) اهي ڪتاب جن ۾ ڪاشفي رحمة الله عليه جي سوانح ۽ علمي
آثارن جو ذڪر مليو آهي. 67
صاحب انتخاب: حضرت عبدالقادر بيدل رحمة الله عليه 71
اسم گرامي 71
تعليم 72
عزاداريءَ سان عشق 73
عزاداريءَ جي حوالي سان خدمتون. 73
علمي آثار 73
دوست دا رايا، ايوين آها 74
وصال 78
تشڪر 78



Scanned with CamScanner

قرة العينين في مناقب السبطين/متن حضرت عبدالقادر بیدل رحمۃ اللہ علیہ

صاحبِ انتخاب پاران دیباچو 85

احادیث عشق

(1) حدیث متعلق بہ آیت مباہلہ 86

(2) حدیث متعلق بہ آیت تطهیر 86

(3) حدیثِ ثقلین 87

(4) حدیث محبتِ حسن علیہ السلام 88

(5) حدیثِ مناقبِ حسن علیہ السلام 89

(6) حدیث مناقبِ حسن علیہ السلام 90

(7) حدیثِ مناقبِ حسنین علیہما السلام 90

(8) حدیثِ مناقب حسنین علیہما السلام 91

(9) حدیثِ ثقلین 92

(10) حدیثِ ثقلین 92

(11) حدیثِ مناقب اهلبیت علیہم السلام 93

(12) حدیث مناقب حسنین علیہما السلام 94

(13) حدیث مناقب حسنین علیہما السلام 94

(14) حدیث مناقب حسنین علیہما السلام 94

(15) حدیث خبر شهادت حسنین علیہما السلام 95

(16) حدیثِ مناقب حسنین علیہما السلام 96

(17) حدیث مناقب حسنین علیہما السلام 96

(18) حدیث مناقب حسنین علیہما السلام 97

(19) حدیث مناقب اهلبیت علیہم السلام 97

(20) حدیث مناقب حسین علیہ السلام 99

(21) حدیث مناقب حسین علیہ السلام 99

(22) حدیث مناقب حسین علیہ السلام 100

(23) حدیث خبر شهادت حسین علیہ السلام 101

(24) حدیث مناقب اهلبیت علیہم السلام 102




Scanned with CamScanner

(25) حديث سفينه 102
(26) حديثِ انتقام از قاتلان حسينؑ 103
(27) حديث خبر شهادت حسينؑ 103
(28) حديث خبر شهادت حسينؑ 105
(29) حديث خبر شهادت حسينؑ 106
حضرت امام حسينؑ جي شهادت بابت پيشگوئيون 107
امام حسينؑ جي مزار تي ملائڪ روئڻ 108
پنجتن پاڪ جي وسيلي سان جناب آدمؑ جي توبه قبول تي 109
حضرت امام حسينؑ جي قاتل لاءِ عذاب ۽ سزا 109
حضرت امام حسينؑ جي شهادت جي خبر ٻڌي پاڻ سڳورن ﷺ جو روئڻ 110
حضرت نوحؑ جو ٻيڙو ڪربلا ۾ 112
خاڪِ ڪربلا رت ٿي وئي 113
عظيم قرباني قرآن جي زباني يعني ذبح عظيم 117
امام حسينؑ تي روئڻ جو ثواب 118
امام حسينؑ تي روئڻ جي ثواب جو ڪاٿو ڪرڻ کان زمين آسمان جا حسابدان عاجز 120
سورتِ يوسفؑ کي "احسن القصص" يعني "بهترين قصو" ڪوٺڻ جو سبب 124
جنابِ يوسفؑ ۽ حضرت امام حسينؑ جي وصيت 127
حسينؑ تي روئڻ نہ عجيب آهي نہ ئي تفسير طلب 130
حضرت فاطمة الزهراؑ جي بارگاه باريءَ ۾ فرياد 140
حضرت امير حمزهؓ جي شهادت جو قصو 142
امام حسينؑ تي آسمان رُنو. 143
امام حسينؑ پاڻ سڳورن جو انتخاب 144
امام حسينؑ جي شهادت واري ڏينهن بيت المقدس جي



Scanned with CamScanner

| | |
|---|---|
| ڌرتي رَت رُني | 144 |
| پاڻ سڳورن ﷺ جي امام حسين عليه السلام سان عرفاني رانڊ | 149 |
| "سورت رحمان" جي "لوءلوء ۽ مرجان" منجهان حسن عليه السلام ۽ حسين عليه السلام مراد آهن | 151 |
| حسين عليه السلام نبي ﷺ ۽ علي عليه السلام کان ميراث ماڻين ٿا | 152 |
| معراج واري حديث | 155 |
| امام حسين عليه السلام جي ولادت تي پاڻ سڳورن ﷺ جي بارگاهه ۾ مبارڪ به تعزيت به | 158 |
| فرشتي جي سهو حسين عليه السلام جي صدقي معاف | 160 |
| امام حسين عليه السلام جي عقيدت مند ٻالڪ سان پاڻ سڳورن ﷺ جي محبت | 162 |
| حسنين عليهما السلام جي ملهه | 163 |
| حسنين عليهما السلام جنت جو سينگار | 164 |
| الله تعاليٰ حسين عليه السلام جو انگل پورو ڪري ٿو | 166 |
| امام حسين عليه السلام جي بردباري ۽ درگذر | 168 |
| شهادت حسين جي ٽئين خبر: جبرائيل حسنين عليهما السلام جو پينگهو لوڏي ٿو ۽ سچي سائڻ فاطمه عليها السلام جو جنڊ هلائي ٿو. | 172 |
| معصومن عليهما السلام ساڻ ميون جي جنت ڏانهن موٽ | 175 |
| شهادت حسين عليه السلام جي چوٿين خبر | 176 |
| شهادت حسين عليه السلام جي پنجين خبر، حسنين عليهما السلام لاءِ جنت جو لباس | 176 |
| الله تعاليٰ جي عبادت ۽ اطاعت لاءِ هڪ رات جي مهلت | 181 |
| امام حسين عليه السلام جو خواب | 186 |
| جناب قاسم عليه السلام جي نالي امام حسن عليه السلام جو وصيت نامو | 188 |
| سر ڏئي سرهو ٿيڻ جي سڌ | 189 |
| جنن ۽ پرين جو سردار 'زعفر زاهد' امام حسين عليه السلام جي مدد لاءِ ڪربلا ۾ | 193 |




Scanned with CamScanner

امام حسين عليه السلام جي سندن دشمنن سان عدالت 194
امام حسين عليه السلام جي آخري لمحن ۾ تبليغ 195
امام حسين عليه السلام جي شمر ملعون سان آخري گفتگو 195
عالم فطرت ۾ ماتم 197
ذوالجناح خيمي گاهه ڏانهن 200
امام عليه السلام جي شهادت کان پوءِ شمر پارن خيمي گاهه ۾ لٽ مارَ ۽ امام زين العابدين عليه السلام جي قتل جي ڪوشش 201
امام حسين عليه السلام جي مدد جي تمنا، بخشش جو باعث 202
سپاڳوءِ ملڪوتي وٽ 204
خون حسين عليه السلام جو معجزو 206
امام حسين عليه السلام جو سر مبارڪ، خوليءَ جي گهر ۽ ابن زياد جي دربار ۾ 209
امام حسين عليه السلام تي جنن جو نوحو 212
امام حسين عليه السلام جو پاڪ سر ۽ ڪلام الله شريف جي تلاوت 213
خونِ امام حسين عليه السلام ابن زياد لاءِ دنياوي سزا جو سبب 214
امام حسين عليه السلام جي پاڪ سر سان اسلام پکڙجي پيو 215
يهودي قبيلي اسلام آندو 216
امام حسين عليه السلام جي سر مبارڪ جي پهريدارن تي الاهي عذاب 221
امام حسين عليه السلام جو سرمبارڪ دليون فتح ڪندو اڳتي وڌي ٿو 223
محبت جي مارڳ ۾ سر ڏيئي سرهو ٿيو 230
هڪ ٻيو يهودي امام حسين عليه السلام جي سسيءَ جو اسير ٿي ڪُلو 233
روم جي سفير يزيد اڳيان ڪلمهءِ حق بلند ڪيو 234
خاندانِ رسالت جي محب تي پاڪ رسول ﷺ جي نوازش 239
امام حسين عليه السلام جي قاتلن لاءِ بخشش جي دعا الله تعاليٰ وٽ مقبول ناهي 241



Scanned with CamScanner

دوزخ ۾ "شديد" نالي نانگ جي سَڏَ 241
امام حسين عليه السلام جو دشمن خارجي ۽ سڙي مُئو 242
خاندان رسالت کي اُڄو رکڻ جي سزا 243
قاتلان حسين عليه السلام جي دنيا ۾ سزا 245
امام حسين عليه السلام جو اسباب لٽڻ وارن جو دنيا ۾ حشر 249
عبيدالله ابن زياد ملعون جي منڍيءَ تي نانگ جو عذاب 251
قاتلانِ حسين عليه السلام لاءِ عذاب جي خبر، لعنت ۽ شفاعت کان محرومي 254
شفاعت ۽ بخشش ڪنهن جي لاءِ 252
خاتمه بالخير 255
منابع 259
- قطعاتِ تاريخ تدوين و ترجمهء ڪتاب 266
  از مولانا مفتي محمد پريل 'بيدار' سنگراروي
  از انجنيئر عبدالحسين موسوي

تصوير ۽ عڪسن جي فهرست

(1) مزار مولانا حسين واعظ ڪاشفي
(2) عڪس ترقيمهء ڪتاب: "قرة العينين...."
(3) مهر عبدالقادر بيدل
(4) عڪس صفحه اول ڪتاب: "قرة العينين..." بخط فقير محمد هدايت علي نجفي/تارڪ نسخهء موسوي
(5) عڪس صفحه آخر ڪتاب: "قرة العينين..." بخط فقير محمد هدايت علي نجفي/تارڪ نسخهء موسوي
(6) عڪس صفحه قبل از صفه اولين ڪتاب: "روضة الشهداء"، ملڪيت حسين علي شاه (بسم الله شاه)
(7) عڪس صفحه اول ڪتاب: "روضة الشهداء"، بخط فقير محمد علي ابن يوسف علي ساڪن قصبه شڪر، ملڪيت



Scanned with CamScanner

حسين علي شاه

(8) عکس صفحه آخر کتاب: "روضة الشهداء" بخط فقير محمد علي، بمعه مهر سيد بسم الله شاه

(9) عکس صفحه اول کتاب: "روضة الشهداء" بخط فقير اله آنده ساکن روهڑي ملکيت سيد تراب علي شاه موسوي

(10) عکس صفحه آخر کتاب: "روضة الشهداء" بخط فقير اله آنده بمعه مهر سيد تراب علي شاه موسوي

(11) عکس صفحه اول کتاب "گل مغفرت" بخط سيد حسين بخش شاه رضوي ابن سيد شير علي شاه رضوي

(12) عکس صفحه آخر کتاب "گل مغفرت" بخط سيد حسين بخش شاه رضوي ابن سيد شير علي شاه رضوي

(13) عکس صفحه بخط نجفي نسخو موسائي



Scanned with CamScanner

# ڪتاب: ’قرة العين في مناقب السبطين‘ بابت راءِ

سنڌ ڌرتيءَ کي انهيءَ ڳالهه تي فخر آهي تہ منجهس ناميارن عالمن، فاضلن، تاريخدانن، مترجمن، اديبن ۽ شاعرن هن سرزمين کي پنهنجي علمي ۽ ادبي سرمائي سان مالا مال ڪيو آهي ۽ نہ فقط سنڌي بلڪ عربي ۽ فارسي زبان ۾ بہ پنهنجا ادبي شاهڪار هڪ يادگار جي صورت ۾ ڇڏيا آهن.

افسوس ان ڳالهہ جو آهي تہ اڄ هن سرزمين جا رهواسي جيڪي ٽالپرن ۽ انگريزن جي دؤر ۾ فارسي زبان و ادب سان چڱو لڳاءُ ۽ واقفيت رکندا هئا ۽ ’گلستان‘ و ’بوستان‘، ’شاهنامہ فردوسي‘ ۽ حافظ شيرازيءَ جي غزلن کان مانوس هئا اُت هاڻ فارسي زبان زوال پذير آهي ۽ انهيءَ سبب ترجمي جي ضرورت پيش آئي آهي تہ جيئن فارسيءَ ۾ لکيل ڪتابن مان غير فارسي زبان وارا مستفيض ٿي سگهن. گهڻا فارسي ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا ويا آهن، جن سنڌي ادب ۾ بي بها واڌارو ڪيو آهي.

فقير عبدالقادر ”بيدل“ (1814ع-1872ع/ ١٢٣٠هه-١٢٨٩هه) سنڌ جو هڪ مشهور و معروف شاعر ۽ مصنف ٿي گذريو آهي. سندس تصنيف ۽ تاليف ٿيل ڪُل ڪتابن جو تعداد ٻٽيهہ آهي جنهن مان ڪتاب ”قرة العينين في مناقب السبطين“ ملا حُسين واعظ ڪاشفي (وفات ٩٠٤هه يا ٩١٠هه.ق) جي ڪتاب ’روضة الشهدا‘ جو انتخاب آهي جو در حقيقت عشق جي سچي جذبات سان لبريز آهي ۽ سيد الشهدا حضرت امام حسين عليه السلام جي عظيم شهادت جو هڪ درد ڀريو بيان آهي.



Scanned with CamScanner

ايها خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ سنڌ ۾ اڃا بہ اهڙا هونهار ۽ محنتي ماڻهو آهن جن کي فارسي زبان سان محبت ۽ لڳاءُ آهي ۽ هو پنهنجي انهيءَ زبان دانيءَ سبب فارسي ڪتابن جو مطالعو ۽ ترجمو ڪري سنڌي ادب ۾ واڌارو ڪن پيا.

بيدل فقير جي فارسيءَ ڪتاب "قرة العينين في مناقب السبطين" جي سنڌي ترجمي جو شرف جناب نوشاد علي جعفري کي حاصل ٿيو آهي. ڪين ڄَس آهي جو اڄڪلهہ جي مصروف زندگيءَ مان فرصت ڪڍي هي علمي ۽ ادبي ڪم نهايت احسن طريقي سان انجام ڏنو اٿن.

مون سندن ڪيل ترجمو پڙهيو آهي ۽ سندن ڪيل ترجمي ۾ ڪٿي بہ ڪو جهول معلوم نٿو ٿئي. نهايت رواني ۽ سلاست جا بجا ڏسڻ ۾ اچي ٿي. لفظن جي چونڊ ۽ انداز بيان گهڻو شائستو آهي. ان کان علاوہ سندن ڏنل تحقيقي فٽ نوٽن مان معلوم ٿئي ٿو تہ مترجم نہ فقط فارسي متن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي بلڪ ڪتاب ۾ آيل مختلف حديثن ۽ ٻين ڪيترن مطالبن جو ڳوڙهو مطالعو بہ ڪيو اٿن ۽ حوالہ ۽ ارجاع چڱا ڏنا اٿن. جنهن ڪري هي ڪتاب نہ فقط هڪ ترجمي جي حيثيت رکي ٿو پر منهنجي نظر ۾ هڪ عمدو تحقيقي اثر آهي.

مون کي اميد آهي تہ سندن ڪيل هي ادبي ڪم پڙهندڙن ۽ اهل علم کي ضرور وڻندو ۽ سندن ڪيل محنت جو ثمر کين بارگاہ ايزديءَ مان ملندو انشاءَ الله. الله سندن علمي توفيقات ۾ واڌارو ڪري تہ اڳتي بہ اهڙا علمي ۽ ادبي ڪم ڪري سنڌ جي علمي خزاني ۾ اضافو ڪن.

آءٌ سيد عبدالحسين موسوي صاحب جي بہ ٿورائتي آهيان جنهن مون کي ايها آڇ ڪئي تہ هن علمي تحقيقي ڪم تي پنهنجو رايو ڏيان. رب ڏٽي سندن توفيقات ۾ بہ اضافو ڪري. آمين

**ڊاڪٽر فائزہ زهرا مرزا**
اسسٽنٽ پروفيسر، شعبہ فارسي
ڪراچي يونيورسٽي



Scanned with CamScanner

# سٽايائون سنگ کي، سندي راز رهاڻ

ماضيءَ جي تاريخ تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته ڪو زمانو هو جو هڪ ڊگهي عرصي تائين روهڙي نه صرف صنعت ۽ حرفت جو شهر ليکبو هو بلڪ هيءُ شهر علم ۽ عرفان جو به گهر هو. تيرهين صدي هجريءَ جي پهرين اڌ جو ٻيون چوٿ هو جو انهيءَ معرفت جي مڪان ۾ "عبدالقادر" نالي سان هڪ آبدار گوهر اکيون کوليون. ان وقت ايقان ۽ عرفان جي دنيا ۾ اقليم وحدت جي تاجور مير جان الله شاهه رضويءَ رحمه الله هن نومولود (عبدالقادر) کي علم ۽ عرفان جي مقامي علمداري عنايت ڪئي. اهڙيءَ ريت سير ۽ سلوڪ جي سفر ۾ هن مرتاضي مرد نه رڳو پنهنجي ڪردار ۽ سخن سان سلوڪ جي پانڌيئڙن تي فيض جي پالوٽ ڪئي، پر پنهنجي قلم سان درد ۽ عشق، ۽ سلوڪ ۽ سوز جي پنڌ ۽ سور کي سمجهائڻ لاءِ جيڪي خدمتون سرانجام ڏنيون، انهن کيس سنڌ ۾ تصوف کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ وارن باعمل صوفين جو سينگار ۽ خاتم ثابت ڪيو.

تيرهين صدي هجريءَ جي هن باصفا صوفيءَ جي سوانح ۽ قلمي ڪشالن تي تحقيقي ڪم 1922ع يا ان کان ٿورو اڳ مضمونن ۽ مقالن جي صورت ۾ شروع ٿي چڪو هو ۽ اهو سلسلو ڪجھ سالن تائين هلندو آيو. ان دور جي برک فاضلن جي مضمونن ۽ مقالن ادبي دنيا جو ڌيان عبدالقادر بيدل جي بلند معيار گهرائي ۽ گيرائي واري ڪلام ڏانهن ڇڪرايو جنهن کان پوءِ سندس سوانح ۽ ڪلام جي سهيڙ جو



Scanned with CamScanner

ڪم شروع ٿيو ۽ پوءِ بيدل سرڪار جي سرائڪي، سنڌي ۽ اردو ڪلام جا مجموعا منظرِ عام تي آيا.

جيئن معشوق جو حسن عاشق لاءِ روز افزون آهي تيئن علمي دنيا ۾ حضرت عبدالقادر بيدل رحمة الله عليه جي علمي حسن عظمت کان واقف ٿيندي سندس فڪري گهور جي گهائل ۽ قائل ٿيندي پئي وڃي.

بيدل يادگار ڪاميٽيءَ جي قيام کان پوءِ بيدل سائينءَ رحمة الله عليه جي فارسي ۾ تصنيفن ۽ تاليفن جي تدوين ۽ اشاعت لاءِ راهه هموار ٿي ۽ هن وقت تائين سندن ٻه فارسي ديوان: 'سلوڪ الطالبين'، ۽ 'منهاج الحقيقت' شايع ٿي علم ۽ فن جي صاحبن کان "واهه وا" وصول ڪري چڪا آهن.

حضرت عبدالقادر بيدل رحمة الله عليه جي فارسي نثر ۾ ڪتاب: 'قرة العينين في مناقب السبطين' جي تدوين ۽ ترجمي جو شرف راقمُ السطور کي حاصل ٿيو آهي.

بيدل سائين جو هيءُ ڪتاب 'قرة العينين في مناقب السبطين'، جيڪو توهان جي هٿن ۾ آهي، نه سيرت جي عنوان تي ڪو مستقل آهي، نه تاريخ جي عنوان تي، نه مناظري جي نظر سان لکيل آهي ۽ نه ئي وري حديث کي يڪجا ڪرڻ جي خيال سان لکيل آهي. بلڪ هيءَ صنف: نج جذبن، اڏمن، عشق، محبت ۽ سڪ ۽ سور جو بنا ڪنهن تڪلف جي ٻي ساختو ۽ اوچتو اظهار آهي. ڪٿي ڪٿي گريئي جي گفتار ۽ درد غم جي اثبات جو انداز اختيار ڪيو ويو آهي، جنهن جو بيدل سدائين سڏائيندو رهيو آهي. جيئن فرمائي ٿو:

يا امام العارفين! نينهئون نهار
شاهه! بيدل کي برهه بهرو ڏيار
سوز سڪ جي سيدا! سُرڪي پيار

هتي اهو به ٻڌائيندا هلون ته بيدل سائين جو هيءُ ڪتاب "قرة العينين في مناقب السبطين" در حقيقت ملا حسين واعظ ڪاشفيءَ



Scanned with CamScanner

ﷺ جي ڪتاب ”روضة الشهداء“ جو انتخاب آهي. جنهن جو تفصيلي ذڪر اسان مقدمي ۾ ڪيو آهي. پر هتي ان ذڪر ڇيڙڻ جو ڪارڻ هيءُ آهي تہ هونئن تہ روهڙيءَ واسي صدين ڪان مولانا حسين واعظ ڪاشفيءَ ﷺ جي ڪتابن: تفسير حسيني، روضة الشهداء، انوار سهيلي وغيره جي مطالعي منجهان فيضياب ٿي ساڻس ناتو ڳنڍيون آيا آهن، پر گذريل سوا سؤ سالن ڪان روهڙيءَ وارن انهيءَ ڏس ۾ وک اڳتي وڌائيندي مرحوم ڪاشفيءَ ﷺ جي ڪتابن جي مطالعي ڪان اڳتي وڌي ان جي ڪتابن جي انتخاب ۽ ترجمي ذريعي سندس فڪر ۽ فهم کي آسان انداز ۾ ڦهلائڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو آهي. انهيءَ سلسلي جو سرواڻ حضرت عبدالقادر بيدل ﷺ آهي، جنهن ’روضة الشهداء‘ جو انتخاب ’قرة العينين في مناقب السبطين‘ جي نالي سان ڪيو. ان ڪانپوءِ روهڙيءَ جي هڪ ٻئي بزرگ عالم ۽ فارسي دان- ڊاڪٽر نبي بخش قاضيءَ، واعظ ڪاشفيءَ ﷺ جي ڪتاب: ’اخلاق محسني‘ کي 1957ع ۾ سنڌي ويس ڍڪايو. هونئن تہ سندم حيثيت”هوءِ جا پائين، پير ۾ تنهن جُتيءَ نہ جيهي“ مثال آهي، پر جيڪڏهن چوڻ ۾ اچي تہ روهڙيءَ ۾ انهيءَ سلسلي جو آءٌ ٽيون فرد آهيان، جنهن کي هڪ ئي وقت چڻ ڪاشفيءَ ﷺ ۽ بيدل ﷺ ٻنهي بزرگن تي ڪم ڪرڻ جو شرف حاصل ٿيو آهي.

آخر ۾ دوست نديم احمد سولنگي جا ٿورا نہ وساري سگهنداسين جنهن وڏي محبت ۽ محنت سان ڪتاب جي سيٽنگ سهڻي ۽ سيبتي نموني ۾ بيهاري.

سهسين شڪرانا، ڪوڙين پالَ ڪريم جا

فقير الي الله

**نوشاد علي جعفري**



Scanned with CamScanner

Scanned with CamScanner

# مقدمو

حق ۽ باطل جي ويڙهه ابليس جي سجدهء آدم عليه السلام کان انڪار سان شروع ٿي ويئي. انسان اچي زمين آباد ڪئي تہ اُتنڌي ئي حق ۽ باطل جي جنگ جو نغارو وڳو. اها جنگ جُڳن کان جاري آهي. ڪربلا جو پڙُ پڻ ان جوئي تسلسل آهي. ڪربلا جي واقعي جي جيڪڏهن تمهيد بيان نہ ڪجي، تہ هن جو آغاز امير معاويہ جي وفات کان پوءِ هن طرح ٿئي ٿو تہ پيءُ جي وفات کان پوءِ يزيد 'خليفہءِ رسول' جي عنوان سان سموري اسلامي دنيا جو حاڪم بڻجي ويو. حڪومت سنڀاليندي ئي هن مديني جي گورنر وليد بن عقبہ کي خط لکيو تہ حضرت امام حسين عليه السلام کان سندس لاءِ بيعت ورتي وڃي. هن جڏهن امام حسين عليه السلام کان بيعت جو مطالبو ڪيو تہ امام عليه السلام اهو مطالبو رد ڪندي فرمايو: "يزيد شرابي، قاتل ۽ کليو کلايو فاسق آهي، مون جهڙو يزيد جهڙي جي بيعت نہ ٿو ڪري سگهي." بيعت کان انڪار تي ان فاسق ۽ نالي ماتر مسلمان حڪومت امام عليه السلام جي قتل جون سازشون شروع ڪيون، جنهن جي موٽ ۾ امام عليه السلام رسولِ اڪرم صلى الله عليه وآله وسلم جن جي شهر جي حرمت ۽ عزت نگاهہ ۾ رکندي ٢٨ رجب سن ٦٠ هجريءَ ڌاران مديني شريف کان مڪي پاڪ ڏانهن هجرت ڪئي، جتي پاڻ ٣ شعبان المعظم تي پهتا. چئن مهينن کان پوءِ حج جي موسم جو آغاز هيو. اتي بہ اطلاع مليا تہ حاجين جي لباس ۾ ڪي قاتل حڪومت طرفان مڪي موڪليا ويا آهن. تہ اتان بہ حرمِ خدا جي پوتّرتا جي پالنا ڪندي حج کي عمري ۾ تبديل ڪيائون ۽ ٨ ذوالحج يعني: 'يوم



Scanned with CamScanner

ترويه' [1] تي عراق ڏانهن اُسهيا. [2] مڪي منجهه قيام دوران ڪوفي کان ڪيترائي خط پهچي چڪا هئن، تہ هو يعني ڪوفي واسي يزيد کان بيزار آهن، هن وقت سندن ڪوبہ امام ۽ اڳواڻ ناهي، پاڻ اچي هنن جي قيادت ڪن، هو سندن آمد ڪان پوءِ يزيد جي گورنر کي ڪوفي مان تڙي ڪڍندا.

قصو ڪوتاهہ امام حسينؑ ۲ محرم الحرام سن ۶۱ هجريءَ تي خميس ڏينهن ڪربلا پهتا. ستين تاريخ سندن پاڻي بند ڪيو ويو ۽ ڏهين تاريخ ٽن ڏينهن جي بکين پياسن جي ۷۲ ڄڻن جي فوج هزارن سامهون حق جي حفاظت لاءِ اٿي کڙي ٿي. ٽيهريءَ ڏاران جنگ پڄاڻيءَ تي پهتي. يارهين تاريخ آلِ محمد ﷺ جو لٽيل ۽ قيدي قافلو ڪوفي ۽ شام جي سفر تي روانو ٿيو. رستي ۾ ان مظلوم قافلي جي سالار جناب امام علي زين العابدينؑ، حضرت زينب بنتِ عليؑ ۽ اُم ڪلثوم بنت عليؑ سندن مظلوميت بيان ڪندا هليا ۽ يزيد جي چهري تان اسلام جو نقاب لاهي هن جا اصل مهانڊا ماڻهن کي ڏيکاريندا هليا. ان ڪانپوءِ اهو فرض هر دور ۾ ان زماني منجهه موجود آل محمدؑ جو بهترين فرد ادا ڪندو رهيو ۽ سندن محب عاشق ان ڪم ۾ سندس مددگار رهيا. اهي آلِ محمدؑ جي مظلوميت بيان ڪندا رهيا. ۽ يزيدي ڪردار کي وائکو ڪندا رهيا. اهو سلسلو اڄ سوڌو جاري آهي. ۽ قيامت تائين جاري رهندو. حضرت بيدل سرڪارؒ جو هي ڪتاب 'قرة العينين في مناقب السبطين' بہ ان ئي فرض ادائيگيءَ جي هڪ ڪڙي آهي.

حضرت عبدالقادر بيدلؒ جي ڪتاب- 'قرة العينين في مناقب السبطين' جي ڳوڙهي اڀياس ۽ اندروني ڪليل ۽ ڇنڊ اهڃاڻن

---

• [1] يوم ترويه يعني اٺين ذوالحج تي حج شروع ٿئي ٿو ۽ حاجي مڪي کان عرفات ويندا آهن. (فرهنگ عميد)

• [2] "صحيفهء ڪربلا" حجة الاسلام علي نظري منفرد، اردو ترجمو نثار احمد زين پوري دارالثقافت اسلاميہ پاڪستان ڪراچي ڇاپو: پهريون آگسٽ 1999ع

منجهان لکائجي ٿو تہ هيءُ ڪتاب ’قرة العينين في مناقب السبطين‘ بيدل سائينءَ رحمة الله عليه جي پوري عجم ۾ مچيل ۽ معروف ڪتاب- ’روضة الشهداء‘ جو انتخاب آهي. ان ڪري هت اسان اڳ ۾ اصل ڪتاب- ’روضة الشهداء‘ جو تفصيلي تعارف پيش ڪنداسون ۽ پوءِ ڪتاب- ’قرة العينين في مناقب السبطين‘ جو تعارف ۽ جائزو پيش ڪنداسين، ۽ آخر ۾ ’روضة الشهداء‘ جي مؤلف- واعظ ڪاشفي رحمة الله عليه ۽ صاحبِ انتخاب: حضرت عبدالقادر بيدل رحمة الله عليه جي زندگيءَ جي ڳهڙين تي روشني وجهنداسين.

## روضة الشهداء

ملا حسين واعظ ڪاشفيءَ جو گهڻو ڪري هيءُ آخري ڪتاب هو جيڪو هن فارسيءَ ۾ ’روضة الشهداء‘ جي نالي سان هرات ۾ سن ۹۰۸هـ ۾ لکيو جنهن ۾ انبياء عليهم السلام، اصفياء عليهم السلام، سيد الشهداء ۽ آل محمد عليهم السلام تي آيل مصيبتن جو احوال آهي، ڪجھ عالمن جي قول مطابق سيد الشهداء جي ڪيڏاري (مقتل) جي حوالي سان فارسي نثر ۾ هي پهريون ڪتاب آهي، جيڪو انهيءَ خطي ۾ لکيو ويو. پر ”آقاءِ رسول جعفريان“ جي تحرير مان معلوم ٿئي ٿو تہ ان کان اڳ ’نورالائمہ‘ جي نالي سان فارسي ۾ ڪيڏاري ۽ مقتل تي ڪتاب موجود هو پر پوءِ پاڻ ئي اها وضاحت ڪئي اٿس تہ ’نور الائمہ‘ اصل ۾ ابو المؤيد موفق بن احمد خوارزمي حنفي (متوفي:۵۶۸هـ) جي عربي ڪتاب ’مقتل الحسين‘ جي ڪجھ حصي جو فارسي ۾ ترجمو آهي. (2) هتي ان ڳالھ جي صراحت ڪندا هلون تہ ڪتاب- ’نور الائمہ‘، جيڪو حقيقت ۾ ترجمو آهي ۽ جنهن جا حوالا ڪتاب- ’روضة الشهداء‘ ۾ ملن ٿا، جي پيٽ ۾ ڪتاب ’روضة الشهداء‘ هڪ مڪمل تاليف آهي ۽ غالباً اهو ئي سبب آهي، جو مقتل تي نظر رکندڙ فاضلن ’روضة الشهداء‘ کي ئي قتل گاھ ڪربلا تي فارسي ۾ پهريون ڪتاب شمار ڪيو آهي.

## جفا وارن جَسُ

ڪاشفي مرحومﷺ هيءُ ڪتاب اهڙين هستين جي لاءِ لکيو آهي، جن محبت جي مارڳَ ۾ ڏک ڏٺا. الله تعاليٰ اهڙن عاشقن جي قصيدي خواني ڪندي سندس پاڪ ڪلام ۾ فرمايو تہ اسان اهڙن عاشقن کي پنهنجن غمزن سان گهائل ڪريون ٿا. جو اُتندي ئي اسان جي عاشق کي "خوف" جي خاردار ۽ گندائين واٽ وٺي پوندي، اسان جي دَرَ جي جوڳيءَ کي سندس بکري ۾ بک سانڍڻي پوندي ۽ اُڃ پيئڻي پوندس. سندس مال مطاع ۾ نقصان ڏسندو ۽ جان پڻ جوکم ۾ پوندس. پنهون پسڻ لاءِ سِر پيرِ رڙهڻ جي راند ڪري جفا سهڻ کان پوءِ ئي جَسُ ماڻيندو. پاڻ ايترو ورهائڻو ۽ وڃائڻو پوندس، جو سِرُ ڏوندي تہ ڏٽُن لهي سگهي ۽ آل اولاد اکين آڏو ڪسندي ڏسڻ کان پوءِ وڃي "اسان جو هجڻ" جي هامَ هڻي- ۽ پوءِ اسان بہ کيس سِڪَ ورندي ڏيندي چونداسون، تہ اِهي ئي اُهي ماڻهو آهن. جن تي اسان بہ موهت ٿياسون. جيئن ڪلام پاڪ ۾ الله تعاليٰ فرمايو:

وَلَنَبۡلُوَنَّكُمۡ بِشَيۡءٖ مِّنَ ٱلۡخَوۡفِ وَٱلۡجُوعِ وَنَقۡصٖ مِّنَ ٱلۡأَمۡوَٰلِ وَٱلۡأَنفُسِ وَٱلثَّمَرَٰتِۗ وَبَشِّرِ ٱلصَّٰبِرِينَ۝ ٱلَّذِينَ إِذَآ أَصَٰبَتۡهُم مُّصِيبَةٞ قَالُوٓاْ إِنَّا لِلَّهِ وَإِنَّآ إِلَيۡهِ رَٰجِعُونَ۝ أُوْلَٰٓئِكَ عَلَيۡهِمۡ صَلَوَٰتٞ مِّن رَّبِّهِمۡ وَرَحۡمَةٞۖ وَأُوْلَٰٓئِكَ هُمُ ٱلۡمُهۡتَدُونَ۝

ترجمو: يقيناً اسان توهان سيني کي خوف، بک، مالي جاني نقصان ۽ ميوَنِ جي کوٽ (جهڙين ڳالهين) سان پرکينداسون ۽ صبر ۽ ثابت ڏيکارڻ وارن کي بشارت ڏيو انهن کي جن تي جڏهن ڪا مصيبت اچي پوي، تہ چوندا آهن تہ اسان الله جي لاءِ آهيون ۽ ان ڏانهن ئي موٽنداسون. اهي اُهي ئي آهن، جن جي مٿان الله جو لطف ۽ رحمت آهي ۽ اهي ئي هدايت ماڻڻ وارا آهن. (سورة البقره: 155، 156 ۽ 157)

## ڪاشفيءَﷺ روضة الشهداء ڇو لکيو؟

حسين ڪاشفيءَﷺ جڏهن نهايت پيريءَ ۾ هو ضعيفي مٿس غالب هئي. ان وقت پنهنجي حياتيءَ جا ٧٢-٧٠ ورهيہ گذاري چڪو



Scanned with CamScanner

هو تہ هُن هيءَ ڪتاب تصنيف ڪيو.

ڪاشفي رحمة الله عليه لکي ٿو تہ چاڪاڻ تہ ڪيڏاري جي ڪتابن ۾ رڳو شهيدن جي واقعن جو احوال آهي، جيڪي حضرت امام حسن ۽ امام حسين عليهما السلام جي ذڪرِ فضائل کان خالي آهن. تنهنڪري هيءُ ڪتاب اعليٰ حضرت سيد مرزا جي فرمائش هئي تہ اهڙو ڪتاب لکجي، جنهن ۾ مصيبتن جي بيان سان گڏوگڏ انهن شهزادن(4) جي فضيلتن جو ذڪر ۽ ان سان گڏ انبياء اصفياء، آل عبا ۽ ٻين مصيبت جي مارين جو ذڪر پڻ سمايل هجي.

> "... اشارت عالي حضرت سلطنت زينت، خواقين عاليمقدار... مرشدُ الدولة وَ المِلّة وَالدِّين عبدالله المشتهر به "سيّد مرزا"... شرف صدور يافت که اين فقير حقير حسين الواعظ الکاشفی... بتاليف نسخه جامع که حالات اهل بلا از انبياء اصفيا و شهدا و ساير ارباب ابتلاء و احوال آل عبا برسبيل توضيح و تفصيل در وی مسطور و مذکور بُود اشتغال نمايد... چون امتثال فرمان عظيم الشان آنحضرت از لوازم بود بترتيب اين نسخه که بروضة الشهداء موسوم است اشتغال نمود ..." (3)

## ڪتاب جي ورڇ

ڪاشفي مرحوم رحمة الله عليه هن ڪتاب کي ڏهن بابن ۾ ورهايو جن مان پهريون باب انبياء ۽ اصفياء عليهم السلام جي احوال لاءِ مخصوص ڪيو ۽ باقي نَوَ (9) باب پنجتن پاڪ ۽ سندن پاڪ خاندان عليهم السلام جي فضائل ۽ مصائب لاءِ مخصوص ڪيائين.

هن هيٺ بابن جا عنوان پيش ڪجن ٿا.

1- حضرت انبياء عليهم السلام منجهان ڪجھ نبين جي مصيبت جي باري ۾



Scanned with CamScanner

2_ حضرت رسالت مآب ﷺ جن تي قريش جي ظلم ۽ ڏاڍ ۽ حضرات حمزه ۽ جعفر طيار عليهما السلام جي شهادت جي بيان ۾

3_ حضرت رسالت مآب ﷺ جن جي وصال جي بيان ۾

4_ جناب سيده فاطمه زهراء عليها السلام جن جا حالات، ولادت کان وصال تائين

5_ حضرت امام علي عليه السلام جا مناقب ۽ سندن حالات ولادت کان شهادت تائين

6_ حضرت امام حسن عليه السلام جا مناقب ۽ سندن حالات ولادت کان شهادت تائين

7_ حضرت امام حسين عليه السلام جن جي ولادت باسعادت، سندن مناقب ۽ سندن ڪجهه حالات جي بيان ۾، جيڪي سندن ڀاءُ امام حسن عليه السلام جن جي شهادت کان پوءِ واقع ٿيا.

8_ حضرت مسلم بن عقيل ابن ابي طالب عليه السلام ۽ سندن فرزندن جي شهادت جي بيان ۾

9_ حضرت امام حسين عليه السلام جن جي ڪربلا پهچڻ، يزيد سان جنگ، سندن اولاد عزيزن ۽ دوستن جي شهادت سان گڏ سندن شهادت جي بيان ۾.

10_ انهن واقعن جي بيان ۾ جيڪي، ڪربلا کان پوءِ اهلبيت عليهم السلام سان پيش آيا ۽ قاتلانِ حسين عليه السلام جي دنيا ۾ سزا.[4]

## اندر اي اهنج سانديج سُڪائون ڪري

سندس مقدمي منجهان معلومجي ٿو تہ الله تعاليٰ پاڪ ۽ خبيث جي سڃاڻ لاءِ آزمائش رکي ۽ ان آزمائش ۾ اهي ئي سوڀارا ٿيا، جن جي تن ۾ سُورَ ڪنار ازل کان ئي لڳل هئي. انهن نہ سچ سَليو نہ ڪوڙ ڳالهايو ۽ نہ ئي وري ڪا ٻاڦ ئي ٻاهر ڪڍيائون. انهن برهہ جي بيمارن سِر سٽ ۾ ڏيئي، دردَ جي دارون کان بہ اڳتي پاڻُ پچائي پنهنجي مزار جي مٽيءَ کي ئي خاڪِ شِفا بڻائي ڇڏيو.



Scanned with CamScanner

ڪاشفي مرحوم رحمة الله عليه چوڻ چاهيو آهي ته الله تعاليٰ ساڻس سِڪَ وارن کي لازم سورن جي سوليءَ تي چاڙهي ٿو. جنهن جيتري پريت جو پاند اٽڪايو اهو اوترو اهنجَ ۾ آيو.

اهڙيءَ طرح ان الک سان الفت جي اٽي اٽڪائڻ ڪنهن سڏڙي جي ڪرت ناهي. سو اُن حقيقي مطلوب صحيح سِڪ وارن ۽ سچن سالڪن لاءِ "اَلْبَلَاءُ لِلْوَلَاءِ کَالَّلهبِ لِلذَّهَبِ" جي اصول هيٺ پنهنجي پريتڻي جي پهرين وِک ڪاتي قرار ڏني ۽ پوءِ انهن ڪاتيءَ ڳُنن تي لازم ڪيو ته اهو سوز ۽ ڏک اندر ئي اندر واڄٽ جيئن وڃائين ۽ پوءِ نه رڳو ڪامن پڇرن، پر ٻاهران به سيڱُن ماهُ پچائي اهو اهنجُ سُڪائون ڪري سانديين ته جڏهن سڪ جي سانداڻ تي سِرُ رکڻو پوين، ته اُوچي ڳاٽ اچي سرهائيءَ سان سِرُ ڏين، ته جيئن سڏڙيا پڏرا ٿي پون سچا سالڪَ سِڪ ۽ سُور جي سُرخي سندن مهانڊن تي مليندي سندن مطلوب جي مهر منجهه فنا تي "تومن شدي، من تُو شدم" جي خلعت ماٿين ۽ ڏسڻ وارن کان طالب ۽ مطلوب جي سڃاڻ کسي وڃن.

## روءِ منجهان ئي رَتُ

هن سڪ سندي سير ۾ جيترو سوز مٺي مرسل ﷺ ڏٺو اوترو ڪنهن به نبي ؑ جي حصي ۾ نه آيو ۽ اهڙيءَ طرح سندن اهلبيت ؑ تي جيئن مصيبتن مارو ڪيو تيئن ڪنهن به نبي ؑ جي خاندان سان روا نه رکيو ويو. مٺي مرسل ﷺ جي ڪٽنب سان اهڙو ڪيسُ ڪيو ويو جو آسمان رَتُ رُنو ۽ اَڄ تائين ماڪَ جي صورت ۾ پنجن پاڪن ؑ جي پُورَ ۾ پرياتِ روئڻ ۾ رڌل آهي.

مرحوم ڪاشفيءَ رحمة الله عليه مطابق ڪربلا جي مٽيءَ منجهه شهادت جو ٻج ڇٽيل آهي، جنهن کي سڪ وارن جي اکين جي نهرُن منجهان هَنجُن جي رَيجَ جي ضرورت آهي. حقُ ته منجهان ئي رَتُ روئڻ جو آهي، پر پوءِ به جيڪڏهن ڪو نبي سردار ﷺ سان سندن اولاد جي



Scanned with CamScanner

ڪيس تي ڪنهن بہ انداز ۾ عذر خواهي ڪري، تہ اُن لاءِ "مَن بَکیٰ اَو اَبکیٰ اَو تَبَاکیٰ وَجِبَت لَہُ الجَنَّۃَ" جي سند ۾ انعام اڳواٽ تيار آهي.

## قلمي نسخا:

روضة الشهداء سن ٩٠٨هہ/1502ع ڌاران هرات ۾ لکيو ويو. فارسي زبان ۾ هجڻ ۽ ادبي لحاظ کان بلند پائي جو هجڻ جي ڪري هن ڪتاب ٿوري عرصي اندر ئي ايڏي مقبوليت ماڻي جو ايران، افغانستان، هند ۽ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ عام ٿي ويو. مٿينءَ ڳالهہ کي نظر ۾ رکندي بي ڌڙڪ چئي سگهجي ٿو تہ صدين جي سفر ۾ ڪاتبن مذڪور ڪتاب جا سوين خطي نسخا تيار ڪيا هوندا. هتي اسان کي روضة الشهداء جي جملي قلمي نسخن جي فهرست مرتب ناهي ڪرڻي ۽ هونئن بہ اهو ڪم هن موضوع کان ٻاهر آهي، پر اشارتاً هتي ذڪر ڪندا هلون تہ صرف پاڪستان جي ٻن صوبن پنجاب ۽ سرحد جي مکيہ شهرن،جن ۾ ملتان، بهاولپور، سرگوڌا، لاهور، راولپنڊي، اسلام آباد ۽ پشاور جي لائبريرين ۾ هن ڪتاب جا اٺهٺ (68) قلمي نسخا موجود آهن، جيڪي هن خطي جي ڪاتبن جا ڪتابت ڪيل آهن.[5]

## ڇپيل نسخا:

ورهاڱي کان اڳ هن ڪتاب جا متعدد ايڊيشن ممبئيءَ ۽ لاهور مان شايع ٿيا. سر دست ميسر معلومات هن هيٺ ڏجي ٿي:

1ـ مطبع حيدري بمبئي يڪم شعبان ١٢٨٥ هہ، 340 ص.
2ـ مطبع حيدري بمبئي، ١٢٩٩هہ
3ـ مطبع حيدري بمبئي، محرم ١٣٠١ بخط رڪن الدين شيخ احمد، 436 ص.
4ـ علي پائي شرف علي، مطبع محمد بمبئي، ١٣٦٠هہ، 268 ص.
5ـ مطبع نولڪشور ڪانپور، 1891ع، ڇاپ اول 294 ص.
6ـ مطبع نولڪشور ڪانپور، نومبر 1906ع ڇاپ دوم 393 ص.



Scanned with CamScanner

7۔ لاهور بفرمايش فقير الله و عبدالعزيز ١٢٩٠هه چاپ دوم، 313 ص.
8۔ لاهور بفرمايش شيخ الاهي بخش و محمد جلال الدين، مطبع نولڪشور، بخط محمد فيروز الدين 328 ص.
9۔ لاهور مطبع مجتبائي، بفرمايش فقير الله و عبدالعزيز تاجران ڪتب بہ تصحيح مولوي غلام حسين خلف مولوي ڪرم الهي لاهوري، بخط محمد ابراهيم سيالڪوٽي، 396 ص.[6]

البت ايران ۾ ان جي ڇپيل نسخن جي باري ۾ معلومات نہ ملڻ ڪري، اهڙو ذڪر ڏيڻ کان معذور آهيون.

## تلخيص

آقايان حسن حضرتي و غلام حسن مقيمي جن پنهنجي مقالي "نگاهي اجمالي بہ حيات و انديشہ سياسي ملا حسين واعظ ڪاشفي" ۾ ڄاڻايو آهي تہ مصنف ملا حسين واعظ ڪاشفيءَ رحمۃ اللہ علیہ پاڻ پنهنجي ڪتاب "روضة الشهداء" جو "ده مجلس" جي نالي سان اختصار تيار ڪيو.[7] معلوم ٿئي ٿو تہ روضة الشهداء جي تاليف ٿيڻ کان پوءِ نهايت قليل مدت اندر مذڪور ڪتاب مقتلِ سيد الشهداء عليه السلام جي حوالي سان مجالسِ عزاءِ امام حسين عليه السلام ۾ ايترو تہ قبولِ عام حاصل ڪيو جو پاڻ ليکڪ کي ان جو اختصار تيار ڪرڻو پيو. هتي اهو ذڪر اجايو نہ ٿيندو تہ سنڌ ۾ پڻ، "ده مجلس" (فارسيءَ) جا قلمي نسخا موجود رهيا آهن.

"ده مجلس" جي نالي سان اهڙا ڪجهہ نسخا علامہ آءِ آءِ قاضي لائبريري سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ پڻ محفوظ آهن، جيتوڻيڪ خاطري سان اهو چئي نہ ٿو سگهجي تہ مذڪور خطي نسخا ملا حسين واعظ ڪاشفيءَ رحمۃ اللہ علیہ جي لکيل تلخيص۔ "ده مجلس" جا ئي آهن. ڄاڻڻ تہ اسان پاڻ انهن خطي نسخن جو مطالعو ڪونہ ڪيو آهي. هن هيٺ نسخن جو تعارف پيش ڪجي ٿو:

1_ بياض در مناقب و مجالس (ده مجلس)، 110 اوراق، ڪاتب شير محمد قاضي ساڪن روهڙي، سن ڪتابت: ١٢٤٧هه/1831ع.

نوٽ: هن نسخي جو ڪاتب شير محمد قاضي بن فيض الله قاضي روهڙي جي ننڍن قاضين/خالدي قاضين مان هو ۽ حضرت عبدالقادر بيدل ﷫ جي دلي دوست، پير محمد قاضي ﷫ (بن گل محمد قاضي بن فيض الله) جو سڳو چاچو هو.

2_ روضة الشهداء (ده مجلس) 106 اوراق

3_ مناقب اهلبيت ده باب مقتل شاهه شهيد، 293 اوراق

4_ ده مجلس شهادت، شهادت نامه حسين ع، 189 اوراق

5_ ده مجلس در سوانح پنج تن، 168 اوراق [8]

## روضة الشهداء جو تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو

ڪتاب_ روضة الشهداء جا آخري ست باب، چوٿين ڪان ڏهين تائين جي ڳوڙهي مطالعي ڪان پوءِ سيد الشهداء جي ڪيڏاري متعلق هيٺيون ڳالهيون واضح ٿين ٿيون:

1_ حسين ڪاشفي ﷫ قتل گاهِ ڪربلا سان لاڳاپيل اڪثر واقعات بنا حوالي بيان ڪري ٿو. مثال طور هر اهڙي واقعي جي شروع ۾:

"اما راوي گويد"_ ص268، 270، 271، 370، 406 وغيره.

"راويان اخبار جگر سوز و ناقلان اين حكايت غم اندوز"_ص 283، 312.

"آورده اند"_ص 286، 290، 292، 402، وغيره.

"نقل"_ص 293، 294، 296، 351، 386.

"در اكثر كتب مذكور است"_ص 357.

"در روايتي ديگر آمده است"_ص 393.

"القصه راوي گويد"_ص 397.

"روايتي هست"_ص 407.[9] وغيره ڄاڻائي ٿو جيڪو هڪ معتبر ۽ محتاط مصنف يا مؤلف جي روش ڪان بعيد آهي.



Scanned with CamScanner

2۔ واقعاتِ ڪربلا متعلق ڄاڻايل سندس جملي ماخذ (سواءِ هڪ جي) غير واسطيدار آهن، انهن ۾ "روح الارواح"، "شواهد النبوت"، "سير ڪبير"، "ڪنز الغرائب"، "اعثم ڪوفي"، "مصابيح القلوب" شامل آهن.[10]

3۔ بظاهر معلوم ائين ٿئي ٿو تہ ڪاشفيءَ رحمه الله مقتلِ شاهِ شهيدان لکڻ وقت موفق بن احمد خوارزمي جي "مقتل الحسين" تان ڀرپور استفادو ڪيو آهي، پر مذڪور ڪتاب جو حوالو صرف چئن جاين تي آڻي ٿو.[11] نہ صرف ايترو بلڪ في الوقت قطعي طور تي اسان اهو بہ چئي نہ ٿا سگهون تہ موصوف مذڪور واقعات۔ "مقتل خوارزمي" (جيڪو اصل عربي ۾ آهي) تان سڌو سنئون استفادو ڪندي نقل ڪيا آهن، يا ان ڪتاب جي فارسي ترجمي "نور الآئمہ" تان ڪنيا آهن. ڇاڪاڻ تہ مصنف سندس غير محتاط روش جي ڪري، پاڻُ ان کي مبهم بڻايو آهي، مثال طور: هو حضرت مسلم بن عقيل جي احوال (ص264) ۾ "مقتل خوارزمي" ۽ "نور الآئمہ" کي گڏي اهڙيءَ ريت حوالو آڻي ٿو جو لڳي ٿو تہ مذڪور واقعو اصل تان نہ، پر ان جي فارسي ترجمي تان نقل ڪيو اٿس. حوالو هن ريت آهي: (نور الائمہ خوارزمي مقتل خود آورده). بهرحال ٽن جاين تي هو نقل نور الائمہ آورده: ص313، 338، 398، جو واضح حوالو ڏئي ٿو. اتان پڌرو ٿئي ٿو تہ حسين ڪاشفيءَ رحمه الله جو ماخذ 'مقتل خوارزمي' بجاءِ 'نور الآئمہ' رهيو هوندو!!

حقيقت اها آهي تہ حسين واعظ ڪاشفيءَ رحمه الله مستند ۽ متين مقتل نويسي جي انداز جي ابتڙ هيءُ ڪتاب فارسي ادبي نثر ۽ نظم ۾ اهڙيءَ ريت رقم ڪيو آهي، جو مضمون بندي،عبارت آرائي ۽ انشائيہ انداز هن ڪتاب جو خاصو ٿي پيو. جنهن جو ڇڙو اعتراف هو پاڻ بہ پنهنجي هن ڪتاب ۾ ڪري ٿو:

...... وَ از منظومات پارسی آنچہ مناسب ازهان اهل زمان بود در رشتہ بیان کند

در آئین سخن رانی بکوشد
سخن را کستوی از نو بپوشد

ز سکه نو کند نقد کهن را
به زیور ها بیاراید سخن را

اگرچه این کمینه بی بضاعت استحقاق این معنی نداشت و بواسطه کبر سن و موانع دیگر رایت فصاحت در میدان بلاغت برنمی توانست افراشت فاما چون امتثال فرمان عظیم الشان آنحضرت از لوازم بود ترتیب این نسخه که روضة الشهداء موسوم است اشتغال نمود بر ده باب و خاتمه مرتب گردانید.[۱۲]

اهو ئي سبب آهي جو ماضي قريب جي دانشمند عالمن،جن ۾ محدث ميرزا حسين نوري رحمه الله ۽ استاد مرتضيٰ مطهري شهيد رحمه الله سر فهرست آهن. هن ڪتاب تي نهايت بي رحميءَ سان تنقيد ڪندي ڪائنس بي رُخيءَ جو مظاهرو ڪيو آهي.[13]

بهرحال هتي هڪ ڳالهه چوڻ کان رهي نه ٿو سگهجي ته حسين ڪاشفي رحمه الله روضة الشهداء کي ڪو اهڙي اخلاص سان ان برڪت پري سال ۾ تحرير ڪيو جو صدين تائين هن ڪتاب جي اثر ۽ نفوذ کي ڏسندي غيبي آواز چئي ڏنو ته: حقاڪ مقبول حق سندس تصنيف

۹۰۸هه

جو سال آهي ۽ حسين ڪاشفيءَ رحمة الله عليه جي عقيدي "مَن بَكىٰ عَلَى الحُسَينِ وَجِبت لَهُ الجَنَّة" اجازت ڏني ته جَزَاكَ اللهُ خَيرًا سندس ڪتاب جي لکجڻ جي تاريخ مقرر ٿئي.[14]
۹۰۸ هه

## روضة الشهداء جا اثرات

فارسيءَ ۾ هي پهريون ڪتاب آهي، جيڪو مجلس حسين ع جي حوالي سان لکيو ويو آهي. اڄ ڪلهه به ايران ۾ مجلس حسين ع کي "روضه خواني" ۽ ذاڪر کي "روضه خوان" چون ٿا. سو هن ئي ڪتاب جي مناسبت سان. اڄ کان اٽڪل پنج سؤ ورهيه اڳ مٿيان ٻيئي اصطلاح وجود ۾ آيا. فارسيءَ جو معروف فرهنگ نويس- حسن عميد پنهنجي فرهنگ ۾ لفظ "روضه خواني" تحت هن ريت ڄاڻائي ٿو:

"... كلمه روضه بمعنى مطالب و اشعارى كه درسوگوارى و عزادارى بالايى منبر مى خوانند، ماخوذ از نام كتاب روضةالشهداء تاليف ملا حسين كاشفى از علماء و وعاظ دورتيموريان است كه اونرا در سال ۹۰۸ﻫ درباره وقايع كربلا و شهادت حضرت امام حسين تمام كرده اون كتاب را در مجالس سوگوارى براى مردم مى خوانده اند و خوانندگان اونرا روضة الشهدا خوان مى گفتند و بتدريج روضه خوان گفتند(۱۵)"

## ايران ۾ اثرات

مرتضيٰ حسين صدر الافاضل پنهنجي مقالي ۾ ڪتاب- روضة الشهداء ۽ ان جي مؤلف جو نهايت مختصر مگر جامع تعارف ڪرائيندي تيموري عهد ۾ هن ڪتاب جي اثر ۽ رُسوخ کي هن ريت بيان ڪن ٿا:

"... تيموري بادشاهه سلطان حسين مرزا جي عهد ۾ ملا حسين واعظ ڪاشفيءَ رحمه الله "روضة الشهداء" سن ۹۰۸ﻫ ۾ تصنيف ڪيو. ملا حسين واعظ رحمه الله پاڻ سُني العقيده عالم ۽ مفسرِ آهن. پر سندن هيءَ تصنيف ايتريقدر پسند پئجي ويئي، جو مجلس امام حسين عليه السلام ۾ پراڻو طريقو ختم ٿي ويو ۽ غير عرب عام طرح مجلس ۾ هيءَ ڪتاب پڙهڻ لڳا ۽ شايد ان ئي عهد کان مجلس عزا "روضه خواني" ڪوٺجڻ لڳي... جوانَ عهد جي ماڻهن ابو المفاخر رازيءَ (جي) "نور الائمه" جهڙن مقتل جي ڪتابن جي هوندي به هن ڪتاب سان واڳجي ان کي سَنَدَ جو درجو ڏيئي ڇڏيو. ماڻهو هن کي پڙهي مجلسن جي رونق وڌائيندا هئا. محنتون ڪندا هئا ۽ پنهنجي پنهنجي مشق جي لحاظ کان عزت ۽ دولت حاصل ڪندا هئا."(16)

آقاءِ رسول جعفريان پنهنجي مقالي ۾ صفوي دور ۹۰۸هه/1502ع-۱۱۴۸هه/1736ع) کان وٺي هن ويجهي ماضيءَ تائين ايران ۽ ان جي پرپاسي ۾ مذڪور ڪتاب جي مقبوليت متعلق هن ريت روشني وڌي آهي:

"کتاب روضۃ الشہداء نہ تنہا در دورہ صفوی درمیان شیعیان ایران، بلکہ درمیان سُنیانِ اطرافِ مملکت ایران نیز نفوذی فُراوان یافت۔ یکی از آخرین نشانہ ہای تاثیر این نفوذ، اقدامی است کہ عبداللہ 'زیور' (م۱۳۶۹ھ۔ق) شاعر سُنی عراقی کرد فارسی دان انجام دادہ و آن را بہ شعرِ فارسی در آوردہ است۔ وی بدون آن کہ تصریح کند، در واقع متن فارسی روضہ الشہداء را در قالب شعر فارسی در آوردہ و نام آن را۔ 'داستان سوز ناک کربلا' نہادہ است۔"

مٿئين اقتباس جو حاصل مطلب هن ريت آهي تہ هن ڪتاب جي صفوي دور ۾ نہ رڳو ايران جي شيعن بلڪ ان جي پرپاسي ۾ سُني علائقن ۾ پڻ عام ۽ گهڻي مقبوليت هئي. انهن منجهان هڪڙو ۽ آخري اهڃاڻ هي آهي تہ "عبدالله زيور" (متوفي ۱۳۶۹هه ق) نالي هڪ سُني عراقي ڪرد فارسي دان شاعرَ ان سموري ڪتاب کي فارسي نظم ۾ منتقل ڪيو جنهن جو نالو "داستانِ سوز ناڪِ ڪربلا" رکيائين.

## ننڍي کنڊ ۾ اثرات:

ننڍي کنڊ ۾ ڏکڻ هند جي تاريخ ۽ تذڪرن جي مطالعي مان اها ڳالهہ پليءَ پت واضح ٿئي ٿي تہ لڳ ڀڳ نائين صدي هجريءَ کان وٺي مذڪور خطي ۾ برپا ٿيندڙ مجالسِ عزاءِ امام حسين عليه السلام ۾ مجلس مرثيا خوانيءَ (ابتداء ۾ فارسي پوءِ دکني/اردو) کي وڏي اهميت حاصل هئي ۽ انهن جو انعقاد وڏي اهتمام سان ٿيندو هيو جڏهن حسين ڪاشفيءَ رحمه الله جي ڪتاب 'روضة الشهداء' جو هند ۾ وُرود ٿيو تہ هيءَ تاليف ايتري قدر قبول پئي، جو هتان جا ذاڪر مجلسن ۾ مرثين کان علاوه اهو ڪتاب ڪٿي پڙهڻ لڳا. هن ڪتاب کي پڙهڻ لاءِ مخصوص



Scanned with CamScanner

پر اثر طرزون ايجاد ڪيون ويون ۽ ان جا پڙهندڙ ’روضه خوان‘ ڪوٺبا هئا.[18] اهي ’روضہ خوان‘ پنهنجي پنهنجي محنت، پچايل مشق ۽ پر اثر طرز جي آڌار تي عزت ۽ دولت جا حقدار بڻبا هئا. ڏاکڻي هندُ جي خودمختياررياستن ۾ شاهي عاشور خانن ۾ مجالس عزا پڙهڻ لاءِ شاهي مرثيا خوانن کان علاوه شاهي روضہ خوان بہ مقرر هوندا هئا. ان ڏس ۾ ڊاڪٽر مسيح الزمان تاريخ۔ ’فرح بخش‘ (فارسي) جي حوالي سان رقمطراز آهي:

’فيض آباد ۾ آصف الدولہ جي والده ٻهو بيگم جي مدار المهام خواجہ سرا الماس علي خان جي بہ پنهنجي قائم ڪيل امام بارگاهہ هئي. جتي وڏي اهتمام سان عزاداري ٿيندي هئي ۽ مرثيا خوان ۽ روضہ خوان وغيره پنهنجو ڪمال ڏيکاريندا ۽ داد وصول ڪندا هئا.‘[19]

ڊاڪٽر صاحب جن هڪ ٻئي هنڌ لکن ٿا:

’آصفي امام بارگاهہ... ۾ محرم کان سواءِ هر جمعرات تي مجلس عزا منعقد ٿيندي هئي. اڪيچار ذاڪر جن ۾ ملا محمد روضہ خوان بہ هو امام بارگاه سان لاڳاپجي ويا ۽ لکين روپيا ساليانو ان مد ۾ خرچ ٿيڻ لڳا.‘[20]

روضۃ الشهداء فارسيءَ ۾ لکيو ويو هو ۽ هند ۾ منعقد ٿيندڙ مجالس عزا ۾ هڪ وڏي عرصي تائين ان کي فارسيءَ ۾ ئي پڙهيو ويندو هو. وقت گذرڻ سان ۽ سماجي ضرورتن جي مدنظر ان ڳالهہ کي محسوس ڪيو ويو تہ جيڪي ماڻهو مجلسن ۾ فارسي نہ ڄاڻڻ سبب روضۃ الشهداء کي سمجهي نہ ٿا سگهن، انهن لاءِ مذڪور ڪتاب کي اردوءَ ۾ آندو وڃي. اهو ئي بنيادي سبب بڻيو جنهن ڪري هن ڪتاب جا اردوءَ ۾ ملخص منظوم ۽ نثري ترجما ڪيا ويا، جيڪي مجلسن ۾ باقاعده پڙهيا ويا. اسان هن مهل تائين جيڪي ترجما معلوم ڪري سگهيا آهيون، انهن جو ذڪر هن هيٺ ڏيون ٿا:

- 'ولي' تخلص رکندڙ کنهن غير معروف شاعر سن ١١١٩هه ۾ 'روضة الشهداء' جو ساڳيو نالو برقرار رکندي، ان جو ملخص ۾ منظوم ترجمو ڪيو. هن ڪتاب جو مطبع محمدي بمبئي سن ١٣٥٣ ھ جو ڇاپو اسان جي سامهون آهي.

شاعر هن ڪتاب کي هيٺين طرح ڏهن مجلسن ۾ ورهايو آهي.

1- مجلس اول در وفات آن حضرت ﷺ جن
2- مجلس دُوم در وفات حضرت فاطمه رضي الله عنها
3- مجلس سُيُوم در بيان وفات خود امير المؤمنين علي رضي الله عنه
4- مجلس چهارُم در بيان شهادت حضرت امام حسن رضي الله عنه
5- مجلس پنجُم در بيان تَوَلُّد شدن حضرت امام حسين رضي الله عنه
6- مجلس ششم در بيان شهادت يافتن فرزندانِ مسلم رضي الله عنه
7- مجلس هفتم در بيان روانہ شدن حضرت امام حسين رضي الله عنه از مکه معظمه در دشتِ کربلای معلی
در بيان شهادت يافتن حضرت حر رحمة الله عليه
8- در بيان شهادت يافتن محبان و هواداران و برادران جناب سيد الشهداء امام حسين رضي الله عنهم
9- مجلس نهم در بيان شهادت برادران و پسران وکنبہ داران حضرت امام حسين رضي الله عنهم

واقعہ شهادت حضرت عباس علي خلق حضرت علي مرتضيٰ رضي الله عنه

10- مجلس دهم در بيان شهادت يافتن سبطِ رسول الله حضرت امير المؤمنين جناب سيد الشهداء امام حسين رضي الله عنه.[21]

- محمد فياض 'ولي' ويلوريءَ سن ١١٣٠هه/ 1717ع ۾ 'روضة الشهداء' جي ساڳئي نالي سان ڪربلا جو شهادت نامو مثنويءَ جي صورت ۾ لکيو.[22]

ڊاڪٽر رشيد موسوي پنهنجي ڪتاب ۾ ولي ويلوريءَ جي 'روضة الشهداء' لاءِ لکن ٿا:

هيءَ مثنوي ويجهڙائي تائين دکن جي اڪثر علائقن جي مجلسن ۾ پڙهي ويندي رهي آهي.[23]

- قديم زماني ۾ "ميسور" جي مختلف علائقن ۾ مجلسن منجهه وليءَ جي 'روضة الشهداءَ' پڙهي ويندي هئي ۽ ڪجهه ماڳن ۾ مجلس عزا کي 'مجلسِ روضه خواني' جي نالي سان ياد ڪيو ويندو هو.[24]
- علائقہ مدراس (ڪرناٽڪ) جي مجالسِ عزا ۾ گهڻو ڪري 'روضة الشهداءِ' پڙهيو ويندو هو. ڪٿي ڪٿي فارسيءَ ۾ روضہ خواني بہ ٿيندي هئي.[25]
- بمبئي ۾ مجالس عزا محرم کان علاوه ٻين مهينن ۾ بہ منعقد ٿينديون هيون، انهن ۾ قديم زماني ۾ ولي ويلوري جي 'روضة الشهداء' پڙهي ويندي هئي.[26]
- باپو ميان اونديڪر فقيهہ بمبئي جو پهريون شاعر جنهن واقعہ ڪربلا متعلق مثنوي 'روضۃُ البُڪا' لکي. هيءَ مثنوي بہ 'روضة الشهداء' جي نموني تي لکي ويئي، جيڪا وڏي عرصي تائين مجلس ۾ مقبول رهي[27]
- اُتر هندُ ۾ پڻ 'مجلسِ مرثيا خواني' سان گڏ ڪاشفيءَ رحمة الله عليه جي 'روضة الشهداء' کي مجلسن ۾ وڏي عرصي تائين پڙهيو ويو . اهڙو اندازو درگاهہ قلي خان جي مسڪين، حزين ۽ غمگين تخلص رکندڙ مرثيا خوانن جي مرثيا خواني تي ڪيل تبصري مان معلوم ٿئي ٿو:

'املي از استماعِ مرثيہ هايشان بہ ارباب تعازي مي رسد کہ از روضة الشهداء متصور نيست واز وقائع مقبل" ممکن نہ...[28]

سندن مرثيي سان عزادارن تي اهڙو الم طاري ٿيندو آهي جيڪو روضة الشهداء سان تصور نہ ٿو ڪري سگهجي ۽ "وقائع مقبل" جي ٻڌڻ سان ممڪن ناهي...[29]

- ولي دکنيءَ پڻ ساڳيون نالو برقرار رکندي 'روضة الشهداء' جي نالي سان مصائب الشهداء ڪربلا تي مثنوي لکي. جنهن ۾ محرم



Scanned with CamScanner

الحرام جي ڏهاڪي جي مناسبت سان ڏهہ مجلسون لکيائين، جنهن ڪري سندس ڪتاب 'دهہ مجلس' جي نالي سان بہ ياد ڪيو ويو. ان ڏس ۾ رام بابو سڪسينہ رقم طراز آهي:

'١١٤١هہ ۾ دهلي کان اورنگ آباد موٽي آيو جتي شهداء ڪربلا جي شان ۾ هڪ مثنوي موسوم بہ 'دہ مجلس' تصنيف ڪيائين، جنهن جي هنن پڇاڙي آخري شعرن مان سنِ تصنيف ۽ سندس زبان جو حال معلوم ٿئي ٿو:

هوا ختم جب يو درد کا حال
تها گياره سو پہ اکتاليسواں سال

١١٤١هہ

کہا ہاتف نے يو تاريخ معقول
ولی کا ہی سخن حق پاس مقبول۔ (30)

- اُتر هندُ جي قديم تهذيبي مرڪز علم ۽ امارت جي تاريخي شهر دهليءَ ۾ فضل علي فضليءَ دهليءَ جي مغل حڪمران محمد شاهہ (1748ع_1719ع) جي دور حڪومت ۾ سنُ ١١٥٤هہ/1741ع ۾ 'ڪربلا ڪٿا يعني دهہ مجلس' جي نالي سان 'روضة الشهداء' جو اردو نثر ۾ اختصار سان ترجمو ڪيو جيڪو هڪ مقدمي ٻارهن مجلسن ۽ خاتمي تي مشتمل آهي. هيءَ ڪتاب دهلي يونيورسٽي دهلي جي اردو شعبي جي پروفيسر ۽ صدر ڊاڪٽر خواجا احمد فاروقي ايڊِٽ (Edit) ڪري 1961ع ۾ شايع ڪرايو. (31)
- سيد حيدر بخش حيدري سن 1812ع ۾ 'گل مغفرت' جي نالي سان 'روضة الشهداء' جو اردو نثر ۾ اختصار سان ترجمو ڪيو جنهن ۾ 12 ٻارهن مجلسون آهن. جيڪو ساڳئي سال ڪلڪتي ۾ ڇپيو. 1845ع ۾ ان جو فرانسيسي ۾ ترجمو ٿيو. (32) هي ڪتاب بہ پيرا مطبع حيدريءَ مان ١٢٧٦هہ ۽ ان کان پوءِ ١٢٨٧هہ ۾ اشاعت هيٺ آيو. ان کانسواءِ اهو ڪتاب مجلس ترقي ادب ڪلب روڊ لاهور



Scanned with CamScanner

1965ع ۾ شايع ڪرايو. هن ڪتاب جو قلمي نسخو روهڙيءَ ۾ سيد عبدالحسين موسوي ثانيءَ وٽ موجود هيو.

محترم اختر راهيءَ پنهنجي ڪتاب 'ترجمو هاي مُتون فارسي بہ زبانهاي پاڪستان' ۾ 'روضة الشهداء' جي مڪمل اردو ترجمن متعلق وڌيڪ ڄاڻ هن ريت فراهم ڪئي آهي:

- ترجمو منظوم از "سَيوا" بہ سال ١٠٩١هہ/1681ع
- ترجمو از ولي احمد آبادي
- ترجمہ از فتح محمد
- رياض الطاهرين: حادثات ڪربلا (منظوم) از سيّد ولي خان مونس بہ سال ١١٩٠هہ در دهہ باب. نسخہ خطي: سالار جنگ، شماره 293.
- گنج شهيدان (منظوم) از منشي علي احمد، چاپ ڪانپور- مطبع نولڪشور ١٢٩٢هہ. نسخہ خطي: سالار جنگ[33]

ڪتاب: 'معجم ڪتب و مؤلفين حيات و قيام امام حسين (ع)' جي مرتب اردو ۾ 'روضة الشهداء' جو هڪ وڌيڪ حوالو مهيا ڪيو آهي، جيڪو هن ريت آهي:

- روضة الشهداء، تاليف: علي احمد منشي، ناشر: ڪتابخانہ دڪتر مولوي عبدالحق.[34]
- روضة الشهداء: ترجمو علامہ صائم چشتي، ناشر بشير برادرز لاهور، بار سُوم، فروري 2003ع. جلد اول مشتمل بر صفحات 432، ج دوم 506.

گلشنِ شهيدان 1810ع: روضة الشهداء جو مسبوط ترجمو حيدر بخش حيدري هن جو نسخو تاريخ ڪتابت ١٢٣٧هہ. ڪراچيءَ ۾ مولوي عبدالحق صاحب جي ڪتب خاني ۾ موجود هو. نوٽ: بحوالہ قاموس الڪتب ص970 طبع ڪراچي.

## سنڌ ۾ اثرات

'روضة الشهداء' جي تاليف ٩٠٨هہ/1502ع کان اٺويهہ سال پوءِ



Scanned with CamScanner

سن ٩٢٧هه/1520ع ۾ ارغونن کي سنڌ تي اقتدار حاصل ٿيو تہ هرات ۽ خراسان جي خطن مان اڪيچار عالم، فاضل ۽ اهلِ قلم افراد ۽ ڪيترن ئي علمي خاندانن سنڌ ڏانهن هجرت ڪئي. اندازو آهي تہ ان ئي زماني ۾ هي ڪتاب هِتِ پهتو هجي ۽ سنڌ ۾ ٿيندڙ عزاداريءَ جي محفلن ۾ پنهنجو هڪ الڳ مقام ماڻيو هجي. البت هن ڪتاب جي سنڌ ۾ هجڻ جي تاريخي ثابتي مغل بادشاهہ اورنگ زيب عالمگير جي دور ۾ ملي ٿي. ٺٽي ننگر ۾ منعقد ٿيندڙ مجالس عزا ۾ 'روضة الشهداء' کي پڙهيو ويندو هو. اهڙي معلوما ت منشي عبدالشڪور ٺٽوي جي ان بيان مان ملي ٿي، جيڪو هن پنهنجي ڪتاب 'ذِڪر حسين' (فارسي) سال تاليف ١٠٧٩هه/1668ع جي مقدمي ۾ ڪيو آهي. سندن قول مطابق هُن جي دوستن ڪتاب 'روضة الشهداء' جي ڊيگهہ ۽ طوالت ڏانهن سندس ڌيان ڏياريندي ان جي انتخاب لاءِ اُتساهيو.[35] اِن بيان مان گهڻ ۾ گهٽ ايترو تہ واضح ٿئي ٿو تہ ١٠٧٩هه/1668ع کان اڳ ٺٽي ۾ 'روضة الشهداء' کي مجالس ۾ پڙهيو ويندو هو. ٺٽي ۾ هن ڪتاب جي موجودگيءَ جو هڪ ٻيو پڪو پختو حوالو ملي ٿو اهو هيءُ تہ مير علي شير قانع ٺٽوي پنهنجي ڪتاب 'معيار سالڪان طريقت' لکڻ وقت هن ڪتاب مان ڪافي استفادو ڪيو آهي.[36]

سنڌ سموريءَ ۾ عزاداريءَ جي محفلن منجهہ 'روضة الشهداء' پڙهيو ويندو هو. سيد ثابت علي شاهہ پاڻ عالم، فاضل، وڏي ڄاڻ وارو ۽ تقرير جي فن جو ماهر هوندي بہ مجلسن ۾ روضة الشهداء پڙهندو هو جيئن هڪ هنڌ فرمائي ٿو:

روضة الشهداء پڙهڻ جو مون کي منصب هو مُدام
مرثين ۾ هوس آئون، سرِ حلقہ اهلِ عزا.[37]

سيد ثابت علي شاهہ جي مٿئين بيتَ منجهان معلوم ٿئي ٿو تہ روضة الشهداء کي عزاداريءَ جي دنيا ۾ ڪيترو مقام ۽ مرتبو حاصل هو جو شاهہ صاحب روضة الشهداء پڙهڻ جو تذڪرو فخر واري انداز ۾



Scanned with CamScanner

ڪندي ان ڪم کي هڪ منصب ۽ عهدو سمجهي ٿو جيتوڻيڪ شاهه صاحب هوندي به مرثين جي حوالي سان عزادارن جو اڳواڻ هيو.

’روضة الشهداء‘ چاڪاڻ ته فارسيءَ ۾ لکيل هو تنهن ڪري هند ۽ سنڌ جي عام عزادارن لاءِ ان جو سمجهڻ ڏکيو هيو. ان ڳالهه کي ئي سامهون رکندي ان جا مختلف ٻولين ۾ ترجما ٿيا. جيئن ’ڪربلا ڪٿا‘ جي ليکڪ به اهو ئي سبب ڄاڻايو آهي.[38] ان کان سواءِ روضة الشهداء جي ڊيگهه ۽ طوالت کي نظر ۾ رکندي ڪن عالمن ٻين ڪتابن ۽ ان منجهان واقعات وٺي ڌار ڪتاب لکيا ۽ ڪن وري ان جا انتخاب تيار ڪيا. جهڙيءَ طرح ٺٽي جي هڪ عالم عبدالشڪور بن مرحوم مخدوم عبدالواسع منشيءَ سن ١٠٧٩ھ ۾ دوستن جي فرمائش تي فارسيءَ ۾ روضة الشهداء ۽ ٻين ڪتابن مان شهادتِ حسين عليه السلام جي واقعن تي مشتمل هڪ ڪتاب ’ذڪر حسين‘ جي نالي سان قلمبند ڪيو.[39] جنهن جو ذڪر اسان مٿي ڪري آيا آهيون.

اهڙيءَ طرح سنڌ جي هڪ ٻئي عالم ”احمد“ (وصال ١٢١٣ھ/1798ع) عزاداريءَ جي حوالي سان ڪتاب جي ضرورت ۽ اهميت جو احساس ڪندي ’روضة الشهداء‘ جو سنڌيءَ ۾ منظوم ترجمو سن ١١٧٢ھ/1758ع ۾ ڪيو.[40] مذڪور ڪتاب لاءِ چئي نه ٿو سگهجي ته ان ڪتاب ڪا تمام گهڻي ميجتا ماڻي هوندي پر سنڌ جي مختلف ماڳن منجهه ان جا قلمي ۽ ڇپيل نسخا موجود هجڻ مان پروڙ پوي ٿي ته اهو ڪتاب سنڌ جي ڪن ڀاڱن جي عزاداريءَ ۾ ضرور پڙهيو ويندو هو.[41]

مٿئين مذڪور کان علاوه ’روضة الشهداء‘ جي سنڌي ترجمن جي ڪجهه وڌيڪ معلومات هن هيٺ ڏجي ٿي.

- مرزا قليچ بيگ جو ڪيل منتخب سنڌي ترجمو بقول ڊاڪٽر حامد علي خانائي صاحب ته جڏهن مرزا قليچ بيگ نوشهري فيروز جو ڊپٽي ڪليڪٽر ٿي آيو ته مرزا صاحب سندس ڏاڏي قاضي ميان امام بخش کي ’منتخب روضة الشهداء‘ سنڌي جي ڇپيل ڪاپي تحفي طور ڏني.[42]



Scanned with CamScanner

- فقير محمد هدايت علي نجفي (ولادت: ١٣١٢هه/1894ع- وفات: ١٣٥٨هه/1939ع) 'حديقة الاولياء' جي نالي سان بامحاوره سنڌي زبان ۾ روضة الشهداء جو ترجمو ڪيو. هي ترجمو 802 صفحات تي پکڙيل آهي ۽ 6 جولاءِ سن 1933ع ۾ لکيو ويو.[43] هن ڪتاب جو قلمي نسخو لاڙڪاڻي جي رهواسي زوار بهادر ٽنئي وٽ 1970ع ڌاري موجود هيو.[44]

محترم صادق حسين خواجه "جهرڪ" حال مقيم ڪراچي ذڪر ڪيو ته "جهرڪن" ۾ زناني مجالسِ عزا ۾ اٽڪل 75_1970ع تائين روضة الشهداء پڙهيو ويندو هو.[45]

## روهڙيءَ تي اثرات

### (الف) روضة الشهداء جا قلمي نسخا:

روهڙيءَ ۾ 'روضة الشهداء' جي قلمي نسخن جي موجودگي ان ڳالهه جي ثابتي آهي ته هتان جي مجالس عزا ۾ هن کي وڏي اهتمام سان باقاعده پڙهيو ويندو هو. هن هيٺ اسان دستياب نسخن جو تعارف پيش ڪريون ٿا.

- روضة الشهداء جي هن نسخي جو ڪاتب محمد علي ابن يوسف علي ساڪن قصبه شڪر (سکر پراڻو) آهي. نسخي جي ضخامت 271 صفحن تي ڦهليل آهي. آخري ورق جو هيٺيون حصو ڦاٽل هجڻ ڪري ڪتابت جو سن ضايع ٿي ويو آهي. نسخي جي پهرين پاهرين صفحي تي موجود تحرير مان معلوم ٿئي ٿو ته هيءُ نسخو سيد حسين علي شاهه (مشهور سيد بسم الله شاهه) جي مِلڪ هو ۽ سندس والد سيد بولڻ شاهه- ملا فتح محمد ولد فاضل ريشم باف جي معرفت تاريخ ٢٥ رجب ١١٨٠هه تي هيءُ ڪتاب خريد ڪيو. ڪتاب جي ڪيترن ئي صفحات تي سيد بسم الله شاه جي مهر ثبت ٿيل آهي.



Scanned with CamScanner

- روضة الشهداء جي هن ٻئين نسخي جو مالڪ ۽ لڪرائيندڙ سيد تراب علي شاهہ موسوي ابن مرحوم غلام حيدر شاهہ ميرڪي آهي. نسخي جو ڪاتب فقير الہ آندو ساڪن قصبہ لوهري (روهڙي) آهي ۽ ڪتابت جي تاريخ ٢١ ماهِ شوال ١٢٦٩ هہ آهي. مختلف صفحات تي تراب علي شاهہ جي مهر ثبت ٿيل آهي، جنهن ۾ هجري سن ١٢٦٩هہ ڪنده ٿيل آهي. ڪتاب جاڪل صفحا 471 آهن.

مذڪوره بالا ٻيئي نسخا موسوي لائبريري روهڙي/ڪراچي ۾ محفوظ آهن.

سيد حيدر بخش حيدريءَ 'گلِ مغفرت' جي نالي سان روضة الشهداء جو منتخب اردو نثر ۾ ترجمو ڪيو جنهن جي متعدد اشاعتن جو ذڪر اسان مٿي ڪري آيا آهيون. هن ڪتاب جو قلمي نسخو روهڙيءَ ۾ عبدالحسين موسوي ثانيءَ وٽ موجود هيو جيڪو هينئر سنڌالاجيءَ ۾ "شفقت حسين موسوي ڪارنر" منجهہ رکيل آهي.

"گُل مغفرت" جي مٿي ڄاڻايل قلمي نسخي جو ڪاتب سيد حسين بخش شاهہ ابن مغفرت نشان سيد شير علي شاهہ آهي. ڪتابت جي تاريخ ١٠ جماد الثاني ١٣٥٠هہ آهي. خطي نسخي جو ڪاتب روهڙيءَ جي رضوي سادات جي پاڙي 'ابراهيم پوٽا' منجهان هيو. جيڪو اٿين محرم الحرام تي 'مسجد جو ماتم' ڪڍائيندو هيو.

(ب) حضرت عبدالقادر بيدلؒ جو "قرة العينين في مناقب السبطين".

روهڙيءَ ۾ 'روضة الشهداء' جي اثر ۽ نفوذ کان متاثر ٿي حضرت عبدالقادر بيدل پڻ روضة الشهداء' جي مقتل حسين عليه السلام وارن بابن مان انتخاب تيار ڪيو. ايندڙ صفحن ۾ اسان انهيءَ نسخي جو تفصيلي تعارف ۽ جائزو پيش ڪنداسين.



Scanned with CamScanner

# زيرِ نظر ڪتاب
# 'قرة العينين في مناقب السبطين'
# جو تفصيلي تعارف

حضرت عبدالقادر بيدل رحمة الله عليه جو هيءُ ڪتاب دراصل ملا حسين واعظ ڪاشفي رحمة الله عليه جي ڪتاب- 'روضة الشهداء' جو انتخاب آهي، اهڙو اظهار پاڻ بيدل سائينءَ پنهنجي منتخب جي پڇاڙيءَ ۾ هن ريت ڪيو آهي:

'اِعْلَمُوْا اَنَّ هٰذِہِ الاوراقُ تسود لِهيْجَانِ الاِشْتِيَاقِ مبتدی باحاديث النبوية و منتهی ببعض مقالات التی تخرج من روضة الشهداء-'[46]

## تاريخ انتخاب:

ليڪ هيءُ انتخاب ١٨ رجب سن ١٢٨٠ هه ۾ لکي پورو ڪيو.[47] اختتاميئي ۾ پاڻ تاريخ انتخاب صراحت سان بيان ڪئي اٿن:

'ڪان تاليفها من عبدالقادر الفقير و تحريرها من رفيقه پير محمد ن المستخير تاريخ اتمامها ثامن عشرة من رجب المرجب فی سنته الف مائتين ثمانين...'[48]

## مقصدِ انتخاب:

هن ڪتاب جي لکڻ جو مقصد پاڻ حضرت بيدل سرڪار رحمة الله عليه جن سندن ڪتاب جي ديباچي ۾ هن طرح بيان ڪيو آهي ته هيءُ ڪتاب محبن جي سڪ کي سوايو ڪرڻ ۽ مخلصن جي ميٺ ۾ واڌ آڻڻ لاءِ لکيو ويو آهي.

## ڪتاب جي ترتيب:

- **افتتاح:** ڪتاب جو آغاز واحد جي واکاڻ ۽ محمد و آل محمد تي درود ۽ اصحابن سڳورن تي رحمت طلبيءَ سان ڪيو ويو آهي.

- **مهاڳ:** حضرت نبي اڪرم ﷺ جن جون 29 حديثون مهاڳ جي طور تي لکيل آهن، جن جو عمومي عنوان حضرات حسنين علیہما السلام جا فضائل ۽ مناقب آهن.
- **عمومي عنوان يا نفسِ مضمون:** ڪتاب منجهه حضرات آل محمد علیہم السلام خاص ڪري حضرت امام حسن ۽ حضرت امام حسين علیہما السلام تي آيل مصيبتن جو تقريباً تفصيل سان احوال ۽ سندن مناقب ۽ فضائل بيان ٿيل آهن. ساڻن عشق ۽ محبت، سڪ ۽ سور جو ناتو قائم ڪرڻ جو سبق ڏنو ويو آهي.

## قرة العينين في مناقب السبطين جا مآخذ:

مذڪور ڪتاب، جيئن بيان ڪري آيا آهيون تہ ملا حسين واعظ ڪاشفي جي ڪتاب روضة الشهداء جو انتخاب آهي، ان ڪري هن "منتخب" جا ماخذ دراصل ڪاشفيءَ جا ماخذ سمجهڻ گهرجن، البت مهاڳ طور لکيل احاديث جي مآخذن تان بيدل سائين سڌو سنئون استفادو ڪيو آهي. هن هيٺ اسان مهاڳ ۽ انتخاب ٻنهي جي مآخذن جو تفصيل پيش ڪريون ٿا.

ڪتاب جو مهاڳ حضرات حسنين علیہما السلام جي فضائل ۽ مناقب متعلق 29 حديثن تي مشتمل آهي. اهي مذڪور اٺيهہ حديثون هيٺين ستن (7) حديث جي برکِ حافظن کان انهن جي ڪتابن تان ورتيون ويون آهن.

1. ابوالحسين مسلم بن حجاج بن مسلم قُشيري نيشاپوري (ولادت: ۲۰۴هہ وفات ۲۶۱هہ): "صحيح"
2. ابوعبدالله محمد بن اسماعيل بخاري (ولادت: شوال ۱۹۴هہ- وفات شب عيد الفطر ۲۵۶هہ): "صحيح"
3. ابو عيسيٰ محمد بن عيسيٰ بن سورة ترمذي (وفات: ۱۳ رجب ۲۷۹هہ): "الجامع الصحيح".



Scanned with CamScanner

4_ ابوبڪر احمد بن حسين بن علي بن موسيٰ بيهقي شافعي، لقب شيخ خراسان (ولادت: شعبان ٣٨٤هـ_ وفات: ١٠ جمادي الآخر ٤٥٨هـ): "دلائل النبوت".

5_ ابوعبدالله احمد بن حنبل شيباني مروزي بغدادي (ولادت: ١٦٤هـ_ وفات: ١٢ ربيع الاول ٢٤١هـ): "مسند".

6_ الحافظ الڪبير امام المحديثن ابوعبدالله محمد بن عبدالله بن محمد بن حمدويہ بن نعيم، حاڪم نيشاپوري (ولادت: ٣٢١هـ، وفات صفر ٤٠٥هـ): "المستدرڪ علي الصحيحين."

7_ الحافظ ابو محمد عبدالعزيز بن محمد بن مبارڪ حنبلي الاخضر الجنابذي (المتوفي ٦١١هـ): "معالم العترة الطاهرة".

هن هيٺ اسان 'قرة العينين...' جي مهاڳ ۾ سهيڙيل حديث جي راوين جا نالا پيش ڪريون ٿا:

1_ حضرت ابواسحاق سعد بن ابي وقاص رضي الله عنه مالڪ بن وهب بن عبدالمناف بن زهره بن ڪلاب الامير (سنہ ٥٥هـ ۾ عقيق نالي ڳوٺ ۾ پنهنجي ٺهرايل محل ۾ گوشي نشين ٿي ويئا. مدفن جنت البقيع).

2_ حضرت زيد بن ارقم انصاري رضي الله عنه خزرجي (المتوفي: ٦٦ يا ٦٧هـ)

3_ حضرت ام عبدالله عائشه، بنت حضرت ابوبڪررضي الله عنه زوجہ رسول الله (وفات: ٥٧ يا ٥٨ هـ)

4_ براء بن عازب انصاري حارثي خزرجي (رضي الله عنه) (المتوفي: ٦٧هـ)

5_ حضرت ابوهريرة الدوسي اليماني (رضي الله عنه) اسلامي نالو بروايت مشهور عبدالرحمٰن بن صخر (المتوفي:٥٨هـ/٥٩هـ/٥٧هـ)

6_ حضرت ابوبڪر عبدالله بن ابي قحافہ عثمان القرشي التيمي رضي الله عنه (المتوفي: ١٣هـ)

7_ حضرت ابوحمزه انس بن مالڪ انصاري رضي الله عنه بنو نخار قبيلو (سال وفات ۾ مختلف اقوال: ٩٠هـ، ٩١هـ، ٩٢هـ، ٩٣هـ)



Scanned with CamScanner

8- ابوعبدالله جابر بن عبدالله انصاري ﷺ (٩٤ سالن جي ڄمار ۾ ٧٨هه ۾ انتقال)
9- حضرت ابوسعيد سعد بن مالڪ بن سنان انصاري خُدري خزرجي ﷺ (المتوفي: ٦٣هه يا ٦٤ هه، مدفن: جنت البقيع)
10- حضرت ابو عبدالرحمٰن عبدالله بن عمر الخطاب عدوي ﷺ (المتوفي: ٧٤هه)
11- حضرت اسامه بن زيد بن حارث بن شراحيل ڪلبي ﷺ (المتوفي: ٥٧هه)
12- حضرت يعلي بن مرة بن وهب، ابومرازم ثقفي ﷺ.
13- حضرت علي بن ابي طالب ؑ
14- حضرت بيبي اُم سلمه ؓ مخزومي (المتوفي: ٦٣هه)
15- ابوالعباس عبدالله بن عباس (ﷺ) (طائف ۾ سن ٦٨هه ۾ وفات ڪيائون. حضرت محمد بن حنفيه جنازو پڙهايو)
16- حضرت ابوذر جندب بن جناده غفاري (ﷺ) (ربذه ۾ سن ٣٢ ۾ انتقال ڪيائون.)
17- ام الفضل (ؓ) بنت الحارث زوجه حضرت عباس ﷺ
18- عقبة بن الحارث بن عامر، ابو سروعة بن الحارث بن عبدالمناف القرشي ﷺ
19- عبدالرحمٰن بن ابي نعم ابوالحڪم البجلي الڪوفي (تابعي)
20- اصبغ بن نباته ﷺ بن مغيرة بن ابي العاص بن أمية الحنظلي المجاشعي الڪوفي

## ’قرة العينين....‘ (منتخب روضة الشهداء) جا مآخذ

1- ’مصابيح القلوب‘: ابو علي حسن بن محمد سبزواري بيهقي شافعي
2- ڪنز الغرائب:
3- صحيفةُ الرِضا:



Scanned with CamScanner

4۔ شقائق: ابوالفضل عياض بن موسى بن عياض يحصبي (۴۷۶ھ۔ ۵۴۴ھ)

5۔ مرآة الجنان [وعبرة اليقظان في معرفة ما يعتبر من حوادث الزمان و تقلب احوال الانسان]: عفيف الدين عبدالله بن اسعد يمني معروف امام يافعي (المتوفي: ۷۲۸ھ)

6۔ المسند: ابو عبدالله احمد بن حنبل شيباني مروزي بغدادي (۱۲۴ھ۔۲۴۱ھ)

7۔ روضة الصفا: محمد بن خاوند شاه بن محمود معروف بہ مير خواند (المتوفي: ۹۴۲ھ)

8۔ شواهد النبوة [لتقويه اهل الفتوه]: نور الدين عبدالرحمٰن 'جامي' (۸۱۷ھ۔۸۹۸ھ)

9۔ تفسير معالم التنزيل: ابومحمد حسين بن مسعود فراء بغوي نيشاپوري لقب محي السنة (المتوفي: ۵۱۶ھ)

10۔ تفسير ثعلبي: ابوالمنصور عبدالمالک بن محمد ثعلبي نيشاپوري (المتوفي: ۴۳۰ھ)

11۔ گل و هرمز: شيخ فريد الدين عطار رحمه الله (۵۱۳ھ۔۶۲۶ھ يا ۶۲۸ھ)

12۔ عيون اخبارُ الرِضا: ابن بابويه القمي محمد بن احمد بن داؤد بن علي ابوالحسن القمي المتوفي: ۶۵۲ھ۔

13۔ مطالب السئول في مناقب آلِ رسول: كمال الدين محمد بن طلحه شافعي (المتوفي: 652ھ)

14۔ سير كبير: ابو جعفر محمد بن جرير بن كثير طبري ۲۲۴ھ۔ ۳۱۰ھ)

15۔ ربيع الابرار: ابوالقاسم جار الله محمود بن عمر بن محمد بن عمر خوارزمي زمخشري معتزلي (المتوفي: ۵۳۵ھ)

16۔ نور الائمه (مقتل حسين): ابوالمفاخر رازي

17۔ مقتل الحسين: ضياء الدين ابو المؤيد موفق بن احمد بن محمد مكي خوارزمي (۴۸۴ھ۔ ۵۶۸ھ)



Scanned with CamScanner

18_ روح الارواح: في التصوف الشيخ حسن بن سيد عالم بن ابوالحسين دهلوي شهير ابن مير حسين الموري المتوفي بہ هرات ٧١٨ھ)

19_ منهاج الطالبين.

20_ تفسير تيسير: شيخ نجم الدين ابي حفص عمر بن محمد بن احمد بن لقمان النسفي الحنفي. من اصل سمرقند (٤٦٢ھ-١٢ جماد الاولي ٥٣٨ھ)

21_ تاريخ اعثم ڪوفي: خواجہ احمد بن اعثم ڪوفي.

22_ صحيفۂ اشرفيہ

23_ صحائف آثار و لطائف (؟)

ڪجھ حوالن ۾ صرف ڪتابن جي مؤلف/مصنف جا نالا آندا ويا آهن اهي هن ريت آهن:

1_ شيخ ڪمال الدين ابن خشاب

2_ شيخ سهيل (سهل) بن عبدالله تستري (المتوفي: ٢٨٣)

3_ ابو عبدالله محمد بن محمد بن نعمان بن عبدالسلام بن جابر بن نعمان بن سعيد بن جبير، معروف شيخ مفيد رحمة الله عليه (١١ ذي القعد ٣٣٦ يا ٣٣٨ھ-٣ رمضان المبارڪ ٤١٣ھ)

## 'قرة العينين.....' جي تاريخي اهميت

حضرت عبدالقادر بيدل رحمة الله عليه جي هن ڪتاب جي هڪ تاريخي اهميت آهي، جنهن جي منظرعام تي اچڻ سان عُمومي طرح سنڌ، ۽ خصوصي طرح روهڙيءَ جي تمدني تاريخ جي هڪ اهم باب متعلق هيٺيان نڪتا روشن ٿين ٿا:

1_ حضرت عبدالقادر هيءَ ڪتاب فارسي ۾ سن ١٢٨٠ھ/1862ع ۾ تيار ڪيو. ان وقت انگريزن کي سنڌ تي قبضو ڪئي لڳ ڀڳ ويھ ورهيہ گذري چڪا هئا. انگريزن اقتدار حاصل ڪرڻ شرط فارسي زبان کي ختم ڪري انگريزي زبان کي اعليٰ تعليم ۽

ملڪي انتظامي ۽ سرڪاري ٻوليءَ طور نافذ ڪيو. اهڙي سمي فارسيءَ جو آئيندو اونداهو هو. جيتوڻيڪ فارسي شعر و شاعري جي روايت چوڏهين (۱۴) صدي هجريءَ (20 صدي عيسوي) جي پهرين اڌ تائين برقرار رهي. پر پوءِ به ان وقت فارسي نثر ۾ هڪ چڱو ضخيم ڪتاب. اهو به هڪ اهڙي مذهبي ۽ ثقافتي عمل (عزاداري تي، جنهن جو اثر ۽ نفوذ سماج جي هر طبقي جي روح جي گهراين ۾ رچيل هجي، ۽ خاص ڪري اهڙي دور ۾ جڏهن ان سماجي عمل (يعني عزاداريءَ) متعلق سرائڪي ۽ سنڌي ۾ مواد جي فراواني هجي، ان ڳالهه جو پختو دليل آهي ته ان وقت عام ڪري سنڌ ۽ خاص ڪري روهڙيءَ ۾ فارسي زبان جو رواج ۽ رونق ڀرپور نموني سان برقرار هئي.

2_ هيءَ ڪتاب خصوصي طور صوفياءِ سنڌ جي هڪ وڏي گروهه جي خانقاهي نظام، جنهن جو سرگروهه حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه هو، ۾ عزاداريءَ سان انهن جي مسلسل وابستگيءَ کي ظاهر ٿو ڪري.

3_ هن ڪتاب ذريعي سنڌ ۾ قائم عزاداريءَ جي ڦهلاءَ ۾ صوفيائي خانقاهي نظام جو بنيادي ڪردار اُسري آڏو اچي ٿو.

4_ هن ڪتاب جي منظر عام تي اچڻ سان سنڌ ۾ صدين تي پکڙيل مجلس عزا جي جيڪا روايت آهي، ان جي انداز ۽ ڪيفيت تي تاريخي روشني پوي ٿي.

## ڪتاب جو تنقيدي جائزو:

ڏيڍ سؤ سال کان اڳ لکيل هيءَ ڪتاب بيدل سائينءَ (رحمة الله عليه) پاران تمام وڏي خدمت آهي ۽ سائين جن اها خدمت ڪنهن پاران ميڙتاماڻ لاءِ ڪانه ڪئي هئي. اهڙا الاهي انسان، جن جي سرير ۾ ساهه جو سڳو سدائين واحد جي ويجهڙائي ماڻڻ لاءِ سُرندو هجي، تن کي زماني وارن جي واهه واهه جي ضرورت به ڪٿي هوندي آهي؟ ۽ نه وري ڪنهن



Scanned with CamScanner

تنقيد جو پڑ ئي هوندو اٿن، سو ان خيال کان تہ هن ڪتاب تي ڪم جي حوالي سان ڪو پاسو خالي نہ رهجي وڃي، دنيا جي ظاهري علمي دستور پٽاندڙ بيدل سرڪار (رحمة الله عليه) جي هن ڪتاب کي تحقيق ۽ تنقيد جي سوڙهي ڳليءَ منجهان گذارڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا.

**ڪتاب جو نالو:**

سڀ کان اڳ هن ڪتاب جي نالي تي ڌيان ڏريندي عرض ڪجي تہ هن جو نالو "قرة العينين في مناقب السبطين" رکيو ويو آهي، جڏهن تہ هيءَ ڪتاب حضرات حسنين عليهما السلام جن جي رڳو مناقب تي مشتمل ناهي. پر ان هڪ سؤ پنجن صفحن جي ڪتاب ۾ منقبت رڳي صفحي نمبر 36، 37، 41، 42، 43 ۽ 44 تي ملندي ۽ باقي صفحن ۾ امام حسين عليه السلام جي شهادت جون پيشگوئيون، ولادت، ننڍپڻ جا قصا، عاشورا ۽ ان کان پوءِ جا واقعا وغيرهم ڏنل آهن.

**مواد جو تاريخي جائزو:**

**الف: شيرين جو قصو:**

**ب: عبدالشمس (عبدالوهاب) نالي رومي سفير جو قصو.**

**الف: شيرين جو قصو:** نسخي جي صفحي نمبر 77 کان 81 تائين "شيرين" نالي حضرت امام حسين عليه السلام جي هڪ ڪنيز جو قصو آهي، جيڪا آلِ محمد عليهما السلام جي اميرن سان گڏ آهي. اميرن جي ان ئي قافلي ۾ امام حسين عليه السلام جن جي هڪ گهر واري پاڪ بي بي شهربانو سلام الله عليها جي موجودگي پڻ بيان ڪئي ويئي آهي. اهو قِصو "حلب" (جي ماڳ) جي پرپاسي ۾ هڪ جبل تي "معموره" نالي هڪ قلعي بند ڳوٺ جي ڪوتوال عزيز ابنِ هارون" سان پڻ لاڳاپيل آهي.

مٿئين قصي ۾ ڏنل شخصيتن ۽ ماڳ جي حوالي سان هيٺينءَ ريت تاريخي جائزو وٺندا سون:

(1) شيرين



Scanned with CamScanner

(2) جناب شهربانو سلام الله عليها

(3) عزيز ابنِ هارون

(4) معموره نالي ڳوٺ

(1) شيرين جي حوالي سان گذارش آهي تہ ڪيڏاري (مقتل) جي ڪنهن بہ معتبر ڪتاب ۾ شيرين نالي حضرت امام حسين (عليه السلام) يا جناب شهر بانو (سلام الله عليها) جي ڪنهن ڪنيز جون ذڪر نہ ٿو ملي.

(2) جناب شهربانو سلام الله عليها جي حوالي سان ايترو ڪافي آهي تہ پاڪ بي بي، سن ٣٨ هجريءَ ۾ سندن پُٽ امام علي زين العابدين (عليه السلام) جن جي ولادت کان پوءِ پندرهن ويهن ڏينهن اندر رحلت ڪري ويون. تنهن ڪري ڪربلا جي اسيرن ساڻ سندن موجودگي ممڪن ناهي.

(3) عزيز ابنِ هارون جي لاءِ بہ اهوئي چونداسون تہ ڪيڏاري جي ڪنهن بہ معتبر ڪتاب ۾ سندس نالو يا ساڻس لاڳاپل قصو نہ ٿو ملي.

(4) معموره نالي ڳوٺ جي حوالي سان ڪافي ڪوشش ڪئي سون تہ ڪٿان ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ ان نالي سان "حلب"جي پرپاسي ۾ ڪو ڳوٺ وغيره لڀي پوي، پر مقتل جي مڙئي معتبر ڪتاب ان حوالي سان پڻ ماٺِ ۾ هئا.

اصولي طور ان قصي سان لاڳاپيل شخصيت يا ماڳ منجهان ڪنهن هڪ جي بہ موجودگي ثابت نہ ٿي سگهي تہ قصو اعتبار جي درجي تي رهي نہ سگهندو پر هت، هن قصي جون ٽيئي شخصيتون ۽ هڪ ماڳ سڀ جا سڀ تاريخ ۽ مقتل جي ڪتابن منجهہ موجود ناهن.

**ب: عبدالشمس (عبدالوهاب) نالي رومي سفير جو قصو:●**

---

● نسخي جي صفحي نمبر 90 کان 94 تائين يزيد جي دربار ۾ موجود روم جي هڪ سفير جو ذڪر آهي، جيڪو ماضيءَ ۾ حضرت رسول خدا (صلى الله عليه وآله وسلم) جن جي هٿ تي مسلمان ٿيو پاڻ سڳورن (صلى الله عليه وآله وسلم) سندن اصل نالو "عبدالشمس" مٽائي "عبدالوهاب"رکيو. هن تڏهن کان

مٿيون قصو پڻ بنا حوالي بيان ڪيو ويو آهي ۽ ڪيڏاري جي ڪنهن به معتبر ڪتاب ۾ ان جو ذڪر نه ٿو ملي.

**بنا حوالي روايتن جو بيان:**

نسخي منجهه گهٽ ۾ گهٽ ٻارهن (12) جاين تي بنا حوالي روايتون بيان ڪيون ويون آهن. انهن ٻارهن جاين ۾ جيڪڏهن نسخي جا هڪ سؤ پنج صفحا ورهائجن ته سراسري هر پوڻي نائين (8.75) صفحي کان پوءِ هڪ روايت بنا حوالي ڏنل آهي، جيڪا ڪتاب جي حيثيت ۽ صحت لاءِ چڱي ڳالهه ناهي. ان حوالي سان پڙهندڙن جي معلومات لاءِ عرض آهي ته بنا حوالي روايت شروع ڪرڻ جو انداز هيٺينءَ ريت آهي:

- ڪتابن ۾ آيو آهي ته (درا آثار آمده)
- حديثن ۾ لکيو آهي ته: (در اخبار آمده)
- چون ٿا ته: (آورده اند)
- راوي ٿو چئي ته: (راوي گويد)
- هڪ ٻئين ڪتاب ۾ لکيل آهي ته (درکتابي دگرِ مسطور است)
- معتبر راوي چون ٿا ته (راويانِ معتبر گويند)

مٿيان مثال نسخي جي صفحن: 12، 17، 22 کان 29، 38، 54، 67، 90 ۽ 101 تي ڏسي سگهجن ٿا.

**مواد جي ترتيب:**

هت پڙهندڙن جو ڌيان ڪتاب (نسخي) جي ترتيب ڏانهن ڏياريندي عرض ڪنداسون ته بيدل سائينءَ (رحمة الله عليه) سندن ڪتاب جو آغاز مقدمي طور هڪ خطبي ۽ حضرات امامين حسنين عليهما السلام جن جي

---

ئي سندس اسلام ڳجهه ۾ رکيو تانجو دربار يزيد ۾ حضرت سيّد الشهداء عليه السلام جن جي پاڪ سِسي ڏسي ڪانئس رهيو نه ٿيو ۽ پنهنجو دين اسلام ظاهر ڪري ڇڏيائين.



Scanned with CamScanner

مشترڪ فضائل ۽ رڳو حضرت امام حسين عليه السلام جي شهادت جي اخبار تي مشتمل اُنٽيهن حديثن کان پوءِ نسخي جي صفحي نمبر 8 کان ڪيو آهي ۽ اِنَ انين صفحي کان ڪتاب جي شروعات حضرت امام حسين عليه السلام جي شهادت جي پيشگوئيءَ سان ٿيل آهي، پر اِن عنوان لاءِ سائين جن ڪنهن هڪ جاءِ ڪي ڪافي ناهي سمجهيو بلڪ نسخي جي مُنڍ يعني صفحي 8 کان 70 تائين مختلف جاين تي پيشگوئيون ڏنيون اٿائون ۽ ان وچ ۾ هيٺيان عنوان پڻ اچي وڃن ٿا:

- امام حسين عليه السلام تي روئڻ جو اجر ۽ ثواب ______ ص:8_9
- حضرت آدم عليه السلام جي توبهه ۽ روئڻ ________ ص: 9
- امام حسين عليه السلام جي قاتلن جي سزا ________ ص: 9
- يومِ عاشورا تي ام المومنين جناب ام سلمہ (رضي الله عنها) کي هڪ ڪانءُ ذريعي ۽ پاڻ سڳورن (صلي الله عليه وآله وسلم) پاران خواب ۾ امام حسين عليه السلام جي شهادت جو اطلاع ________ ص: 11 کان 13
- جناب ابراهيم خليل الله (عليه السلام) هٿان سندن پٽ حضرت اسماعيل (عليه السلام) جو قربان نہ ٿي سگهڻ ۽ اها قرباني ذبح عظيم (يعني: شهادتِ حسين (عليه السلام) ۾ تبديل ٿيڻ __________ ص: 14 کان 16
- شيخ سهيل بن عبدالله کي خواب ۾ پاڻ سڳورن (صلي الله عليه وآله وسلم) جو امام حسين (عليه السلام) تي روئڻ جو ثواب ٻڌائڻ ________ ص: 17 کان 18
- انشائيہ انداز ۾ ٻنهي شاهزادن (عليهما السلام) جا مناقب بيان ٿيل آهن ۽ ان سان گڏ ئي جبرائيل (عليه السلام) جي ذريعي ٻنهي شاهزادن (ع) جي زهر ۽ تلوار سان شهادت جي پيشگوئي ڏنل آهي. ص: 18 کان 22
- جناب يوسف عليه السلام جو قصو __________ ص: 21 کان 22
- واقعہ ڪربلا کان پوءِ امام علي زين العابدين عليه السلام جو رَتُ روئڻ __________ ص: 23
- يارهين محرم تي خواتين جي اسيري ۽ شهيدن جا سِر نيزي چاڙهڻ ____________ ص: 24 کان 25



Scanned with CamScanner

- ڏهين محرم تي امام حسين (عليه السلام) جي ... ڪ مناجات ۽ پاڪ بيبين جو روئڻ ______ ص: 27 کان 29
- محشر واري ڏينهن سچي سائڻ (عليها السلام) پاران بارگاهه الاهيءَ ۾ امام علي، امام حسن ۽ امام حسين عليهم السلام جي ناحق قتل خلاف فرياد ڪرڻ ص: 29 کان 31
- غمِ حسين (عليه السلام) ۾ روئڻ جي حق ۾ دليل ______ ص: 31 کان 33
- پاڻ سڳورن (صلى الله عليه وآله وسلم) جو سندن پٽ ابراهيم (عليه السلام) تي امام حسين (عليه السلام) کي ترجيح ڏيڻ ۽ جناب ابراهيم (عليه السلام) جو رحلت فرمائڻ ______ ص: 34
- حضرات امام حسن ۽ امام حسين عليهما السلام جن جي شهادت جي پيشگوئي ______ ص: 35 کان 36
- ٻنهي شاهزادن (عليهما السلام) جي منقبت ______ ص: 36 کان 37
- حديثِ معراج ______ ص: 38 کان 41
- ذڪرِ ولادت، فُطرُس نالي فرشتي جي بخشش ۽ غم حسين (عليه السلام) ۾ روئڻ جو ثواب ص: 41 کان 42
- منقبت ______ ص: 42 کان 44
- امام حسين (عليه السلام) جي سيرت جو هڪ رخ ______ ص: 45 کان 46
- ذڪرِ ولادت ۽ شهادت جي پيشگوئي ______ ص: 46 کان 47
- شهادت جون پيشگوئيون ______ ص: 48 کان 54
- ڏهين محرم جي رات جو هڪ واقعو ______ ص: 54 کان 55
- ڏهين محرم جي ڏينهن جناب قاسم بن حسن (عليهما السلام) جو شهادت جي اجازت وٺڻ، سندن نڪاح ۽ ڪجهه ٻيا واقعا ص: 59 کان 64
- ڏهين محرم کان پوءِ جا واقعات ۽ ان وچ ۾ امام (عليه السلام) جي مدد جي تمنا ڪرڻ جو ثواب ۽ سندن پاڪ رت جي برڪت جو بيان ۽ پاڻ سڳورن (صلى الله عليه وآله وسلم)، امام علي، امام حسن ۽ امام حسين عليهم السلام جن جي شهادت جي هڪ نشانيءَ جو ذڪر ______ ص: 65 کان 70

هينئر اسين مٿي ڄاڻايل ۽ ڪجهه ٻين عنوانن منجهان ڪي ٿورڙا عنوان مثال طور آئينندي نسخي جي ترتيب تي تبصرو ڪنداسون.



Scanned with CamScanner

**مناقب:**

نسخي جي صفحي نمبر 18، 19 ۽ 20 تي انشائي انداز ۾ حضرت امام حسين ﷺ جا مناقب بيان ڪيا ويا آهن. ان کان پوءِ اٽڪل پندرهن صفحا ڇڏي صفحي نمبر: 36 ۽ 37 تي "حديثِ معراج" هيٺ ٻنهي شاهزادن جي شهادت جي خبر سان گڏ سندن منقبت بيان ڪئي ويئي آهي. ان کان پوءِ ٽي (3) صفحا ڇڏي صفحي نمبر: 41 کان 44 تائين تقريباً پنج مناقب بيان ڪيا ويا آهن.

ان حوالي سان عرض ڪجي ٿو تہ مناقب بيان ڪرڻ جي مٿئين انداز بجاءِ ٻنهي شاهزادن (عليهما السلام) جا مناقب هڪ هنڌ گڏي ڪنهن مناسب ترتيب ۾ آڻجن ها تہ نسخي جو حُسنُ اڃان بہ وڌي پوي ها.

**نائين، ڏهين ۽ يارهين محرم:**

نسخي جي صفحي نمبر 24 ۽ 25 تي يارهين محرم جي ڏينهن پاڪ بيبين (ع) جي اسيريءَ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ان کان پوءِ هڪ صفحو ڇڏي صفحي نمبر: 27، 28 ۽ 29 تي ڏهين محرم جي ڏينهن جو هڪ واقعو نقل ڪيو ويو آهي. ان کان پوءِ وچ ۾ 25 صفحا ڇڏي صفحي نمبر 54 کان 58 تائين ڏهين محرم جي رات جو تذڪرو ڪرڻ کان پوءِ صفحي نمبر 59 کان 64 تي ٻيهر ڏهين محرم جي ڏينهن جو تذڪرو ڪيو ويو آهي. جڏهن تہ انهن سڀني تذڪرن کان گهٽ ۾ گهٽ هڪ سال پوءِ جو واقعو يعني: امام علي زين العابدين ﷺ جي رت روئڻ جو تذڪرو نائين ڏهين ۽ يارهين محرم جي تذڪرن کان اڳ صفحي نمبر: 23 تي ڪيو ويو آهي.

ان ڏس ۾ پڻ نماڻي راءِ آهي تہ انهن سمورن تذڪرن جي ترتيب جيڪڏهن زماني ۽ واقعاتي وريچ مطابق ٿئي ها، تہ وڌيڪ واه واه ٿي پوي ها.



Scanned with CamScanner

### محشر ڏهاڙي سچي سائڻ (عليها السلام) جي فرياد:

نسخي جي صفحي نمبر: 29، 30 ۽ 31 تي قيامت ڏينهن سچي سائڻ حضرت فاطمه زهراء سلامُ الله عليها جن جو بارگاه الاهيءَ ۾ حضرات امام علي، امام حسن ۽ امام حسين عليهم السلام جن جي ناحق قتل خلاف فرياد جو ذڪر آهي.

ان حوالي سان پڻ نهايت نيازمنديءَ سان عرض آهي ته اهو عنوان جيڪڏهن پڇاڙيءَ ۾ اچي ها، ته مناسب لڳي ها.

### روئڻ جي حق ۾ دليل:

نسخي جي صفحي نمبر: 8_9، 17_18 ۽ 67 کان 69 تائين حضرت امام حسين عليه السلام تي روئڻ جو اجر ۽ ثواب بيان ٿيل آهي.

ان لاءِ گذارش آهي ته اهو ڏار ڏار ڏريل مواد پڻ يڪجا هجي ها، ته بجا هجي ها.

### يَالَيْتَنَا كُنَّا مَعَكُمْ فِى الْكَرْبَلَآءِ:

نسخي جي صفحي نمبر: 17_18 تي شيخ سهيل بن عبدالله تستري رحمه الله ۽ اُٺونجاه صفحن کان پوءِ صفحي نمبر: 67، 68 ۽ 69 تي خراسان جي حاڪم عَمرو بن ليث ڪي امام حسين عليه السلام جي مدد ڪرڻ جي حسرت ۽ سَڌَ جي صِلي ۾ پهرين بزرگ کي پاڻ سڳورن (صلى الله عليه وآله وسلم) بخشش ۽ اعليٰ مقام جي بشارت ڏني، جڏهن ته ٻئين جو سندس مرڻ کان پوءِ مقامي بزرگن خواب ۾ بلند مرتبي تي مشاهدو ڪيو. اهي ٻئي واقعا ڪجهه واڌارن سان هڪ ڌار عنوان ڏيئي هڪ جاءِ تي متئين عنوان کان پوءِ آڻجن ها، ته اتم ٿئي ها.

### عشقِ حسين (عليه السلام):

نسخي جي صفحي نمبر: 34 ۽ 42 تي ٻه ڌار ڌار روايتون آهن، جن منجهان عشقِ حسين بنهه ظاهر ۽ پڌرو آهي. اهو عنوان پڻ جيڪڏهن الڳ جائيتو ڪري رکجي ها، ته وڌيڪ واهه واهه ٿئي ها.



Scanned with CamScanner

**سيرتِ امام حسين عليه السلام:**

نسخي جي صفحي نمبر: 45 ۽ 46 تي حضرت امام حسين عليه السلام جي سيرت جو رڳو هڪ رخ بيان ٿيل آهي. ان عنوان جي پڻ انفراديت قائم ڪندي ٻنهي شاهزادن (عليهما السلام) جي سيرت جا ڪجھ وڌيڪ پاسا بيان ڪجن ها، تہ وڌيڪ سٺو ٿئي ها.

**امام حسين عليه السلام جي پاڪ رت جي برڪت:**

نسخي جي صفحي نمبر: 65 ڪان 72 وري هڪ صفحي جي وقفي ڪان پوءِ صفحي 74 ڪان 77 ۽ وري ٻارهن صفحن جي وقفي ڪان پوءِ صفحي نمبر: 89 ڪان 94 تي حضرت امام حسين عليه السلام جي پاڪ رت جي برڪت سان بيمارن جو شِفا ماڻڻ، گنهگارن جو بخشجڻ ۽ يهودين ۽ ڪرستانن جو اسلام آڻڻ آيل آهي، جنهن ڪي پڻ ڌار ڌار موضوع ڏيندي مناسب مقام تي يڪجا ڪجي ها، تہ پڙهندڙن لاءِ وڌيڪ سولو ۽ لاڀائتو ٿئي ها.

**قاتلانِ امام حسين (عليه السلام) جو حشر:**

نسخي جي صفحي نمبر 9 تي ۽ وري پوءِ 85 صفحا ڇڏي صفحي نمبر: 94 ڪان 104 تي امام حسين عليه السلام جي قاتلن جي بڇڙي حشر جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن ڪي پڻ ڌار عنوان سان مناسب مقام تي ڪنهن ربط ۾ آڻجي ها، تہ وڌيڪ ڀلو ٿئي ها.

**اخبارِ شهادتِ امام حسين عليه السلام:**

نسخي جي صفحي نمبر: 48 تي امام حسين عليه السلام جي "ٽئين خبرِ شهادت" جي عنوان سان هڪ روايت ڏنل آهي ۽ ان ڪان پوءِ صفحي نمبر: 51 تي "چوٿين" ۽ "پنجين خبرِ شهادت عنوان جي سان ٻہ ڌار ڌار روايتون لڳاتار بيان ٿيل آهن. جڏهن تہ انهن ٽنهي اخبارِ شهادت ڪان اڳ "پهرين" ۽ "ٻئين خبرِ شهادت" جي عنوان سان ڪابہ روايت بيان



Scanned with CamScanner

ٿيل ناهي، حالانڪ نسخي جي آغاز يعني: صفحي نمبر: 8 کان 46 تائين حضرت امام حسين ﷵ جي شهادت جي خبر جي حوالي سان يارهن (11) روايتون بيان ڪيون ويون آهن، پر ڪنهن کي بہ "پهرين" ۽ "ٻئين خبرِ شهادت" جو عنوان ناهي ڏنو ويو سو جي ٿئي ها، تہ اهو خال پرجي وڃي ها.

ترتيب جي حوالي سان آخري عرض تہ بيدل بادشاه (ﷺ) جهڙو برهہ سندو بيمار عشقِ امام (ﷵ) جي نشي ۾ سرمست ۽ سرشار سندن اکيون غمِ حسين (ﷵ) ۾ ٿر، ۽ پنهنجي بيدليءَ باوجود سندن دل يقيناً غمِ حسين (ﷵ) جو گهر آهي. هيءَ ڪتاب امام (ﷵ) جي عشق ۽ اُڪير منجهہ سندن مظلوميت ۽ ناحق خون تي دل جي پاتال منجهان نڪرندڙ درديلين دانهون ۽ پيڙائتا پارَ آهن، پوءِ جتي اهڙي مَنَ اُڇلَ ۽ بي ساختگيءَ سان قلبي ڪيفيت هجي، اُتي سِٽُن ۾ سٽاءُ ۽ تحرير ۾ ترتيب ڪٿي تي ياد بيهي سگهي؟ سو اهڙي پارُ وچايلَ پرينءَ جي پيچري جي پانڌيئڙي جي نظر تہ رڳي پرَ تي هوندي آهي، نڪي پنڌ تي.

## خطي نسخا

زيرِ نظر ڪتاب ـ 'قرة العينين في منقب السبطين' جا بہ خطي نسخا اسان کي دستياب ٿيا آهن، جن جو تعارف هن هيٺ پيش ڪجي ٿو:

1ـ پهريون خطي نسخو اسان کي محترم دوست علي اطهر موسائيءَ کان دستياب ٿيو. جنهن جا ڪوائف هن ريت آهن.

ـ خط: نستعليق

ـ ڪاتب: جيتوڻيڪ ڪتاب جي آخر ۾ ڪوبہ ترقيمو لکيل ناهي پر ڪاتب کان ڪتابت دوران جيڪي غلطيون سرزد ٿيون آهن انهن جي نشاندهي متعلق صفحي جي حاشيي تي ڪندي 'من نجفي' لکيو اٿس جتان معلوم ٿئي ٿو تہ هن نسخي جو ڪاتب فقير محمد هدايت علي نجفي آهي.



Scanned with CamScanner

- تاريخ ڪتابت: مذڪور ناهي
- صفحات: 105 سٽون في صفحہ 14
- سائيز: ½ 15 x ½ 19 س.م
- ٻيون خطي نسخو محترم دوست عبدالحسين موسوي ثانيءَ جي ملڪيت آهي.
- خط: نستعليق
- ڪاتب: فقير محمد هدايت علي نجفي/تارڪ
- تاريخ ڪتابت: ٣٠ ذوالقعد ١٣٣٤هه/29 سيپٽمبر 1916ع
- صفحات: 85 سٽون في صفحہ 16
- سائيز: ½ 15 x ½ 19 س.م.

مذڪوره بالا ٻيئي نسخا حضرت بيدل سائين رحمة الله عليه جي دلي دوست قاضي پير محمد جي نسخي تان نقل ڪيا ويا آهن.

موسائي صاحب جو نسخو اسان جي فارسي متن جي تياري ۽ ترجمي لاءِ بنيادي نسخو آهي، جڏهن تہ موسوي صاحب جي نسخي اسان کي مددي نسخي طورڪم ڏنو جيڪو موسائي صاحب جي نسخي کان ڪجهہ صحيح ۽ غلطين کان ڪنهن قدر وڌيڪ آجو آهي.

## متن جي تصحيح:

متن جي تصحيح مٿي ڄاڻايل ٻن نسخن کي آڏو رکي ڪئي وئي آهي. پر ڪٿي ڪٿي ٻنهي نسخن سان متفق نہ ٿيندي، اصل عبارت کي حاشيي ۾ محفوظ رکندي پنهنجي سمجهہ ۽ ادراڪ مطابق درستيءَ جي جسارت ڪئي اٿم. 'قرة العينين في مناقب السبطين' جي مهاڳ جي تصحيح، جيڪو احاديث تي مشتمل آهي. 'صحيح بخاري'، 'جامع ترمذي'، 'احياء الميت علامہ جلال الدين سيوطي ۽ فضائل اهلبيت متعلق احاديث تي مشتمل موسوعات (يعني انسائيڪلوپيڊيا/ دائرة المعارف): 'احقاق الحق وازهاق الباطل' تان ڪجهہ حديثن جو متن پيٽائي حتي الامڪان درستيون ڪيون ويون آهن. حوالا ڀڻ



Scanned with CamScanner

مذڪوره "موسوعات" تان ورتا ويا آهن. اهڙي تصحيح بابت لاڳاپيل صفحي جي حاشيئي ۾ حوالو ڏنو ويو آهي. بيدل سائين حديث نمبر 11 ۽ 24 الجامع الصحيح ترمذي تان ورتي آهي، نقل ڪندي راويءَ جو نالو رهائي ويا آهن، يا ڪاتب جي ڪرم فرمائي آهي. بهرحال متذڪره حديث جي متن ۾ راوي لاءِ جامع ترمذي تان استفادو ڪيو ويو آهي. جيستائين منتخب روضة الشهداء (قرة العينين.....) جو تعلق آهي، ته ان جي متن ۾ صورتخطي، املاءِ ۽ گرامر جي غلطين کي حتي الوسع درست ڪرڻ جي سعي ڪئي وئي آهي. لاڳاپيل صفحي جي حاشيي تي اهڙي نشاندهي ٿيل آهي.

متن ۾ ڪنهن لفظ يا فقري جي تبديلي جو ذڪر ان صفحي جي حاشيي تي ڪيو ويو آهي.

متن ۾ اگر ڪو اضافو ڪرڻ کانسواءِ چارو نه رهيو ته ان کي ڏنگين ۾ نشانبر ڪيو ويو آهي.

حضرت عبدالقادر بيدل رحمة الله عليه انتخاب ۾ عنوان مقرر ناهن ڪيا. اسان نفسِ مضمون جي مناسبت سان مختصر عنوان قائم ڪيا آهن.

## استدراڪ:

'قرة العينين' جي مٿين پنهي نسخن کان سواءِ هڪ ٽين نسخي جو ذڪر پير حسام الدين راشدي مرحوم هن طرح ڪيو آهي:

'واقعہ ڪربلا متعلق هڪ سؤ ڪن صفحن جو ڪتاب آهي. ابتدا ۾ 29 حديثون واقعي سان متعلق بيان ڪيل آهن ۽ ان کانپوءِ روضة الشهداء مان ورتل بيانِ ڪربلا پنهنجي نموني ۾ ڏنل آهي. ٢٨ رجب ١٢٨٠هہ جو پير محمد نقل ڪيو. ابتدا هن طرح آهي:

الاهی حرمتِ شاهِ شهیدان | دراهل حب او مارا در آور
تولایش چنان افگن بہ جانم | کہ باشد دل هوا دارش بہ محشر
بگردان حشر ما زیر لوایش | بمع اشیاع آن سلطان سرور
جمالش نور بخش جان ما باد | مشام از نکهتِ وحدت معطر[1]

[1] پير حسام الدين راشدي: 'ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون'، مضمون: بيدل جون تصنيفون ص456.



Scanned with CamScanner

پير صاحب مرحوم جي مٿين بيان منجهان معلومجي ٿو تہ اهو نسخو اسان جي زير نظر ٻنهي نسخن کان سواءِ ڪو ٽيون نسخو آهي ڇاڪاڻ تہ اسان جي ڪم هيٺ آيل نسخن جو آغاز هڪ مختصر خطبي کان پوءِ اوڻٽيهن حديثن سان ڪيو ويو آهي. جن لاءِ مرحوم پير صاحب لکيو آهي: 'ابتدا ۾ اوڻٽيهہ حديثون واقعہ ڪربلا سان متعلق بيان ڪيل آهن'، پر اسان جي مطالعي مطابق انهن حديثن مان حديث نمبر 7، 15، 22، 26، 27، 28 ۽ 29 ڪُل ست (7) حديثون واقعہ ڪربلا سان لاڳاپل آهن. جڏهن تہ باقي ٻاويهن (22) حديثن ۾ حضرات علي، فاطمہ، حسن ۽ حسين ﷺ سان محبت ۽ عقيدت رکڻ جي سفارش سان گڏوگڏ سندن شان بيان ٿيل آهي. مرحوم پير صاحب جن وڌيڪ لکن ٿا: 'ان ڪتاب جي ابتدا فارسي نظم: الاهي حرمتِ شاهہ شهيدان... الخ سان ڪيل آهي.' جڏهن تہ اسان وٽ موجود ٻنهي نسخن ۾ اهو فارسي نظم ڪتاب جي بلڪل پڇاڙيءَ ۾ ڏنل آهي.

## روضة الشهداء جو مؤلف: حسين واعظ ڪاشفي رحمه الله

### (الف)۔ زندگي جو احوال

حسين بن علي بيهقي، ڪاشفي تخلص، واعظ شهرت، ڪمال الدين لقب، نائين صدي هجريءَ جو بلند اقبال ۽ نهايت ناميارو دانشمند، قديم ۽ تاريخي سرزمين "بيهق" ۾ متولد ٿيو. بيهق ۽ سبزوار جو خطو خراسان ۾ آهي. حسين ڪاشفي رحمه الله جي تولد جي مستند تاريخ ڪانہ ٿي ملي. ان دور جي تذڪره نگارن، ايستائين جو سندس فرزند۔ فخر الدين علي صفي بہ ان ڏس ۾ خاموشي اختيار ڪئي آهي.بهرحال محققن سن ٨٣٥هہ/1431ع کان ٨٤٠هہ/1436ع وارن سالن جي درميان سندس ولادت تسليم ڪئي آهي.

حسين ڪاشفي رحمه الله جوانيءَ ۾ ئي علمي ۽ ادبي لحاظ کان ثروتمند ۽ نهايت مائيدار شهر هرات ۾ سڪونت اختيار ڪئي، جتي هو مولانا نورالدين عبدالرحمان جاميءَ جي حلقهءِ ارادت ۾ شامل ٿي،



Scanned with CamScanner

نقشبندي سلسلي ۾ داخل ٿيو. حسين ڪاشفي سن ٨٦٠هه ۾ مولانا جاميءَ جي ارشاد ۽ اشاري مطابق زماني جي مرشد خواجه سعد الدين ڪاشغري نقشبنديءَ کان فيضياب ٿيڻ لاءِ هرات کان "مشهد مقدس" سفر ڪيو پر سندس پهچڻ کان اڳ سعد الدين ڪاشغري وصال ڪري ويو.

حسين ڪاشفي رحمة الله عليه علم تفسير، حديث، فقه، رياضيات، نجوم ۽ فلڪيات ۽ انشاپردازي ۾ وڏي لياقت جو مالڪ ۽ شهرت جو حامل هو. فنِ خطابت ۾ ته پنهنجو مَٽ پاڻ هو. پاڻ سبزوار، نيشاپور، مشهد خاص ڪري هرات ۾ وعظ ۽ معارفِ دين جي تبليغ ۽ مڪارمِ اخلاق جي پرچار ۾ تمام گهڻي ڪوشش ڪيائين. اڪثر قرآني آيتن جي تفسير ۾ احاديث جا اسرار ۽ رمزون بيان ڪندو رهندو هو.

حسين ڪاشفي جمعي ڏينهن صبح جو دارُ السيادة سلطاني ۾ وعظ ڪندو هو. جمعي جو خطبو 'جامع عليشير' ۾ ڏيندو هو. اڱاري ۽ اربع جي ڏينهن مدرسه سلطانيه هرات ۾ وعظ ڪندو هو ۽ خميس جي ڏينهن خواجه ابو الوليد جي باغ ۾ وعظ ڪندو هو ۽ ڪڏهن حظيره سلطان احمد مرزا ۾ به وعظ ڪندو هو.

سندس وعظ ۾ نه صرف وقت جا امير اُمرا، عالم فاضل شريڪ ٿيندا هئا، بلڪ خراسان جو تيموري حڪمران "سلطان ابوالغازي حسين ميرزا بايقرا" به شامل ٿيندو هو. حسين ڪاشفيءَ رحمة الله عليه جو زمانو هنرمندي ۽ هنر پروري جي لحاظ کان برڪت ڀريو هو. پوءِ ان زماني جو فارس هجي يا خراسان يا ماورا النهر وارو خطو. ان زماني ۾ انهن علائقن جا بادشاهه ۽ شهزادا نه رڳو پاڻ علم ۽ فن جا صاحب هئا پر سندن ذي اقتدار امراءَ به ساداتِ عُظام، علماءِ اسلام، فضلاءِ روزگار ۽ شعراءِ بلاغت شعار جا قدردان ۽ سرپرست هئا. اهوئي سبب هو جو صاحبان هنر و فن ۽ علم و فضل فارغ البالي ۽ فراخدلي سان علم و ادب جي مذڪوره مختلف اصناف جي خدمت ڪندا رهيا. خراسان جو هنر پرور تيموري بادشاهه سلطان حسين بايقراء (دور حڪومت

۸۷۵هه-۹۱۲هه) ۾ سندس وزير باتدبير مير علي شير علم و فن جا رکو مربي ئي نہ هيا، پر پاڻ بہ مصنف هيا. ملا حسين ڪاشفيءَ کي وڌن وڌو عروج نصيب ٿيو. خاص ڪري مير عليشر نوائي، ملا حسين ڪاشفي رحمة الله عليه کي فارسيءَ ۾ تصانيف ۽ تاليفات ڪرڻ لاءِ ترغيب ۽ تشويق ڏني ۽ همٿايو اهو ئي سبب آهي جو ڪاشفيءَ جي اڪثر تصنيفات جو انتساب مذڪور ٻنهي شخصن (سلطان بايقرا ۽ علي شير نوائي) ڏانهن ملي ٿو.

حسين واعظ ڪاشفي، سلطان حسين بايقرا جي دور حڪومت ۾ سن ۹۱۰هه/1505ع ڌاري هرات ۾ وصال ڪيو. ڪنهن شاعر سندس وفات جو قطعءِ تاريخ هن ريت رقم ڪيو آهي.

در هدايت صرف شد ايام عمرش زان سبب
گشت تاريخ وفات او هدايت دستگاهہ
۹۱۰هه

مفتي غلام سرور لاهوري پنهنجي ڪتاب- "گنج تاريخ" ۾ حسين واعظ ڪاشفيءَ رحمة الله عليه جي وفات جو هجري سن هن ريت وضع ڪيو آهي:

رهبر دين صاحب علم اليقين — عالم معصوم محمد حسين
شيخ بگو فضل بخوان رحلتش — باز تو مخدوم محمد حسين
۹۱۰هه ۹۱۰هه ۹۱۰هه

افغانستان ۾ لڳ يڳ لاڳيتي خانہ جنگي ۽ ٻاهرين تاخت ۽ تاراج جتي اتان جي رهواسين کي تباهہ حال ڪيو اُتي نِجي، رياستي ۽ تاريخي جاين ۽ ماڳن مڪانن کي بہ کنڊرن ۾ تبديل ڪري ملڪ کي پڙپانگ ٻڌائي ڇڏيو. ان پسمنظر ۾ مولانا حسين ڪاشفيءَ جي مزار پڻ ٻين اڪيچار عالمن ۽ مشائخن جي سوين حظيرن ۽ مقبرن وانگر هرات ۾ ويران ۽ اجڙي ويئي هئي.

سردار سليمان خان جي دورِ حڪومت ۾ پهريون ڀيرو مولانا ڪاشفي جي مزار جي مرمت جو ڪم ٿيو ۽ سندس قبر جي چوڌاري چوني گچ جو ڪم ڪرايو ويو جيڪو ڪافي عرصي تائين محفوظ



Scanned with CamScanner

رهيو. ان کانپوءِ محمد ظاهر شاه جي دور حکومت ۾ افغانستان جي هڪ فاضل محقق- "فڪري سلجوقي" جي ترغيب ۽ سعيءَ سان سال 1324 ش ۾ مولانا ڪاشفيءَ جي مزار جي چوڌاري نهايت سهڻو باغ لڳرايو ويو پڻ سندس مزار اڳيان هڪ عمدو ايوان اڏرايو ويو پر ان جي سينگار ۽ ڪاشيءَ جو ڪم اڌورو رهجي ويو. تنهن هوندي به فڪري سلجوقي جي چوڻ تي ميونسپل ڪاميٽي هرات جي انتظاميه سندس مزار تي هيٺيون قطعہ تاريخ لکرائي لڳرايو:

ناصح و فياض مولانا حسين کاشفي
آنکه گنج معرفت در مخزن دلها نهاد
ديدمش در واقعه بر منبر عرش از شرف
گفتمش تاريخ فوتت چيست اي صاحب رشاد
گفت چون شد بعد ازين بر منبر عرشم مقام
از پي تاريخ ميگو منبر ما عرش باد
۹۱۰هه

مولانا حسين ڪاشفيءَ جي مزار مولوي جامي روڊ جي پڇڙيءَ تي (پراڻي عيدگاهه جي اوڀارين پاسي کان) نهر جي نئين پل جي پير ۾ واقع آهي.

## (ب) علمي آثار

ملا حسين واعظ ڪاشفي پنهنجي دور ۾ فارسيءَ جو استاد نثر نگار جيد عالم ثقه مؤلف ۽ ديني علمن ۽ فنن جو جامع بزرگ ۽ دانشمند ٿي گذريو آهي. پاڻ هڪ اهڙو گهڻو لکڻ وارو مصنف ۽ مؤلف هو جنهن اسلامي علوم و فنون جي مختلف موضوعن جن ۾ تفسير، فقه، حديث، سحر ۽ جادو، رجال، تصوف و عرفان ۽ ادبيات وغيره تي تاليفات ڏنيون. جيڪي تقريباً فارسي زبان ۾ آهن، بلڪ سندن ڪوبه ڪتاب عربي زبان ۾ معروف ناهي. هن هيٺ سندن تاليفات جي فهرست پيش ڪجي ٿي.



Scanned with CamScanner

1۔ اخلاق محسني: (تاليف: ۹۰۰هه) ڪاشفي هيءَ ڪتاب تيموري سلطان مرزا حسين بايقرا ۽ سندس فرزند ابو المحسن ميرزا جي نالي منسوب ڪيو آهي. هيءَ ڪتاب پهريون ڀيرو 1809ع ۾ ڪلڪتي مان شايع ٿيو جنهن ڪانپوءِ متعدد ڀيرا شايع ٿيندو رهيو آهي ۽ اڪيچار ٻولين ۾ ترجمو ٿيو آهي. سنڌيءَ ۾ پڻ ترجمو موجود آهي.

2۔ الرسالة العلية في احاديث النبويه (تاليف ۸۷۵هه): آداب سلطنت و امارات جي موضوع تي چاليهه حديثون. فارسي ۾. ڪتاب جو انتساب شيخ عبيدالله نقشبنديءَ ڏانهن ڪيل آهي. هيءَ ڪتاب سيد جلال الدين ارموي محدث جي تصحيح سان شايع ٿيو آهي.

3۔ روضة الشهداء (تاليف ۹۰۸هه)

4۔ مواهب عليه يا تفسير حُسيني (تاليف ۸۹۹هه)

5۔ مختصر الجواهر: فارسي ۾ ٻاويهن هزارن بيتن تي مشتمل سموري قرآن مجيد جي تفسير

6۔ جامع الستين: تفسير سوره يوسف

7۔ جواهر التفسير لتحفة الامير (تاليف ۸۹۲هه). ڪلام الله شريف جي پهرين پنجن پارن جي تفسير جنهن ۾ پنجاهه هزار بيت آهن.

8۔ شرح مثنوي

9۔ لباب معنوي في انتخاب مثنوي

10۔ مخزن الانشاء (تاليف: ۹۰۷هه): منشات

11۔ انوار سهيلي: امير نظام الدين احمد مشهور سهيلي (المتوفي: ۹۰۷) جي چوڻ تي 'ڪليله ودمنه' جو فارسي ۾ ترجمو ڪيائين. هن ڪتاب جو اسلوب ڏاڍو پرتڪلف آهي. پهريون ڀيرو هيءَ ڪتاب 1804ع ۾ ڪلڪتي مان شايع ٿيو.

12۔ اسرار قاسمي: سحر ۽ طلسمات ۽ علوم غريبه تي صفوي سلطنت جي هڪ امير- مير سيد قاسم جي نالي لکيائين.

13۔ لوايح القمر يا اختيارات نجوم

14_ رسالہ در علم اعداد
15_ كتاب مرصد الاسني في استخراج اسماء الحسنيٰ
16_ بدايع الافكار في صنايع الاشعار
17_ رسالہ در اوراد و ادعيه
18_ آئينه اسكندري يا جام جم
19_ تحفة الصلوات
20_ التحفة العلة في علم الحروف و بيان اسرارها
21_ جواهر الاسرار: شرح اسرار قاسمي
22_ فضل الصلوة علي النبي
23_ دهہ مجلس: تلخيص روضة الشهداء
24_ سبعہ كاشفيه: هفت رسالہ در علم نجوم
25_ مطلع الانوار
26_ صحيفہ شاهي: منشات فارسي و عربي
27_ رسالہ حاتميه (قصص و آثار حاتم طائي) - تاليف ٨٩١هہ
28_ رساله علويه
29_ ميامنُ الاكتساب في قواعد الاحتساب
30_ فيضُ النوالِ في بيانِ الزوالِ
31_ فتوت نامه سلطاني: تاريخ فتوت و تصوف
32_ مالا بدمنه في المذاهب[52]

(ج) اهي كتاب جن ۾ حسين كاشفيءَ رحمه الله جي سوانح ۽ علمي آثار جو ذكر ملي ٿو.

فارسي

1_ ادبيات فارسي بر مبناي استوري ج 2: ترجمہ يحيٰ آرين پور و تحرير احمد منزوي تهران، موسسہ مطالعات و تحقيقات فرهنگي، 1362ش

2_ ادبيات كلاسيک فارسي: ترجمواسدالله آزاد، مشهد، آستان قدس رضوي 1371 ش



Scanned with CamScanner

3ـ احسن التواريخ: حسن بيگ روملو، تصحيح عبدالحسين نوائي، بابك، تهران 1375 ش

4ـ از سعدي تاجامي: ايدورد برائون مترجم علي اصغر حكمت، تهران چاپخانه بانك ملي ايران 1327 ش

5ـ انيس الطالبين وعدة السالكين: صلاح بن مبارك بخاري، مصحح ابراهيم صاري اوغلي تهران دانشگاه تهران 1372 ش

6ـ بستان السياحه: شيرواني زين العابدين، انتشارات كتابخانه سنائي

7ـ بدايع الوقايع: واصفي زين الدين محمود، تهران، بنياد فرهنگ ايران 2 ج، 1349 ش

8ـ تاريخ ادبيات فارسي: ترجمه رضازاده شفق، تهران، بنگاه ترجمه و نشر كتاب 1356 ش

9ـ تاريخ ادبي ايران: ايدورد برائون، ترجمه علي پاشا صالح، تهران انتشارات امير كبير 1332 ش

10ـ تاريخ جهان آرا: غفاري قاضي احمد، تهران، انتشارات كتابفروش زوار 1343 ش

11ـ روضة الصفا: مير خواند، سيد برهان الدين، انتشارات وزير خيام، تهران 1338

12ـ تاريخ سياسي اجتماعي ايران از مرگ تيمور تا مرگ شاه عباس، تهران، انتشارات فرانكلين 1349 ش

13ـ تاريخ فلسفه اسلامي: هينري، ترجمه جواد طباطبائي، تهران، انتشارات امير كبير 1373 ش

14ـ تاريخ نظم و نثر فارسي در ايران و در زبان فارسي تا پايان قرن دهم هجري: چاپ اول تهران كتاب فروشي فروغي 1344 ش

15ـ تذكره نصر آبادي: نصر آبادي، مرزا محمد طاهر، تصحيح، وحيد دستجردي تهران، كتابفروش فروغي، 1361 ش



Scanned with CamScanner

16ـ تشيع و تصوف تا آغاز سده دوازدهم هجري: الشيبي، كامل مصطفى، ترجمه غلام رضا ذكاوتي قرا گوزل تهران، انتشارات امير كبير 1359 ش
17ـ تذكره هفت اقليم: امين احمد رازي
18ـ تصوف در يكصد پرسش و پاسخ: گولپينازلي، عبدالباقي، ترجمه توفيق. هـ سبحاني، تهران نشر دريا 1369 ش
19ـ حبيب السيرفي اخبار افرد بشر: خواند مير غياث الدين، تهران انتشارات خيام 1333 ش
20ـ خزينة الاصفياء: غلام سرور لاهوري، كانپور 1332 ش
21ـ خلد برين: محمد يوسف واله اصفهاني، به كوشش مير هاشم محدث، تهران بنياد موقوفات افشار 1372 ش
22ـ دايره المعارف فارسي: مصاحب، غلام حسين، تهران، شركت سهامي كتابهاي جيبي 1356 ش
23ـ رشحات عين الحيات: كاشفي، فخر الدين صفي علي بن حسين تصحيح علي اصغر معينيان، تهران بنياد نوريان 1357
24ـ مجمع الفصحاء: رضا قلي خان هدايت
25ـ روضات الجنات في احوال العلماء و السادات، مرزا محمد باقر اصفهاني خوانساري، قم نشر عيليان 1391ق ج 3.
26ـ روضات الجنان و حيات الجنان: حافظ حسين كربلائي، تبريزي، تصحيح و تعليق جعفر سلطان القراش، تهران بنگاه ترجمه و نشر كتاب 1349 ش
27ـ رياض السياحه: شيرواني، زين العابدين، مصحح احمد حامد، تهران، انتشارات كتابفروشي سعدي، 1339 ق
28ـ رياض العلماء و حياض الفضلاء: مرزا عبدالله افندي، تصحيح سيد احمد اشكوري حسيني، قم، كتابخانه آيت الله مرعشي نجفي، 1901 ق، ج 2.



Scanned with CamScanner

29_ ريحانة الادب في تراجم المعروفين باكنية و اللقب: ميرزا محمد علي مدرس، تبريز چاپخانہ شفق ج 5
30_ سيري در تصوف و عرفان ايران، عبدالصمدي، محمود، تهران، انتشارات شرق 1361 ش
31_ سير عرفان در اسلام: كياني نزاد، زين الدين، تهران انتشارات، اشراق، 1366 ش
32_ طرايق الحقايق: محمد معصوم شيرازي، بہ كوشش محمد جعفر محجوب تهران، كتابخانہ سنائي، بي تا، ج 3.
33_ فهرست نسخہ هاي خطي كتابخانہ مركزي دانشگاهہ تهران: علي نقي منزوي، محمد تقي دانش پزوه، انتشارت دانشگاهہ تهران.
34_ لب التواريخ: قزويني، يحي بن عبداللطيف، تهران بنياد گويا، 1362 ش
35_ لغت نامہ دهخدا: دهخدا ، علي اكبر، تهران، انتشارات مجلس شوراي ملي 1355 ش
36_ مجالس المؤمنين: شوشتري، قاضي نور الله، تهران، كتابفروشي، اسلاميہ، چاپ سومہ 1365 ش ج1.
37_ مجالس النفائس: مير عليشر نوائي، تصحيح علي اصغر حكمت، تهران، انتشارات منوچهري، 136ش
38_ مشاهير دانشمندان اسلامہ: حاج شيخ عباس قمي، مترجم شيخ محمد رازي، تهران كتابفروش اسلاميہ، 1331 ش، ج 4.
39_ مقامات جامي: باخرزي، عبدالواسع، بہ تصحيح نجيب مايل هروي، تهران نشرني، 1371 ش
40_ ميراث اسلامي ايران: بہ كوشش رسول جعفريان، دفتر دومہ قمہ كتابخانہ آيت الله مرعشي نجفي، 1374 ش

عربي

1_ البهجة السنيه في آداب الطريقة النقشبنديه، محمد الخاني، مصر 1319



Scanned with CamScanner

2_ تنوير القلوب في معاملة علام الغيوب: محمد امين، مطبعة السعاده،الطبعة الثامنه قاهره ١٢٧٢هہ ق.
3_ الذريعه: شيخ آقا بزرگ تهراني، بيروت، دارالاضواء
4_ كشف الظنون: حاجي خليفہ كاتب چلبي، الطبعة الاول، ١٣١٠ هہ ق.
5_ هدية العارفين: بغدادي، اسماعيل پاشا، بيروت، دار الاحياء التراث العربي، بي تا
6_ الحديقة النديه في آداب الطريقة النقشبنديه: محمد بن سليمان البغدادي، تهران، كتابخانه مركزي، نسخہ خطي.(53)

## صاحب انتخاب: عبدالقادر بيدل رحمة الله عليه

درد ۽ عشق جو اگواڻ، پريت ۽ پيڙا جو پيشوا ۽ سڪ ۽ سور جو سرواڻ سائين حضرت عبدالقادر بيدل رحمة الله عليه هن ڪتاب جو ليڪڪ هڪ درويش منش انسان فقير محمد محسن جي گهر ۾ سن ١٢٣٠ هہ يا ١٢٣١ هہ ۾ جنم ورتو. بيدل سرڪار جي سوانح نگارن سندن جنم ١٢٣٠هہ لکيو آهي، جڏهن تہ سندن پٽ فقير محمد محسن بيڪس رحمة الله عليه سن ١٢٣١ هہ جو قائل آهي.

### اسم گرامي:

اهو تہ بهرحال طئي ٿيل آهي تہ سائين جن جو اسم گرامي سندن والد بزرگوار "عبدالقادر" رکيو. جنهن جي تائيد اها روايت ڪري ٿي تہ سندن نالو عبدالقادر رکيو ويو پر پوءِ پاڻ حضرت پيران پير عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليه جي احترام ۽ عقيدت ۾ قادر بخش ڪوٺرائڻ لڳا. ان حوالي سان منهنجو پنهنجو اندازو هيءُ آهي تہ چاڪاڻ تہ سندن والد بزرگوار محمد محسن صاحب سلسلهءِ قادريہ ۾ سيد عبدالوهاب شاهہ پاڳناڙيءَ واري جا دست بيعت مريد هئا، تنهن ڪري عين ممڪن آهي تہ سندن والد بزرگوار سندن نالو حضرت پيران پير رحمة الله عليه جي نسبت ۽ حوالي سان عبدالقادر رکيو هجي ۽ اڳتي هلي پاڻ بيدل سائين رحمة الله عليه پڻ

حضرت پيران پير ﷺ جي نسبت عقيدت ۽ احترام جي حوالي سان سندن اسم گرامي منجهه ٿوري ترميم آڻي 'قادر بخش' قرار ڏنو. پر ان حوالي سان تاريخي دستاويزن ۾ سائين جن ﷺ جي مهرن کي سامهون رکبو تہ سائين جن آخر عمر تائين بيئي نالا پاڻ قبوليا ۽ ڪتبيا آهن ان ڏس ۾ افسوسناڪ ڳالهہ اها آهي تہ ههڙي وڏي شخصيت جي نالي تي بحث ڪرڻ بجاءِ ان جي پيغام تي غور ڪري پنهنجي لاءِ ڪنهن راهہ جو تعين ڪرڻ گهرجي. رڳو نالي کي وٺي ان تي بحث ڪرڻ وسعت نظر جي خلاف آهي ۽ ان کي بنياد بڻائي ڏر ۽ فرقي جو تاثر قائم ڪرڻ فڪري محدوديت جو اهڃاڻ آهي. ان نڪتي تي ٿورو بہ ويچار ڪبو تہ بيدل سرڪار ﷺ جو پاڻ سندن نالو عبدالقادر مان قادر بخش رکڻ ۽ پوءِ وقت بوقت بيئي نالا استعمال ڪرڻ ۾ اهو پيغام پوشيدو آهي تہ اي منهنجا من گهريا محبوؤ! مون کي اوهان عبدالقادر ڪوٺيو يا قادر بخش. ان سان توهان جي تقدير ۾ ڪا تبديل ناهي ٿيڻي، بلڪ توهان کي منهنجي پاران وحدت جو پيغام پلئہ ۾ ٻڌڻ گهرجي، نڪي منهنجي نالي پٺيان ٿولا ٿاهڻ گهرجن. اوهان ڄاڻو ٿا، آءُ ڪنهن هڪ نالي تي راضي ناهيان.

ڪڏان پنڊت، ڪڏان قاضي بڻدا،
ڪڏان ليلي ڪڏان قيس
ڪڏان سڏاوي بيدل نالا
ڇوڙ وطن پرديس.

**تعليم:**

بيدل سرڪار کي سندن والد گرامي پنجن سالن جي ڄمار ۾ هڪ استاد وٽ ويهاريو جتي ٻارهن ورهين جي عمر تائين رڳو 'الف' ئي اچاري سگهيا. قصو ڪوتاهہ هن ظاهري سنسار ۾ بيدل سائين جو ڪو استاد نٿو ملي. ان ڏس ۾ اڄ جي محقق لاءِ ڪم ڪرڻ لاءِ هڪ اهم عنوان ۽ هڪ دفينو آهي، جنهن کي نروار ڪرڻ لاءِ ڀرپور تحقيق



Scanned with CamScanner

جي ضرورت آهي. گهٽ گهٽ ان استاد جي باري ۾ ئي ڪجهه ملي سگهي. جنهن وٽ ستن سالن تائين رڳو "الف" ئي اوريندا رهيا.

عزاداريءَ سان عشق:

بيدل سرڪار محرم جي ٨، ٩ ۽ ١٠ تاريخ عام ماتم منجهه خصوصي شرڪت ڪندا هئا. مولوي عبدالرحمان ساڪروءَ پاران عزاداريءَ تي اعتراض وارڻ تي عزاداريءَ جي اثبات ۾ مختلف ڪتابن منجهان سندون لکي موڪليائونس.

عزاداريءَ جي حوالي سان خدمتون:

بيدل سرڪار سنڌي، سرائڪي ۽ اردو ۾ منظوم خدمتن سان گڏوگڏ زير نظر ڪتاب فارسي نثر ۾لکيو. ان کان سواءِ بيدل بادشاهه رحمة الله عليه جو سوز ۽ سڪ جي سُرڪي پيئندي ذاتي طرح عزاداريءَ ۾ بهرو وٺڻ به يقيناً ان حوالي سان خدمتن ۾ ڳڻائي سگهجي ٿو.

علمي آثار

بيدل سرڪار جي علمي خدمتن جي حوالي سان ٽنيهن تصنيفات جا نالا سامهون آيا آهن. هن کان اڳ سندن تصنيفات جي فهرست ۾ "صراط السالڪين"، "تجل جي بزرگن جو تذڪرو" ۽ "لغت ميزان طب" نالي ٽي ڪتاب شامل نه هئا. جن مان پهرين جو ذڪر مرحوم عبدالحسين شاهه موسوي 'ديوان بيدل' جي ص253 ڇاپي ٽئين جي حاشيي ۾ ڪيو آهي. جڏهن ته ٻئين ڪتاب جو ذڪر مرحوم موسوي صاحب 'ديوان بيدل' جي اصل مُسوّدي ۾ ڪيو آهي.(*) پر ڇپيل نسخي ۾ ان جو ذڪر نه ڪيو اٿائون. ان ئي ڪتاب جو ذڪر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ بيدل سرڪار جي ڪنهن ميلي جي ادبي ڪانفرنس دوران سندن صدارتي خطبي ۾ ڪيو. جڏهن ته ٽئين ڪتاب جو ذڪر صرف موسوي صاحب ڪيو آهي هن هيٺ بيدل

---

(*) راقم الحروف اهو مسودو انجنيئر عبدالحسين موسوي وٽ ڏٺو.



Scanned with CamScanner

سائين جي علمي وارثن لاءِ سندن علمي اثاثن جي فهرست ڏجي ٿي:
1۔ مثنوي رياض الفقر 2۔ ديوان سلوک الطالبين3۔ رموز القادري 4۔ مثنوي دلڪشا 5۔ مثنوي نهر البحر 6۔ قصہ هير رانجها 7۔ قصہءِ ليلي و مجنون 8۔ ظهور نامہ 9۔ رحلت هاي رجال الله 10۔ فوائد المعنوي 11۔ پنج گنج 12۔ سند الموحدين 13۔ رموز العارفين 14۔ تقويت القلوب في تذڪرة المحبوب 15۔ في بطن احاديث ستہ 16۔ قرة العينين في مناقب السبطين 17۔ انشاء قادري 18۔ تاريخ سنڌ 19۔ خطبات جمع 20۔ وصيت نامہ 21۔ عقايد 22۔ متفرق ڪلام 23۔ ديوان مصباح الطريقة 24۔ ديوان منهاج الحقيقت 25۔ ڪرسي نامہ قادريہ 26۔ سرود نامہ 27۔ وحدت نامہ 28۔ فرائض صوفيہ 29۔ غزليات هندي (اردو) 30۔ صراط السالڪين 31۔ تجل جي بزرگن جو تذڪرو 32۔ لغت ميزان طب (بيدل سائين هيءَ لغت پنهنجي شاگرد غلام مهدي قاضيءَ جي فرمائش تي سندس لاءِ لکي)

## دوست دا رايا، ايوين آها

بيدل بادشاهہ رحمة الله عليه رڳو "روضة الشهداء" جي انتخاب تي ئي ناهي بس ڪئي، پر لڳي ٿو ڪاشفي صاحب رحمة الله عليه جون ٻيون لکڻيون بہ سائين جن جي مطالعي هيٺ رهيون آهن. جن مان هڪ تفسير حسيني پڻ آهي، جنهن جو واضح ۽ ڪُليل بيان سائينءَ رحمة الله عليه جي ديوان "مصباح الطريقة" جي هڪ مثنوي منجهہ موجود آهي. بيدل سرڪار رحمة الله عليه ان مثنويءَ جي پهرين ۽ تمهيدي مصرعي منجهہ راهہ خدا جي سالڪ کي خطاب ڪندي فرمائن ٿا: "ان عارف ۽ هر دم عاشق حسين ڪاشفيءَ جو نُڪتو ٻُڌ ۽ پوءِ ايڪائيءَ ۾ اَيڪُ ٿي وڃ." ۔ مصرعو ملاحظہ ٿئي:

از حسين کاشفي، عارف عشيق
نُکته بشنو، باش در وحدت غريق

ان کان پوءِ باقي مثنويءَ جي باقاعدي آغاز کان اڳ هڪ نثري سِٽ ۾ هيٺينءَ ريت فرمائن ٿا:

"مولانا حسين واعظ ڪاشفي قدس سره ڪلام الله شريف جي آيت: يُحِبُّهُمْ وَيُحِبُّوْنَهٗٓ يعني: هُو محبت ڪري ٿو هُنن سان ۽ هُو محبت ڪن ٿا هِن سان.(سورة المائده آيت نمبر 54)جي تفسير ۾ هن طرح فرمائن ٿا."

ان ڪان پوءِ بقايا مثنويءَ جو آغاز ڪن ٿا.

سندن مثنويءَ جي مصرعن جي معنيٰ جي مامَ منجهه محويت ماڻڻ بعد معلوم ٿو ٿئي ته ڪاشفي مرحوم جيڪا تفسير مٿي ڄاڻايل آيت جي ڪئي آهي، تنهن کي بيدل سرڪار رحمة الله عليه سندن لفظن جي شيشي ۽ مثنويءَ جي فريم (Frame) ۾ بند ڪري هڪ سهڻي تصوير جيان عوام آڏو آندي آهي.

نه رڳو اهو ته ڪاشفي مرحوم رحمة الله عليه جي تفسير کي بيدل سائين رحمة الله عليه سندن مثنويءَ جو رنگ ڏنو پر ان تفسير جو مفهوم جيڪو سندن مثنوي منجهه بيان ڪيو اٿن. اُن جو اولڙو سائينءَ رحمة الله عليه جي ٻئي ڪلام تي پڻ نظر اچي ٿو. مثال طور مثنويءَ جي ٻئين بيت جو مفهوم هن طرح آهي، فرمائن ٿا: يُحِبُّهُمْ وَيُحِبُّوْنَهٗٓ ۾ ڪهڙي راز جي ڳالهه آهي؟ ڪٿي پردي پٺيان پاڻ ئي ته پنهنجو خريدار ناهي؟!

يُحِـــبُّهُمْ وَيُحِبُّوْنَـــهٗٓ چـــه اســـرار اســـت
بزيـر پـرده مگـر خـويش را خريـدار اسـت؟

--

بيدل سائين جي مثنويءَ جي مٿئين بيت کي رهنما بڻائيندي سندن "ديوان" منجهه جاڪوڙڻ شروع ڪيم ته هنن مجاز اٽين اکين تي مهر ڪندي، پاڻ رحمة الله عليه سندن هڪ ڪافيءَ جي هيٺين مصرعي تي ڪٿي هٿ رکرائيندي ڏيکاريائون:

بيدل واري، ويس لبيس ۾
پنهنجا پنڌ پڇيائين
يار رکي يارانـــي[1]

---

[1] ص نمبر 140، بيت نمبر 4



Scanned with CamScanner

ان کان پوءِ ايندڙ ٻن (2) بيتن ۾ بيدل سائين رح جن ڪاشفي مرحوم رحمه الله جي حوالي سان بيان ڪن ٿا تہ ڪلام الله شريف جو اهو مفسر چئي ٿو تہ ان آيت منجهہ اُن "احد" جي ايڪائيءَ جو راز پوشيدو آهي، جنهن کي تون لازم هيئين ساڻ هنڍاءِ. ڇاڪاڻ تہ بندي ۽ باريءَ جي وچ ۾ جيڪا سِڪ آهي، تنهن ۾ ڪو سِرُ سمايل آهي.

گُفت آن شارح کلام کردگار
نکتہءِ توحید اُو را یاد دار

--

کین محبت سر پنهاني است زرف
کاندر مضمر شده رازي شگرف

جڏهن تہ ايندڙ شعر ۾ مرحوم ڪاشفيءَ رحمه الله جي تفسير کي اڳتي وڌائيندي بيدل سرڪار رحمه الله فرمائن ٿا تہ عاشق معشوق هيئي اُن لم يزلي ذات جا اهڃاڻ آهن ۽ ٻنهي ۾ جانب جو ئي جلوو آهي. شعر ملاحظو ٿئي:

سرزده از هر دو جانب ذات اُوست
عاشق و معشوق از آیات اوست

۽ پوءِ سائين جن رحمه الله سندن اُردوءَ جي شعر ۾ ان جو اثر هيٺئين ريت قبوليو

بالیقین عاشق و معشوق، حقیقت میں ہیں ایک
لوگ کہتے ہیں عبث، ناظر و منظور کی بات[1]

مثنويءَ جي ايندڙ شعر جو مفهوم لفظن جي ٿوري تبديليءَ سان مثنوي جي چوٿين نمبر شعر جي مفهوم جو ورجاءُ آهي، فرمائن ٿا:
هر شيءِ ۾ سندس ئي تہ ٻولي آهي، پاڻ ئي ڪليم (ڳالهائيندڙ) آهي ۽ پاڻ ئي ڪلام (ڳالهہ). پنهنجي ئي اوٽ ۾ پنهنجو ئي خريدار آهي. اهوئي مفهوم مثنويءَ جي مهانڊيءَ ۾ ملاحظ ڪندا:

[1] ص نمبر 268

زِير پرده خود خريدار خود است
خود کليم است، او و گفتار خود است

مٿئين مصرعي جي معنيٰ جو اثر بيدل سائينءَ رحمة الله عليه سندن ٻئي
ڪلام ۾ هيٺئينءَ ريت ورتو آهي.

سُنی "اَرنی" اپنے سے، کہے اپنے کو "لَن ترانی"
سامع کليم ميں هوں، جواب سوال ايک [1]

وڏيڪ بيدل سائين جن رحمة الله عليه ڪاشفي مرحوم جي تفسير جي بحر منجهه مطلب ۽ مفهوم جي ٻيڙي کي سندن مثنويءَ جي موجن جي سهاري لفظن جي ونجهه سان ويرون ورائي واٽ ٻڌائي عوام جي عقل تائين پهچائڻ لاءِ فرمائن ٿا ته هر رنگ منجهه اُن بي رنگ ذات جو ئي رنگ رچايل آهي. هر ظاهر ۽ ڳجهه ۾ اُن جوئي اظهار آهي:

رنگ بي رنگ است، واحد بيگمان
حق تجلي کرد پنهان و عيان

ڪاشفي صاحب رحمة الله عليه جي مٿئين خيال جو پرتوو بيدل سائينءَ رحمة الله عليه جي ڪلام ۾ هيٺينءَ ريت ڏسي سگهجي ٿو:

اپنے خواهش سوں، "احد" سون "احمد" کهايا
"بيدل" نهان عياں هے، حقيقت ميں حال ايک [2]

ايڪائيءَ ۾ ايڪ ٿيو بي رنگيءَ ۾ رنگ
وحدت ۾ زائل ٿيو دُوائيءَ جو زنگ [3]

رنگ بي رنگ است يکتا، چہ عيان و چہ نهان [4]

---

[1] ص 264، بيت نمبر 5
[2] ص 264، بيت نمبر 6
[3] ص 82، بيت 15
[4] ص 150، بيت 6

مثنويءَ جي آخري چئن شعرن ۾ بيدل سائين رحمة الله عليه جي اَوڻ ۾ مرحوم ڪاشفي رحمة الله عليه سالڪ کي ڪثرت مان نڪري وحدت منجهه ورڻ جو شوق ڏياريندي چئي ٿو تہ ڪجهہ ڏينهن وحدت جو پهُہ پچائي ڏس، تہ تون هر ڳنڌَي منجهہ گلزاري پسندين، تنهن ڪري بي رنگي ۾ غرق ٿيڻ کان ڪنڌُ نہ ڪيراءِ ۽ سِرَ جو سانگو لاهِہ تہ جيئن سِرُ صحيح ڪري سگهين ۽ هوئڻ بہ نيٺ هڪ ڏينهن اسان ۽ تون اِنَ بي رنگيءَ جي بحر منجهہ هِڪُ ٿيڻا آهيون. والسلام عليڪم
آخري چار شعر هن طرح آهن:

همتي کن گر تو طالب وحدتي
تابرون آئي، ز شبه کثرتي

چند رُوز اين فکر را برپائي دار
تا به بيني گُلشني، هر جائي خار

سَر از اِشتغراق بيرنگي مَتابِ
دَل تو بردار از سَرو سِرِي بِياب

ما و تُو در بحر بي رنگي تمام
عاقبت، يِک رنگ گردد والسَّلام

**وصال:**

بيدل سرڪار رحمة الله عليه ١٦ ذوالقعد ١٢٨٩هہ ۾ مجازَ جي هن مڪان کان مُنهن موڙيندي وحدت سندي ويڙهہ ۾ ٽپي پيا ۽ اهڙيءَ طرح ملاءِ اعليٰ طرف پرواز جو سعيو ڪندي سندن اصل آستان ڏانهن ڪُوچ ڪري وڃي رحمت حق سان ايڪائيءَ ۾ اَيڪُ ٿيندي "هاهوتَ" پيڙا ٿيا.

جوڳي نڪتا جڳ کون
ڇڏي جسم جنجال.

**تشڪر:**

هن ڪتاب جي ترجمي، تدوين، تحقيق، حاشيئي ۽ ان تي مقدمي جو اتساهہ ۽ آغاز جي حوالي سان ڏن دلي دوستن محترم علي اطهر



Scanned with CamScanner

موسائي، مختر اختر درگاهي ميراڻي ۽ محترم عبدالحسين موسويءَ جو ذکر ضروري آهي، تہ هنن منجهان "اطهر" ڪتاب جي قلمي نسخي جي فوٽو ڪاپي ڏيندي ترجمي لاءِ اتساهيو اختر ان تي هڪ تفصيلي مقدمو لکڻ جو حڪم ڏنو ۽ عبدالحسين شاهہ ان تي وڏيڪ تحقيق، حاشيي ۽ فارسي متن جي تدوين جي فرمائش ڪئي ۽ طلب مطابق مواد پڻ فراهم ڪيو. جنهن جي آڌار تي مون لاءِ ڏکيو ڪم نسبتاً آسان ٿي پيو. ٻيئي دوست وقتاً فوقتاً حال احوال وٺندا رهيا. همت ۽ حوصلو ڏيندا رهيا ۽ ڪم اڳتي وڌندو رهيو. هئين صورت ۾ معلوم هجي تہ ترجمي، تدوين، تحقيق ۽ هاشيئي جو ڪم نهايت مشڪل مارڳ آهي، هن راهہ ۾ پوڻ سسئيءَ وانگر سمورا. لاڳاپا لاهي پيرين پنڌ جتن پنيان جبل جهاڳڻ مثال آهي. بهرحال هھڙا دل گهريا دوست منٺار محبوب رهنما ٿي اچي راهہ ۾ رسيا تہ منزل اچي پيرن ۾ پئي ۽ ڪم پڇاڙيءَ کي پهتو آءُ سندن ٿورائتو آهيان.

جن جو آءُ احسانمند آهيان انهن ۾ پنهنجا گهرياتي بہ شامل آهن جن جي حصي جو وقت مون هن پلاري ڪم ۾ خرچ ڪيو. ازانسواءِ ڪجھہ اهڙا دوست ۽ بزرگ جيڪي منهنجي علمي مونجهارن ۾ اچي سڏ ۾ سائي ٿيا تن کي ڳڻائڻ پڻ پنهنجي لاءِ فخر سمجهان ٿو:

محترم مولانا ولي محمد چانڊيو صاحب روهڙي

محترم مولانا فخر الحسنين محمدي صاحب خيرپور

محترم مولانا علي گوهر ايماني صاحب روهڙي

محترم محبوب صادق مڪہ والا صاحب ڪراچي

محترم مولانا ناصر حسين صاحب ڪراچي

محترم انجنيئر حسين موسوي صاحب حيدرآباد

محترم مولانا محمد ادريس صاحب ڪنڊيارو

محترم ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي صاحب نواب شاهہ

محترم بشير احمد هيسباڻي صاحب نواب شاهہ



Scanned with CamScanner

محترم ڪوثر عباس موسوي لائبريرين خانہ فرهنگ ايران ڪراچي

محترم مشتاق علي مير جت صاحب ڪراچي

محترم نبي بخش دانش صاحب

ٿورا نہ ٿورا مون تي ماروئڙن جا

روهڙي

فقير الي الله

نوشاد علي جعفري

حوالاءِ واڌارا

(1) مرتضيٰ مطهري ﷫، حماسہ حسيني، ص 48

(2) رسول جعفريان: 'بستر تاريخي عزاداري اهل سنت براي امام حسين ع' (مقالہ فارسي) ص11

(3) ملا حسين واعظ ڪاشفي: روضة الشهداء، (قلمي ١٢٦٩هـ)

(4) ايضاً

(5) احمد منزوي 'فهرست مشترڪ پاڪستان'، ج دهم ص 284 کان 254

(6) اختر راهي: 'ڪتاب فهرست ڪتابهاي فارسي چاپ سنگي و ڪمياب ڪتابخانہ گنج بخش' ج اول ص 878 کان 879 ۽ ج دوم ص 1312

(7) حسن حضرتي و غلام حسن مقيمي: 'نگاهي اجمالي بہ حيات و انديشہ سياسي ملاحسين واعظ ڪاشفي' (مقالہ فارسي) ص 4

(8) مخدوم سليم الله صديقي: 'خزينة المخطوطات'، ص 168، 170

(9) ڏسو حوالو نمبر (3)

(10) ايضاً

(11) ايضاً

(12) ايضاً

(13) استاد مرتضيٰ مطهري: 'حماسہ حسيني'، ص

(14) محمد زبير فاروقي شوڪت: 'معاون تواريخ'، ص 245

(15) حسن عميد: 'فرهنگ عميد'، ڏسو 'ر'

(16) مرتضيٰ حسين صدر الافاضل: 'مجلس عزا-تعارف، تاريخ، ارتقا' (مقالہ اردو)، رضاڪار لاهور سيد الشهداء نمبر ١٣٧٩هہ

(17) ڏسو حوالو نمبر 2، ص 12
(18) ڊاڪٽر رشيد موسوي، 'دکن مين مرثيہ اور عزاداري'، ص16
(19) ڊاڪٽر مسيح الزمان: 'اردو مرثيي کا ارتقاءِ'، ص 21_120
(20) ايضاً، ص 122
(21) ولي: روضة الشهداء، مطبع محمدي بمبئي ١٣٥٣هہ
(22) ڏسو حوالو نمبر 18، ص 71
(23) ايضاً
(24) ايضاً، ص77
(25) ايضاً، ص 78
(26) ايضاً، ص 79
(27) ايضاً ص، 80_79
(28) درگاهہ قلي خان: 'مرقع دهلي'، ص 28
(29) ايضاً، ص 157
(30) (1) رام بابو سڪسينہ: 'تاريخ ادب اردو' ص86
(2) گوپي چند نارنگ: 'ولي دکني'، مضمون از پرمانند پانچال:'ولي دکني کي شاعري کي اوصاف' ساهتيہ اکادمي دهلي، ص 126، طبع اول 2005
(31) فضل علي فضلي: 'ڪربل کتها'،
(32) ايضاً ، ص
(33) اختر راهي: 'کتاب ترجمہ هاي متون فارسي بہ زبانهاي پاکستان، ص 54_151
(34) علي شرف الدين موسوي: 'معجم کتب و مؤلفين حيات و قيام امام حسين'، ص 143
(35) ڊاڪٽر ظهور الدين احمد: 'پاکستان مين فارسي ادب کي تاريخ'، عهد جهانگير سي عهد اورنگ زيب تک، ص 55_554
(36) مير عليشير 'قانع': 'معيار سالڪان طريقت'، مقدمہ ڊاڪٽر خضر نوشاهي، ص33
(37) ميرزا عباس علي بيگ: 'ڪليات ثابت علي شاهہ ڪربلائي'، ص 102
(38) ڏسو حوالو نمبر 31، مقدمو صو
(39) ڏسو حوالو نمبر 35
(40) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، 'سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ'، ص 409
(41) مذڪور سنڌي ترجمي جو هڪ خوبصورت نسخو سنڌالاجيءَ ۾ موجود آهي، جنهن جو ڪاتب آخوند صاحبڏنو قريشي ساڪن بلده ٺٽہ آهي.
ڏسو: مخدوم سليم الله صديقي، 'خزينة المخطوطات'، ص 38
روضة الشهداء سنڌيءَ جو هڪ قلمي نسخو برٽش ميوزم لنڊن ۾ پڻ محفوظ آهي.
ڏسو: غلام محمد لاکو: 'سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو' ص 45_344



Scanned with CamScanner

(42) هيءَ روايت بيان ڪئي عبدالحسين موسويءَ، جنهن سان ڊاڪٽر حامد علي خانائيءَ بيان ڪئي.

(43) ڊاڪٽر نوازعلي شوق: 'ديوان تارڪ': ڏسو 'مقدمو'، ص 20

(44) بروايت عبدالحسين موسوي، جنهن سان ڊاڪٽر نوازعلي شوق بيان ڪيو

(45) بروايت عبدالحسين موسوي جنهن سان بيان ڪيو محترم صادق حسين خواجہ

(46) عبدالقادر بيدل: 'قرة العينين في مناقب السبطين'، (قلمي) ص

(47) محترم اختر درگاهي بيدل سائين جي ڪتاب 'قرة العينين.....' جي تاليف جو سال 1258هہ ڏنو آهي.

ڏسو اختر درگاهي: 'ديوان بيدل' (اردو ڪلام)، مقدمو

(48) ڏسو حوالو نمبر 46، ص

(49) ايضاً

(50) (الف) (1) حسن حضرتي و غلام حسن مقيمي: "نگاهي اجمالي بہ حيات و انديشہ سياسي ملا حسين واعظ ڪاشفي" (مقالہ فارسي)، ص 3 ۽ 4.

(ب) (2) صائم چشتي: "مقدمو روضة الشهداء (اردو)" ص 5 کان 8.

(ج) (3) احمدرباني: "مقالاتِ مولوي محمد شفيع لاهوري"

(د) (4) مفتي غلام سرور لاهوري: "گنج تاريخ"، ص 162

(51) عبيدالله بن ابوسعيد هروي: "رسالہ مزارات هرات"، بتصحيح و حواشي و تعليقات فڪري سلجوقي، حصہ دوم ص 48 ۽ 16_115

(52) (1) ڏسو: حسن حضرتي و غلام حسين مقيمي: 'نگاهي اجمالي بہ حيات و انديشہ سياسي ما حسين واعظ ڪاشفي' (مقالہ فارسي) ص4_3

(2) صائم چشتي: مقدمہ روضة الشهداء (اردو)، ص 5 تا 8.(3) ليکڪ--- دائرة المعارف (اردو) ج17، ص20 ۽ 21.

(53) ڏسو حوالو نمبر 7، ص 9 تا 11

نوٽ: مقالہ نگارن فارسي ۽ عربيءَ کان پوءِ ترڪي ۽ انگريزي ڪتابن جي بہ فهرست مرتب ڪئي آهي. جن ۾ ملا حسين ڪاشفيءَ متعلق احوال موجود آهي.



Scanned with CamScanner

# قرة العينين

# في

# مناقب السبطين



Scanned with CamScanner

Scanned with CamScanner

بسم الله الرحمٰن الرحيم

# صاحبِ انتخاب پاران ديباچو

آءٌ ساراهيان ٿو ان ذات کي، جنهن نبي سردار جي پاڪ پُٽن (حضرات حسنين عليهما السلام) کي جنت جي جوانن جو سرواڻُ بڻايو. آءٌ انهن ٻنهي شاهزادن جي خدمت ۾ درود ۽ سلام جي سوکڙي عرض رکان ٿو. (ٻيو) پڻ رسولن جي سلطان، "لواءِ حمد" جي صاحب، بهترين مخلوق، سندن پاڪ ۽ پوتر آل ۽ جنتي اصحابن تي درود ۽ سلام هجي ۽ پوءِ اهو تہ هيءُ رسالو (ڪتاب)، جنهن جو نالو "قرة العينين في مناقب السبطين" رکيو ويو آهي، جيڪو محبن جي عشق، محبت ۽ مخلصن جي شوق ۽ اُتساه ۾ اضافي لاءِ لکيو ويو آهي. اي پالڻهار! اسان کي انهن (عاشقن ۽ مخلصن) جي قطار ۾ شامل فرماءِ. (آمين)

Scanned with CamScanner

# احاديث عشق

## حديث نمبر (1)

عَنْ سَعدِ بنِ اَبِي وَقَّاصٍ، قَالَ لَمَّا نَزَلَت هٰذِهِ الاٰيَۃَ۔ قُلْ تَعَالَوا نَدعُ اَبنَآئَنَا وَاَبْنَاءَ کُمْ،(*) ----- دعا رَسُولُ اللهِ ﷺ عَلِيًا وَفَاطِمَۃَ وحَسَنًا وَحُسَينًا۔ فَقَالَ اَللّٰهُم هٰؤُلآءِ اَهلُبَيتِي۔ (رواه المسلم)

ترجمو: حضرت سعد بن ابي وقاص ﷺ کان روايت آهي، فرمائن ٿا: جڏهن هيءَ آيت: قُل تَعَالَوا نَدعُ اَبنَآئَنَا ..... نازل ٿي، ته حضرت رسولِ خدا ﷺ جن حضرت علي فاطمہ حسن ۽ حُسين عليهم السلام جن کي سڏيو ۽ پوءِ فرمايو: اي الله! اهي ئي منهنجا اهلبيت آهن.

## حديث نمبر (2)

عَن عَائِشَۃَ، قَالَت: خَرَجَ النَّبِيُّ ﷺ، ذَاتَ غَدَاۃً وَعَلَيه مُرَمَّلُ (مرحّل) مِن شَعرٍ اَسوَدٍ، فَجَآءَ الحَسَنُ ابنُ عَلِيٍ۔ فَاَدخَلَ مَعَهُ ثُمَّ جاءَ الحُسَيْنُ فَدَخَلَ مَعَهُ ثُمَّ جَآئَتُ فاطمۃُ فَاَدخَلَهَا، ثُمَّ جآءَ عَلِيٌ فَدَخَلَهُ، ثُمَّ قَالَ: انما يريد الله ليذهب عنكم الرجس اهل البيت و يطهركم تطهيرا۔ (رواه المسلم)

ترجمو: حضرت عائشہ رضي الله عنها جن فرمائن ٿيون ته هڪ ڏينهن صبح جي وقت حضرت نبي اڪرم ﷺ جن نڪتا، ڪين ڪارن وارن منجهان ٺهيل عبا ڍڪيل هئي ايتري ۾ حسن بن علي آيا ۽ عبا ۾ هليا ويا. ان ڪانپوءِ حُسين آيا عبا

---

(ح_1) (*) ترجمو: "چئو ته اسان ۽ توهان پنهنجا پٽ، عورتون (ڌيئر) ۽ پنهنجون جانيون ولي اچون ۽ پوءِ عاجزيءَ سان التجا ڪندي ڪوڙن تي لعنت ڪريون." (سورت آل عمران آيت 61) القرآن الڪريم: اردو ترجمو مولانا محمد جوناڳڙهي ۽ حاشيئي ۾ تفسير مولانا صلاح الدين يوسف ڇاپو: شاهہ فهد قرآن ڪريم پرنٽنگ ڪمپليڪس سعودي عرب
"اهلي" تعليقات احقاق الحق ج9، ص70/ فاطمه زهراء ع در ڪلام اهلسنت" (سيد مهدي هاشمي حسيني) طبع: قم (ايران) ص 186/ صحيح مسلم ج 7، ص 120 بحوالا "امام علي اولين مظلوم تاريخ" (ع: عطائي) طبع مشهد ص 155/ تاريخ الخلفاء (اردو) ط: دهلي ص256

منجهه داخل ٿي ويا، پوءِ حضرت فاطمہ زهرا عليها السلام جن عبا ۾ آيون ۽ پوءِ علي بہ عبا ۾ داخل ٿيا. ان کان پوءِ پاڻ سڳورن صلى الله عليه وآله وسلم فرمايو: اي اهلبيت الله تہ رڳو اهو ٿي ٿو چاهي تہ توهان کي هر قسم جي برائيءَ کان پري رکي ۽ جيئن پاڪ رکڻ جو حق آهي ايئن ئي توهان کي پاڪ رکي.

(سورت احزاب آيت نمبر 33)

## حديث نمبر (3)

عَن زَيد بن ارقم، قَالَ: قَامَ رَسُولُ الله صلى الله عليه وآله وسلم، يَوماً فِينَا خَطِيباً بِمَاءٍ يُدعىٰ خُماً بَيْنَ مَكَّةَ وَالمَدِيْنَةِ، فحمدالله وَ اَثنىٰ عَلَيْهِ وَوَعَظَ وَ ذَكَّرَ، ثُمَّ قَالَ: اَمَّا بعد: اَلاَ اَيُّهَا النَّاسُ. فَاِنَّمَا اَنَا بَشَرٌ يوشك ان يَاتِيَ رَسُولُ رَبِّي فَاُجِيْبُ [ص١] وَاَنَا تَارِكٌ فِيكُمْ ثَقَلَيْنِ، اَوَّلُهُمَا كِتَابُ اللهِ فِيهِ الهُدىٰ وَالنُّورُ فَخُذُوا بِكِتَابِ اللهِ وَاستَمْسِكُوا بِهِ فَحَثَّ عَلىٰ كِتَابِ اللهِ وَرَغَبَ فِيْهِ، ثُمَّ قَالَ: وَاَهْلُ بَيْتِي، اذكركم الله فِي اَهلِ بَيْتِي، اذكركم الله فى اهلبيتى، اذكركم الله فى اَهلِ بَيتِى، وَفِي رِوَايَةٍ: كِتَابُ اللهِ هُوَ حَبْلُ اللهِ مَن اتَّبعَهُ كَانَ عَلَى الهُدىٰ

ترجمو: حضرت زيد بن ارقم رضي الله عنه کان روايت آهي، فرمائن ٿا: حضرت رسول خدا صلى الله عليه وآله وسلم جن هڪ ڏينهن مڪي ۽ مديني جي وچ تي "خُم" نالي ماڳ ۾ اسان (اصحابن) جي سامهون هڪ تقرير ڪئي، جنهن ۾ الله تعاليٰ جي تعريف ۽ ثنا کان پوءِ واعظ ۽ نصيحت ڪندي فرمايائون تہ اي انسانؤ! آءٌ پڻ توهان جهڙو انسان آهيان، ممڪن آهي مون ڏانهن پالڻهار جو سڏ اچي ۽ آءٌ اُن تي

(حديث 2) صحيح مسلم، ج5، ص37/ تفسير ڪبير علامہ فخر الدين رازي، ج8، ص80/ مختصر تاريخ دمشق ج17، ص 332، بحوالا: ڪتاب شجره ملعونہ (سيدِ آل نقي) ڇاپو پهريون آگسٽ 2000ع ڇپائيندڙ: الولايت پبليڪيشنز سنڌ ۽ تعليقات احقاق الحق ج9، ص 12.

وَمَن تَرَكَهُ كَانَ عَلَى الضَّلَالَةِ۔

لبيڪ چوان، سو آءٌ توهان ۾ ٻه ڳريون ۽ وزندار امانتون ڇڏي وڃان ٿو (پهرئين امانت) الله جو ڪتاب، جيڪو ماڻهن جي سوچ لاءِ هدايت ۽ سندن سعادت جي راهه لاءِ سوجهرو آهي، تنهن ڪري الله جي ڪتاب کي اهميت ڏيندي ساڻس واڳجي وڃو ۽ ان مان فائدو ماڻيو ۽ ان ڏانهن رغبت رکو. ۽ پوءِ فرمايائون : ۽ (ٻئين امانت) منهنجا اهلبيت (عليهم السلام) منهنجي اهلبيت جي باري ۾ الله کان ڊڄو منهنجي اهلبيت جي باري ۾ الله کان ڊڄو منهنجي اهلبيت جي باري ۾ الله کان ڊڄو (اهو جملو ٽي ڀيرا ورجايائون). ۽ هڪ روايت ۾ آهي ته الله جو ڪتاب، جيڪو الله جي رسي آهي، جنهن ان جي پيروي ڪئي، سو هدايت (جي رستي تي) آهي ۽ جنهن ان کي ڇڏي ڏنو اهو گمراهيءَ (جي واٽ) تي آهي.

حديث نمبر (4)

عَنِ الْبَرَآءِ، قَالَ: رَأَيْتُ النَّبِيَّ ﷺ وَالْحَسَنُ ابْنُ عَلِيٍّ عَلَى عَاتِقِهِ، يَقُولُ: اَللّٰهُمَّ

ترجمو: حضرت براء بن عازب رضي الله عنه کان روايت آهي، فرمائن ٿا ته مون

(حديث 3) تعليقات احقاق الحق ج9: ص318، 319 ۽ 329

صحيح مسلم ج7، باب: فضائل علي ع بحوالا، سيري در صحيحين (فارسي) جلد اول، دوم/ محمد صادق نجمي، چاپ چهارم، 1361 (ايران) ص 309 ۽ 310.



Scanned with CamScanner

إِنِّي أُحِبُّهُ فَأَحِبَّهُ- (متفق عليه)[1]

حضرت نبي اڪرم ﷺ جن ڪي ڏٺو تہ سندن پاڪ ڪلهي تي حضرت حسن ابن علي عليهما السلام سوار هئا ۽ فرمايائون پئي: اي الله! آءٌ هن (حسن عليه السلام) سان محبت ڪريان ٿو تون بہ ساڻس محبت ڪر.

## حديث نمبر (5)

عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ، قَالَ: خَرَجْتُ مَعَ رَسُولِ اللّٰهِ ﷺ فِي الطَّائِفَةِ مِنَ النَّهَارِ، حَتّٰى أَتٰى خِبَاءَ فَاطِمَةَ، فَقَالَ: أَثَمَّ لُكَعُ أَثَمَّ لُكَعُ؟ يَعْنِي: حَسَنًا؟ فَلَمْ يَلْبَثْ أَنْ جَاءَ يَسْعٰى حَتّٰى اعْتَنَقَ كُلُّ وَاحِدٍ، <<مُنْهُمَا[2]>> صَاحِبَهُ، فَقَالَ رَسُولُ اللّٰهِ ﷺ، اَللّٰهُمَّ إِنِّي أُحِبُّهُ فَأَحِبَّهُ وَأَحِبَّ مَنْ يُحِبُّهُ- (متفق عليه)[3]

ترجمو: ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي، فرمائن ٿا تہ آءٌ ڏينهن جي ڪنهن پهر ۾ حضرت رسول الله ﷺ جن سان گڏ نڪتم، ايستائيجن جو پاڻ ﷺ حضرت فاطمہ عليها السلام جي گهر پهتا ۽ پوءِ فرمايائون: ننڍڙو ڪٿي آهي؟ ننڍڙو ڪٿي آهي؟ يعني: حسن عليه السلام؟ (ڪٿي آهي؟) ۽ پوءِ حضرت حسن عليه السلام ڊوڙندا آيا، تان جو ٻنهي هڪ ٻئي سان ڳراٽڙي پائي مليا ۽ پوءِ رسول الله ﷺ جن فرمايا: اي الله! آءٌ هن عليه السلام سان محبت ڪريان ٿو پوءِ تون بہ هن سان محبت ڪر ۽ آءٌ جيڪو هن سان محبت ڪري آءٌ اُن سان محبت ڪريان ٿو.

---

● (حديث 4) تفهيم البخاري شرح صحيح بخاري ج 5، ص 717، حديث نمبر 3503.

● (حديث 5) بيدل سائين رحمه الله جي هٿئين نسخن ۾ "مِنهَا" لکيل آهي.

● حوالا: سيري در صحيحين (محمد صادق نجمي)، ج 2، ص 328

## حديث نمبر (6)

عَنْ اَبِيْ بَكَرَةَ، قَالَ: سَمِعتُ النَّبِيَّ[1] صلى الله عليه <<وآلهٖ>>[2] وسلم عَلَى المِنبَرِ، وَ الحَسَنُ ابنُ عَلِيٍّ اِلَىٰ جَنبِهٖ <<يَنظُرُ اِلَى النَّاسِ مَرَّةً[3] وَ اِلَيه مَرَّةً>>، وَ يَقُولُ <<اِبنِيْ•>> هٰذَا سَيِّدٌ <<وَ•>> لَعَلَّ اللهَ اَن يُّصلِحَ بِهٖ بَيْنَ فِئَتَيْنِ <<عَظِيمَتَينِ•>> من المسلمين۔ (رواه البخاري)

ترجمو: حضرت ابوبڪر ﵁ کان روايت آهي، چوي ٿو ته مون حضرت نبي ڪريم ﷺ جن کان منبر تان ٻڌو. حضرت امام حسن ابن علي ﵄ سندن پاسي ۾ ويٺل هئا. پاڻ سڳورن ﷺ هڪ نظر ماڻهن تي پئي وڌي ۽ هڪ نظر امام حسن ﵇ تي پئي وڌائون ۽ فرمايائون منهنجو هي، پٽ "سيد" آهي، ۽ شايد هن جي وسيلي الله تعالىٰ مسلمانن جي ٻن وڏن ٽولن جي وچ ۾ ناهه ڪرائيندو.

## حديث نمبر (7)

عَن (عبدالرحمٰن) ابن ابي نعم، قال: سمعت عبدالله بن عمر، وسئله رجل عن المحرم، قال شعبة احسبه يقتل الذباب، فقال:

ترجمو: عبدالرحمان بن ابي نعم ﵀ کان روايت آهي، فرمائن ٿا ته مون حضرت عبدالله بن

---

• تفهيم البخاري شرح صحيح بخاري جلد پنجم تاليف: شيخ الحديث علامہ غلامہ رسول رضوي ص 713۔ اما در هر دو نسخہ جناب بيدل رح، "رايت رسول الله" نگاشتند۔

• درهر دو نسخہ جناب بيدل (﵀) اين کلمہ نگاشتند. ولي در تفهيم البخاري اين کلمہ نيست۔

• تفهيم البخاري۔ اما در هر دو نسخہ جناب بيدل ﵀ بن اين نحو نگاشتند: وَهُوَ يُقْبِلُ عَلَى النَّاسِ مَرَّةً وَعَلَيْهِ أُخرىٰ

• تفهيم البخاري۔ ولاکن در هر دو نسخہ از جناب بيدل ﵀. ان ابني نگاشتند

• تفهيم البخاري۔ اما در هر دو نسخہ جناب بيدل ﵀ اين کلمہ نہ نگاشتند

• تفهيم البخاري اين کلمہ ندارد

اهل العراق يسالون عن <<قتل>> الذباب وقد قتلوا ابن [ص ٢] ابنة رسول الله ﷺ، و قال النبي: ﷺ هما ريحانتاي من الدنيا[1]

عمر رضي الله عنه کي ھڏو جنھن کان ھڪ (عراقي) شخص سوال ڪيو تہ احرام جي حالت ۾ مڪِ مارڻ جو ڳفارو ڇاھي؟ تنھن تي حضرت عبدالله ابن عمر رضي الله عنهما (تعجب ۾ ايندي) فرمايو عراق وارا (احرام جي حالت ۾) مڪِ مارڻ متعلق سوال پيا ڪن، جڏھن تہ ھنن رسول خدا ﷺ جن جي نياڻيءَ جي پُٽَ (امام حسين عليه السلام) کي ڪُھِي ڇڏيو!؟ جڏھن تہ نبي پاڪ ﷺ جن جو فرمان ھيو تہ اھي ٻئي (حسن ۽ حسين امام) دنيا منجھ منھنجا گل منھنجي سُرھاڻ آھن.

## حديث نمبر (8)

عَن انس، قال: لم يكن احد أشْبَهَ ﷺ من الحسن ابن علي، وَقَالَ فى الحُسَيْنِ أيضاً كانَ أشْبَهَهم بِرَسُولِ الله ﷺ (رواه بخاري)[2]

ترجمو: حضرت انس رضي الله عنه بن مالڪ کان روايت آھي، فرمائن ٿا تہ حضرت امام حسن بن علي عليهما السلام کان وڌيڪ ڪوبہ حضرت نبي اڪرم ﷺ جن سان مشابهت نہ رکندو ھو ۽ حضرت امام حسين

---

[1] تفھيم البخاري شرح صحيح البخاري۔ ج5، ص 719، حديث نمبر 3507/ صحيح بخاري، ج 5، ص27 طبع: المنير بمصر بحوالا: تعليقات احقاق الحق، ج10، ص 595/ سير در صحيحين ج2، ص 327.

[2] (حديث 8)تفھيم البخاري شرح البخاري، ج5 ص718، حديث نمبر 3506/ مشڪاة المصابيح، ص 569، طبع دهلي. (تعليقات احقاق الحق، ج10، ص 534)



Scanned with CamScanner

عليه السلام لاءِ پڻ ايئن فرمايو ته سڀ کان وڌيڪ رسولِ خدا صلي الله عليه وآله جن سان مشابهت هُئن.

حديث نمبر (9)

عَن جَابِرٍ، قَالَ: رَأَيتُ رَسُولِ اللهِ صلى الله عليه وآله فِي حجَتِهٖ يَومَ عَرَفَةَ، وَهُوَ عَلىٰ نَاقَةِ الْقَصوَاءِ يَخْطُبُ، فسمعته يقول: يا ايها الناس! انى تَرَكتُ فِيكُم مَنْ اِنْ اَخَذتُم بِهٖ لَن تَضِلوا، كِتَابَ اللهِ و عترتى اَهل بَيتِى۔ (1) (رواه الترمذى).

ترجمو: حضرت جابر بن عبدالله رضي الله عنه فرمائن ٿا ته مون حضرت رسول خدا صلي الله عليه وآله جن کي حج جي موقعي تي (سندن) "قصواء" نالي ڏاچيءَ تي سوار خطبو ڏيندي ڏٺو. مون ٻڌو: پاڻ صلي الله عليه وآله فرمايائون: اي مسلمانو! آءٌ توهان ۾ ٻه شيون ڇڏي وڃان ٿو جيڪڏهن توهان انهن جو پلئه ورتيون رهيئه ته ڪڏهن به گمراهه نه ٿيندو انهن مان هيئي: هڪ الله جو ڪتاب ۽ ٻيون منهنجي اولاد منهنجا اهلبيت (عليهم السلام).

حديث نمبر (10)

عن زيد بن ارقم، قال: قال رسول الله صلى الله عليه وآله، انى تارك فيكم ما ان تمسكتم به لن تضلوا بعدى، احدهما اعظم من الآخر: كتاب الله حبل ممدود من السماء

ترجمو: زيد بن ارقم رضي الله عنه فرمائن ٿا ته حضرت رسول خدا صلي الله عليه وآله جن فرمايو ته آءٌ توهان ۾ ٻه شيون ڇڏي وڃان ٿو جيڪڏهن توهان

(1) (حديث 9) جامع ترمذي۔ اردو ترجمو ۽ شرح مولانا فضل احمد صاحب, ج 2, ص 578, حديث نمبر 3555. / جامع الصحيح الترمذي, ج13, ص199, طبع التازي بمصر (تعليقات احقاق الحق, ج9, ص345)

الى الارض وعترتي اهل بيتي ولن يتفرقا، حتى يردا على الحوض، فانظروا كيف تخلفوني فيهما (رواه الترمذي)[1]

انهن ٻنهي جو پلئه پڪڙي رکيو ته ڪڏهن به گمراهه نه ٿيندؤ. انهن مان هڪ ٻئيءَ کان تمام وڏي آهي: هڪ الله جو ڪتاب آهي، جيڪو (ڇٽڪ) آسمان کان زمين تائين هڪ رسي (مثال) لڙڪيل آهي ۽ ٻئين منهنجي اولاد منهنجا اهلبيت۔ اهي ٻيئي هڪ ٻئي کان ڪڏهن به ڌار نه ٿيندا، ايستائين جو حوض (ڪوثر) تي مون سان اچي مُلاقي ٿين. تنهن ڪري ڏسجو ته مون کان پوءِ توهان انهن ٻنهي سان ڪهڙو رويو ٿا رکو.

## حديث نمبر (11)

عن[2] <<زيد بن ارقم>>، <<قال[3]>>: ان رسول الله ﷺ قال لعلي وفاطمة، والحسن والحسين، انا حرب لمن حاربهم وسلم لمن سالمهم[4]

ترجمو: حضرت زيد بن ارقم رضي الله عنه روايت ڪن ٿا ته بيشڪ رسولِ خدا ﷺ جن حضرت علي ؑ، حضرت فاطمه ؑ، حضرت حسن ؑ ۽ حضرت حسين ؑ لاءِ فرمايو: جيڪو هنن سان جهيڙيندو، منهنجو انهن سان

---

[1] (حديث 10) جامع ترمذي، ج 13 ص 200 طبع الصاوي بمصر / جامع ترمذي اردو ترجمو: مولانا فضل احمد، ص 578، حديث نمبر 3557

[2] (حديث 11) راويءَ جو نالو بيدل سائين ؒ جي نسخن ۾ ناهي

[3] 'قال' - بيدل سائينءَ ؒ جي نسخن ۾ ناهي

[4] اسد الغابه ج 7، ص 255، بحوالا: شجره ملعونه (سيد آلِ نقي) ص 29.

جهيڙو آهي ۽ جيڪو هنن سان امن ۽ سلامتيءَ سان رهندو ان سان آءُ امن ۽ سلامتيءَ سان رهندس.

## حديث نمبر (12)

عَنْ أَبِي سَعِيْدِ الخُدْرِي رضي الله عنه، قَالَ قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صلى الله عليه وسلم اَلْحَسَنُ وَالْحُسَيْنُ سَيِّدَا شَبَابِ أَهْلِ الْجَنَّةِ (رواه الترمذي) [1]

ترجمو: حضرت ابو سعيد خُدري رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضرت رسولِ خدا صلى الله عليه وآله وسلم جن فرمايو حسن ۽ حسين عليهما السلام جنت جي جوانن جا سردار آهن.

## حديث نمبر (13)

عَنْ اِبْنِ عُمَرَ رضي الله عنه، [ص٣]اِنَّ رَسُوْلَ اللهِ صلى الله عليه وسلم قَالَ: اِنَّ الْحَسَنَ وَ الْحُسَيْنَ هُمَا رَيْحَانَتَايَ مِنَ الدُّنيا (رواه الترمذي) [2]

ترجمو: حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي ته حضرت رسولِ خدا صلى الله عليه وآله وسلم جن فرمايو: حسن ۽ حسين عليهما السلام هيءَ دنيا ۾ منهنجا گُل منهنجي سُرهاڻ آهن.

## حديث نمبر (14)

عَنْ أُسَامَة بِن زَيْدٍ، قَالَ: طَرَقتُ النَّبِيَّ صلى الله عليه وسلم ذَاتَ لَيْلَةٍ فِي بَعْضِ الْحَاجَةِ فَخَرَجَ النَّبِيُّ صلى الله عليه وسلم وَهُوَ مُشْتَمِلٌ عَلٰى شيءٍ لَا

ترجمو: اُسامه بن زيد رضي الله عنه بيان ڪندي فرمائن ٿا ته آءُ هڪ رات ڪنهن ڪم سان پاڻ سڳورن صه

[1] (حديث12)جامع ترمذي، ج13، ص 191، طبع الصاوي بمصر/ جامع ترمذي: اردو ترجمو مولانا فضل احمد ص 573، حديث نمبر 3538/ تعليقات احقاق الحق، ج10، ص544_545

[2] (حديث13) جامع ترمذي، ج13 ص 193 طبع الصاوي بمصر/ جامع ترمذي، اردو ترجمو: مولانا فضل احمد ص 73_574، حديث نمبر 3540



Scanned with CamScanner

اَدْرِی مَاهُوَ؟ فَلَمَّا فَرَغْتُ مِنْ حَاجَتِی، قُلْتُ: مَا هٰذَ الَّذِی اَنْتَ مُشْتَمِلٌ عَلَیْهِ؟ فَکَشَفَه، فَإِذَا هُوَ حَسَنٌ وَحُسَیْنٌ عَلٰی وَرَکَیْهِ، فَقَالَ: هٰذَانِ ابنای وابنا ابنتی۔ اَللّٰهُمَّ اِنِّی اُحِبُّهُمَا فَاَحِبَّهُمَا وَاَحِبَّ مَنْ یُحِبُّهُمَا (رواه الترمذی) [1]

جن ڏانهن ويم. ڏٺم ته ڪين مٿان ڪجھ اوڍيل هُين، آءُ ڇاٽي نہ سگهيس تہ اهو ڇا هو؟ جڏهن آءُ پنهنجي ڪم ڪان واندو ٿيس تہ ڪائنن پڇيم تہ هي اوهان ڪي ڇا ويڙهيل هيو؟ جڏهن اهو کولياٿون تہ ان ۾ حسن ۽ حُسين هئا. پوءِ فرماياٿون: هي ٻيئي منهنجا پُٽ آهن ۽ منهنجي نياڻيءَ جا پٽ آهن. اي الله! آءُ انهن ٻنهي سان محبت ڪريان ٿو تون بہ انهن سان محبت ڪر ۽ جيڪو هنن ٻنهي سان محبت ڪري انهن سان بہ محبت ڪر.

حديث نمبر (15)

عَنْ سَلمیٰ، قَالَتْ: دَخَلْتُ عَلٰی اُمِّ سَلَمَةَ وَ هِیَ تَبْکِی فَقُلْتُ مایُبکِیك؟ قَالَت: رَاَیْتُ رَسُولَ اللهِ ﷺ تَعنِی فِی الْمَنَامِ وَ عَلٰی رَاسِهِ وَ لِحیَتِهِ التُّرَابُ۔ فَقُلْتُ: مَالَكَ یَا رَسُولَ اللهِ قَالَ شَهِدتُّ قَتْلَ الْحُسَیْنِ آنِفاً (رواه

ترجمو: حضرت سلميٰ رضي الله عنها فرمائن ٿيون تہ هڪ ڀيري آءُ (حضرت) اُم سلمہ رضي الله عنها ڏانهن ويس، تہ هُو ويٺي رُني پئي، مون روئڻ جو سبب پڇيومانس، چيائين: مون خواب ۾ رسول خدا ﷺ جن کی ڏٺو آهی تہ

[1] (حديث ـ 14) جامع ترمذي ج13، ص 193، ط: الصاوي بمصر/جامع ترمذي اردو ترجمو: مولانا فضل احمد، ج2، ص 573، حديث نمبر 3539/تعليقات احقاق الحق، ج10 ص 664/الصواعق المحرقہ (اردو ترجمو: برقِ سوزان) فصل 2، ص 463.

(ابن حجر مکي متوفي ۹۷۴هہ) مترجم: علامہ اختر فتح پوري)

الترمذي) ●

سندن مٿو ۽ ڏاڙهي مبارڪ ۾ خاڪ پيل آهي. منهنجي پڇڻ تي فرمايائون: آءُ هينئر ئي حسين عليه السلام جو ڪيسُ ڏسي آيو آهيان.

## حديث نمبر (16)

عَنْ اَنَسٍ قَالَ: سُئِلَ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ: اَيُّ اَهْلِبَيْتِكَ اَحَبُّ اِلَيْكَ؟ قَالَ الْحَسَنُ وَالْحُسَيْنُ۔ وَ كَانَ يَقُوْلُ لِفَاطِمَةَ اُدْعِيْ لِيَ ابْنَيَّ فَيَشُمُّهُمَا وَيَضُمُّهُمَا اِلَيْهِ (رواه الترمذي، وقال هٰذا حديث غريب) ●

ترجمو: حضرت انس رضي الله عنه بن مالڪ فرمائن ٿا ته حضرت رسولِ خدا ﷺ جن کان پڇيو ويو ته اهلبيت منجهان توهان سڀني کان وڌيڪ ڪير پيارو آهي؟ پاڻ فرمايو: حسن ۽ حسين عليهما السلام. ۽ پاڻ حضرت فاطمه زهراء عليها السلام کي چوندا هئا ته منهنجن ٻنهي پٽن کي مون ڏانهن سڏ ڪري وٺو ۽ پوءِ سندن سُرهاڻ وٺي پنهنجي سيني ساڻ لائيندا هئُن.

## حديث نمبر (17)

عَنْ يُعْلَى بِنْ مُرَّةَ، قَالَ: قَالَ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ: حُسَيْنٌ مِنِّيْ وَ اَنَا مِنْ <<الْحُسَيْنِ>> اَحَبَّ اللهُ مَنْ اَحَبَّ حُسَيْنًا۔ حُسَيْنٌ سِبْطٌ مِنَ الْاَسْبَاطِ (رواه الترمذي) ●

ترجمو: حضرت يعلي بن مُره رضي الله عنه کان روايت آهي، چئي ٿو ته حضرت رسولِ خدا ﷺ جن فرمايو: حسين عليه السلام مون منجهان آهي ۽ آءُ حسين عليه السلام منجهان آهيان. الله تعالىٰ ان سان

---

● (حديث_15) سر الشهادتين (اردو) ص56. / جامع ترمذي، اردو ترجمو: مولانا فضل احمد، ج2 ص 574، حديث نمبر 3541.

● جامع ترمذي، اردو ترجمو مولانا فضل احمد، ج2، ص 574، حديث نمبر 3542.

● در هر دو نسخه جناب بيدل رحه "الحسين" نه نگاشتند.



Scanned with CamScanner

محبت ڪري ٿو جيڪو حسين عليه السلام سان محبت ڪري ٿو. حسين عليه السلام پٽن منجهان هڪ پٽ آهي.

### حديث نمبر (18)

عَنْ عَلِي كَرَّمَ اللهُ وَجْهَهُ، قَالَ اَلْحَسَنُ اَشْبَهُ بِرَسُوْلِ اللهِ صلى الله عليه وآله وسلم مَا بَيْنَ الصَّدْرِ اِلَى الرَّاسِ وَالْحُسَيْنُ اَشْبَهُ [ص۴] بِرَسُوْلِ اللهِ صلى الله عليه وآله وسلم، <<مَاكَانَ [1]>> اَسْفَلَ مِنْ ذَالِكَ (رواه الترمذي)

ترجمو: حضرت علي ڪرم الله وجه کان روايت آهي، پاڻ فرمائن ٿا ته حسن عليه السلام سيني کان مٿي تائين حضرت رسول خدا صلى الله عليه وآله وسلم جن سان سيني کان وڌيڪ مشابهت رکن ٿا ۽ جڏهن ته حسين عليه السلام سيني کان هيٺ حضرت رسولِ خدا صلى الله عليه وآله وسلم جن سان سينى کان وڌيڪ مشابهت رکن ٿا.

### حديث نمبر (19)

عَنْ حُذَيْفَةَ، قَالَ: <<سَئَلَتِنى اُمِي مُنْذُ مَتَى عَهْدُكَ بِالنَّبِي صلى الله عليه وآله وسلم>> [2] قُلتُ لِاُمِي دَعِيْنِى، آتِى النَّبِى صلى الله عليه وآله وسلم فَاُصَلِي مَعَهُ الْمَغْرِبَ وَ اَسْئَلُهُ اَن يَسْتَغْفِرَلِي وَلَكِ فَاَتَيْتُ النَّبِىَّ صلى الله عليه وآله وسلم، فَصَلَّيْتَ مَعَهُ الْمَغْرِبَ <<فصلى النبى العشاء>> [3] ثُمَّ اِنْتَفَلَ فَتَبِعْتُهُ، فَسَمِعَ

ترجمو: حضرت حذيفه (رضي الله عنه) کان روايت آهي، چئي ٿو ته منهنجي ماءُ مون کان پڇيو ته "تنهنجي حضرت نبي اڪرم صلى الله عليه وآله وسلم جن سان ڪڏهن ملاقات ٿيندي؟ مون چيو: اجازت ڏيوم ته اج وڃي حضرت نبي اڪرم صلى الله عليه وآله وسلم جن سان سانجهيءَ جي نماز پڙهان ۽

---

[1] اين الفاظ در روايت ترمذي نه نگاشته شده.
(حديث 18) جامع ترمذي، اردو ترجمو مولانا فضل احمد، ج2، ص575، حديث نمبر 3545/ فتح الكبير: شيخ يوسف النبهاني ج2، ص71، ط مصر (ملحقات احقاق الحق جلد: 10، ص:637،

[2] اما در هر دو نسخه جناب بيدل رحمه الله اين عبارت نه نگاشتند.

[3] اما در هر دو نسخه جناب بيدل رحمه الله باين نحو نگاشتند: "فصلي حتي صلي العشاء"

صَوتِي، فَقَالَ: مَنْ هٰذا حُذَيْفَةُ؟ قُلْتُ نَعَم
وَقَالَ: مَا حَاجَتُكَ غَفَرَ اللهُ لَكَ وَلأُمِكَ
قَالَ: إِنَّ هٰذَا مَلَكٌ لَمْ يَنْزِلِ الأَرْضَ قَطُّ
<<قبل هٰذِه>> ❶ اَللَّيْلَةِ اسْتَأذَنَ رَبَّهُ
أَنْ يُسَلِّمَ عَلَيَّ وَيُبَشِّرَنِي بِأَنَّ فَاطِمَةَ سَيِّدَةُ
<<نساء❷>> اَهْلِ الْجَنَّةِ وَاَنَّ الْحَسَنَ
وَالْحُسَيْنَ سَيِّدَا شَبَابِ اَهْلِ الْجَنَّةِ (رواه
الترمذي وقال هذا حديث غريب)

ڪائنن پنهنجي لاءِ ۽ توهان لاءِ بخشش جي دُعا گهرايان.“ پوءِ مون اچي حضرت نبي اڪرم ﷺ جن سان سانجهيءَ جي نماز ادا ڪئي. ان ڪانپوءِ پاڻ ڪريمن (ﷺ) سومهيائي پڻ پڙهي، پوءِ نفل پڙهيائون ۽ پوءِ مون به سندن پيروي ڪندي نفل ادا ڪيا.
ان کان پوءِ منهنجو آواز ٻڌندي چيائون ڪير! حذيفه (رضي الله عنه) آهين ڇا؟ مون عرض ڪيو: هائو (سائين). ۽ پوءِ فرمايائون: ڇا تو چاهين؟ الله تعاليٰ تنهنجي ۽ تنهنجي ماءُ جي بخشش ڪري (ان کان پوءِ) فرمايائون: بيشڪ هيءُ فرشتو اڄوڪي رات کان اڳ ڪڏهن به مون تي نازل ناهي ٿيو ان فرشتي پنهنجي پالڻهار کان اجازت گهري ته اچي مون کي سلام عرض ڪري ۽ مون کي خوشيءَ جي خبر ڏي ته بيشڪ فاطمه (عليها السلام) جنت جي عورتن جي سردار آهي ۽ حسن ۽ حسين (عليهما السلام) يقيناً جنت جي جوانن جا سردار آهن.
(هيءُ حديث ترمذيءَ بيان ڪئي ۽ چيائين ته هيءُ حديث غريب آهي.)

---

● اما در هر دو نسخه <<قيل هذا>> نگاشتند.
● در هر دو نسخه جناب بيدل رحمه الله <<النسآء>> نگاشتند.
(حديث 19) صحيح ترمذي، ج13، ص196، ط: الصاوي بمصر / جامع ترمذي، اردو ترجمو: مولانا فضل احمد ج2، ص، 576 حديث نمبر 3549/ سر الشهادتين، ص18



Scanned with CamScanner

### حديث نمبر (20)

عَنِ ابنِ عَبَّاسٍ، قَالَ: كَانَ رَسُولَ اللهِ ﷺ، حَامِلَ الحَسَنِ بِنِ عَلِيٍّ عَلٰى عَاتِقِهِ، فَقَالَ رَجُلٌ: نِعْمَ المَرْكَبُ رَكِبْتَ يَاغُلَامُ! فَقَالَ النَّبِيُّ ﷺ: وَ نِعْمَ الرَّاكِبُ هُوَ (رواه الترمذی) [1]

ترجمو: حضرت ابن عباس ؓ فرمائن ٿا تہ هڪ ڀيري رسولِ خدا ﷺ جن کي سندن ڳلهي تي حضرت حسن بن علي عليهما السلام کنيل هئا، تہ هڪ شخص چيو: اي نينگر توهان ڪيڏي نہ بهترين سواريءَ تي سوار آهيو تنهن تي پاڪ نبي ﷺ جن فرمايو: سوارُ بہ تہ ڀلارو آهي.

### حديث نمبر (21)

عَنْ عُقْبَةَ بن الحَارِثِ، قَالَ <<----->> [2] رَأَيتُ اَبَابَكْرٍ وَّ حَمَلَ الْحَسَنَ وَ هُوَ يَقُولُ: بِاَبِي <<شَبِيْه>> [3] بِالنَّبِيِّ ﷺ لَيْسَ شَبِيهٌ بِعَلِيٍّ وَّ عَلِيٌّ يَضْحَكُ (رواه البخاری)

ترجمو: حضرت عُقبہ بن حارث ؓ روايت ٿو ڪري تہ مون حضرت ابوبڪر ؓ کي ڏٺو تہ سندن ڪلهي تي امام حسن عليه السلام کي کنيو اٿائون ۽ چيائون پيءُ تہ منهنجو بابو ان تان گهور ٿئي،جيڪو نبي ﷺ سان مشابهت رکي ٿو نڪي عليءَ عليه السلام سان، تنهن تي عليءَ عليه السلام کِلي ڏنو.

---

[1] جامع ترمذي، اردو ترجمو: مولانا فضل احمد، ج2، ص577، حديث نمبر 3553

[2] هيءَ عبارت بيدل سرڪار رحمة الله عليه جي ٻنهي نسخن ۾ موجود آهي، جڏهن تہ بيدل سرڪار رحمة الله عليه جي ماخذ يعني: صحيح بخاريءَ ۾ هي عبارت نٿي ملي. عبارت هن طرح آهي: "---صَلّٰى بِنا اَبُوبَكْرٍ العَصرَ ثُمَّ خَرَجَ يَمْشِي وَمَعَهُ عَلِيٌّ فَرَاٰى الحَسَنَ يَلْعَبُ مَعَ الصِّبْيَانِ فَحَمَلَهُ عَلٰى عَاتِقِهِ و قَالَ---"

[3] بيدل سائين رحمة الله عليه ان لفظ کي "شبيها" لکيو آهي، جڏهن تہ ماخذ منجهہ "شبيہ" لکيل آهي. ڏسندا تفهيم البخاري، شرح صحيح البخاري، ج5 ص 717، حديث نمبر 3504 ۽ سيري در صحيحين، ج2 ص 326 ۽ 327.

## حديث نمبر (22)

عَن اَنسٍ قَالَ: اُتِيَ عُبَيْدُاللهِ بِنُ زِيَادٍ بِرَاسِ الحُسَيْنِ فَجُعِلَ فِي طَستٍ فَجَعَلَ يَنْكُتُ وَ قَالَ فِي حُسْنِهِ شَيْئًا. فَقَالَ اَنَسْ: <<فَقُلْتُ [ص۵] وَاللهِ اِنَّهُ[1] >> كَانَ اَشْبَهُهُم بِرَسُولِ اللهِ ﷺ[2] <<و●>> كَانَ مَخْضُوباً، <<بالوسمة>>.● (رواه البخاری)

وَ فِي رِوَايَةِ التِّرمِذِی: قَالَ كُنتُ عِنْدَ ابنِ زِيَادٍ، فَجِيئَ بِرأسِ الحُسَيْنِ فَجَعَلَ يَضْرِبُ بِقَضِيْبٍ فِي اَنْفِهِ وَ يَقُول: مَارَأَيتُ مِثْلَ هٰذَا حُسِنًا. وَقَالَ: قُلْتُ اَمَا اِنَّهُ كَانَ أُشبَهُهم بِرَسُولِ اللهِ ﷺ وَقَالَ هٰذَا حَدِيثٌ صَحِيْحٌ حَسَنٌ غريبٌ

ترجمو: حضرت انس بن مالڪ ؓ کان روايت آهي تہ عبيدالله بن زياد (ملعون) جي اڳيان حضرت امام حسين عليه السلام جو سر مبارڪ هڪ ٿالهہ ۾ رکي آندو ويو. ابن زياد (العين) ان پاڪ سر کي (هڪ آلي، لڪڙ سان) ڏڪ هڻندو رهيو ۽ ساڻ ئي سندن سُونهن سوڀيا جي ساراهہ ۾ پڻ ڪجهہ چوندو رهيو. ان کان پوءِ انس ؓ چيو: مون چيو تہ حضرت امام خسين عليه السلام سڀني کان وڌيڪ حضرت رسول خدا ﷺ جن سان مشابهت رکندا هئا. ان وقت سندن سرمبارڪ "وسمہ" (نالي هڪ خضاب) سان خضابيل هيو. هيءَ روايت بخاريءَ کان ٿيل آهي.

۽ ترمذي جي روايت ۾ آهي تہ:
حضرت انس بن مالڪ ؓ چئي ٿو تہ آءٌ ابن زياد (لعين) وٽ هيس، جو اُتي حضرت امام حسين عليه السلام جن جو سِرُ مبارڪ آندو ويو. ابن زياد سندن پاڪ نڪ تي آلي لڪڙ سان ڏڪ

---

1. اين جملہ در صحيح بخاري نہ نگاشتہ شده استہ
2. اين کلمہ در صحيح بخاري نہ نگاشتہ شده است.
- ● اين کلمہ در هر دو نسخہ جناب بيدل ؒ نہ نگاشتند
- ● اين کلمہ در هر دو نسخہ جناب بيدل ؒ بہ اين نحو "بالرسمة" نگاشتند.

هڻندو رهيو ۽ ساڻ ئي چوڻ لڳو :
مون ههڙو حُسنُ ڪڏهن بہ ناهي ڏٺو.
۽ پوءِ انس رضي الله عنه چيو: مون چيو تہ امام
حسين ؑ سڀ کان وڌيڪ
حضرت رسولِ خدا ﷺ جن سان
مشابهت رکن ٿا ۽ چيائين: هيءَ
حديث صحيح حسن ۽ غريب آهي.

حديث نمبر (23)

عَنِ ابنِ عَبَّاسٍ ﷠، قَالَ: رَأَيْتُ النَّبِيَّ ﷺ فِي النَّومِ ذَاتَ يَومٍ نِصْفَ النَّهَارِ أَشْعَثَ أَغْبَرَ بِيَدِهِ قَارُوْرَةٌ فِيْهَا دَمٌ فَقُلتُ: مَا هٰذِهِ؟ قَالَ: دَمُ الحُسَيْنِ وَ اصحَابِهِ لَمْ أَزَل أَلتَقِطُهُ مُنْذُ اليَوْمِ فَأُحصِي ذَالِكَ الوَقْتَ فَوَجَدْتُ قَدْ قُتِلَ ذَالِكَ الْيَومَ (رواهما البيهقيٌّ فِي دلائل النبوة و احمد الاخيرع)

ترجمو:حضرت عبدالله ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي فرمائن ٿا تہ هڪ ڏينهن منجهند جو مون حضرت نبي اڪرم ﷺ جن کي خواب ۾ ڏٺو تہ سندن وار وکريل آهن ۽ منجهن خاڪ پيل آهي ۽ سندن هٿ ۾ هڪ شيشي آهي جنهن ۾ رَتُ پيل آهي. مون عرض ڪيو: هي ڇا آهي؟ فرمايائون: (هن ۾) حسين ؑ ۽ سندس ساٿين رضہ جو رت آهي جيڪو اڄ صبح کان ئي مون وٺ آهي. حضرت عبدالله ابن عباس رضي الله عنه فرمائن ٿا تہ مون اهو (خواب واري ڏينهن جو) وقت ياد ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ مون تائين خبر پهتي تہ حضرت امام حسين ؑ اُن ئي ڏينهن شهيد ٿيا هئا. هيءَ روايت دلائل النبوت ۾ بيهقيءَ بيان ڪئي ۽ ان کان پوءِ احمد بہ بيان ڪئي. ❶

---

● (حديث_23) سِر الشهادتين (اردو ترجمو: مولوي خرم علي صاحب)شاه عبدالعزيز محدث دهلوي ؒ ص 54 کان 57.



Scanned with CamScanner

## حديث نمبر (24)

عَنْ ابنِ عَبَّاسٍ قَالَ: قَالَ رَسُولُ اللهِ ﷺ اَحِبُّوا اللهَ لِمَا يَغْذُوكُمْ مِنْ نِعْمِهِ وَ اَحِبُّوْنِي بِحُبِّ اللهِ وَاَحِبُّوا اَهْلَ بَيْتِي بِحُبِّي. (رواه الترمذی) [1]

ترجمو:حضرت ابن عباس رضي الله عنه فرمائن ٿا ته حضرت رسول خدا ﷺ جن فرمايو: الله تعاليٰ سان محبت ڪريو جو هُو توهان کي پنهنجي نعمتن منجهان کارائي ٿو ۽ مون سان الله ڪارڻ محبت ڪريو ۽ اهڙيءَ طرح منهنجي اهلبيت عليهم السلام سان وري منهنجي ڪري محبت ڪريو.

## حديث نمبر (25)

عَنْ اَبِي ذَرٍّ، اِنَّهُ قَالَ وَ هُوَ آخِذٌ بِبَابِ الْكَعْبَةِ، سَمِعْتُ النَّبِيَّ ﷺ يَقُوْلُ، اَلاَ اِنَّ مثل اهل بَيْتِي فِيْكُم مثل سَفِيْنَةِ نُوحٍ مَنْ رَكِبَهَا نَجَا وَ مَنْ تَخَلَّفَ عَنْهَا هَلَكَ (رواه احمد) [2]

ترجمو:حضرت ابوذر غفاريءَ رضي الله عنه کان روايت آهي، جو پاڻ ڪعبة الله شريف جي دروازي تي هٿ وجهندي فرمايو ته مون حضرت نبي سردار ﷺ جن کان ٻڌو پاڻ ﷺ فرمايائون: خبردار! يقيناً منهنجي اهلبيت جو مثال توهان منجهه نوح عليه السلام جي ٻيڙيءَ جهڙو آهي، جيڪو ان تي سوار ٿيو تنهن نجات ماڻي ۽ جنهن ان جي مخالفت ڪئي، اهو هلاڪ ٿيو.

---

[1] (حديث24) الجامع الصحيح الترمذي جلد5, ص 664, طبع: دارُ احياء التراث (بيروت)بحوالا: احياء الميت بـ فضائل اهلبيت.جلال الدين عبدالرحمٰن سيوطي, تحقيق جلال جمال فخري, ناشر: نشر توحيد, طبع 1408هه ص 17_ حديث نمبر9 (تاسع)/جامع ترمذي, اردو ترجوم" مولانا فضل احمد, ج2 ص579 حديث نمبر 3559

[2] (ح_25) تعليقات احقاق, ج 9 ص 274

حديث نمبر (26)

عَنِ ابنِ عَبَّاسٍ: قَالَ: قَالَ رَسُولُ اللهِ ﷺ اَوْحَى اللهُ اِلَيَّ اِنِّي قَتَلتُ بِيَحيَى بنِ ذَكَرِيَّا سَبْعِينَ اَلفاً وَ اِنِّي قَاتِلٌ بِابنِ ابنَتِكَ سَبْعِينَ سَبْعِينَ اَلفاً وَ سَبْعِينَ اَلفاً۔ (رواه الحكم) ❶

ترجمو: حضرت عبدالله ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي، فرمائن ٿا تہ حضرت رسولِ خدا ﷺ جن فرمايو تہ الله تعاليٰ مون کي وحي ڪندي فرمايو تہ مون يحيٰ بن ذڪريا عليهما السلام جي بدلي ۾ ستر هزار (70,000) ماڻهو ماريا ۽ (اي محبوب) توهان جي نياڻيءَ جي پُٽ جي پلاند ۾ ستر هزار ۽ ستر هزار (70,000 x 70000) ماڻهو ماريندس.

(حديث 27)

عَن اُمِّ الفَضْلِ بِنْتِ الحَارِثِ زَوْجَةُ حضرت عبَّاسٍ رضي الله عنه اَنَّهَا قَالَتِ دَخَلْتُ عَلَىٰ رسُولِ الله ﷺ فقالت: يا رسولَ الله ﷺ! اِنِّى رَاَيتُ حلمًا منكرٍ الليلة، قَالَ: وَما هو؟ قالت: انه شديد، قال: وما هو؟ قالت[ص٦]، رأيت قَطْعَتَ مِن جسدكَ قطعة و وَضعتُ فى حجرى، فقال رسول الله ﷺ، رأيت خيراً، تلد فاطمة انشاء الله غلاماً يكون فى حجرك فولدت فاطمة الحسين فكانَ فى حِجرى، كما

ترجمو: حضرت ام الفضل بنت الحارث، حضرت عباس (بن عبدالمطلب عليه السلام) جي گهرواري کان روايت آهي، جنهن رسول الله ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو: يا رسول الله ﷺ مون رات جي پوئين پهر ۾ هڪ خواب ڏٺو. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: خواب ڇا هو؟ عرض ڪيائين: تمام ڏکيو خواب آهي، پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: پوءِ بہ ڇا هو؟ عرض ڪيائين: مون ڏٺو تہ

---

● (حديث 26) ر الشهادتين (اردو ترجمو: مولوي خرم علي صاحب) شاهہ عبدالعزيز محدث دهلوي رح، ص 54 ۽ 55.



Scanned with CamScanner

قالت رسول الله ﷺ فدخلت يوماً
على رسول الله ﷺ فوضعت في
حجره ثم كانت مني التفاتة فاذا عينا
رسول الله ﷺ تهريقان الدموع
قالت: فقلت: يا نبي الله بابي انت و امي،
مالك؟ قال، اتاني جبرئيل عليه السلام
فاخبرني ان امتي ستقتل ابني هٰذا،
فقلت هٰذا؟ قال: نعم، و اتاني بتربة
من تربة حمراء

توهان جي جسم جو هڪ ٽڪر
منهنجي هنج ۾ پيل آهي. پاڻ
سڳورن ﷺ فرمايو: ڀلو خواب ڏٺو
اٿئي. جو فاطمه (عليها السلام) انشاء الله هڪ
پٽ ڄار جا پير لهندي. جيڪو
تنهنجي هنج ۾ هوندو. پوءِ جيئن
رسول الله ﷺ جن فرمايو هو
حضرت فاطمه (عليها السلام) جن جي گهر ۾
حسين (عليه السلام) جي ولادت ٿي، جنهن
کي مون هنج ۾ ڪنيو. هڪ ڏينهن مون
رسول الله (ﷺ) جن جي خدمت ۾
حاضر ٿي (امام) حسين (عليه السلام) کي
سندن هنج ۾ ڏنو (ان ڪانپوءِ) اچان جو
ڏسان ته رسول الله ﷺ جن جي نيڻن
مان نيرنار ڪري وهڻ لڳا. چوڻ لڳي
ته مون عرض ڪيو: اي الله جا
نبي ﷺ! منهنجو ابو امان توهان تان
گهور ٿين. توهان کي ڇا ٿيو؟ پاڻ
سڳورن ﷺ فرمايو: جبرئيل (عليه السلام)
مون وٽ آيو ۽ مون کي خبر ڏنائين ته
بيشڪ منهنجي امت سگهوئي
منهنجي هن پٽ کي قتل ڪندي. مون
عرض ڪيو: هن(پٽ) کي؟ پاڻ
سڳورن ﷺ فرمايو: هائو... ۽ (پوءِ
جبرئيل عليه السلام) مون کي ڳاڙهي مٽيءَ
منجهان ٿورڙي مٽي آڻي ڏني.



Scanned with CamScanner

(حديث 28)

عَنِ البغوي بِسَنَدِهِ يرفعه إِلَى أُمِّ سَلَمَةَ إنها قالت: كَانَ جبرئيلُ عِنْدَ النَّبِيِّ ﷺ والحسن معي فضعلت عنه فذهبت الى النبي ﷺ فاخذه النبي ﷺ و جعله على فخذيه فقال جبرائيل اتحبه يا محمد؟ قال: نعم، فقال: أَمَا إِنَّ أُمَّتَكَ سَتَقْتُلُهُ، وَ إِن شِئتَ أُوتِيكَ تُربَةَ الارضِ الَّتِي تقبل بها، ثُمَّ بَسَطَ جبرئيلُ جَنَاحَيْهِ الى الارضِ وَأَرَاهُ أَرْضاً يُقَالُ لَهَا كربلا تربةً حمراء بِالطَّفِ العِرَاقِ۔

بغويءَ کان مرفوعا روايت آهي تہ جناب ام سلمہ رضی اللہ عنہا فرمائن ٿيون تہ هڪ ڀيري جبرئيل (عليه السلام) نبي ﷺ جن وٽ موجود هيو ۽ حسين (عليه السلام) مون سان گڏ هيو. منهنجو ڌيان جو حسين (عليه السلام) تان هٽيو تہ حسين (عليه السلام) نبيءَ ڏانهن هليا ويا ۽ پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ کين سندن سٿرن تي ويهاريو. اتي جبرئيل (عليه السلام) عرض ڪيو: يا رسول الله ﷺ ! ڇا توهان ساڻس محبت ڪريو ٿا؟ پاڻ فرمايائون: هائو. پوءِ جبرئيل (عليه السلام) عرض ڪيو: پر هن کي پڪ سان توهان جي امت جلد ئي قتل ڪندي، جيڪڏهن توهان چاهيو تہ توهان کي ان ڌرتيءَ جي مٽي آڻي ڏيکاريان؟ پوءِ جبرئيل (عليه السلام) سندس پَرَ ڏگهيري سرزمين عراق جي ان ٽڪر، جنهن کي ڪربلا ڪوٺجي ٿو جي ڳاڙهي مٽي آڻي ڏيکاري

حديث نمبر 29)

عَنِ الحَافِظِ عَبدِالعَزِيزِ بنِ الاَخضَرِ الجَنَابذِيّ فِي كِتَابِهِ مَعَالِمُ العِترَةِ،

ترجمو: حافظ عبدالعزيز بن الاخضر الجنابذي سندس ڪتاب: "معالم

<<الطاهرة>> [1]، مَرفوعٌ إلَى الاصبغِ بنِ نباتة <<ـ ـ ـ>> [2]، قال <<اتينا>> [3] مع << على ابن ابى طالب>> [4]، <<على موضع قبر الحسين [5]>> فقال على: ها هنا مناخ ركابهم و موضع رِحَالِهِم وَ مُهَرَاقُ <<دمائهم>> <<فئة [6]>> من آل محمد ﷺ تقتلون <<بهٰذه العرصة [7]>> تبكى عليهم السماء والارض [ص٧]

العترة الطاهره“ ۾ حضرت اصبغ بن نُباتہ رضي الله عنه کان روايت ڪري ٿو حضرت اصبغ رضي الله عنه فرمائن ٿا تہ اسان جڏهن حضرت علي ابن ابي طالب عليه السلام جن سان حضرت امام حسين عليه السلام جي قبر جي جڳهہ تي آياسون تہ حضرت علي عليه السلام فرمايو: هيءُ هُنن (شهيدن) جي سوارين جي ويهڻ جي جاءِ آهي، هن جاءِ تي اُنن جا پاڪڙا رکيا ويندا ۽ هت هنن جي رَتُ وهايو ويندو. آلِ محمد ﷺ جي هڪ ٽولي کي هِتِ ڪُٺو ويندو جن تی آسمان ۽ زمين روئندا.

---

• بيدل سائين رحمه الله جي ٻنهي نسخن ۾ "الظاهِرَ" لکيل آهي

• بيدل سائين رحمه الله جي ٻنهي نسخن ۾ "عن علي" لکيل آهي

• بيدل سائينءَ رحمه الله جي ٻنهي نسخن ۾ "ابينا" لکيل آهي

• موسائي: علي ابن" ابو طالب ۽ موسوي: "ابن" ابو طالب آهي

• بيدل سائينءَ رحمه الله جي ٻنهي نسخن ۾ "في سفر فمر زنا بارض ڪربلا" لکيل آهي

• بيدل سائينءَ رحمه الله جي ٻنهي نسخن ۾ "دمائيهم" لکيل آهي

• بيدل سائينءَ رحمه الله جي ٻنهي نسخن ۾ "في هذا العرصة" لکيل آهي

• (حديث 29) سِر الشهادتين (اردو_مولوي خرم علي صاحب) شاه عبدالعزيز محدث دهلوي (رحمه الله) ص 54/ تاريخ احمدي: نواب شيخ احمد حسين صاحب، ص256.



Scanned with CamScanner

## حضرت امام حسين عليه السلام جي شهادت بابت پيشگوئيون

"مصابيح القلوب" منجهه ذڪر ٿيل آهي تہ "ڪعب الاحبار"❶ هڪ ڏينهن مديني واسين کي انهن سخت خوني جنگين ۽ فتنن جو اطلاع پئي ڏنو جيڪي هو ڪتابن منجهہ پڙهي چڪو هو. سندس ڳالهہ دوران هن بيان ڪيو تہ انهن عظيم آزمائشن ۽ حادثن منجهان هڪ حادثو حضرت امام حسين عليه السلام جن جو ڪُسجڻ پڻ آهي. اهو (آئيندي جو عظيم حادثو) هن طرح پڙهيو اٿم تہ جنهن ڏينهن حضرت امام حسين عليه السلام جن کي شهيد ڪيو ويندو، اُن ڏينهن ست ئي آسمانَ رَتُ روئندا. ڪائنس پڇيو ويو: اي ابا اسحاق! (ڪعب الاحبار) اهو تہ اسان ڪڏهن ناهي ٻڌو تہ آسمان ڪنهن لاءِ رت رنو هجي! ......
ڪعب الاحبار ورائيو:

وَيلَكُم اِنَّ قَتلَ الحُسَينِ اَمرٌ عَظِيمٌ. يعني: افسوس آهي توهان جي حال تي ...حسين عليه السلام جو ڪُسجڻ يقيناً تمام وڏو ۽ سخت مامرو آهي. ڇاڪاڻ تہ حسين عليه السلام خاتم الانبياء صلى الله عليه وآله جو پٽ، سبطِ رسولِ آخرِ زمان، سَيِّد الانبياء جي سُرهاڻ، سَيِّد الاوصياء (حضرت علي عليه السلام) جو فرزند، پنجتن پاڪ جو پنجون ۽ آخري فرد ۽ حضرت فاطمۃُ الزُهراء عليها السلام جن جي اکين جي جوتِ ۽ نور آهي. توهان کي ڄاڻڻ گهرجي: اُن خدا جو قسم، جنهن جي هٿ ۾ "ڪعب" جي جان آهي. مون هن طرح پڙهيو آهي تہ جنهن ڏهاڙي کين ڪُنو ويندو، اُن ڏهاڙي کان فرشتن جو هڪ ٽولو سندن روضي مبارڪ تي اچي روئندو ۽ قيامت تائين روئڻ کان بسِ نہ ڪندو ۽ هر جمعي جي رات اَسِي هزار (80000) ملائڪ (آسمان کان) نازل ٿي ڏُنديڪُرون ڏيئي روئندا ۽ صبح ٿيڻ تي سندن مقرر ٿيل اطاعت جي جڳهن تي موٽي ويندا.

---

❶ آسمان ۾ کين "حسين عليه السلام ڪُٺل" ڪوٺيندا هئا ۽ زمين وارا اَبُوعبدِالله مقتول جي نالي سان ياد ڪندا هئا، جڏهن تہ سمنڊن منجهہ کين نوراني مظلوم فرزند جي لقب سان سڃاڻندا هئا.( جلاءُ العُيون (فارسي) ڇاپو: ايران، ص: 469 ۽ 470.)

آسمان واسي کين "اَبُو عَبدِ اللهِ الْمَقتُول" کوٺيندا، جڏهن ته "هوا" تي نگران فرشتا کين امام حسين شهيد جي نالي سان ياد ڪندا.[1]

نظم:

(1)

بـر قتلِ حسين ارض و سـمـامـي گريـنـد
از عــرشِ عُـلــي، تا بـه ثـري مـي گريـنـد

حسين جي قتل تي زمين ۽ آسمان روئن ٿا،
عرش کان وٺي زمين تائين جا واسي روئن ٿا.

(2)

مــاهي در آب و مـــرغ در رُوي هـــوا
در مـــاتمِ شـــاهِ کـــربلا مــي گريــنــد

پاڻيءَ ۾ مڇي ۽ هوا ۾ پکي پکڙ،
ڪربلا جي شهنشاه جي ماتم ۾ روئن ٿا.

***

## امام حسين جي مزارتي ملائڪ روئن ٿا

قَالَ سَيِّدُنَا إِمَامُ جَعفَرُ بنُ إِمَامِ مُحَمَّد بَاقِر عَلَيهِمَا السَّلَام- عَن زِيَارَةِ قَبرِ الحُسَينِ، قَالَ مَن زَارَ قَبرَ الحُسَينِ عَارِفًا بِحَقِّهِ كَتَبَهُ اللهُ تَعَالَى فِي العِلِّيِّينِ، ثُمَّ قَال: إِنَّ حَولَ قَبرِهِ سَبعِينَ أَلفَ مَلَكًا [ص٨] شعثا غبراء يَكُونَ عَلَيهِ أَن يَقُومَ السَّاعَةُ.

ترجمو: (ڪعب الاحبار چوي ٿو ته) امام جعفر صادق ابن امام محمد

---

[1] ابواسحق ڪعب مشهور تابعي قبولِ اسلام کان اڳ يهود جي جيد عالمن ۾ ڳڻيو ويندوهو. نسب جي لحاظ کان يمن جي مشهور حميري خاندان جي شاخ آلِ ذي روعين سان تعلق هيس. نسب هن ريت اٿس: ڪعب بن ماتع بن هينوع بن قيس بن معن بن جشم بن وائل بن عوف بن جمهر بن عوف بن زهير بن ايمن بن حمير بن حميري. سن ٣٢ هه ۾ شام ۾ وفات ڪيائين.



Scanned with CamScanner

باقر عَلَيهِمَا السّلَام جن کان امام حسين ؑ جن جي قبر جي زيارت بابت پڇيو ويو. فرمايائون: جنهن قبر حسين ؑ جي زيارت سندن حق سڃاڻندي ڪئي. الله تعاليٰ ان کي عَلِيين جي مقام تي فائز ڪندو وڏيڪ فرمايو: بيشڪ امام حسين ؑ جي قبر جي چوڌاري نوراني مهانڊن وارا ستر هزار (70000) ملائڪ زمين تي ويهي قيامت تائين مٿن روئندا رهندا.

## پنجتن پاڪ جي وسيلي سان جناب آدم ؑ جي توبه قبول ٿي

ابنِ عباس ؓ کان روايت آهي ته اصحابن سڳورن ؓ حضرت رسالت پناهه ﷺ جن کان پڇيو ته اي الله جا رسول! اهي ڪهڙا لفظ هئا، جيڪي حضرت آدم ؑ زبان تي آندا. جو انهن جي برڪت سان الله تعاليٰ سندن توبه قبول ڪئي؟ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو:

سَئَلَ آدَمُ عَن رَبِّهِ بِحَقِ مُحَمَّدٍ وَعَلِيٍ وَ فَاطِمَةَ وَ الحَسَنِ وَ الحُسَينِ اَن تبت عَلَيَّ.

تِرجمو: آدم ؑ پنهنجي رب کان حضرت محمد، علي، فاطمه، حسن ۽ حسين (عليهم السلام) جو واسطو ڏيئي سوال ڪيو ته منهنجي توبه قبول ڪر، ته (موٽ ۾) الله تعاليٰ حضرت آدم ؑ جي توبه قبول ڪئي.

## حضرت امام حسين ؑ جي قاتل لاءِ عذاب ۽ سزا

حضرت آدم، هابيل ؑ جي ڪُسجڻ ڪانپوءِ سندس موٽ وڃڻ تي ايترو رُنا جو ستن آسمانن جا ملائڪ پڻ روئڻ لڳا ۽ بارگاهِ اِلاهيءَ ۾ عرض ڪيائون ته خداوند! آدم ؑ رڳو ٻه ٽي ڏينهن روئڻ کان بس ڪري پيهر روئڻ شروع ڪيو آهي، اسان کان سندس روئڻ سَهيو نٿو ٿئي. الله تعاليٰ خطاب ڪندي فرمايو: اي آدم ؑ ان مصيبت تي صبر ڪر، چاڪاڻ ته صبر ڪرڻ وارن جي لاءِ اڻ ڪٿ اجر آهي ۽ اسان فيصلو ڪيو آهي ته دوزخ جو ڊاڍو عذاب اڪيلي قابيل جي لاءِ آهي.



Scanned with CamScanner

هڪ بزرگ شخص کان ٻڌو اٿم تہ مڙيئي مسلمان ان ڳالھ تي متفق آهن تہ حضرت رسالت پناھ ﷺ جن آدم صَفِيَ الله کان افضل، اڪرم ۽ اشرف آهن ...... جڏهن آدم عليه السلام جي پٽ جي قاتلَ "قابيل" جي حصي ۾ ايترو سارو عذاب اچي ٿو تہ پوءِ حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي پٽ ۽ حضرت عَلي المُرتضيٰ عليه السلام جن جي جگر جي ٽڪر جي قاتل لاءِ ڪيترو ۽ ڪيڏو نہ عذاب هوندو.

ڪتاب "صحيفہ رضيَّہ"، جنهن جون حديثون حضرت سلطان خراسان علي ابن موسيٰ رضا عَلَيہِ تحۃُ وَالدُّعا کان سَنَد يافتہ آهن. پاڻ اهي حديثون سندن بزرگن ۽ عظيم ابن ڏاڏن کان نقل ڪيون اٿن. ان ڪتاب منجھ لکيل آهي تہ حضرت امام حسين عليه السلام جو قاتل باھ منجهان ٺهيل هڪ تابوت ۾ هوندو ۽ سندس هٿَ پيرَ باھ جي زنجيرن ۾ جڪڙيل هوندا. منجهانئس ايتري تہ ڌپ اُٿندي هوندي، جو جهنمي اُن ڌپ ۽ اُن ظالم تي عذاب جي ان ڪيفيت کان پناھ گهرندا. اهڙي ظالم جي اهائي سزا [ص٩] آهي، جنهن مظلوم شهزادي عليه السلام جي (اجاري ۽) بي آب ڳلَ کي آبدار خنجر سان آزار پهچايو اهڙو ڳلُ جيڪو حضرت رسول الثقلين ﷺ جن جي چُمڻ جي جڳھ، جنهن کي هن ظالم ڪيني پريل ڪٽار سان ڪُٺو.

## حضرت امام حسين عليه السلام جي شهادت جي خبر ٻڌي پاڻ سڳورن (ﷺ) جو روئڻ

ڪتاب "ڪنزالغرائب" ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ حضرت فاطمۃُ الزَّهراء عليها السلام هڪ ڏينهن سندن شهزادن لاءِ پهرياڻ سبيا، جيڪي ڪين پارائي حضرت رسالت پناھ ﷺ جن جي خدمت ۾ موڪليائون. شهزادا جڏهن حضور (ﷺ) جن جي خدمت ۾ پهتا تہ پاڻ سڳورن (ﷺ) ڪين ڏسي ڪٽي ياڪر ۾ ورتو... ڏٺائون تہ حضرت امام حسين عليه السلام جن جي پهرياڻ جي ڳچي سوڙهي آهي، جنهن جي ڪري سندن زور پئي آيو. پاڻ سڳورن ﷺ سندن گريبان جو بٽڻ ڪولي ڏنو تہ

سندن ڳچيءَ مبارڪ تي چوڌاري وڏو پٽجي ويو آهي، جيڪو پاڻ سڳورن ﷺ جي پاڪ دل تي نهايت بار گذريو. انهيءَ گهڙيءَ ئي جبرئيل امين ؑ حاضر ٿي عرض ڪيو: اي مڙني مخلوق جا مهندارَ ﷺ! توهان حضرت امام حسين ؑ جن جي ڳچيءَ تي ان وڏَ جي لڪير نہ سهي سگهيا آهيو جڏهن تہ هڪ ڏينهن اهڙو بہ ايندو جو ان ئي ڳل جي ان وڏَ واري جاءِ تي ظلم ۽ ڏاڍ جي خنجر سان وارُ ڪري سندن سر مبارڪ ڌڙ کان ڌار ڪيو ويندو. ٻنهي جهانن جو سردار ﷺ اها خبر ٻڌي روئڻ لڳو. پوءِ ان مصيبت تي ڪيرِ ڪيئن نہ روئي ۽ ان واقعي تي ڏکايل دل سان ڪو ڇو نہ ڀارَ ڪري؟

نظم:

(1)

در جهـان زيـن صعب تـر هر گـز بلائـی کـس نديـد
دل شکن تر زين ❶ عزا، هر گز ❷ عزائی کـس نـه ديـد

"دنيا ۾ هن کان وڌيڪ سخت مصيبت ۽ هاجو ڪنهن ناهي ڏٺو ۽ اهڙي دلسوز عزاداري ۽ ڏکُ ڪڏهن ڪنهن ناهي ڏٺو."

(2)

تــازبــی آبــی، گــلِ بــاغ نبــیؐ پژمــرده شــد
در ســرای بوســتان، بــرگ ونــوائی کـس نـه ديـد

"پاڻي نہ ملڻ ڪري، نبيءَ (ﷺ) جي باغ جو گل ڪومائجي ويو هن دنيا جي باغ ۾ (ان طرح لڙجندڙ) اهڙو سازو سامان ڪنهن ناهي ڏٺو."

---

❶ موسائي ۽ موسوي: "غذا". روضة الشهداء قلمي ص 11 ۽ اردو ترجمو ص 48 صائم چشتي "عزا".
❷ موسائي ۽ موسوي: "غذائي". روضة الشهداء، قلمي ص 11 ۽ اردو ترجمو صائم چشتي، ص 48 "عزائي".



Scanned with CamScanner

(3)

ابــتلای انبیــــاء و اوصـــیا بســـیار بـــود
لیک در عالم ازیـن سـان ابتلائـی کـس ندیـد [ص ۱۰]

"نبين ۽ ولين تي تمام گهڻيون آزمائشون آيون،
پر ڪائنات ۾ اهڙي آزمائش ڪنهن ناهي ڏٺي."

(4)

چشـم گـردون چـون نگِریَـد خـون کـه در دوران اُو
چـون بـلای کـربلا، کـرب وبلائـی کـس ندیـد

"آسمان ان طرح ڪيئن نہ رَتُ روئي، جو هن پنهنجي چوڌاري ڪربلا جهڙي ڪا مصيبت ۽ آزمائش ناهي ڏٺي."

(5)

در ســرای دهــر تـا شــد رســم مــاتم آشـکار
همچــو دشــتِ کــربلا مــاتم ســرائی کـس ندیـد

"هن زماني ڪيتريون ئي ماتمي رسمون ڏٺيون،
پر ڪربلا جهڙو "ماتمي گهر" ڪنهن ناهي ڏٺو."

## حضرت نوح عليه السلام جو ٻيڙو ڪربلا ۾

"ڪنز الغرائب" ۾ آيو آهي تہ حضرت نوح عَليٰ نَبِيِّنَا وَ عليه السلام جي ٻيڙي پاڻيءَ تي دنيا جي چوڌاري چڪر پئي ڪاٽيو تہ ان دوران ٻيڙو جڏهن ڪربلا جي ڌرتيءَ تي پهتو تہ سندس رفتار گهٽائيندي بيهي رهيو. حضرت نوح عليه السلام مناجات ڪندي بارگاهِ الاهيءَ ۾ عرض ڪيو تہ اي الله هيءَ ڪهڙو ماڳ آهي ۽ هن جڳهہ تي ٻيڙي جي بيهي رهڻ ۾ ڇا راز آهي؟ الله تعاليٰ فرمايو: هيءَ اهو ماڳ آهي جتي، "مَثَلُ اَهلِبَيتِی كَمَثَلِ



Scanned with CamScanner

سَفِينَةِ نُوحٍ"● واري ٻيڙي رت جي ڇنوُر منجهہ اچي ويندي

## خاڪِ ڪربلا رت ٿي ويئي

ڪتابن منجهہ آيو آهي تہ شاهزادي حضرت امام حُسين عليه السلام جن جڏهن مدينو ڇڏي ڪوفي روانگيءَ جو ارادو ڪيو تہ سندن ستن سالن جي هڪ نياڻيءَ کي بيمار هجڻ سبب ساڻ نہ پئي وٺي هلي سگهيا. تنهن ڪري ڪيس اُم المومنين حضرت اُم سلمه رضي الله تعاليٰ عنها جي گهر ڇڏيائون ۽ پوءِ اُها معصومہ نياڻي● سدائين ان ڳڻتيءَ منجهہ رهي تہ سندس بابا (امام عليه السلام) جي خيرَ خبرَ ملندي رهَي. جڏهن ننهي جهانن جي شاهزادي حضرت امام حسين عليه السلام جن کي شهيد ڪيو ويو تہ هڪ جهنگلي ڪانءُ سندس پرَن ۽ لِڱ امام شهيد جي رت سان پري اڏامي اچي مديني پهتو ۽ اُمِّ المومنين اُمِ سلميٰ رضي الله عنها جي گهر جي ڇت تي اچي ويٺو. اتفاق سان حضرت امام حسين عليه السلام جي پاڪ نياڻي ڪمري منجهان نڪري باغيچي ۾ آئي تہ سندس نظر اُنَ رت ڀريَل ڪانءُ تي پيئي، تہ عصمت ۽ پاڪائيءَ واري پردي منجهان سندس هٿ ۽ پاڪ پيشاني [ص١١] ٻاهر ڪڍي فرياد ڪيائون! ... هاءِ حسين! هاءِ مصيبت! ... سندن فرياد تي خاندانِ رسالت جون پاڪ بيبيون اچي مڙيون ۽ ڪانئن فريادن ۽ دانهُن جو سبب پڇڻ لڳيون. امام حسين عليه السلام جي نياڻيءَ ڇت تي ويٺل ڪانءُ ڏانهن اشارو ڪندي فرمايو: هن رت ڀريل ڪانءُ ڏانهن ڏسو. هڪڙي ڪانءُ حضرت نوح عليه السلام جي ٻيڙيءَ جي خبر آندي هئي ۽ هِتِ (هن ڪانءُ) اهلبيت جي ٻيڙيءَ جي خبر آندي آهي ۽ اهو هن طرح تہ "سَفِينَةُ اَهلَبيتِي كَمَثَلِ سَفِينَةِ نُوحٍ" واري ٻيڙي اڄ رت جي سيلاب هيٺ اچي ويئي آهي. خاندان

---

● فرمان نبوي (صلي الله عليه وآله وسلم) آهي، جنهن جو ترجمو ۽ بقايا عبارت هن طرح آهي:...... مَن رَكِبَهَا نَجَا وَمَن تَخَلَّفَ عَنهَا هَلَكَ. يعني: منهنجي اهلبيت جو مثال نوح عليه السلام جي ٻيڙيءَ وانگر آهي. جيڪو ان ۾ سوار ٿيو اُن نجات ماڻي ۽ جنهن مخالفت ڪئي، سو هلاڪ ٿيو.

● روايتن ۾ ان معصومہ جو نالو حضرت "فاطمہ صغريٰ عليها السلام" آيل آهي.

اهلبيت عليهم السلام جي ضاعفن ۾ رڙيون پئجي ويون، اها خبر جڏهن جناب اُمِ سلميٰ رضي الله عنها تائين پهتي تہ پاڻ هڪدم هلي اچي امام حسين عليه السلام جي نياڻيءَ کي دلجاءِ ڏيندي فرمايو: اي ڌيءَ! جيڪو واقعو توهان ٻڌايو ان جي هڪ نشاني ڪربلا جي خاڪ جي صورت ۾ مون وٽ هڪ شيشيءَ منجهہ محفوظ آهي، توهان جي ڏاڏي سائين صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو هو تہ جڏهن منهنجي پٽ امام حسين عليه السلام جو رَتُ زمين تي وهائيندا تہ اها خاڪ، جيڪا تو وٽ موجود آهي، سا رَتُ جهڙي رَنڱَ ۾ ڳاڙهي ٿي ويندي.

ان بابت ڪيترن ئي عالمن جا قول هن طرح آهن:

(الف)... "قاضي عياض (سندس ڪتاب) شقائق" ۾ لکي ٿو تہ حضرت پيغمبر صلي الله عليه وآله وسلم جن پيشگوئي ڪئي تہ شاهزادي امام حسين عليه السلام کي "طف"[1] جي ماڳ تي ڪُٺو ويندو ۽ "طف" ڪربلا کي ڪوٺيو وڃي ٿو...... ۽ پوءِ سندن هٿن ۾ ڪجهہ خاڪ ڏيکاريندي فرمايو تہ اها خاڪ امام حسين عليه السلام جي آخري آرامگاهہ جي آهي.

(ب) ...... امام يافعيءَ سندس ڪتاب "مرآة الجنان" ۾ ڄاڻايو آهي تہ امام احمد بن حنبل سندس "مُسند" ۾ اَنَس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت ڪري ٿو تہ هڪ فرشتو جيڪو ڪڪرن تي مامور آهي، تنهن حضرت رسالت پناهہ صلي الله عليه وآله وسلم جن جي ڪمري جي دروازي تي بيهي اندر اچڻ جي اجازت گهري، پاڻ سڳورن (صلي الله عليه وآله وسلم) کيس [ص١٢] اندر اچڻ جي اجازت ڏني ۽ اُمِّ المومنين اُمِ سلميٰ رضي الله عنها کي چيائون تہ ڪمري جو دروازو ڏيئي ڇڏين تہ جيئن ڪو سندن بارگاهہ ۾ حاضر نہ ٿي سگهي. ايتري ۾ شاهزادهءِ ڪونين امام حسين عليه السلام جن پهتا ۽ ڪمري ۾ داخل ٿيڻ لڳا تہ حضرت اُمِ سلميٰ رضي الله عنها کين روڪيو پر شاهزادي عليه السلام بهرحال پاڻ کي ڪمري ۾ پهچايو ۽ سندن ناني سائينءَ صلي الله عليه وآله وسلم جي ويجهو وڃي ڳِلِ ڳراٽڙي پائي پينگهہ وانگي لڏڻ لڳا. "ڪڪرن تي

---

[1] معنيٰ "درياءَ جو ڪنارو" پڻ دريا ۽ فرات جي ڪناري جي ماڳن منجهان هڪ ماڳ جتي حضرت امام حسين عليه السلام شهيد ٿيا. فرهنگ عميدفارسي ڇاپو: تهران.



Scanned with CamScanner

مامور" ملائڪ اها صورتحال ڏسي، عرض ڪيو: يا رسول الله ﷺ! لڳي ٿو تہ هي نينگر توهان کي ڏاڍو پيارو آهي. پاڻ سڳورن (ﷺ) فرمايو: هائو پيارو اٿم، تنهن تي ان ملائڪ عرض ڪيو تہ اي سردار ﷺ! ٿُرتُ ئي توهان جي اُمَت منجهان هڪ ٽولو کين شهيد ڪندو. توهان جيڪڏهن چاهيو تہ آءٌ اوهان کي اهو ماڳ ڏيکاريان، جتي کين ڪُٺو ويندو...... ۽ پوءِ سندس هٿ کي حرڪت ڏيندي ڳاڙهي رنگ جي مٽي آڻي حضرت رسالت پناهہ ﷺ جن جي خدمت ۾ پيش ڪيائين. اها مٽي اُمّ المومنين اُمِ سلميٰ رضي الله عنها وٺي ڪري، هڪ شيشيءَ ۾ سنڀالي رکي ڇڏي. جڏهن حضرت امام حسين عليه السلام جن کي قتل ڪيو ويو ۽ سندن پاڪ رت (ڪربلا جي) ڌرتيءَ تي وهايو ويو تہ اها مٽي، جيڪا شيشيءَ ۾ رکيل هئي، سا رَتُ ۾ تبديل ٿي ويئي.

ڪتاب "شهادت النبوت" ۾ آيو آهي تہ اُمّ المومنين حضرت اُمِ سلميٰ رضي الله عنها فرمايو تہ هڪ رات حضرت رسالت پناهہ ﷺ جن منهنجي گهران ٻاهر نڪتا ۽ ڪافي دير کان پوءِ جڏهن موٽيا تہ سندن وار مبارڪ وکريل ۽ سندن پاڪ مهانڊا خاڪ ۾ لٽيل هئا ۽ سندن هٿ ۾ ڪا شيءِ ڪنيل هئي. مون عرض ڪيو: يا رسول الله (ﷺ) هي آءٌ ڇا ٿي ڏسان؟ توهان جي اهڙي حالت ڇو آهي؟ پاڻ سڳورن (ﷺ) فرمايو: اڄ رات مون کي عراق جي هڪ ماڳ تي نيو ويو جتي منهنجو پٽ امام حسين عليه السلام ۽ منهنجي پٽن منجهان ٻيا [ص١٣] پڻ ڪُٺا ويندا مون کي اها سرزمين ڏيکاري ويئي، جتان آءٌ انهن جو رَتُ ميڙي آيو آهيان، جيڪو منهنجي هٿ ۾ آهي...... ۽ پوءِ سندن هٿ مبارڪ وڌائيندي فرمايو: ان رت کي سنڀالي ڪري رک...... ۽ پوءِ مون اها رتُ جيڪا ڳاڙهي رنگ جي مٽي هئي، هڪ شيشيءَ ۾ وجهي اُنَ جو مُنهُن چڱيءَ طرح بند ڪري حفاظت سان رکي ڇڏي. جڏهن امام حسين عليه السلام عراق جي سفر تي اُسهيا تہ آءٌ اها شيشي روزانو ٻاهر ڪڍي ڏسي، روئندي رهندي هيس. جڏهن محرم جي ڏهين تاريخ تي ان کي ڏٺم تہ شيشيءَ منجهہ پيل مٽي رت ۾ تبديل ٿي ويئي آهي. تڏهن سَهِي ڪيم تہ



Scanned with CamScanner

كونين جي شهزادي حضرت امام حسين عليه السلام جن کي شهيد ڪيو ويو آهي.

پهرين ڳالهه جو راوي چوي ٿو ته ٻنهي جهانن جي شهزادي حضرت امام حسين عليه السلام جي نياڻي (اها ڳالهه ٻڌي) بيقرار ٿي ويئي، تنهن تي جناب اُمِ سلمي رضي الله عنها جن اها شيشي جنهن ۾ رکيل مٽي رت بڻجي چڪي هئي، ٻاهر آندي، جنهن تي اهلبيت عليهم السلام منجهه رڙيون پئجي ويون ۽ حضرت امام حسين عليه السلام جن جي نياڻيءَ فرياد ڪندي فرمايو:

هاءِ بابا اسان کي اڪيلو ڪري ويئا!
بابا اسان کي وچوڙن جي حوالي ڪري ويئا!
بابا اسان مصيبتن جي مُنهن ۾ اچي وياسون!
بابا اسان پيڙا جي پرچم جي پاڇولي هيٺ اچي وياسون!

نظم:

(1)

آه! اين چه حالت است که عالم خراب شد
بحرِ زُلالِ آبِ محمد سراب شد

هاءِ هي ڇا ٿيو جو سڄو جهان ويران ٿي ويو؟ حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جن جي مِٺي ۽ وڻندڙ پاڻيءَ جو سمنڊ رُڃ بڻجي ويو.

(2)

سَروی ز بوستانِ ولایت ز پا فُتاد
بُرجی ز آسمانِ هدایت خراب شد

ولايت جي باغ جو "سَرو"● اچي پاڙئون پٽِ پيو (جڏهن ته) هدايت جي آسمان جو مينار ڊهي پيو.

---

● "سَروُ" هڪ قسم جو اهڙو وڻ جيڪو ڳاڙهي گجر وانگي مخروطي شڪل جو ٿئي ٿو جنهن جو قد اٽڪل 20 ميٽر ٿئي ٿو. هن جي اوچائيءَ کي محبوب جي قد سان تشبيهه ڏني ويندي آهي. هي سدائين سائو رهندو آهي. هن تي ڪابه موسم اثر انداز ناهي ٿيندي (جديد نسيم اللُغات اردو ۽ فرهنگ عميد فارسي)



Scanned with CamScanner

(3)

چـــون ذره بيقـــرار ازانـــم كـــه كـــربلا
بيـــت الوبـــال كوكبـــهء آفتـــاب شـــد

”آءٌ ڪربلا جو هڪ بيقرار ذرو آهيان، جنهن جي غم ۾ سج بہ غمگين آهي.“

(4)

از يـــاد كـــربلا دلِ مـــا بيقـــرار گشـــت
وز داغِ ابـــتلا همـــه دلهـــا كبـــاب شـــد

”ڪربلا کي ياد ڪري، اسان جي دل بيقرار ٿيويئي ۽ ان جي مصيبتن جي تپش ۾ سيڪسان سموريون دليون ڪباب آهن.“

(5)

روئـــى چنـــان كـــه بوســـه گهـــى مصـــطفىٰ بـــود
در خـــاك شـــد فتـــاده، از خـــون خضـــاب شـــد

”اهو چهرو جيڪو حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جو بوسي گاهہ هيو سو مٽيءَ منجهہ لِتڙِجي ۽ خون سان خِضابجِي ويو.

## عظيم قرباني قرآن جي زباني

## يعني ذبحِ عظيم

ڪتاب ”روضةُ الصَفا“ ۾ آيو آهي، جيڪو ڪتاب ”منهاجُ الطّالبين“ تان ورتل آهي تہ حضرت ابراهيم عليٰ نبِيّنا و[ص١۴] عليه السلام جن جڏهن قرباني نہ ڪري سگهيا تہ ڪين ڏاڍو رنج پهتو. الله تعاليٰ مٿن وحي موڪلي تہ ”اسماعيل عليه السلام ڇاڪاڻ تہ خاتمُ الانبيا (ﷺ) جي نُورَ جو حامل آهي. ان لاءِ توهان جي ڇُريءَ مٿس ڪم نہ ڪيو......۽ ان سان ئي حضرت ابراهيم عليه السلام تي سَيّد الابرار حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ ۽ سندن پاڪ آل (عليهم السلام) جا بلند درجا ظاهر ٿيا. حضرت ابراهيم عليه السلام جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ جي اولاد پاڪ منجهان حضرت



Scanned with CamScanner

حسين بن علي عليهما السلام کي ڏنو تہ عرض ڪيائون: هي ڪير آهي؟ الله تعالىٰ وحي ڪئي تہ هي امام حسين عليه السلام آهي، جيڪو اسماعيل عليه السلام جي پوٽاڻ منجهان آهي. ابراهيم عليه السلام عرض ڪيو: اي الله! آءٌ حسين عليه السلام سان اسماعيل عليه السلام کان وڌيڪ محبت ڪريان ٿو. ان ئي روايت جي حوالي سان حضرت امام جعفر صادق عليه السلام جن جي راءِ جي روشنيءَ ۾ اها ڳالهہ صحت ۽ تحقيق کي پهتي آهي تہ ڪلام الله شريف منجهہ "وَفَدَيۡنَاهُ بِذِبۡحٍ عَظِيمٍ"[1] واري آيت "ذبحٍ عظيم" جو اشارو امام حسين عليه السلام ڏانهن آهي، نڪي اَنَ گهٽيَ ڏانهن. (جيڪو اسماعيل عليه السلام جي جاءِ تي ذبح ٿي ويو)، گهٽو ايتري عظمت نٿو رکي تہ الله تعالىٰ ان کي "ذبحِ عظيم" قرار ڏئي! وَالعِلمُ عِندَاللهِ[2] وَمَا يَعلَمُ تَاوِيلَهُ اِلَّا اللهُ[3] العَزِيزُ الحَكِيمُ.[4]

## امام حسين عليه السلام تي روئڻ جو ثواب

امام علي ابن موسىٰ الرِّضا عَلَيهِ التَّحِيَّةُ والدُّعا کان بيان ٿيل آهي تہ الله تعالىٰ جڏهن حضرت اسماعيل عليه السلام جي جڳهہ تي دُنبو موڪليو ۽ حضرت ابراهيم عليٰ نبيِّنا وَ عليه السلام جن ان کي ذبح ڪري ڇڏيو تہ سندن دل ۾ خيال آيو تہ جيڪڏهن پنهنجن هٿن سان پٽ کي قربان ڪريان ها تہ عجيب ۽ عظيم ثواب ماڻيان ها ۽ وڏي حرمت ۽ اعلىٰ درجي کي رسان ها. الله تعالىٰ کين وحي موڪلي تہ (اي خليل) توهان سموري مخلوق منجهان ڪنهن سان محبت ڪريو ٿا؟ حضرت خليل عليه السلام فرمايو تہ حضرت محمد مصطفىٰ صلي الله عليه وآله جن سان، [ص١٥]جيڪو تنهنجو حبيب (صلي الله عليه وآله) ۽ دوست آهي. الله تعالىٰ جو ارشاد آيو: منهنجي حبيب صلي الله عليه وآله کي وڌيڪ ڀانئيو ٿا يا پاڻ کي؟ حضرت ابراهيم عليٰ نبيِّنا و عليه السلام عرض ڪيو: حقيقت اها ئي آهي تہ آءٌ پاڻ کان وڌيڪ

---

[1] يعني: اسان ان کي هڪ عظمت واري قربانيءَ جي بدلي ۾ فديو ڏنو. (سورت الصافات (37) آيت نمبر 107)

[2] يعني: ۽ (حقيقي) علم الله کي آهي.

[3] يعني: ۽ الله کانسواءِ ان جو مطلب ڪوبہ نہ ٿو ڄاڻي. سورت آلِ عمران (3) آيت نمبر 7.

[4] يعني: (الله تعالىٰ) غالب ۽ حڪمت وارو آهي.

سان محبت ڪريان ٿو. الله تعاليٰ جو ٻيهر فرمان پهتو ته منهنجي حبيب ﷺ جي اولاد سان وڌيڪ محبت اٿئي يا پنهنجي اولاد سان؟ حضرت خليل عليه السلام عرض ڪيو: پاڻ سڳورن ﷺ جي اولاد مون کي پنهنجي اولاد کان وڌيڪ پياري آهي. الله تعاليٰ هڪ ڀيرو ٻيهر وحي ڪئي ته پاڻ سڳورن (ﷺ) جي هڪ فرزند کي نهايت ظلم ۽ ڏاڍ سان غربت، بيڪسي ۽ اڪيلائيءَ جي حالت ۾ بکيو ۽ اُڃارو ڪربلا جي رڻ ۾ ڪُٺو ويندو. حضرت ابراهيم عَليٰ نَبِيِنا وَ عليه السلام جڏهن ان واقعي جو ڪجهه حصو ٻڌو ته سندن اکين منجهان حسرت جا ڳوڙها ڳڙي سندن ڳلن تان وهي هليا. الله تعاليٰ حضرت ابراهيم عليه السلام کي خطاب ڪندي فرمايو ته اي ابراهيم! تنهنجو امام حسين عليه السلام تي روئڻ جو ثواب ۽ جيڪو صدمو تنهنجي دل کي پهتو ان جو ثواب اوترو ئي آهي، جيترو توهان جي پنهنجي فرزند کي قربان ڪري حاصل ڪريو ها.[1]

اي عزيزؤ! ويچار ڪريو ته شاهزادهءِ ڪونين حضرت امام حسين ابنِ علي عليهما السلام جي مصيبت تي روئڻ جو ڪيتري قدر ثواب آهي. آئمهءِ اهلبيت عليهم السلام کان بيان ٿيل آهي ته هر ڦڙو جيڪو حضرت امام حسين عليه السلام جي ماتم ۾ ڪنهن جي اکين منجهان نڪتو ان کي هڪ عزت واري سِپَ ۾ رکي موتي بڻائي، اُنَ روئڻ واري جي عمل جي ڳِلَ پَٽي ۾ جڙيو ويندو ۽ پوءِ ان موتيءَ جي قيمت قيامت واري ڏينهن جي مَتَلَ بازار منجهه سموري مخلوقات مٿان ظاهر ٿيندي.

نظم:

(1)

هـــر قطـــره ز آبديـــده کـــه در مـــاتمِ حســـين عليه السلام
ريـــــزي ز ديـــــده دانـــــه دُر يســـــت شـــــاهوار

"اکين منجهان هنجوءَ جو هر ڦڙو جيڪو تون ماتمِ حسين عليه السلام ۾ وهايو سو شاهي موتيءَ مثال آهي."

[1] ڪتاب عيون اخبار الرضا عليه السلام (شيخ صدوق رح) ج 1، صفحو 436، ڇاپو: تهران



Scanned with CamScanner

(2)

آن را بـه رشـتهءِ عملـت [ص ۱۶] در کشـد ملـک
پـس روزِ حشـر پـیشِ تُـو آرنـد آشـکار

"ملائڪ ان موتيءَ کي تنهنجي عمل جي ڌاڳي ۾ پوئي، يقيناً حشر واري ڏينهن تو اڳيان آڻي ظاهر ڪندا."

(3)

وانـدر ازاءِ هـر گهـری جـوهریٔ فضـل
بـر تـو هـزار جـوهرِ رحمـت کنـد نثـار.

"۽ تنهنجي ان هر موتيءَ جي موٽ ۾ فضل ڪندڙ (گوهرشناس) جوهري تنهنجي مٿان رحمت جا موتي ڇٽيندو."

## امام حسين عليه السلام تي روئڻ جي ثواب جو ڪاٿو ڪرڻ کان زمين آسمان جا حسابدان عاجز

شيخ سهيل بن عبدالله تستري رحمة الله عليه جن فرمائن ٿا ته هڪ ڀيري عاشوري جي ڏينهن وِيلي رنم ۽ خود ڪلامي ڪنديَ چيم ته جيڪڏهن ان ڏينهن آءٌ هجان ها ته سيِّد الشهداءِ عليه السلام جي خدمت ۾ پنهنجو رت وهايان ها. ان حسرت ۾ منهنجي اکين منجهان ڪجهه ڳوڙها وهي هليا. ايندڙ رات حضرت رسالت پناهه صلی الله عليه وآله وسلم جن کي خواب ۾ ڏٺم. فرمايائون: اي سهيل! (حضرت) ذوالجلال جي عزت ۽ جلال جو قسم، منهنجي فرزندَ دلبندَ جي مصيبت تي تنهنجي اکين منجهان نڪتل پاڻيءَ جو هڪ ڦڙو به ضايع ناهي. اڄ جيڪو تون رنو آهين، سياڻي تو کي ان جو ايترو اجر ۽ ثواب ملندو جو زمين توڙي آسمان جا حسابدان اُن جو ڪاٿو ڪرڻ کان عاجز هوندا.



Scanned with CamScanner

نظم:

(1)

بـــه يـــادِ حســـينِ العَلِيْهِ علـــي گريـــه كـــن
كـــه زيـــن گريـــه پيـــدا شـــود آبـــرو

حسين ابنِ علي عليهما السلام جي ياد ۾ روءِ، ڇاڪاڻ تہ ان روئڻ ۾ عزت ۽ آبرو آهي.

(2)

هـــر آن، نامـــه كـــز خطـــا شـــد ســـياه
بـــدين آب كـــردن تـــوان شســـت شـــو

هر اهو اعمال نامو جيڪو خطائن سانڪارو ٿي چڪو هجي، اهو ان ئي آبساڻ اُجرو ۽ اڇو ڪري سگهجي ٿو.

ڪتابن منجهہ آيو آهي تہ شاهزادهءِ ڪونين حضرت امام حسين عليه السلام جن سندن رت پريل چهري سان محشر جي ميدان منجهہ ايندا ۽ بارگاهہ الاهيءَ ۾ عرض ڪندا: رَبِ شَفِّعنِي فِيمَن بَكَيٰ عَلىٰ مُصِيبَتِي، يعني: پالڻهارا! ان شخص جي باري ۾ مون کي شفاعت جي اجازت ڏي، جيڪو منهنجي مصيبت تي رُنو آهي... الاهي! [ص١٧] جيڪو دنيا ۾ منهنجي شهادت، غريبي، بيڪسي، بي سرو ساماني، بي نوائي، اُڃ ۽ بک تي رنو آهي. اهو مون کي بخش ڪر. امام حسين عليه السلام جي شفاعت قبول ڪندي فرمايو ويندو تہ شاهزاده حسين عليه السلام نجات جي پرواني (عطا ڪرڻ) لاءِ شائستہ ۽ اهل ترين هستي آهن.

نظم:

گـــر آب زنـــي بـــه گريـــه راه شـــهداء
بخشـــد گنـــاه تُو بـــه شـــاه شـــهداء

جيڪڏهن تون شهيدن لاءِ ڳوڙها ڳاڙيندين
تہ تنهنجا گناهہ سيد الشهداءَ عليه السلام جي صدقي معاف ڪيا ويندا.



Scanned with CamScanner

”صحائف آثار و لطائف“ ۾ لکيل آهي تہ هڪ ڏينهن سردارن جو سردار، دفترِ ڪائنات جي سمورين خبرن جو ذريعو سموري سياڻپ جو سرچشمو ۽ قصيدءِ موجودات جي شاهہ مصرعي جو عنوانُ، مٿن افضل ۽ اڪمل درود ۽ سلام هجن، تشريف فرما هئا ۽ سندن پرسان امام حسن ۽ امام حسين عليهما السلام پڻ ويٺا هئا ...... دنيا ۾ ان ڪان وڌيڪ خوشيءَ جهڙي ۽ ڀلي ڳالهہ ڪهڙي هوندي جو سڄڻ سامهون هجن ۽ دشمن دور هجن ...... رحمت جو ساگر موج ۾ هو رات ڪي سوجهري جي خيرات ڏيندڙ موتي پڻ ساگرَ ڪناري موجود هو، بلڪ ان ڏينهن سڄُ ۽ چنڊُ هڪ ئي برج ۾ پئي چمڪيا ۽ قيامت رڙيون ڪندَي سج ۽ چنڊ جي هڪ هنڌ گڏجڻ جي رمز جي مشاهدي لاءِ نڪري پئي. مون کي نہ ٿو سمجهہ ۾ اچي تہ حضرت خواجہءِ ڪائنات صلى الله عليه وآله وسلم جن جي بارگاهہ کي ڪهڙي شيءِ سان ڀيٽيان، جيڪڏهن ”عدن“ چوان، تہ بہ واهہ واهہ، جو دُر ۽ مرجان سان ٽمٽار آهي، پر جيڪڏهن ”چمن“ چوان، تہ بہ واهہ واهہ! جو گلن ۽ خوشبوءِ سان واسيل آهي. جيڪڏهن ”عدن“ چوان تہ ”يُخۡرِجُ مِنۡهُمَا اللُّؤۡلُؤُ وَ الۡمَرۡجَانُ“ (يعني: انهن ٻنهي منجهان دُر ۽ مرجان نڪرن ٿا) جيڪي دُر ۽ مرجان سان ڀريل آهن، جن مان مراد: امام حسن ۽ امام حسين عليهما السلام آهن ۽ جيڪڏهن چمن ساڻ تشبيهہ ٿو ڏيان تہ سندن بارگاهہ گلن، خوشبوءِ ساوڪ سان ڀريل آهي. (جو سرورِ ڪائنات صلى الله عليه وآله وسلم جن فرمايو: ”هُمَا رِيحَانَتَايَ مِنَ الدُّنِيَا“ يعني: حسن ۽ حسين عليهما السلام ٻيئي دنيا منجهہ منهنجي خوشبوءِ سُرهاڻ آهن. سيدِ عالَم صلى الله عليه وآله وسلم [ص١٨] جن سندن پاڪ چپ ڪڏهن حسن مجتبيٰ عليه السلام جي چپن تي پئي رکيا تہ ڪڏهن وري سندن مُنهن امام حسين عليه السلام جي مُنَهن سان پئي مهٽيائون، تہ ايتري ۾ جبرئيل امين حڪمِ خدا سان اچي پهتو جنهن خطابِ ربّ الاَربَاب پهچائيندي عرض ڪيو تہ ڇا توهان حسن ۽ حسين عليهما السلام سان محبت ڪريو ٿا؟ خواجہءِ عالم صلى الله عليه وآله وسلم فرمايو: بيشڪ، آءٌ انهن سان ڪيئن نہ محبت ڪريان، جو اهي ٻيئي منهنجي جگر جا ٽڪر، سندم اکين جي جوتِ پيارا پُٽ ۽ دل جا جاني



Scanned with CamScanner

آهن. جبرئيل عرض ڪيو تہ ٻنهي منجهان ڪنهن کي وڏيڪ پيار پائيندا آهيو تا؟ فرمايائون: اي ڀاءُ! ٻيئي هڪ سِپَ جا ٻہ موتي، هڪ آسمان جا ٻہ مڪمل چنڊ، هڪ ئي شهر جا ٻہ پاسبان، هڪ ئي ٻيڙيءَ جا ٻہ سِڙهَہ، هڪ ئي باغ جا ٻہ سَرو، هڪ ئي ٽاريءَ جا ٻہ گل، هڪ ئي محل جا ٻہ مالڪ، ٻيئي جگر گوشہء رسول ﷺ، ٻيئي سرمايہء آلِ بتول علیہا السلام ٻيئي اسدُ الله علي ابن ابي طالب علیہ السلام جي فصل جا سنگ ۽ ٻيئي الله جي رسول ﷺ جا فرزند آهن. اي ڀاءُ جبرئيل! آءُ ٻنهي کي ئي پائئيان ٿو. جبرائيل عرض ڪيو تہ اي سردار! الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ اي منهنجا حبيب (ﷺ)! توهان کي اهو معلوم هجي تہ توهان جي انهن ٻنهي پٽن مان هڪ کي زهر سان قتل ڪندا ۽ ٻئين کي تلوار سان ڪهندا ۽ سندن سر مبارڪ جسم کان ڌار ڪندا. خواجہء عالم ﷺ جبرائيل علیہ السلام کان حسن مجتبيٰ علیہ السلام جي زهر ۽ حسين علیہ السلام جي قهري قتل جو قصو ٻڌڻ کان پوءِ [ص١٩] سوال ڪيو تہ منهنجي جگر جي ٽڪرن سان اهڙو ظلم ڪير ڪندو. ظلم ۽ ڏاڍ جو اهو پٿر منهنجي پُٽن تي ڪير اڇلائيندو؟ جبرائيل عرض ڪيو تہ اوهان جي اُمّت ۽ مِلّت منجهان هڪ ٽولو اهو ڪم ڪندو. تنهن تي سرور ڪائنات ﷺ جن فرمايو: "تُومِنُونَ بِي وَيَرجُونَ شَفَاعَتِي وَيَقتُلُونَ اَولَادِي؟ يعني: مون تي ايمان رکندا، منهنجي شفاعت جا اميدوار هوندا ۽ منهنجي اولاد کي ڪهندا ۽ منهنجي جگر جي ٽڪرن کي مصيبت ۽ ڏوهي منجهہ گهليندا؟ جبرائيل عرض ڪيو: هائو سرڪار! ائيين ئي ڪندا ۽ ان کان سواءِ سندن اڇايل نڙين تائين هڪ بوند پاڻيءَ جي بہ نہ پهچڻ ڏيندا. خواجہء عالم ﷺ جن فرمايو تہ اي جبرائيل علیہ السلام! منهنجي اُمّت ڪهڙي ڏوهہ ۾ حسن علیہ السلام کي زهر جو شربت پيئاريندي ۽ حسين علیہ السلام کي ڪهڙي گناهہ ۾ خنجر سان ڪهي سندس سر قلم ڪندي. جبرائيل علیہ السلام عرض ڪيو: اهو ظلم بنا ڪنهن ڏوهہ ۽ گناهہ جي روا رکندا ۽ جبر ۽ جفا جو ڪو حربو ڇڏجي بہ نہ رهائيندا. ان چمڪندڙ چنڊ ڪهڙو ڏوهہ ڪيو. جو مسافرن تي پونڪندڙ ڪتا مٿن پونڪن ...... ان پاڪ مهانڊي

ڪان ڪهڙي سَهوَ پئجي ويئي جو در در پنڻ وارا متن گندگي اُڇلائين.

نظم:

زمـــــه فشـــــاند نـــــور، ســــگ دع دع کنـــد
هـــر کســـي هـــر خِلعَـــتِ خـــود مـــي تَنَـــد

"چنڊ نور برسائي ٿو ۽ ڪتو ڀونڪي ٿو اهڙيءَ طرح هر هڪ پنهنجي اَوڇڻ جي اُٿائيءَ ۾ رڌل آهي."

## سورتِ يوسف عليه السلام کي "احسن القصص" يعني "بهترين قصو" ڪوٺڻ جو سبب

حضرت سرورِ دو عالم ﷺ جن اُمّت جيءِ اِنَ جفا تي روئي پيا ۽ بد انديش اُمّت جي آزار جي لَٽَ جڏهن سندن مبارڪ دل جي آئيني تي اچي ويئي ته خواجهءِ عالم ﷺ جن جي [ص۲۰] دلجاءِ لاءِ جبرائيل عليه السلام (الله تعاليٰ جو) سنيهو کڻي حاضر ٿيو:

نَحۡنُ نَقُصُّ عَلَيۡكَ اَحۡسَنَ الۡقَصَصِ (سورتِ يوسف (12) آيت نمبر 3)

يعني: اسان توهان لاءِ بهترين قصو بيان ڪريون ٿا.

(اي حبيب ﷺ!) هن نافرمان امت جي مامري تي تعجب نه ڪريو بلڪ اوهان يوسف عليه السلام جي ڀائرن جي قصي تي غور ڪريو جيڪڏهن هن امت جا ماڻهو توهان جي پاڪ گهراڻي جا نوڪر هئا ته هُو (يعني: يوسف عليه السلام تي ظلم ڪندڙ سندس ڀائر) پائر هئا ۽ جيڪڏهن هن امت جا افراد جاهل هئا، ته هُو نبين جي نسل منجهان هئا. اهڙيءَ طرح جناب يوسف عليه السلام جو قصو جنابِ مصطفيٰ عَلَيۡهِ الصَّلٰوٰتُ والسَّلَامُ جن جي تسليءَ، دلجاءِ ۽ ڪربلا جي واقعي جي ناگوار اثر کي ختم ڪرڻ لاءِ نازل ٿيو. ان ڪري ئي هن قصي کي "احسن القصص" ڪري ڪوٺيو ويو آهي.



Scanned with CamScanner

نظم:

اصل این قصه که در دو محن است
موجب سوز و بکاء و حزن است
احسنش گفت خداوند که اوُ
در تسلیِ حسین (علیه السلام) و حسن (علیه السلام) است

هن قصي جو بنياد درد ۽ مصيبت آهي، جيڪو سوز روئڻ ۽ ڏک جو سبب آهي. هن قصي کي الله تعاليٰ پلو قصو ڪوٺيو ڇاڪاڻ ته هي قصو حضرات حسنين (عليهما السلام) جي مصيبت جي حوالي سان نبي سردار (صلي الله عليه وآله وسلم) جي دلداريءَ جو باعثُ بڻيو.

جڏهن جناب يوسف (عليه السلام) شمعون کان پاڻي گهريو ته هن مٽ ۾ پيل سمورو پاڻي هاري ڇڏيو اهڙيءَ طرح شهزادي امام حسين (عليه السلام) کي پڻ اهڙي ئي صورتِ حال پيش آئي. امام حسين (عليه السلام) کي هن امت جي بد مذهبن کان اهو سلوڪ سهڻو پيو. جڏهن ته جناب يوسف (عليه السلام) کي پنهنجن کان سُورَ ۽ سختيون مليون. هن جفاڪار امت پاڻي زمين تي هاري پئي ڇڏيو پر امام حسين (عليه السلام) کي پيئڻ لاءِ نه پئي ڏنو. هنن ظالمن فرات جي ڪناري تي ڪتن کي پاڻي پيئڻ ڏنو پر خاندانِ امامت ۽ ڪرامت جي معصوم ٻارڙن کي اڄ ۽ پياس جي مَڇَ جي حوالي پئي ڪيائون. [1]

نظم:

(1)

سوز دلِ مبارک لب تشنگانِ بپرس
زان ریگها که فرش بیابان کربلا است

جيڪڏهن اجايل ڇپن وارن جي بابرڪت سيني جو سوزُ پڇڻ ٿو چاهين، ته ڪربلا جي رُڃ ۾ پيل واريءَ جي ذرن کان پُڇُ

---

[1] جلاء العيون: علامہ مجلسي (رحہ) صفحو ، ڇاپو: ايران

(2)

درخـونِ نـاب غرقـه لـب تشـنهءِ حسـين عَلَيْهِ السَّلَام
لعلي است آبدار که در کانِ [ص ۲۱] کربلا است

”حسين عليه السلام، جنهن جا اچارا چَپ لهوءَ منجهه غرق ٿي ويا،اهو اهڙو آبدار لعل آهي، جيڪو ڪربلا جي کاڻ منجهه موجود آهي.“

(3)

او جـان سـپرد تشـنهءِ مـا از روي شـوق
جـان تشـنهءِ محبـت سـلطان کـربلا اسـت

”حسين عليه السلام پياس جي حالت ۾ شوق منجهان اسان لاءِ جان ڏني،جڏهن تہ اسان سلطانِ ڪربلا جي پيار جا پياسي آهيون.“

اي يعقوب عليه السلام! توهان ڪٿي هئا؟... توهان ڏسو ها تہ توهان جو پٽ يوسف عليه السلام سندس پيرن ۾ لڦن جي ڪري پنڌ بہ نہ پئي ڪري سگهيو ۽ سندس ڳلَ تي چماٽ هڻي رنجايو ويو ...... اي مصطفيٰ صلى الله عليه وآله وسلم! توهان ڪٿي هئا؟ توهان پاڻ مشاهدو ڪريو ها تہ توهان جي لختِ جگر جا نازڪ لب پياس کان سُڪي ويا هئا ۽ سندن ڏاڙهونءَ گُلَ جهڙا ڳلَ امت جي فاجرن ۽ فاسقن هٿان ڦٽجي لهوءَ ۾ رڱجي ويا هئا ۽ خاندانِ عِصمت جي پرديدارن سوزِ حسرت، پيڙا ۽ بي وطنيءَ جي درد وچان فريادون پئي ڪيون. اهڙيءَ ريت آلِ رسول (عليهم السلام) جي بربادي ءَ لاءِ فتني ۽ بغاوت جو سمنڊ ڇُلي پيو.

نظم:

(1)

يـا رسـول الله صلى الله عليه وآله وسلم! بـرآر، از روضـهءِ پـاکيزه سـر
تابـه بينـي آنچـه واقـع در زمـين کـربلا اسـت

اي الله جا رسول (صلى الله عليه وآله وسلم)! هيڪر پنهنجي پاڪ روضي منجهان ٻاهر تہ ليئو پائي ڏسو تہ جيئن ڪربلا ۾جيڪي ڪجهه وهيو واپريو اُنَ جو پاڻ

مشاهدو ڪريو.

(2)

يا رسول الله صلی الله علیه وآله! گذر فرما، به دشتِ کربلا
خود تومي داني، که خاکِ کربلا کرب و بلا ست

اي رسولِ خدا (صلی الله علیه وآله)! ڪربلا جي رُڃ جو هڪ پيرو نظارو ته ڏسو، اوهان کي معلوم پوندو ته خاڪِ "ڪربلا" حقيقت ۾ "ڪرب ۽ بلا" آهي.

(3)

جعدِ مُشکین حسین علیه السلام آغشته در خاکو خون
این چه محنتها است، این چه اندوه و عتاب

حضرت حسين عليه السلام جا سُڳنڌيل وار ڪيئن نه رت ۽ مٽيءَ ۾ لٿيل آهن، خدايا! هي ڪهڙيون مصيبتون آهن ۽ هيءَ ڪهڙي سختي ۽ سُورُ آهي.

## جنابِ يوسف ۽ حضرت امام حسين عليهما السلام جي وصيت

جناب يوسف عليه السلام کُوهه جي اُونهائيءَ منجهان (سندن ڀاءُ کي) سڏ ڪندي چيو ته اي ڀاءُ! هينئر وصيّت جو موقعو آهي، نڪي عزاداري ڪرڻ جو "يهودا" چيو ته ڪهڙي وَصيّت ڪرڻ چاهيو ٿا؟ تنهن تي جناب يوسف عليه السلام فرمايو:

* جڏهن شام جو نماز جي وقت ڀائرن سان گڏ گهرِ پهچين ته منهنجي بيڪسيءَ تي ويچار ڪجانءِ.
* جڏهن ماني کائين ته منهنجي بک کي ياد ڪجانءِ.
* جڏهن صبح جو اُٿي لباس پائين ته منهنجن اگهاڙن لڱن کي نه وسارجانءِ.
* ۽ ڪنهن خوشيءَ جي موقعي تي گڏجي ويهي پاڻ ۾ ڪچهري ڪريو



Scanned with CamScanner

تہ منهنجي اڪيلائي ۽ پريشانيءَ کي [ص ٢٢] دل ۾ جاءِ ڏجانءِ
نظم:

چـو در ميـان مـراد آوريـد دسـت اميـد
ز عهـد صـحبت مـا در ميانـه يـاد آريـد

جڏهن ڪا مَنَ مرادَ پوري ٿئيَ
تہ اسان سان ڪيل ڪچهريون بہ ياد ڪجو.

جناب يوسف ؑ جي وصيّتَ کي شهيدِ ڪربلا ؑ جي وصيّت سان ان لاءِ تشبيهہ ڏني ويئي آهي تہ جڏهن پاڻ سيني کان پچاڙيءَ ۾ ميدان ڏانهن وڃڻ لڳا تہ سندن فرزنَد ارجمندَ امام المومنين امام زين العابدين ؑ کي سيني سان لڳائيندي فرمايو:

- اي منهنجا پيارا! اي منهنجا يتيم! مون کان پوءِ منهنجي ناني محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي امتِ جي صالح ماڻهن ۽ منهنجي بابي ۽ امڙ جي محبن کي چئجانءِ تہ حسين ؑ توهان کي سلام چوندي فرمايو:
- اي اسان جا دوستو ۽ گهڻَ گهُريئو! جڏهن بہ ڪنهن بي وطن جو ذڪر ٻڌو تہ اُنَ وقت منهنجي بي ڪسيءَ کي ياد ڪجو.
- جڏهن ڪنهن بہ شهيد جو نالو ڪڇي تہ منهنجي شهادت کي نظر ۾ رکجو.
- ۽ جڏهن پاڻي پيئو تہ منهنجي جگر سوز پياس ۽ منهنجن چپن ۽ زبان جي خشڪي دِلئُون نہ وسارجو.

نظم:

(1)

چـون آب خـوش خوريـد بحسـرت کنيـد يـاد
از سـوزِ سـينه وجگـر خونچکـانِ مـن

جڏهن مٺو ۽ ٺنڊڙ پاڻي پيئو تہ حسرت ۽ ارمان منجهان, سندم سيني جو سوز ۽ جگر مان ڦڙو ڦُڙو ٽِمي وهندڙ رت ياد ڪجو.

(2)

وز ديده جوئي چشمهءِ خونين روان كنيد
از بهرِ آب دادنِ سَرِوُروانِ من

پنهنجي نيڻن منجهان رت جي نيرن جي نهر وهائجو.
تہ جيئن منهنجي روح جي "سَرو" کي رَيجُ اچي.

(3)

زد آسمان عمامهءِ خورشيد بر زمين
آندم كه غرق گشت به خونِ اطلسانِ من

آسمانَ اُن وقتِ سندس سج جي پڳ کڻي زمين تي اڇلائي،
جڏهن منهنجي پيارن جو لباس سندن ئي رت سان رڱجي ويو.

روايتن ۾ آيو آهي تہ امام زين العابدين علي ابن الحسين عليهما السلام جن ڪربلا جي واقعي کان پوءِ تمام گهڻو روئندا هئا. کين عرض ڪيو ويو تہ اي فرزندِ رسول (صلي الله عليه وآله)! توهان تمام گهڻو روئو ٿا ۽ ان گهڻي روئڻ جي ڪري [ص٢٣] توهان جي جان کي خطرو آهي. تنهن تي فرمايائون: اي دوستو! معاف ڪجو حضرت يعقوب عليٰ نبينا و عليه السلام الله جو نبي هو ڪيس ٻارهن پٽ هئا، انهن منجهان هڪ سندس اکين کان اوجهل ٿي ويو تہ حضرت يعقوب عليه السلام ايترو رنو جو سندس اکين جو سوجهرو ختم ٿي ويو...... پر منهنجي اڳيان منهنجو بابو سائين، منهنجا ڀائر، منهنجا چاچا، منهنجا سئوٽ، منهنجا عزيز منهنجي خاندان جا ماڻهو منهنجا محب شهيد ڪيا ويا، پوءِ آءٌ ڪيئن نہ روئان؟

جڏهن هڪ شخص لاءِ ايترو رُنو ويو تہ پوءِ ٻاهتر (72) شهيدن جي وڇوڙي تي ڪيترو روئڻ گهرجي؟

نظم:

بي دردِ فراق در جهان كيست بگو؟
بدتر ز فراق در جهان چيست بگو؟
ما را گويند در فراقش نگرئي!
آن كيست كه در فراق نگريست بگو؟



Scanned with CamScanner

ڀلا ٻڌاءِ تہ سهي، هن دنيا ۾ ڪير آهي، جنهن جووڇوڙي جي دردَ سان وصال نہ ٿيو هجي؟ڀلا وڇوڙي کان وڌيڪ بہ ڪا خراب شيءِ آهي ڇا؟اسان کي جو اهو چون ٿا تہ سندس وڇوڙي تي نہ روئون!پوءِ ڀلا تون ڪٿي ٻڌاءِ اهو ڪير آهي، جنهن کي وڇوڙي جي درد نہ روئاريو هجي؟

## حسين عليه السلام تي روئڻ نہ عجيب آهي ۽ نہ ئي تفسير طلب

روايت منجهہ مذڪور آهي تہ شاهزادهءِ ڪونين امام المومنين امير حسين عليه السلام، سندن اولاد ۽ اصحاب جي شهادت کان پوءِ عمر سعد عَلَيهِ اللّعنة فرمان جاري ڪيو تہ شهيدن جون مُنڍيون نيزن تي ڪنيو وڃن ۽ سندن ڌڙ ميدان منجهہ مٽيءَ تي ڇڏي ڏنا وڃن...... ۽ حڪم ڏنو تہ امام حسين عليه السلام جن جي پاڪ حرم، سندن ڀينرن ۽ ڌيئرن کي (شهيدن جي لاشن مٿان) مقتل منجهان گذاريو وڃي. جڏهن خانہءِ عصمت ۽ طهارت جون پرديدار بيبيون مقتل ۾ پهتيون تہ سندن پيارن جا لاش ڏسي بي اختيار پار ڪيڻ لڳيون ۽ گنبذِ خَضراء ڏانهن مُنهَن ڪري فريادون ۽ واويلا ڪيائون. حضرت بيبي زينب (عليها السلام)، جيڪا شاهزاده امام حسين عليه السلام جي ڀيڻ ۽ حضرت خَيرُ النِسَاءِ فاطمہ الزَّهراء [ص۲۴] عليها السلام جي ڌيءَ هئي، تنهن پڻ پار پٽي ڪڍيا:

هاءِ محمد صلى الله عليه وآله وسلم!
هاءِ نانا سائين!
هاءِ نيڪ نام سردارَ!
هي تنهنجو حسين عليه السلام
ڪليل ميدان ۾ رت جي چادر ڍڪيو پيو آهي،
سندس عضوا ڀڳل آهن،
هي تنهنجو حسين عليه السلام آهي،
جنهن جو سِرُ هن رِڻَ ۾ جسم کان ڌار ڪيو ويو آهي،
جنهن جي احترام ۽ آبرو جي پردي کي،
نهايت گستاخي ۽ بي شرميءَ سان چاڪ ڪيو ويو آهي،



Scanned with CamScanner

هي حسين عليه السلام تنهنجي اکين جي جوتِ،
جنهن جي ٿو پالنا ڪئي،
ان جو جسم مٺي ۽ رت منجهه پيل آهي،
هي حسين عليه السلام جيڪو نبوت جي باغ جو سُگند ۽ سرهاڻ آهي،
جنهن جي عضون کي ٽُڪر ٽُڪر ڪيو ويو آهي.

راوي چوي ٿو ته (حضرت) بيبي زينب (عليها السلام) جي اِنَ گفتار تي سمورا (يزيدي) فوجي روئڻ لڳا ۽ سندن اکين منجهان رت جا ڳوڙها وهڻ لڳا...... اي عزيزو! جڏهن دشمن به شهيدن جي حال ۽ آلِ رسول (صلي الله عليه وآله وسلم) جي رنج تي روئي پون، ته پوءِ دوستن ۽ محبن جو سندن ماتم ۽ مصيبت تي روئڻ نه عجيب آهي ۽ نه ئي ڪنهن تفسير (۽ وضاحت) جو محتاج آهي.

حضرت شيخ عَطَار قُدِّس سره فرمائن ٿا:

چيست حق را و پيمبر (صلي الله عليه وآله وسلم) را ولي
از حُسنِ سيرتِ حسين ابن علي (عليه السلام)

دين حق ۽ نبي پاڪ (صلي الله عليه وآله وسلم) جو وارث (۽ جاءِ نشين) ڪير ٿي سگهي ٿو؟ يقيناً اهڙي ئي شخصيت ٿي سگهي ٿي، جنهن وٽ حسين ابن علي (عليه السلام) جهڙي سهڻي سيرت هجي.

نظم:

(1)

آفتاب آسمانِ معرفت
آن محمد صلي الله عليه وآله وسلم صورت حيدر عليه السلام صفت

معرفت جي آسمان جو سج، جيڪو صورتَ ۾ محمد (صلي الله عليه وآله وسلم) ۽ سيرتَ ۾ علي عليه السلام آهي.

(2)

نُه فلڪ را تا ابد مخدوم باد
زانکه اُو سلطانِ ده معصوم باد



Scanned with CamScanner

حسين عليه السلام: ڪائنس پوءِ نون (9) امامن جو آقا،
جڏهن تہ حسن عليه السلام: ڏهن معصومن جو مُهندار آهي.

(3)

قُـــرةُ العـــين وامـــام مجتبـــيٰ
شـــاهد زهـــر و شـــهيدِ ڪـــربلا

اکين جو ٺار: حسين عليه السلام ۽ امام حسن مجتبيٰ عليه السلام: جن مان هڪ زهر سان شهيد ٿيو تہ ٻيون ڪنار سان ڪٺو ويو.

(4)

حلـــق او را تشـــنہءِ آغشـــتہ خـــون
نـــيم ڪشـــتہ، ڪشـــتہ ڪشـــتہ سـر بہ خــون

سندس پياسي ۽ رت ۾ لتڙيل ڳلي کيا ڏ ڪٺو ڪري ڪٺو ويو.

(5)

آنچنـــان ســـر را ببـــر ديـــد ريـــغ
آفتـــاب از دردِ اُو شـــد زيـــرِ ميـــغ

سندن سسي ايڏي بي دردي سان ڌڙ کان ڌار ڪئي ويئي، جو سج بہ اهو دردناڪ منظر نہ ڏسي سگهيو ۽ وڃي ڪوهيڙي جي اوٽ ۾ ويٺو.

(6)

گيســـوي اُو تابـــہ خـــون آغِشـــتہ شـــد
خـــونِ گـــردون از شـــفق پـــالوده شـــد

جڏهن حسين عليه السلام جا زلف رت ۾ رنگين ٿي ويا تہ آسمان جو لهو شفق منجهان ٽمڻ لڳو.

(7)

ڪي ڪننـد ايـن ڪـافران [ص٢٥] بـا ايـن همـہ
ڪو محمد صلى الله عليه وآله وسلم ڪو علي عليه السلام ڪو فاطمـہ عليها السلام



Scanned with CamScanner

اهي ڪافر انهن سيني هستين جي مقام تائين ڪيئن ٿا رسائي حاصل ڪري سگهن؟، جو ڪٿي محمد، ڪٿي علي ۽ ڪٿي فاطمه (عليها السلام) جو مرتبو آهي (۽ ڪٿي اهي ڪافر).

(8)

صد هزاران خاڪپا از انبيا عليهم السلام
صف زده بينم بخاک کربلا

هزارين نبي سڳورا پيرين اگهاڙا
خاڪِ ڪربلا ۾ قطارون ڪيو بيٺل ڏسان ٿو.

(9)

در تموز کربلا تشنه جگر
سر بريدندش چه پاشد زين تبر

ڪربلا منجهه تپندڙ اونهاري جي مند ۾ پياسي جگر واري جو ڪنڌ ڪٽار سان ڪهڻ ڪٿي روا هيو؟

(10)

با جگر گوشه پيمبر (صلى الله عليه وآله وسلم) اين کنند
وآنگهي دعوي دين کنند

نبيءَ (صلى الله عليه وآله وسلم) جي جگر گوشي سان ههڙا هاچان ڪرڻ باوجود
نبيءَ (صلى الله عليه وآله وسلم) جي دين تي هجڻ جي هامَ به هڻن ٿا.

(11)

کفر گويد، هر که اين را دين شمرد
قطع باد از زبان کين شمرد

جيڪو ان کي دين سمجهي سو ڪافر آهي،
جيڪو ايئين سمجهي ٿو شل اُن جي زبان ٽڪر ٿئي.

(12)

هر که بر روي حسين عليه السلام آورد تيغ
لعنتِ حق بَر رَوي آيد، بي دريغ



Scanned with CamScanner

جنهن حسين عليه السلام تي سندس ترار اُلاري،
بيشڪ ان تي بنا روڪ الله تعاليٰ جي لعنت اچي ڪڙڪي.

(13)

ڪاش ڪه اي من سگِ هندوي تو
ڪمترين سگ بُودمي در ڪُوي تو

جيڪر ايئين هجي ها، جو توهان جو هيءُ "هندي ڪتو"،
توهان جي گهٽيءَ جو نهايت ادنيٰ ڪتو هجي ها.

نظم:

(1)

لائق بود در اين ره از ما گريستن
بر عترت نبيِّ معلا گريستن

اسان جو ان مقام تي روئڻ بلڪل بجا آهي،
جو اسان نهايت وڏي مرتبي واري نبي (صلي الله عليه وآله وسلم) جي اولاد تي روئون ٿا.

(2)

اي دوستان نهان ڪشيده آهِ سوز ناڪ
ڪاندر مان نعرهءِ پيدا گريستن

اي دوستو! جيڪڏهن روئڻو اٿو تہ منجهان ئيرڻ رَوئو
۽ پريان جو ڏڪُ ڏيل منجهہ واڄٽ جيئن وڄايو.

(3)

پيرانِ باوفا و جوانانِ جميع را
لازم بُوَد بران شهِ برنا گريستن

سيني وفادار پڪن پوڙهن ۽ جوانن تي
لازم آهي تہ هن جوان مرد شهنشاهہ تي هَنجون هارين.



Scanned with CamScanner

(4)

دل راصفااست زُهره جبينانِ عصر را
بر فوت نور ديده زهراء عليها السلام گريستن

جناب زهراء عليها السلام جي نورِ نظر جي ڪيس تي روئڻ ڪري
زماني جي "زُهره جبينن" جون دليون پوتر ٿي ويون.

(5)

حوران ز بهرِ فاطمه عليها السلام آغاز كرده اند
بر غرفهاي جنتِ ماويٰ گريستن

جناب فاطمہ الزهراء عليها السلام جي آٿتُ ۽ دلداريءَ لاءِ
جنتِ ماويٰ جي درين منجهان حورُن روئڻ شروع ڪيو.

(6)

بي ناله و خروش مباشيد يک نَفَس
قانع چرا شويد، به تنها گريستن

بنا روئڻَ ۽ پارَ ڪيڻ جي، هڪ ساهہ بہ نہ ڪٽو
بلڪہ توهان اڪيلا روئڻ تي بہ قناعت ڇو ٿا ڪريو؟

اي عزيزؤ! پنهنجي پيارن عزيزن سان "لاڳاپو" مِهَر محبت ۽ دل سوزيءَ جو "سينگار" آهي ۽ انهن جو وڇوڙو حسرت ۽ افسوس ڪانسواءِ ڪجهہ بہ ناهي. (حضرت) شهيد ڪربلا عليه السلام جي حال تي نظر ڪريو [ص٢٦] سندن عزيز ۽ محب هڪ ٻئي جي ڳٽيَ سندن اکين جي اڳيان شهادت جو پيالو پيئندا ويا. سندن وچ ۾ همنشيني ۽ وصال جي مالها وڇوڙي جي تلوار سان ڪاٽي ويئي، ايستائين جو پاڻ اڪيلا ۽ ويڳاڻا رهجي ويا. جنهن پاسي بہ نظر پئي ڪيائون تہ نہ ڪو مددگار پئي نظر آيو ۽ نہ ئي ڪو دلداري ڏيڻ وارو ڏسڻ ۾ ٿي آيو...... نہ ڪنهن مُونس جي موجودگي ٿي محسوس ڪيائون ۽ نہ ئي ڪو



Scanned with CamScanner

غمخوار پئي نظرين. سندن مَنَ گهرين مددگارن ۽ دل گهرين يائرن عزيزن، مهربانن ۽ محبن کي ياد ڪندي سندن سيني منجهان دردناڪ دانهن پئي نڪتَن ۽ سندن دوستن ۽ مائٽن جي وڇوڙي ۽ پنهنجي اڪيلائيءَ تي ارمان پئي ڪيائون.

نظم:

(1)

هزار حيف که ياران همنشين رفتند
دريغ زانکه حريفان نازنين رفتند

هزار افسوس جو گوڏَي گڏُ ويهڻ وارا دِلارا دوست هليا ويا.
هاءِ هاءِ اهي ڪومل ۽ نازڪ سياءِ وارا سڄڻ هليا ويا.

(2)

به باغ عمر شگفتند چند روز چُو گل
وزين چمن به درونهاي آتشين رفتند

زندگيءَ جي باغ ۾ ڪجهه ڏهاڙن لاءِ گل جيان کڙيا
۽ پوءِ (دنيا جي) هن باغ منجهان نڪري سوز ناڪ سينن منجهه وڃي آباد ٿيا.

(3)

زهي سعادت صاحبدلان که باغم ودرد
بزيستند رفتند هم برين رفتند

واهه جي سياڳا هئا اهي دل وارا، جيڪي سُورَسهي
جيئرا رهيا ۽ جڏهن هليا ويا ته اعليٰ مقام کي رسيا.

چون ٿا ته جڏهن شاهزاده عالَم وعالمين حضرت امام حسين عليه السلام جن اڪيلا رهجي ويا ته (الله تعاليٰ جي بارگاهه ۾) هن طرح مناجات ڪيائون:



Scanned with CamScanner

نظم:

اِلاَهي صَبَرتُ مَهمُوماً فَرِيداً
قَتِيلُ الَّطفَ مَغمُوماً وَحِيداً

خدايا آءٌ پنهنجي منفرد ۽ وکري درد جي باوجودثابت قدم رهيس، رڻ ۽ رُڃ ۾ سورن ۽ پيڙائنجو بي مثال ڪٿل آهيان.

نظم:

خدايا مانده ام تنها و سر گردان به كارِ خود
به حسرت كُشته، گَشته دُور از يار و ديار خود

اي خدا! آءٌ اڪيلو رهجي ويو آهيان ۽ سندم مامريجي حوالي سان ڳلتيءَ منجهه مبتلا آهيان، آءٌ حسرتن جو ڪٺل ۽ سندم دوستن ۽ ديس کان دور آهيان.

اهلبيت رِسالت و طهارت و جلالت جي باعظمت ضاعفن جڏهن حضرت امام حسين ؑ جون اهي فريادون ٻڌيون ۽ سندن اڪيلائي، بيڪسي، بي وطني ۽ حيرانيءَ جو مشاهدو ڪيو تہ سندن (پاڪ) دلين منجهان رنج ۽ مصيبت جو دونهون اُٿيو ۽ درد ۽ غم جا الا ٻروٽر خواتين کي وڪوڙي ويا. حضرت امام حسين ؑ جن جي نياڻيءَ سندس مهانڊن کي دل جي لهوءَ سان آلودو ڪندَي هاءِ بابا! هاءِ بابا! جي فرياد بلند ڪئي. [ص٢٧] سندن ڀيڻ حسرت جو پيالو پيئندَي هاءِ ڀاءُ! هاءِ ادا! جون دانهون ڪيون ۽ سندس پاڪ حرم پارَ پٽي ڪڍيا تہ هاءِ افسوس! جو باغِ ولايت جي گلاب جي هن ٻوٽَي جو ڳاڙهو گل زندگيءَ جي ٽاريءَ تان اِجهو هيٺ ڪيريائون. سندن پياري پٽ امام زين العابدين ؑ فريادون پٽي ڪيون تہ ڇاڪاڻ زماني جي غدار هٿن يتيميءَ جي لَٽَ منهنجي نرڙ تي ملي. زماني جي جفاڪارن کي سندن پٿر دلين جي باوجود انهن مظلومن تي رحم پٽي آيو ۽ سندن ڪمال بي رحميءَ هوندي بہ اهي سخت سُياءَ وارا ظالم انهن، هڪ ٻئي کان وڇڙيلن جي حال تي غمگين ٿين ٿا. آسمان حيرت ۾ آهي تہ:

نظم:

واحسرتا كه رشته دولت گسسته اند
پشت اَمل ز بارِ مصیبت شکسته اند

هاءِ افسوس! جو بخت ۽ ڀاڳ جي مالها ٽوڙي ڇڏيائون ۽ مصيبت جو بار وجهي اميد ۽ آس جي چيلهه ڀڃي رکيائون.

جڏهن تہ زمين درد ۽ عشق منجهان فرياد ڪندي چيو پئي:

نظم:

غوغانگر! که دهرِ ستمگار مي کند
بيداد بين که عالم غدار مي کند

اي زمانا انهن ظالمن کي ڏس تہ ڪيئن نہ فساد پيدا ڪرڻ لاءِ رڙيون پيا ڪن ۽ انهن غدارن ۽ بي وفا مهاندن تي نظر ڪر. ڪيئن نہ عالم منجهہ ظلم ۽ ڏاڍ پيا ڪن

ٻنهي جهانن جي شاهزادي حضرت امام حسين عليه السلام جن سندن پاڪ خاندان کي دلداري ڏيندي فرمايو تہ صبر (۽ ثابت قدمي) نجات جي ڪنجي آهي.

نظم:

اي كه هستي از حوادث در حرج
صبر كن، اَلصَّبرُ مِفتَاحُ الفَرَج

جيڪڏهن تون (زماني جي) حادثن جي ڪري هاڃن ۽ تنگيءَ جو شڪار ٿيو آهين، تہ پوءِ ثابت قدم رهہ. جو ثابت قدمي مارڳ ۽ منزل کي سولو ڪندي آهي.

اي عزيز! حضرت ايوب عليٰ نبيِّنا وَ عليه السلام جي جسم ۾ چار هزار جيت پيل هئا. جنهن جي تڪليف تي جناب ايوب عليه السلام جن صبر ڪيو. جڏهن تہ شاهِ ڪربلا جهڙي ڪريم ۽ سخيءَ جي وجود کي ڪاٽدار ڪنارن ۽ جان ليوا نيزن ۽ ٻين هٿيارن جي حوالي ڪيو ويو ۽ امام عليه السلام انهن سيني هٿيارن ۽ حملن کي صبر ۽ ثابت قدميءَ جي ڍال ۽ زرهہ

تي وٺندي ڪاب فرياد نہ ڪئي ۽ نہ ئي ڪنهن کان پناهہ ورتائون......
بلڪِ حضرت باريءَ جي بارگاهہ ۾ هن طرح پٽي ياڌايائون:

رَبّاحكم بَينِي وَبَينَ قَومِي، فَكَذَّبُونِي وَ خَذَلُونِي [ص٢٨]

يعني:

اي پالڻهار! منهنجي ۽ منهنجي قوم جي وچ ۾ فيصلو فرماءِ، ڇاڪاڻ تہ هنن، يعني ڪوفين مون سان ڪوڙ ڳالهائي مون کي سندن ڏانهن دعوت ڏني ۽ آءٌ جڏهن هنن جي قول تي اعتبار ڪندي هليو آيس تہ اڄ هي منهنجي مدد ڪرڻ تان هٿ ڪڍي ويا آهن ۽ منهنجي ناني مصطفيٰ ﷺ منهنجي بابي علي المرتضيٰ عليه السلام ۽ منهنجي امڙ فاطمة الزهراء عليها السلام جن جي عزت ۽ احترام کي پيش نظر نہ رکيائون، بلڪ مون ڏٺو تہ اهي بيشرمي ۽ گستاخيءَ جي ڍالَ آڏو ڍاريندي اڳتي وڌيا ۽ سندن تکيون ۽ بي رحم ترارون اسان جي سينن بي ڪينن جي حوالي ڪيائون.

ڪوفين جي بي وفائي ۽ شامين جي بي حيائي (جي تصوير هيٺ ڏنل شعر منجهان ملاحظہ ڪندا.)

نظم:

چندان قدحِ درد چشيدم که مَهرس
چندان الم و درد کشيدم که مپرس

مون پيڙا جو اهڙو تہ پيالو پيتو اهي، جو نہ پُڇُ.
مون ايترو تہ رنج ۽ غم سِر تي سَٺو آهي، جو نہ پُڇُ.

هيئنر صبر کانسواءِ ڪاراهہ ناهي ۽ آءٌ پنهنجو مامرو بارگاهہ باري تعاليٰ ۾ پيش ڪريان ٿو.

نظم:

من نگويم جزبحق حالِ دلِ افگارِ خود
کار زان اُوست، با اُومي گذارم کارِ خود

آءٌ الله تعاليٰ کانسواءِ پنهنجي دل جو وَڏُ ڪنهن



Scanned with CamScanner

جي ٻہ اڳيان پيش نہ ڪندس، ڇاڪاڻ تہ اهو ئي ڪارساز آهي، ان لاءِ سندس ئي خدمت ۾ پنهنجو مامرو پيش ڪندس.

## حضرت فاطمہ الزَهراعليها السلام جي، بارگاھ باريءَ ۾ فرياد

چون ٿا تہ قيامت جي ڏينهن مُنادي ڪندڙ اعلان ڪندو جنهن کي سمورا اهلِ محشر ٻڌندا. پهرين ڀيري آواز ايندو تہ اي انسانؤ! پنهنجون اکيون ڪوليو ۽ منهنجي ڀانهي يحيٰ (علٰي نِبِيِّنا وَ عليه السلام) کي ڏسو جنهن نہ ڪڏهن ڪو گناھ ڪيو ۽ نہ ئي ڪڏهن گناھ لاءِ سوچيو. ماڻهو يحيٰ عليٰ نِبِيِّنا وَ عليه السلام کي لنگهندي ڏسندا. ان وقت سمورا گناهگار شرم ڪان سندن ڪنڌ جهڪائي ڇڏيندا. ٻيون دفعو منادي هن طرح ندا ڏيندو: ”يَا اَهلَ المَحشَرِ غُضُوا ابصَارَكُم“ يعني: اي اهلِ محشر! (ضاعفون توڙي مرد) توهان سڀ پنهنجون اکيون بند ڪريو جو رسولِ خدا صلي الله عليه وآله وسلم جن جي نياڻي گذري رهي آهي. عالمَ چون ٿا تہ ضاعفن جي اکين بند ڪرڻ ۾ ڪا اها حڪمت [ص٢٩] نہ هوندي تہ اهي نامحرم هونديون، بلڪ ان جو سبب هيءُ هوندو تہ حضرت فاطمۃُ الزَّهراء عليها السلام جن جنهن انداز ۾ ميدانِ محشر منجهان لنگهنديون، جو ڪنهن کي ٻہ ڪين ڏسڻ جي طاقت نہ هوندي، سندن ساڄي ڪلهي تي حضرت امام حسين عليه السلام جو رت ۾ آلودو پهرياڻ ۽ هٿن ۾ حضرت امير المومنين علي عليه السلام جي لهوءَ ساڻ لال پڳ هوندن، سندن پاڪ رُخَ عرش ڏانهن ڪندَي اهڙي تہ درد وچان دانهن ۽ فرياد ڪنديون جو ملائڪن ۾ رڙيون پئجي وينديون. انبياءَ (عليهم السلام) سندن ڪرسين تان ڪري پوندا ۽ بهشت جي حورن منجھ ڪهرام مچي ويندو. حضرت فاطمہ عليها السلام عرش جي پائي کي وٺندي چونديون: يا الاهي! مون سان انصاف ڪج، منهنجي فرياد سڻج ......جبرائيل عليه السلام رڙيون ڪندَي سردار [دو عالم] محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جن جي خدمت ۾ پهچي عرض ڪندو: يا رسول الله (صلي الله عليه وآله وسلم)! فاطمہ عليها السلام عرش هيٺان آيون آهن، سندن هٿن ۾ ٻہ



Scanned with CamScanner

پهرياڻ آهن، هڪ رت ۾ ٻيون زهر ۾ ٻريل آهي. الله تعاليٰ جي قهر جو ٻڏراجهو موج ۾ آيو. جيڪڏهن اوهان نه پهتا ته عظيم خطرو ظهور ۾ اچي ويندو. سيدِ عالَم عَلَيهِ الصَّلواتُ والسّلام جن منبر کان لهي عرش هيٺان پهچي چوندا: اي (حضرت) فاطمہ عليها السلام! اي منهنجي اکين جي لاٽ! اي منهنجي دل گهري ڏيءَ! اي پنهنجي بابي جي پياري! اڄ جو ڏينهن فرياد ڪي پهچڻ جو آهي، نڪي فرياد ڪرڻ جو اچوڪو ڏينهن ڪجهه عطا ڪرڻ جو آهي، نڪي وٺڻ جو. اڄ جو ڏينهن مدد ڪرڻ جو آهي، نڪي مدد کان دستبرداريءَ جو. آءٌ مظلومن جي شفاعت ڪريان ٿو توهان گناهگارن جي سفارش ڪريو. حضرت فاطمہ الزّهراء عليها السلام جن چونديون: اي بابا! سندم پياري پٽ حسين عليه السلام جي رت ڀرئي پهرياڻ جو ڇا ڪريان؟ آءٌ جَي ان کي ڏسان ٿي ته جگر منجهان آگ ٿي اُٿيمِ ۽ حضرت حسن مجتبيٰ عليه السلام جي زهر هاڻي چولي [ص٣٠] تي نظر ڪريان ٿي ته دل ڪباب ٿي ٿئيمِ. تنهن تي سيد عالم صلى الله عليه وآله جن فرمائيندا ته اي بابي جي جندڙا! پنهنجي اکين جي جوت حسين عليه السلام جو اهو رت ڀريو پهرياڻ ڪڻي چئه: اي خدا! تو کي واسطو آهي، هن ناحق وهايل لهوءَ جو جنهن به منهنجي اولاد سان محبت رکي آهي ۽ جنهن به سندس مَنَ جي ٻنيءَ منجهه منهنجي اولاد جي محبت جو ٻج هاريو آهي ۽ ساڻن پيش آيل انهيءَ هاڃي تي ڪيس صدمو پهتو آهي ۽ انهن جي اِنَ مصيبت تي رُنو آهي، اُن جا گناهہ مون کي بخش ڪر...... هلي اچ، پنهنجي بابي جي جِندُ...! (انصاف جي) تارازيءَ ڏانهن هلون. هزارين درويش، مفلس، گناهگار ۽ بيڪس انسان، جن سندن دليون اسان سان واڳي ڇڏيون، سي اڄ اسان جي اوسيئڙي ۾ ويٺا آهن ...... تون رَتُ ساڻ آلود پهرياڻ هٿن ۾ کڻ ته آءٌ پنهنجا خاڪ ۾ لٿيل، وارَ سندم هٿن ۾ جهليان...... تون ڦٽيل دل سان فرياد ڪر ته آءٌ پنهنجن زخمي ڏندن ذريعي شفاعتَ ڪريان ته جيئن الله اَرحَمُ الرّاحِمِين منهنجي اُمّت جي بيوس بندن ۽ گناهگارن تي ڪا ڪَهَلَ ڪري.



Scanned with CamScanner

نظم:

(1)

از كرم عذر گناه عاصيان خواهد به حشر
هيچ امت را ازين سان عذر خواهي كس نديد

سندس ڪرم نوازيءَ سان گناهگارن جو عذر قبول ڪندو ان طرح ڪنهن به نه ڏٺو ته
ڪنهن اُمّتَ جي گناهن جو ان انداز ۾ عذر قبول ڪيو ويو هجي.

(2)

محرمان آرند سُوي درگهش رُوي اميد
زانكه در عالم ازين بهتر پناهي كس نديد

محرومن ۽ بدنصيبن سندس پاڪ بارگاهه ڏانهن اميد جو رخ رکيو آهي،
ان لحاظ کان ڪائنات ۾ ان کان وڌيڪ بهتر ڪا به پناهه گاهه ڪنهن به نه ڏٺي هوندي.

## حضرت امير حمزه رضي الله عنه جي شهادت جو قصو

چون ٿا ته امير حمزه (رضي الله عنه) جي شهادت کان پوءِ حضرت سرور ڪائنات ﷺ جن کي تمام گهڻو رنج ۽ تڪليف پهتي، چاڪاڻ ته مديني ۾ سڀيئي، سندن شهيدن تي رُنا پٽيا، پر امير حمزه تي ڪو روئڻ وارو نه هيو. پاڻ سڳورن (ﷺ) فرمايو ته حمزه (رضي الله عنه) تي ڪو به روئڻ وارو ناهي؟... قصو ڪوتاهه جڏهن پاڻ سڳورن (ﷺ) جي اها ڳالهه انصارن ٻڌي "ته شهر ۾ حمزه (رضي الله عنه) تي روئڻ وارا ناهن"، ته انصار پنهنجن گهرن ڏانهن ويا ۽ سندن ضاعفن کي [ص٣١] چيائون ته پهريون حمزه جي گهر وڃي مٿس روئن. ان کانپوءِ اچي پنهنجن ڪُٺلن تي هنجون هارين. انصارن جون ضاعفون حمزه (رضي الله عنه) جي گهر آيون ۽ اَڌ رات تائين مٿس روئنديون رهيون. سيدِ عالم ﷺ جڏهن ننڊ



Scanned with CamScanner

منجهان سجاڳ ٿيا ته حمزه جي گهران روئڻ جو آواز ٻڌي پڇيائون ته هي ڇا جو آواز آهي؟ جواب مليو ته انصارن جون ضاعفون آهن، جيڪي اوهان جي چاچي تي روئڻ پيون، ...... تنهن تي پاڻ سڳورن (ﷺ) فرمايو: خدا توهان تي راضي رهي ۽ توهان جي اولاد تي ۽ توهانجي اولاد جي اولاد تي.❶

نظم:

بر ملکِ فنا دل منه اي خواجه که دي شب
آباد بدان خانه که اِمُروز خراب است

اي پيارا انسان! هن فاني جهان ۾ دل نه اٽڪاءِ،
جو ڪالهه رات جيڪو گهر آباد هيو سواءِ ويران آهي.

اي عزيزؤ! ڪربلا جي قصي ۾ به اها ئي ڳالهه ملاحظه ڪريو ته امام حسين عليه السلام جن، سندن اولاد ۽ اصحاب اِن ماڳ تي پرديسي هئا ۽ مٿن روئڻ وارو ڪوبه نه هيو تنهن ڪري يقيناً مٿن آسمان رنو.

## امام حسين عليه السلام تي آسمان رُنو

امام محي السنه تفسير "معالم التنزيل" ۾ "سعدي" رحمه الله کان روايت ٿو ڪري ته جڏهن امام حسين عليه السلام کي شهيد ڪيو ويو ته آسمان رُنو ۽ آسمان جي ڪناري کان جيڪا ڳاڙهاڻ آهي. اِهو آسمان جو روئڻ آهي ۽ اهڙيءَ طرح تفسير "ثعلبي" ۾ آيو آهي ته محمد بن سيرين❷ چوي ٿو ته شفَقَ تي جيڪا اڄڪلهه ڳاڙهاڻ ظاهر ٿئي ٿي، اها

● جناب حمزه (رضي الله عنه) تي روئڻ جو قصو لفظن جي ٿوري مٽاسٽا سان هنن ڪتابن ۾ پڻ موجود آهي: سيرت النبي حصو پهريون علامه شبلي نعماني رحمه ص: 386 ۽ 387. /تاريخ ڪامل ۽ طبقات ابن سعد. بحوالا: تاريخ احمدي (نواب شيخ احمد حسين خان صاحب) ص: 115 ۽ 116.

● ابوبڪر محمد بن سيرين، خادم رسول ﷺ حضرت انس بن مالڪ جو آزاد ڪيل غلام هو. سندن والد سيرين جر جرايا جو رهاڪو هو. پاڻ ثقه حديث ۾ امامت جي



Scanned with CamScanner

حسين ﷺ جي شهادت کان اڳ نہ ٿيندي هئي.[1] ان ڏس ۾ چيو ويو آهي تہ:

**نظم:**

اين سُرخيِ شفق که برين چرخِ بي وفاست
هر عکسِ شام عِکسِ شهيدانِ کربلاست

روزانو سانجهيءَ جي وقت،
هن بي وفا آسمان جي شفق تي اها لالي،
ڪربلا جي شهيدن جي لهوءَ جو اولڙو آهي.

## امام حسين ﷺ جي شهادت واري ڏينهن بيت المقدس جي ڌرتي رَتُ رُني

"شواهدالنبوت"[2] ۾ ذڪر ٿيل آهي تہ "معمر (محمد بن مسلم بن عبدالله بن شهاب) زُهري" عبدالملڪ بن مروان، مٿس لعنت ۽ دوزخ جي باهہ جو عذاب هجي، جي ڪچهريءَ ۾ ويٺو هو [ص٣٢] تہ عبدالملڪ جي پٽ "وليد" سوال ڪيو: (ڇا) توهان ڄاڻو ٿا تہ امام حسين ﷺ جي قتل واري ڏينهن تي بيت المقدس ۾ پٿرن جي هيٺان

---

مرتبي تي فائز وسيع علم جو مالڪ، حديث جو حافظ ثقہ، خواب جي تعبير جو ماهر ۽ پرهيزگاريءَ ۾ ڪامل هو. شوال ١١٠هہ ۾ انتقال ڪيائين.

● (الف): تفسير دُرِّ منثور ۾ علامہ جلال الدين سيوطيءَ ﷫ آيت: فَمَا بَكَتْ عَلَيْهِمُ السَّمَاءُ وَالْأَرْضُ وَمَا كَانُوا مُنْظَرِينَ ترجمو: پوءِ انهن تي آسمان ۽ زمين نہ رُنا ۽ انهن کي ڪا نہ ڍَنِي ويئي. (سوره الدُخان آيت نمبر 29) جي تفسير ۾ ڄاڻايو آهي تہ حضرت امام حسين ﷺ جي شهادت تي آسمان ۽ زمين رُنا. بحوالا: تاريخ احمدي ص 87.

ب: در ڪربلا چہ گذشت (شيخ عباس قمي رحہ) ص: 610_609.

● ليکڪ: مُلا عبدالرحمان جامي رحہ اردو ترجمو: بشير حسين ناظم ايم اي، ڇاپو: لاهور 1985ع ص: 309_ ان ڪانسواءِ بيت المقدس ۾ رَتُ جي حوالي سان ٻين هنن ڪتابن ۾ ذڪر موجود آهي: در ڪربلا چہ گذشت (شيخ عباس قمي رحہ) ص: 612/ سر الشهادتين اردو (شاهہ عبدالعزيز محدث دهلوي رحہ) ڇاپو ڪراچي، ص 56 ۽ 57/صواعق محرقہ (ابن حجر مڪي) اردو ترجمو:



Scanned with CamScanner

ڇا هيو؟ زُهريءَ فرمايو: مون تائين اها خبر پهتي آهي تہ ان ڏينهن "مسجدِ اقصيٰ" جي جنهن بہ پٿر کي کنيو ويو تہ اُن جي هيٺان تازو رت نظر آيو ۽ ٻيون هن طرح چون ٿا تہ امام حسين عليه السلام جن جي شهادت واري ڏينهن آسمان مان رت جي برسات ٿي ۽ اسان وٽ جيڪا بہ شيءِ هئي، سا رت سان رنگين ٿي ويئي ۽ ڪيترن ئي ڏينهن تائين اسان جي اکين آسمان کي ڄميل رت وانگي ڏٺو. عُيُونُ الرِضَا[1] ۾ "ريان بن شبيب" جي حديث منجهہ مذڪور آهي تہ سلطان علي ابنِ موسيٰ الرِّضَا عَلَيهِ التَّحِيَّةُ و الثَّنا فرمايو: اي شبيب جا فرزند! جڏهن منهنجي ڏاڏي امام حسين عليه السلام کي شهيد ڪيائون تہ آسمان رت وسايو ۽ ڳاڙهي مٽي پڻ آسمان کان زمين تي وَٺي. اي شبيب جا پٽ! يقيناً چار هزار ملائڪ دائره افلاڪ کان مرڪزِ خاڪ تي امام حسين عليه السلام جي مدد لاءِ پهتا، پر جڏهن کين جنگ جي اجازت نہ ملين تہ هو خاڪ سان لٿيل وارن ۽ مٽيءَ هاڻِن مهانڊن سان (امام عليه السلام جي) روضي تي ترسي پيا، جتي هو قيامت جي ڏينهن تائين روئندا رهندا.

نظم:

(1)

اندرين ماتم ملائک دمبدم بگریسته
جن و انس وعلوي وسفلي ز غم بگریسته

هن غم ۾ ملائڪ پلپل روئن ٿا،
جِنَ، انسان، اعليٰ ۽ ادنيٰ مڙيئي هن ماتم منجهہ مصروف آهن.

(2)

کرسي از جا رفته و سدرهِ در افتاده زپاي
عرش نالان گشته و لوح و قلم بگریسته

---

[1] ڪتاب: عُيون اخبار الرضا ليکڪ شيخ صدوق ابو جعفر محمد علي بن الحسين قمي ابن بابويہ متوفيٰ ٣٨١هہ جلد پهريون ص: 605، ڇاپو: پهريون (1372هجري شمسي)، فارسي ترجمو: حميد رضا مستفيد/علي اڪبر غفاري/ منتهي الآمال (فارسي) شيخ عباس قمي رحہ جلد پهريون: ص: 541 ۽ 542.



Scanned with CamScanner

"ڪرسي" ڪنبي ويئي ۽ "سدرةُ المنتهي" (جو وڻ) پاڙئون ڪِري پيو عرش فريادون پيو ڪري ۽ لوح و قلم روئڻ منجهه رُڌل آهن.

(3)

زير غبر ابر رضاي خواجهِ رکن و مقام
ناله کرده زم زم و بيت الحرم بگريسته

"رُڪن ۽ مقام" جو مالڪ تسليم ورِضا جو گگر سندس پاڪ مزار منجهه الله جي رِضا تي راضي آهي.

(4)

حور عين بهرِ رضاي فاطمه عليها السلام در باغِ خلد
بر شهيدِ باديه با صد الم بگريسته

جنت ۾ وڏين اکين واريون حورون جناب سيده فاطمه (عليها السلام) جي رِضا ۽ خوشنوديءَ خاطر رُڃَ منجهه شهيد ٿيل تي نهايت درد ۽ پيڙا منجهان نِيرَ پيون وهائين.

## امام حسين عليه السلام پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جو انتخاب

"شواهد النبوت"(*) ۽ سيرت جي (ٻين) ڪتابن منجهه بيان ٿيل آهي تہ هڪ ڏهاڙي حضرت رسولِ خدا صلي الله عليه وآله وسلم جن امام حسين عليه السلام کي [ص٣٣] سندن هنج ۾ ساڄي پاسي کان ۽ سندن پُٽَ ابراهيم (عليه السلام) کي کاٻي پاسي کان وهاريو ويٺا هئا. تہ جبرائيل عليه السلام نازل ٿي اچي عرض ڪيو: يا رسول الله (صلي الله عليه وآله وسلم)! الله تعاليٰ انهن ٻنهي (شاهزادن) کي توهان وٽ (هڪ ئي وقت) گڏ نہ ٿو رکڻ چاهي، ان لاءِ هڪ کي موٽائي وٺندو. هينئر توهان جي اختيار ۾ آهي تہ انهن ٻنهي منجهان ڪنهن جي ٿا چونڊ ڪريو؟ تہ جيئن خدا تعاليٰ ٻئين کي سندس رحمت ۾ کڻي وٺي. حضرت رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو: جيڪڏهن حسين عليه السلام وفات ڪري تہ سندس وڇوڙي ۾ منهنجو جيءُ جُهرندو ۽ علي عليه السلام جو

---

(*) ڪتاب ليکڪ ملا جامي رح اردو ترجمو ص: 304، ڇاپو لاهور (1985ع)



Scanned with CamScanner

مَنُ بہ ملول ٿيندو ۽ فاطمه (عليها) جو جگر پڻ زخمي ٿيندو ۽ سندس ڀاءُ حسن عليه السلام کي پڻ رنج رسندو ۽ جيڪڏهن ابراهيم عليه السلام وڃي ته گهڻو صدمو مون کي ئي سَهڻو پوندو. تنهن ڪري مون پنهنجي پيڙا ۽ آهنج اختيار ڪيو ۽ ان جي ٽن ڏينهن کان پوءِ ابراهيم عليه السلام وفات ڪري ويو. (ان کانپوءِ) جڏهن به امام حسين عليه السلام پيغمبر اڪرم (صلي الله عليه وآله) جن جي سامهون ايندا هئا ته پاڻ کين چُمندي چوندا هئا: "مرحبا! مون پنهنجي پُٽ ابراهيم عليه السلام کي مٽس قربان ڪري ڇڏيو"... پوءِ اهڙي هستيءَ سان اهڙو ڪمين پڻي وارو رويو ڪيئن روا ٿي پئي سگهيو؟

"ڪنزالغرائب" ۾ آيو آهي ته هڪ ڏهاڙي شاهزاداءِ ڪونين امام حسين عليه السلام جن پاڻ سڳورن (صلي الله عليه وآله) وٽ هئا ۽ اتان گهر پئي وڃڻ چاهيائون، پر مينهُن وسي پيو. پاڻ سڳورن (صلي الله عليه وآله) امام حسين عليه السلام جن کي ڏٺو ته پريشان آهن. سو ڪائنڻ پڇندي فرمايو: اي بابي جي جان! ڇا کان پريشان آهيو؟ امام حسين عليه السلام جن فرمايو: منهنجي دل امڙ ۽ ڀاءُ ڏانهن پئي ڇڪجي. آءٌ ساڻن ملڻ ٿو چاهيان. پر مينهُن اسان جي ملاقات ۾ رڪاوٽ آهي. حضرت رسول صلي الله عليه وآله جن دعا گهري. برسات بيهي ۽ امام حسين عليه السلام جن گهر ويا ...... ته پاڻ سڳورن (صلي الله عليه وآله) کان اهو به سَلو نه ٿيو جو مِينهَن ڦُڙا سندن جگر جي ٽڪر تي پون. پوءِ اهڙن ڪُومل ۽ گُلهڙن لڱن تي زهر ڀرين تيرن جو مِينهُن ڪيئن روا رکيو ويو؟

نظم:

(1)

گلبرگ سينه وي از آسيبِ تير و تيغ
مانند جيب غنچه شده چاک اي دريغ [ص ٣٤]

هاءِ افسوس! جو مکڙيءَ جهڙي پاڪ ۽ نفيس دل ۽ سينو تير جي وار سان زخمي ڪيو ويو.

(2)

از خاک سَروِ ناز بر آيد کشيده قد
سَرِوي قدس فروشده در خاک اي دريغ



Scanned with CamScanner

زمين منجهان قتل "سَروَ" جو وڻ تہ پنهنجي قَدَ ڳاٽَ
سان ڪِرَ ڪٽي سڌو تي بيٺو پر افسوس! جو قدسي
۽ الاهي سَروَ کي زمين تي ڪيرايو ويو.

(3)

ديدنـــد غـــرق خـــون رُخ اوراملائكـــه
گفتنـــد در صـــوامعِ افـــلاک اي دريـــغ

سندس پوٽر مهانڊا لهوءَ ۾ لالُ ڏسي، آسماني
عبادت گاهن منجهہ ملائڪن "هاءِ افسوس! ۽
هاءِ مصيبتا!" جون فريادون بلند ڪيون.

هڪ بزرگ فرمايو: حضرت رسول ﷺ جن سندن امت سان
حوضِ ڪوثرَ (جي جام) جو واعدو ڪيو ۽ اُنَ امت جي ڪجهہ ماڻهن
سندن جگر جي ٽڪرن کي بکيو ۽ اڃو رکي زهر جو جام پياريو ۽
ٿهري ڪنارن سان ڪٺو ۽ پوءِ جهڙيءَ طرح هنن ڪيو:
نظم:

(1)

اي بجـــائي تُـــو مـــن وفـــا كـــرده
تـــو مكافـــات آن جفـــا كـــرده

مون تہ تو سان وفا ڪئي، ۽ تون ان جي موٽ ۾
مون سان جفا ۽ ڏاڍ ڪيو.

(2)

بـــوده بيگانـــه وتـــرا بـــاحق
بـــه نصـــيحت مـــن آشـــنا كـــرده

تون گمراهہ هئين، ۽ مون تو کي حق جي راهہ ڏيکاري

(3)

مـــن تـــرا چـــون بـــه حشـــر تشـــنه شـــوي
وعـــده شـــربت صـــفا كـــرده

مون توسان، حشر جي ڏينهن، پياس جي حالت ۾
پاڪ شربت پيارڻ جو واعدو ڪيو.

(4)

در مکافات تُو حسینِ عليه السلام مرا
بـه غـم آب مبـتلا کـرده

(ع) توان جي صلي ۾ منهنجي حسين عليه السلام کي
اڄ ۾ پياس جي پيڙا منجھ مبتلا ڪيو.

(5)

آن حسین عليه السلام که جبرئیل عليه السلام اُورا
هـر کجـا دیـده، مرحبـا کـرده

اهو حسين عليه السلام، جنهن کي جبرائيل عليه السلام جتي به ڏٺو ته
واهه واهه ۽ مرحبا چيو.

(6)

فاطمه عليها السلام از برای تـر بتیش
صـد سـحر گـاه رَبَّنـا کـرده

جناب فاطمه (عليها السلام) جنهن جي پالنا دوران
سندس لاءِ روزانو آسُر جو بارگاهه باريءَ ۾ دعائون گهرندي رهي.

## پاڻ سڳورن (صلي الله عليه وآله وسلم) جي امام حسين عليه السلام
## سان "عرفاني" راند

"مقتل انوار الائمه" ۾ آيو آهي ته هڪ ڀيري امام حسين عليه السلام جن ٻارڙن سان راند پئي ڪئي ته هڪ پاسي کان سردارِ ٻه جهان صلي الله عليه وآله وسلم جن تشريف فرما ٿيا. ارادو ڪيائون ته امام حسين عليه السلام کي پڪڙي وٺن، پر امام حسين عليه السلام ڊوڙ پائي ٻارن منجهان نڪري ويا. پاڻ سڳورا (صلي الله عليه وآله وسلم) به سندن پٺيان ڊوڙڻ لڳا ۽ پاڻ کي ساڄي کاٻي گوهيون ڏيندي ڊوڙندي چيائون: اي منهنجا حسين عليه السلام چو ٿا ڊوڙون پايو؟ امام حسين عليه السلام

فرمايو: اي منهنجا سردار (ﷺ) مان نہ ٿو ٻوڙان، پر توهان کي ٻوڙايان پيو. هائو! (بلڪل صحيح آهي، هر) معشوق پنهنجي عاشق ۽ طالب کان پڇندو آهي، سندس ڪم (طالب کان) پڇڻُ ناهي، پر عاشق کي سندس طلب ۾ تيز ڪرڻ آهي. قصو ڪوتاهہ پاڻ سڳورا (ﷺ) حسين عليه السلام کي وچي پهتا ۽ سندن ڪمربند ۾ هٿ وجهي پنهنجي ويجهو ڪري سندن سيني ساڻ لائي دعا لاءِ هٿ ڪنيائون: "اَللّٰهُمَّ اِنِّي اُحِبُّهُ فَاَحِبَّهُ" يعني: اي پالڻهار! آءٌ حسين عليه السلام سان محبت ڪريان ٿو تون بہ حسين عليه السلام سان محبت رک. انهيءَ ئي گهڙيءَ عالمِ غيب کان سَنَيهو آيو تہ اي منهنجا حبيب (ﷺ)! تنهنجي جگر جو ٽڪر (حسين عليه السلام). ڪربلا جي تپندڙ ۽ گرم ڌرتيءَ تي تيرن جو نشانو بڻايو ويندو ۽ نبوت جي باغ جي هن سرهاڻ کي پاڻيءَ کان محروم رکيو ويندو. اسان جي بارگاهہ ۾ اڃايلن کي پسند ڪيو وڃي ٿو ۽ اسان جي مارڳ منجهہ لهوءَ ساڻ لال ڳَلَ گهربل هوندا آهن. [ص٣٥] ۽ عاشق سندن وڏيل منليين سان پنهنجي محبوبن جو قسم کڻندا آهن. يقيناً هي پاڻ، سندس بابو ۽ سندس ڀاءُ سياڳ ۽ شهادت ساڻ اسان جي درگاهہ ۾ حاضر ٿيندا. علي عليه السلام (تلوار جي) هڪ وار سان، حسن عليه السلام (زهر جي) هڪ جام سان ۽ حسين عليه السلام (ترار جي) هڪ ڌڪ سان.

نظم:

(1)

آن يکي را ضربت تيغِ بلا در فرقِ سَر
وآن دگر را شربتي زهر وَغا در کامِ دل

انهن مان هڪ تي مصيبت آور ترار سان سندس پيشانيءَ تي وار ڪيائون ... ۽ ٻئين جو زهر جي جام سان واتُ ۽ دل زخمي ڪيائون.

(2)

ديگري با حلق تشنه، خورده تيغ آبدار
خاکِ دشتِ کربلا از خونِ پاکش گشته گل



Scanned with CamScanner

۽ جڏهن ته ٻئين جي ”بَي آب گِلَ“ تي آبدار ڪنارَ جا وارَ ڪيائون، جنهن ۾ پوتر رت سان ڪربلا جي رڻ جي مٽي گل جيان ڳاڙهي ٿي نٽڙي پيئي.

## ”سُورتِ رحمان“ جي ”لُوءِ لُوءِ مرجان“ منجهان حسن ۽ حسين عليهما السلام مراد آهن

”رُوحُ الارواح“ ۾ آيو آهي ته اهو هڪ عجيب راز آهي ته سخاوت جي ڪاڻ ۽ نبوت جي ٽڪرَ جي پاڻ ۾ سڱابندي ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ ”يَخرُجُ مِنهُمَا اللُّؤلُؤ وَالمَرجَانُ“[1] جا ٻه شاهي دُر پيدا ٿيا. اهي ٻيئي سندن والدين (يعني: ٻن پيئرن) جي ميراث جا وارث بڻيا: وڏو پيءُ: حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن، زهر جي اثر ڪري هن جهان منجهان برقعو مٽايو ۽ ٻئين پيءُ علي مرتضيٰ عليه السلام ترار جي وار سبب آخري سفر اختيار ڪيو. اهڙيءَ طرح حسن مجتبيٰ عليه السلام وڏي پٽ هجڻ جي ناتي سان وڏي بابي حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن سان هڪ جهڙائي ۽ اشتراڪ ۾ زهر جو پيالو پيتو[2] ۽ امام حسين اَفضَلُ الشُّهَدآءِ عليه السلام

---

[1] سورتِ رحمان، آيت نمبر: 22.

[2] هڪ سازش تحت امام حسن ع کي سندن گهر واري- جعده بنت اشعث کان زهر ڏياريو ويو. هڪ ڏينهن امام عليه السلام کي روزو هيو ۽ اهو ڏينهن ڏاڍو گرم هو. پاڻ افطار وقت ڏاڍا پياسا هئا. سندن گهرواريءَ سندن لاءِ کير منجهان ٺهيل شربت ۾ زهر ملائي کين افطاريءَ ۾ پياريو. امام ع اهو شربت پيئندي محسوس ڪيو ته ان ۾ زهر مليل هيو. سو ڪلمه استرجا (انالله وانا اليه راجعون) پڙهندي الله تعاليٰ جي حمد بيان ڪيائون ته پاڻ هي فاني جهان ڇڏيندي هميشه واري جهان ڏانهن سفر ڪندي سندن ناني سائين، بابي سائين، امڙ ۽ ٻن چاچن جعفر ۽ حمزه عليهم السلام سان ملاقات ڪندا. ان کان پوءِ سندن گهر واري ڏانهن رخ ڪندي فرمايائون اي الله جي دشمن تو مون کي قتل ڪري ڇڏيو الله جو قسم مون کان پوءِ توکي اُن جو ڪو به فائدو نه رسندو. ان شخص توکي دوکو ڏنو. الله تعاليٰ توکي ۽ هن کي پنهنجي عذاب جي ذريعي خوار ڪري. ان کانپوءِ امام ع جن ٻن ڏينهن تائين ان درد ۽ پيڙا ۾ رهڻ کان پوءِ سندن ناني بزرگوار ۽ بابي عاليمقدار سان وڃي ملاقي ٿيا. سندن شهادت جي تاريخ جيڪا مشهور آهي سا ٢٨ صفر سن ٥٠هه آهي ۽ شهادت وقت سندن عمر ۴٨ ورهيه هئي.

جيڪو پيون پٽ هو سو سندس بابي مرتضيٰ علي عليه السلام جي مطابقت ۽ شراڪت ۾ تلوار جي ڏک سان زخمي ٿيو. سال گذري ويا. پر زهر جي اثر سان آيل جگر جو گهاءُ ڪنهن بہ ترياق سان پرجي نہ سگهيو آهي ۽ وري بہ ٻئي پاسي صديون لنگهي ويون. پر انهن گهايلن ۽ ڏکايلن کي آيل تلوار جا وَڍَ اڄان تائين ڪنهن بہ مرهم سان ڪونہ پرجي سگهيا آهن ۽ غمزدن جا نيڻ اُن زهر جي تاثير ڪري اڄ سُوڏا روئڻ منجهہ رُڌل آهن ۽ دردمندن جون دليون اڄ تائين تلوارن جي ڏکن سان قتيل آهن.

نظم:

(1)

چون چراغِ ديدهءِ زهراء عليها السلام بکشتند به زهر

زهر را دل بر چراغ ديدهءِ زهراء عليها السلام بِسوخت

حضرت زهراء عليها السلام جي اکين جوتِ (امام حسن عليه السلام

کي زهر سان ڪٺائون ۽ ان زهر جي سيڪَ حضرت زهراء عليها السلام

جي نُورِ نظر جي دل جلائي ڇڏي)

(2)

چون روان کردند خون از قرة العين رسول صلي الله عليه وآله وسلم

چشم عيسيٰ عليه السلام خون بِبارِيد و دلِ تَرسا بسُوخت

جڏهن نبي سردار (صلي الله عليه وآله وسلم) جي نيڻن ٺار (امام حسين ع)

جو رَتُ وهاياٺون تہ حضرت عيسيٰ عليه السلام جي اکِ رَتُ رُني

۽ عيسائين جون دليون ان پيڙا ۾ پچي ڪباب ٿيون.

## حسنين عليهما السلام نبي صلي الله عليه وآله وسلم ۽ علي عليه السلام کان ميراث ماڻيندا

روايت آهي تہ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جن جي مرض الموت واري عرصي دوران هڪ ڏينهن حضرت فاطمه عليها السلام حضرات امام حسن عليه السلام ۽ امام حسين عليه السلام جن جو هٿ وٺي سندن بابي خَيرُ البَشر صلي الله عليه وآله وسلم جن



Scanned with CamScanner

جي [ص٣٦] خدمت ۾ آئي فرمايو: هٰذانِ ابناكَ فَوَرِّثْهُمَا شَيئًا. ❶ يعني: هي ٻئي اوهان جا پٽ آهن، ڪين پنهنجي ميراث ڏيندا. پاڻ سڳورن (ﷺ) فرمايو: امام حسن عليه السلام جو منهنجي سيرت ۽ سيادت (يعني: سرداريءَ) ۾ حصو آهي، جڏهن تہ امام حسين عليه السلام منهنجي سخاوت ۽ شجاعت جو وارث آهي. راوي چوي ٿو تہ امير المومنين امام حسن عليه السلام جا فضائل تمام گهڻا آهن، سندن مناقبن منجهان هڪ هن طرح آهي تہ هڪ ڏينهن امام حسن عليه السلام جن "زبير"❷ جي اولاد منجهان ڪنهن شخص سان هڪ مسافريءَ ۾ گڏ هئا (سفر دوران) ڪجين جي هڪ باغ منجهہ جنهن جا وڻ سڪي ويا هئا، اچي منزل ڪيائون. خادمن اميرالمومنين امام حسن عليه السلام لاءِ هڪ سڪل وڻ جي پاڙ ۾ بسترو لڳايو جتي پاڻ آرامي ٿيا. زبير جو پٽ بہ امام عليه السلام جي پرسان هڪ سڪل وڻ هيٺان اچي ويٺو ۽ چوڻ لڳو: هوندَ هن ڪجيءَ منجهہ ڪي تازيون ڪارڪون هجن ها تہ ڪائجن ها. امام حسن عليه السلام فرمايو: تازيون ڪارڪون تون چاهين؟ زبير جي پٽ هائوڪار ۾ وراڻيو تنهن تي شاهزادي عليه السلام دعا جا هٿ ڪنيا ۽ چپن ۾ ڪجهہ چيائون، جيڪو ڪنهن ڪي سمجهہ ۾ نہ آيو ۽ پوءِ انهيءَ ئي گهڙيءَ هڪُ وڻُ سائو ٿي ويو پَنَ ڦُٽي آيا ۽ تازين ڪارڪُن سان ڦرجي ويو. اهو ڏسي سندن مسافريءَ ۾ آوٺيءَ رڙڪندي چيو: خدا جو قسم هي جادو آهي. امام حسن عليه السلام موٽ ڏيندَي فرمايو: اهو جادو ناهي، بلڪ هي سابِ پيل دعا آهي، جيڪا پيغمبر ﷺ جي پُٽَ گهري آهي...... ۽ پوءِ ان تازيءَ ڦريل ڪجيءَ تان تازيون ڪارڪون لاهي آنديون ويون، جيڪي سيني منجهہ پوريون پئجي ويون.❸ شيخ عطّار قدُسِ سِرهُ ڪتابَ "گل وَ هرمز" ۾ بيان ڪيو آهي:

نظم:

---

● نگاهي بر زندگي امام حسن عليه السلام (محمد محمدي اشتهاردي) ص: 17 ۽ 18، ڇاپو: تهران

● زبير بن عوام حضرت علي عليه السلام جو ڦڦاٽ

● شواهد النبوت (ملا عبدالرحمان جامي رح) اردو ترجمو ڇاپو لاهور ص: 302.

(1)

امامي كو امامت را حسن بود
حسن (عليه السلام) آمد كه جملهءِ حُسنِ ظن بود

اهڙو امام جيڪو پاڻ امامت جو سينگار هيو سو حسن (عليه السلام) آيو جيڪو سمورو سونهن هيو.

(2)

همه حسن و همه خُلق و همه حِلم
همه لطف و همه جود و [ص ٣٧] همه علم

حسن (عليه السلام) ڪامل حسن، مڪمل اخلاق ۽ ڪل بردباريءَ جو مظهر آهي. حسن (عليه السلام) مڙني مِهرَ، سموري سخاوت ۽ ڳُل جَي ڪل علم جو مالڪ آهي.

(3)

شب از موي سياهش تيره ماند
ز روبش ماهِ روشن خيره ماند

رت جي اونده سندس ڪارن ڳاڳُلن جي ڪري پنهي آهي، سندس ٻوٿر مهانڊن تي نظر ڪرڻ سان چنڊ جون اکيون ٻوٽجي وڃن ٿيون.

(4)

لبش قائم مقامِ حوضِ كوثر
كه بود چشمهءِ نوش پيمبر

سندس چپ حوضِ ڪوثر جا قائم مقام آهن، جاڪاڻ تهانَ چشمي منجهان پاڻ سڳورا (ﷺ) پنهنجي اڃ اجهائيندا هئا.

(5)

چنان نوشي به زهر آلوده كردند
دلش خُونِ جگر پالوده كردند



Scanned with CamScanner

سندن جامَ منجهہ اهڙو تہ زهر گڏيائون،
جو سندن دل جگر جي رتُ منجهہ ٻوڙي ڇڏيائون.

(6)

ز زهرش چون جگر شد پاره پاره
ز غصه گشت خونين سنگ خاره

جڏهن زهر جو پيالو پيئڻ سان جگر ٽڪر ٽڪر ٿي ويو
تہ سخت پٿر بہ ان پيڙا ۾ رتُ روئڻ لڳا.

## معراج واري حديث

چون ٿا تہ جڏهن شاهزادهءِ ڪونين امام حسن مجتبيٰ عليه السلام جن کي رات جي وقت پاڻيءَ ۾ زهر ملائي ڏنو ويو[1] ۽ (ٻئي ڏينهن) صبح جو جڏهن سج نڪتو تہ امام حسن عليه السلام جن جو رنگ مبارڪ سبز ٿي ويو پاڻ سوال ڪيائون تہ منهنجي چهري جو رنگ ڪيئن آهي؟ ڪين ٻڌايو ويو تہ ساواڻ ڏانهن مائل آهي. امام حسن عليه السلام جن سندن چهرو امام حسين عليه السلام ڏانهن ڪندي فرمايو: اي ڀاءُ! "معراج واري حديث" ظاهر ٿي ويئي آهي. امام حسين عليه السلام فرمايو: بيشڪ. ۽ پوءِ ٻيئي ڀائر هڪ ٻئي کي ڳراٽڙي پائي روئندَي ۽ فريادون ڪندَي حاضرين وٽان اٿيا. ماڻهن عرض ڪيو: اي فرزندِ رسول (صلي الله عليه وآله وسلم)! اسان کي معراج واري حديث بابت ڪجهہ ٻڌايو. تنهن تي فرمايائون: اسان جي ناني حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جن اسان کي ٻڌايو تہ معراج واري رات مون کي روضة الجنّات (جنت جي هڪ باغ) ۾ آندو ويو جتي مون کي هر هڪ مومن جو درجو ۽ مقام ڏيکاريو ويو اتي ئي مون هڪ جهڙا، هڪ جيترا هڪ ئي نقشي ۽ قانون تحت اڏيل بہ محلات ڏٺا. هڪ "زمرد" منجهان ٺهيل هيو جنهن جي شعاع کي ڏسندي ئي اکيون ٻوٽجي پئي ويون ۽ ٻيون محل "ڳاڙهي ياقوت" منجهان تعمير ٿيل هيو جنهن جي روشني ساري جهان کي منوّر ڪندڙ سج وانگي منجهانئس ڦُٽي رهي هئي. مون

---

[1] ڏسو (2) حاشيو ص 151

(جنت جي فرشتي) "رضوان" کان پڇيو: اهي ٻيئي محلات ڪنهن جا آهن؟ هن ٻڌايو تہ انهن مان هڪ حضرت امام حسن عليه السلام جو آهي ۽ ٻيو امام حسين عليه السلام جو آهي. مون هن کي چيو تہ ٻيئي محلات هڪ ئي رنگ جي پٿرن منجهان ڇو ناهن ٺهيل؟ تنهن تي رضوانُ چپ ٿي ويو. پاڻ سڳورن (صلي الله عليه وآله) فرمايو: جواب ڇو ڪونہ ٿو ڏئين؟...... اتي جبرائيل عليه السلام عرض ڪيو: يا رسول الله صلي الله عليه وآله! هن کي اهو ٻڌائيندي شرم ٿو اچي تہ اهو سبز محل امام حسن عليه السلام جو آهي، [ص٣٨] ڇاڪاڻ تہ کين زهر ڏنو ويندو ۽ آخر ۾ سندن پاڪ چهري جو رنگ سائو ٿي ويندو ۽ ٻيون ڳاڙهو محل امام حسين عليه السلام جو آهي، ڇاڪاڻ تہ کين شهيد ڪيو ويندو ۽ آخري ڏينهن تي سندن ڳلَ مبارڪ رَتَ سان ڳاڙها ٿيندا. "ابن جام" ٿو چوي تہ:

نظم:

(1)

که ريخت پارهءِ الماس ريزه در قدحش
که زهر گشت ازان آب خوشگوارِ حسن

هيري (منجهان تيار ٿيل زهر) جو ٽڪر جڏهن سندن پاڻيءَ پيالي منجهہ وڌو ويو تہ حسن عليه السلام جو خوشگوار ۽ ٺنڊڙ پاڻي زهر بڻجي ويو.

(2)

در اندرون صد و هفتاد پاره شد جگرش
همه زراهِ گلو ريخت در کنارِ حسن عليه السلام

سيني منجهہ سندن جگر جا هڪ سئو ستَر (170) ٽڪر ٿي ويا. جيڪي الٽيءَ سان سڀ جو سڀ حسن عليه السلام جي هنج ۾ اچي پيا.

(3)

برنـــگ گونـــه الـمـــاس شـــد زمـــر دفـــام
مفـــرح لـــب يـــاقوت آبـــدارِ حســـن عليه السلام



Scanned with CamScanner

حسن عليه السلام جا هيري مثال سفيد ڳل زمرد وانگي ساوا ٿي ويا ۽ چمڪندڙ ياقوت جهڙا ڳاڙها چپ رت سان وڌيڪ رنگين ٿي ويا.

(4)

جگـر بسـوُخت فلـک را چُـو لالـه آتـش دل
ز حسـرت جگـر خسـته ءِ فگـارِ حسـن عليه السلام

فلڪ جو جگر جلي ٿو جيئن شمع جي لاٽ سان شمعدان لوساڻجي ٿو (اهڙيءَ طرح) حسن عليه السلام جي "دل" حسرت ۽ ارمان وچان نهايت ڏکايل ۽ زخمي آهي.

(5)

لـبش کـه مايـه ءِ تريـاق بـود شـد پُـر زهـر
فغـان ز تلخـي ءِ شـهد شِـکر نثـارِ حسـن عليه السلام

جناب حسن عليه السلام جا چپ، جيڪي ترياق جو سرمايو هئا،تن کي زهر جي حوالي ڪيو ويو ۽ (اهڙيءَ ريت)شيرين سخن حسن عليه السلام جي زبان تي اڄ فرياد جي تلخي ۽ ڪڙاڻ آهي.

(6)

سـتاره خـون بچکانـد ز چشـم گر بينَـد
جراحتِ جگـر و چشـم اشـکبار حسـن عليه السلام

جيڪڏهن آسمان جو ستارو جناب حسن عليه السلام جيجگر جو ڦٽُ ۽ سندن اکين منجهان هنجُو هلنداڏسي ها ته پڪ سان رَتُ روئي ها.

(7)

بـه بـا غِ عتـرتِ پيغمبـر ﷺ از خـزان سـتم
بريخت لالـه و نسـرين ز نـو بهـار حسـن عليه السلام

پاڪ پيغمبر (ﷺ) جي اولاد جي باغ جا حسن عليه السلام جهڙا سُوسَن ۽ عنبر گلَ بهار جي آغاز ۾ سَرَءَ جي وَرِ چڙهي ويا.



Scanned with CamScanner

(8)

بنفشه بين سرِ حسرت نِهاده برزانو
زموي غاليه بوي بنفشه زارِ حسن عليه السلام

بَنفشَي جو گل حسرت وچان مُنهُن مُونن ۾ وجهي، سندس خوشبودار وار کولي، جناب حسن عليه السلام جي بنفشي مثال شخصيت جي سوڳ ۾ ويٺو آهي.

## امام حسين عليه السلام جي ولادت تي
## پاڻ سڳورن (ﷺ) جي بارِگاهہ ۾ مبارڪ بہ، تعزيّت بہ

چون ٿا تہ جڏهن امام حسين عليه السلام جن مُتَوَلِد ٿيا تہ الله تعاليٰ جبرائيل امين کي حڪم ڪيو تہ وڃ ۽ اسان جي حبيب (ﷺ) کي مبارڪون پهچاءِ ۽ ان کانپوءِ سندس قتل جي خبر ٻڌائي تعزيت عرض ڪر...... جڏهن جبرائيل عليه السلام آيو تہ حضرت امام حسين عليه السلام جن پيغمبر ﷺ جن جي پاسي ۾ ويٺا هئا ۽ پاڻ سڳورن (ﷺ) سندن ڳلَ تي چميون پئي ڏنيون. ان ئي صورت حال ۾ روح الامين سندن خدمت ۾ مبارڪ بہ عرض ڪئي ۽ گڏوگڏ تعزيّت پڻ پيش ڪئي. ان تي پاڻ سڳورن (ﷺ) پڇيو: مبارڪ جو سبب تہ معلوم آهي، پر تعزيّت ڇا لاءِ؟ جبرائيل عرض ڪيو: يا رسول الله (ﷺ)! توهان جي ان [ص٣٩] فرزند جا اهي ڳل، جيڪي اڄ اوهان جا بوسي گاهہ آهن، سندس امڙ جي وفات ۽ بابي ۽ ڀاءُ جي شهادت کانپوءِ جفاڪار ترار سان زخمي ڪيا ويندا. ان کانپوءِ ڪربلا جي قصي جو ڪجهہ حصو عالمين جي نور ﷺ جن جي خدمت ۾ بيان ڪيو. مصطفيٰ ﷺ جن روئڻ لڳا، مرتضيٰ عليه السلام ان وقت حاضر هئا، عرض ڪيائون تہ اي مرسلين جا سردار (ﷺ) ان روئڻ جو سبب ڇا آهي؟ پاڻ سڳورن (ﷺ) جبرائيل جي ذريعي آيل خبر کين ٻڌائي تہ اميرالمومنين جي نيڻن منجهان پڻ رت جا نير هلي پيا ۽ ان ئي حال ۾ روئندَي زاريون ڪندَي حضرت

فاطمہ عليہا السلام جن جي ڪمري منجهہ آيا. حضرت فاطمہ اميرَ (عليہ السلام) کي روئندي ڏسي فرمايو: اي چاچي ڄايا! اي منهنجا سردار! اڄوڪي ڏينهن تي ڇو ملُول ڪيو اٿوَ؟ اڄ تہ خوشي ۽ شادمانن جو ڏينهن آهي، نڪي رنج ۽ غم جو....... (اڄ) جيڪڏهن خوشي جي گهڙي آهي، يقيناً اها تہ ظاهر آهي، پر جيڪڏهن سُورَ ۽ سختيءَ جي ساعت آهي تہ ان جو ڪارڻ ظاهر ڪندا. مرتضيٰ عليہ السلام جن فرمايو: اي فاطمہ عليہا السلام منهنجي روئڻ جو سبب غمِ حسين عليہ السلام آهي، توهان جي بابي بزرگوار جبرائيل امين جي زباني سندس قتل جي خبر ڏني آهي. حضرت فاطمه عليہا السلام جن اها خبر ٻڌندي ئي هڪ وڏي دانهن ڪئي ...... ۽ پوءِ عصمت جي چادر سندن پاڪ مٿي تان سُرڪي ويئي، ان ئي ڪيفيت ۾ سندن بابي جي ڪمري ۾ اچي فرياد ڪيائون تہ اي بابا! مون کي علي عليہ السلام ٻڌايو آهي تہ توهان، جبرائيل جي قول مطابق، فرمايو آهي تہ هن امت جو جفاڪار بي رحم ۽ بي همت ٽولو امام حسين عليہ السلام جي نوراني ڳل کي، جيڪو اسان جي چمڻ جي جڳهہ آهي، ظلم ڪندي تلوار سان زخمي ڪندو؟ پاڻ سڳورن (صلى الله عليه وآله) فرمايو: هائو امڙ! جبرائيل ايئين ئي چيو آهي، فاطمہ عليہا السلام روئندي فرمايو: منهنجي حسين عليہ السلام کهڙو ڏوهہ ڪيو جو ان ننڍپڻ ۾ مٿس اهڙو ڏاڍ ڪندا؟ مصطفيٰ صلى الله عليه وآله جن فرمايو: اي فاطمہ عليہا السلام اها صورتحال ننڍپڻ ۽ جوانيءَ ۾ پيش نہ ايندي، بلڪ هيءَ اهو زمانو هوندو جڏهن توهان نہ هوندؤ ۽ نہ آءٌ هوندس، نہ علي عليہ السلام هوندو ۽ نہ ئي سندس ڀاءُ (حسن عليہ السلام) هوندو. فاطمہ عليہا السلام ٻيهر دانهن ڪندي فرمايو:

اي [ص۰۴] امڙ جا مظلوم پٽ!
اي (منهنجا) شهيد!
اي امڙ جا بيڪس ٻچڙا!
ان وقت تنهنجا پيءُ ماءُ نہ هوندا!
جيڪي تنهنجي مصيبت تي اٿي کڙا ٿين،
۽ تنهنجي عزاداريءَ ۽ سوڳ جون رسمون ادا ڪن.



Scanned with CamScanner

آه! جيڪر! آءُ جيئري هجان!

تہ تنهنجي عزاداريءَ جون رسمون انجام ڏيان ها.

راوي بيان ڪري ٿو تہ غيب منجهان هڪ آواز آيو تہ آخري زماني جا ڏکايل، دردمند، پيڙائتا ۽ مصيبتن جا ماريل امام حسين عليه السلام جو ماتم ڪندا. هر سال سندن شهادت جي ڏينهن تي سندن سوڳ ۽ عزاداري تازي ڪندا، ساڻن پيش آيل مصائب بيان ڪندا، سندن محبت جي نيڻن منجهان حسرت ۽ افسوس جا ڳوڙها ڳاڙيندا ۽ هيانءُ ڏار دانهون ڪندا.

نظم:

زان مصيبت داغها، بر سينهٔ سوزانِ ماست

زين عزا صد شعلهٔ غم، بردلِ بريانِ ماست

اسان جا تپندڙ سينا هن مصيبت جي ڪري ڏنييل آهن، ان غم ۽ گوندر جي ڪري اسان جون ڪباب ٿيل دليون آهنجَ ۽ ايذاءَ جي اُلن ۾ ورتل آهن.

## فرشتي جي سَهوَ حسين عليه السلام جي صدقي معاف

شيخ مفيد رحمه الله چوي ٿو تہ جڏهن جبرائيل عليه السلام حضرت امام حسين عليه السلام جي ولادت جون واڌايون ڏيڻ پئي آيو تہ رستي ۾ هڪ فرشتي کي زارئون زار روئندو ڏسي وٽس ويو. هن کي ڏسندي ئي سڃاتائين: هيءُ تہ ٽئين آسمان جو فرشتو آهي، ستر هزار فرشتن جو سردار آهي ۽ سندس نالو "فُطرُس" آهي، جبرائيل عليه السلام چيس: اي فطرس! آءُ توکي هي ڪهڙي حال ۾ ٿو ڏسان؟ هو وراڻيو: اي روح الامين! الله تعاليٰ مون کي ڪنهن ڪم جو حڪم ڪيو جنهن ۾ مون کان سستي واقع ٿي ويئي ۽ الله تعاليٰ جي غيرت جي وڄ اچي مٿم پيئي تہ سندم سمورا پنکَ ۽ پَرَ سڙي ڪِرِي پيا. ڪالهہ آءُ بزرگي ۽ سرداريءَ جو مسند نشين هيس ۽ اڄ آءُ هلاڪت ۽ ذلت ۾ گرفتار آهيان.



Scanned with CamScanner

نظم:

ڊِيـــرُوز ڪســـي نَبُـــد بزِيـــائِي مـــن
اِمـــرُوز ڪســـي نيســـت بز سَـــوائِي مـــن

يعني:

ڪالهه تائين منهنجي سونهن ۽ سوڀيا بي مثال هئي،
۽ اڄ وري مون جهڙو ڪو خوار ناهي.
(بهرحال فُطرُس پڇيو)

اي جبرئيل! تون ڪيڏانهن پيو وڃين؟ جبرائيل ﷺ ورائيو: مون کي حڪم آهي ته آءٌ سيّدِ عالم ﷺ جن جي بارگاهه ۾ مبارڪ ڪٽڻ وڃان ڇاڪاڻ ته سندن گهر ۾ هڪ ٻار جنم ورتو آهي. تنهن تي فطرس دانهن ڪندي چيو: ڇا ٿي پوي، جو جيڪڏهن تون مون کي به پاڻ سان وٺي هلين. شايد پاڻ سڳورا (ﷺ) منهنجي شفاعت ڪن ۽ منهنجا پَرَ پنکَ [ص۴۱] مون کي موٽي ملن ۽ آءٌ پنهنجي ساڳئي مقام ۽ درجي تي فائز ٿيان. (قصو ڪوتاهه) جبرائيل ﷺ هن کي پاڻ سان گڏ آندو ۽ درود و سلام ۽ مبارڪون عرض ڪرڻ کان پوءِ فطرس جي حال کان آگاهه ڪيو. شاهزاديءَ ڪونين امام حسين ﷺ جن حضرت رسول الله ﷺ جن جي پرسان پيل هئا، پاڻ سڳورن (ﷺ) فرمايو: اي فُطرُس! اڳتي اچ ۽ پاڻ کي حسين ﷺ جي جسم سان مس ڪر. فطرس آيو ۽ پاڻ کي ان معصوم جي مبارڪ لڱن سان مس ڪيو ته انهيءَ ئي گهڙيءَ خوبصورت سهڻا شانَ شوڪت وارا سياڳا پَرَ ۽ کنڀ سندس جسم تي نڪري آيا ۽ هو پانهپ ۽ بندگيءَ جي بلند ۽ بالا درجي تي ٻيهر فائز ٿي ويو. امام معصوم ﷺ جي شهادت کان پوءِ جڏهن ان واقعي جي کيس خبر پئي ته هن عرض ڪيو: يا الله! ڇا ٿي پوي ها، جيڪڏهن مون کي خبر ملي ها ۽ آءٌ پنهنجن ساٿين سميت زمين تي وڃي سندن دشمنن سان جنگ ڪريان ها. الله تعاليٰ جو خطاب پهتو: جيڪڏهن ايئين نه ٿي سگهيو آهي، ته هينئر پنهنجن ستر هزار زبردست ملائڪن سميت وڃ ۽ سندن پاڪ قبر جي مجاوري ۽ خدمت ڪر. (۽ پوءِ سيئي) صبح شام مٿس روئندا رهو ۽

پنهنجي روئڻ جو ثواب، انهن کي بخشيندا رهو جيڪي سندس مصيبت تي روئن ٿا. "فطرس" ڪربلا جي زمين تي آيو ۽ الله تعاليٰ جي حڪم مطابق قيامت تائين اِن ئي ڪم ۾ رڌل رهندو.

نظم:

زين واقعه ديدهِ ملک گريان است،
زين غم دلِ بهر بر فلک بريان است.
هن هاجي تي ملائڪن جون اکيون اشڪبار آهن،
(۽) آسمان تي سج جي دل هن پيڙا ۾ پچريل آهي.

## امام حسين عليه السلام جي عقيدت مند ٻالڪ سان پاڻ سڳورن (صلي الله عليه وآله) جي محبت

روايتن منجهه آيو آهي تہ هڪ ڏينهن پيغمبر اڪرم صلي الله عليه وآله جن سندن اصحابن سان ڪنهن گهٽيءَ منجهان پئي گذريا. جتي ڪجهه ٻارن راند پئي ڪئي. پاڻ سڳورا (صلي الله عليه وآله) هيٺ جهڪيا ۽ انهن مان هڪ ٻار کي وٺي سندس نرڙ تي چمي ڏيندَي پنهنجي پاسي ۾ ويهاريائون. اصحابن سڳورن رضي الله عنهم منجهان ڪجهه ماڻهن چيو: اسان ان ٻار کي، جيڪو توهان جي نوازش جي دولت سان سرفراز ٿيو آهي، نٿا سڃاڻون ...... اهو ٻار ڪير آهي؟ پاڻ سڳورن (صلي الله عليه وآله) فرمايو: اي دوستو مون تي ڏوهہ نہ ڏيو ڇاڪاڻ تہ مون هڪ ڏينهن ڏٺو تہ ان ٻار امام حسين عليه السلام سان راند پيئي ڪئي ۽ ان دوران هي ٻار امام حسين جي قدمن جي مٽي کڻي سندس اکين تي مليندو رهيو. ان ڏينهن کان وٺي مون کي هن سان [ص۴۲] محبت ٿي ويئي آهي...... ۽ سڀاڻي (قيامت ڏينهن) هن جي ۽ سندس والدين جي شفاعت ڪندس.

نظم:

(1)

پسرِ مرتضي عليه السلام امير حسين عليه السلام
ڪہ چون اوئي نبوده در ڪونين



Scanned with CamScanner

پنهي جهانن منجهه مرتضيٰ ؑ جي پٽ
امير حسين ؑ جو ڪومٽ ناهي.

(2)

مصطفيٰ ﷺ مرورا ڪشيده بدوش
مرتضيٰ ؑ پروريده در آغوش

مصطفيٰ (ﷺ) رڳو ڪين ئي ڪلهن تي ڪنيو
(۽) مرتضيٰ ؑ وري ڪين ئي هنجهه ۾ ڪٽي پاليو.

(3)

عقل دربند عهد پيمانش
بوده جبرئيل مهد جنبانش

عقل جنهن جي وچن ۽ واعدي جو پابند آهي،
۽ جبرائيل جنهن جو هندورو لوڏيندڙ آهي.

## حسنين عليهما السلام جي مَلَهه

شيخ ڪمال الدين ابن الخشاب فرمائي ٿو جيڪو "شواهد" [1] ۾ لکيل آهي، تہ هڪ ڏينهن امام حسن ۽ امام حسين عليهما السلام جن پاڻ سڳورن ﷺ جن اڳيان ملهه وڙهي رهيا هئا. حضرت فاطمة الزهراء عليها السلام جن پڻ اتي موجود هيون. پاڻ سڳورن ﷺ جن حسن ؑ کي همٿائيندي فرمايو پئي: ها... ها... وٺ حسن ؑ وٺ. حضرت فاطمة عَلَيها السَلَام فرمايو: اي الله جا رسول (ﷺ): وڏي کي ٿا همٿايو تہ ننڍي کي وٺي!؟... پاڻ سڳورن (ﷺ) فرمايو: هو ڏسو! جبرائيل ؑ حسين ؑ کي همٿائيندي چوي پيو: ها حسين ؑ وٺ حسن ؑ کي.

---

• شواهد النبوت (حضرت ملا عبدالرحمان جامي رحمة الله عليه) اردو ترجمو ڇاپو لاهور (1985) ص: 304.

## حسنين عليهما السلام جنت جو سينگار

"عيُونُ الرِضا" ❶ ۾ اميرالمومنين امام حسين عليه السلام روايت ڪن ٿا تہ هڪ ڏينهن پنهنجي ناني سائينءَ جي خدمت ۾ پهتم جتي "اُبَي ابن ڪعب" ويٺو هو. پاڪ سڳورن (صلي الله عليه وآله وسلم) مون کي ڏسندي فرمايو:

مرحبا بِڪَ يا اَبا عَبدِ اللهِ، يا زَينَ السَّمَاواتِ وَ الاَرضِينَ.

يعني: واهہ واهہ... ڀلي آيئَہ اي ابا عبدالله (حسين عليه السلام)! اي آسمانن ۽ زمين جا سينگارا... "اُبي" عرض ڪيو: اي الله جا رسول (صلي الله عليه وآله وسلم)! توهان کانسواءِ آسمانن ۽ زمينن جي زينت ڪو ٻيو ڪيئن ٿي سگهندو؟ پاڪ سڳورن (صلي الله عليه وآله وسلم) فرمايو: اي اُبي! قسم آهي مون کي ان هستيءَ جو جنهن مون کي حق سان نبي بڻائي موڪليو آهي، بيشڪ حسين ابن عليءَ عليه السلام جو مقام ۽ مرتبو جيترو زمين تي آهي، ان کان وڌيڪ آسمان تي آهي. بيشڪ عرش الاهيءَ جي ساڄي پاسي کان سندس لاءِ لکيل آهي تہ "هو (يعني: حسين عليه السلام) هدايت جو چراغ ۽ نجات جي ٻيڙي آهي" هن حديث جي پڇاڙيءَ ۾ اميرالمومنين امام حسين عليه السلام جن جون (تخليق ڪيل) دعائون ۽ سندن اولاد جا نالا ۽ اوصاف شامل آهن.

"ابنِ خشاب" سندس سَنَدَ سان "اَبُوعوانہ" کان روايت ڪري ٿو تہ پاڪ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو: امام حسن ۽ امام حسين عليهما السلام جن [ص۴۳] عرش جا جهُمڪا آهن... ۽ ان جاءِ تي جتي "حضرتِ عزت جَلَّ جلالہ" بهشت بڻايو (اتي بهشت کي) خطاب ڪندي فرمايو: تون فقيرن ۽ مسڪينن جي رهائش گاهہ هوندين. بهشت عرض ڪيو:

لِمَ جَعَلتَنِي مَسكَنَ المَساكِينَ (يعني) اي پالڻهار: مون کي مسڪينن جي رهائش ۽ مسڪنُ ڇا لاءِ بڻايئي؟ آواز آيو: ڇا تون راضي ناهين تہ تنهنجي ٿنين کي مون امامن سڳورن حسن ۽ حسين عليهما السلام (جي پُرنُور وجود) سان زينت ڏني. بهشت سندس اهو ڳُڻ ۽ خاصيت ٻڌي فخر ۽ ناز منجهان پاڪ ٻڌائيندي عرض ڪيو: رَضِيتُ رَضِيتُ (يعني) آءٌ راضي

❶ عيون اخبار الرِضا (شيخ صدوق رح) جلد: پهريون. ص: 111، ڇاپو: تهران.



Scanned with CamScanner

ٿيس. آءُ راضي ٿيس. جيڪڏهن بهشت آهي ته سندس ٽنيا امامن حسن ۽ حسين عليهما السلام جي وجود سان سينگاريل آهن ۽ جيڪڏهن عرش بلند ۽ بزرگوار آهي ته سندس جُهمڪ امام حسن ۽ امام حسين عليهما السلام آهن. امت جي هڪ عظيم شخص فرمايو:

شعر:

بِسِبطي رَسُولِ اللهِ صَدرِي مُنَوَّرُ
وَحُبُّهُمَا فِي جَنَّتِ القَلبِ يَزهَرُ

حضرت رسولِ خدا (صلي الله عليه وآله وسلم) جي ٻنهي پٽن جي
صدقي منهنجي مَنَ ۾ سوجهرو آهي،
۽ انهن ٻنهي جي محبت منهنجي مَنَ جي
باغ ۾ گل وانگي ٽڙيل آهي.

نظم:

(1)

بهر دو سبطِ نبي (صلي الله عليه وآله وسلم) هسبت سينه ام روشن
هواي هردو شده جاي گير درِ دلِ من
نبيءَ (صلي الله عليه وآله وسلم) جي ٻنهي پٽن جي برڪت ۽ محبت سان
سندم سيني ۾ سُجهندو ۽ روشني آهي،
۽ انهن جي اُڪير منهنجي دل ۾ گهرُ ڪري ويئي آهي.

(2)

دو دُر دُرجِ كرامت، دو بدز بُرجِ كمال
دو مِهر اوجِ هدايت، دو صدر مسند دين
اهي سينگار جي سِپَ ۽ صَدَفَ جا ٻه مانوارا موتي
۽ ڪمال جي برج جا ٻه چوڏهينءَ جا چنڊ، هدايت جي آسمان
جا ٻه سج ۽ دين جي گاديءَ جا ٻه صدر نشين آهن.

(3)

فلک متابع اين و مَلَک لشاكر آن
جهان منور ازان و زمين مُزَيَنِ زِين

(جيڪڏهن) آسمان هڪ جو تابع فرمان آهي تہ وري
فرشتا ٻئين جي لشڪر ۾ شامل آهن.
اهڙيءَ طرح (جيڪڏهن) هڪ جي صدقي ۾ هي جهان
نوراني آهي تہ وري ٻئين جي پاڪ وجود جي برڪت
سان زمين سينگاريل آهي.

## الله تعاليٰ حسين عليه السلام جو انگل پورو ٿو ڪري

"ڪنزالغرائب" ۾ آيو آهي تہ هڪ ڳوٺاڻي حضرت رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جن جي بارگاهہ ۾ اچي عرض ڪيو: يا رسول الله آءٌ هرڻ جو ٻچو شڪار ڪري توهان جي خدمت ۾ هديو ڪرڻ لاءِ کڻي آيو آهيان. عالمين جي سردار صلي الله عليه وآله وسلم جن قبول فرمايو. ايتري ۾ امام حسن عليه السلام جن مسجد ۾ تشريف فرما ٿيا. سندن نظرهرڻ جي ٻچي تي جو پيئي تہ پاڻ سڳورن (صلي الله عليه وآله وسلم) گهرڻ کان اڳ ئي کين ٻچو ڏيئي ڇڏيو. جڏهن امام حسن (صلي الله عليه وآله وسلم) هرڻ جو ٻچو وٺي هليا ويا تہ انهيءَ گهڙيءَ امام حسين عليه السلام اچي پهتا ۽ سندن ڀاءُ ڪي هَرَڻَ جي ڦَر سان راند ڪندي ڏسي چيائون: اي ڀاءُ هيءُ هرڻُ ڪٿان آندو اٿوَ؟ حسن عليه السلام جواب ڏنو: ناني سائينءَ ڏنو اٿم. [ص۴۴] امام حسن عليه السلام جي ورندي ٻڌندي ئي امام حسين عليه السلام مسجد ڏانهن ڊوڙندا ويا ۽ چيائون:نانا سائين! ڀاءُ حسن عليه السلام کي هرڻ جو ٻچو ڏنو اٿو مون کي (ڇو؟) ناهي مليو . . . ۽ پوءِ بار بار هرڻ جو مطالبو ڪندا رهيا ۽ پاڻ سڳورا (صلي الله عليه وآله وسلم) دلداري ڏيندا رهيا، ايستائين جو مامرو وڃي روئڻ تائين پهتو. امام حسين عليه السلام جن اڃان روئڻ هارڪا ئي ڪُتَس ٿيا تہ مسجد ۾ پريان هڪ آواز آيو ڏٺائون تہ هڪ هرڻي پاسي ۾ ڦَرَ ورتيو نهايت تکي رفتار ۾ اچي رهي آهي، سندس ڦَرَ کي ٿُونا هڻندي تکو ڊوڙائيندي اڳتي وڌندي ٿي اچي، ايستائين جو پاڻ سڳورن (صلي الله عليه وآله وسلم) جي خدمت ۾ اچي پهتي. هرڻيءَ نهايت فصيح، ٺيٺ ۽ بامعني(عربي) ٻوليءَ ۾ اچي عرض ڪيو: اي الله جا رسول (صلي الله عليه وآله وسلم)! بہ ٻچا هئم. هڪ کي ڪنهن شڪاريءَ

شڪار ڪري سائين جن جي خدمت ۾ پيش ڪيو باقي هڪ مون وٽ رهجي ويو جنهن سان پڻ خوش هيم...... تہ (اوچتو) هڪ غيبي آواز مون کي حڪم ڪيو تہ اهو ٻچو بہ عالمين جي سردار (ﷺ) جي خدمت ۾ پهچاءِ، ڇاڪاڻ تہ امير حسين عليه السلام ساڻن موجود آهن ۽ هرڻيءَ جي ٻچي لاءِ روئڻ تي آهن. اها صورتحال ڏسي سمورن ملائڪن سندن عبادتگاهون ۽ اطاعتون ڇڏي ڏنيون آهن تہ جيڪڏهن حسين عليه السلام رنو تہ سڀ ملائڪ روئي پوندا. تنهن ڪري جلدي ڪر، ان کان اڳ جو ڳوڙها سندن ڳلن تي وهي هلن، اهو ٻچو ڪڻي سندن خدمت ۾ پهچ. (قصو ڪوتاهہ)، هرڻيءَ پهچندي ئي عرض ڪيو: يا رسول الله (ﷺ)! پري جو سفر ڪري (تڪڙي ۽ جلدي) پهتي آهيان، ڇڻڪ ڏرتي منهنجي لاءِ ويڙهجي مختصر ٿي ويئي هجي، تہ جيئن آءُ جلدي پهچي سگهان ۽ الحمدلله، توهان جي لخت جگر جي ڳلن تي اجان ڳوڙها جاري ناهن ٿيا، (جو اچي نڪتي آهيان)، اِتي اصحابن سڳورن رضي الله عنهم کان دانهن نڪري ويئي پاڻ سڳورن (ﷺ) ان هرڻيءَ جي حق ۾ دعا ڪئي ...... ۽ پوءِ امام حسين عليه السلام جن هرڻيءَ جو ڦر اڳيان ڪري سندن پياءُ سان گڏ جي گهر آيا ۽ سمورو سربستو حال حضرت فاطمه عليها السلام جن جي خدمت ۾ پيش ڪيائون.

اي عزيزا مقرب ملائڪن ۽ رَبِّ العَالَمِين جي رسول (ﷺ) نہ ٿي چاهيو تہ امام حسين عليه السلام جي چهري تيٰ هنجُون هلي پون ۽ ٻئي پاسي اها صورت حال آهي تہ سندن مبارڪ پيشانيءَ کان ڳلن تائين رَتُ ڦُڙا نار ڪري وهايا ويا!!؟...... اهو ڪيئن ٿيو هوندو؟

نظم:

(1)

رخي که بوسه گهي شاهِ انبياء عليه السلام باشد

بخاڪ و خون شد غلطان کجا روا باشد

اهي پاڪ مهانڊا، جيڪي سيد الأنبياء (ﷺ) جا بوسيگاهہ هجن، تن جو رَتُ ۽ مٽيءَ هاڻو ٿيڻ ڪٿي روا آهي؟



Scanned with CamScanner

(2)

کسي که چشمهٔ کوثر عطاي جَدِوي است
به دشت کرب و بلا تشنه لب چرا باشد

اها هستي، جو حوضِ ڪوثر جنهن جي ناني سائينءَ جي عطا ۽ بخشش آهي، سا صحراءِ ڪربلا ۾ ڇو اُڃاري آهي؟

(3)

روا کی بود جگر گوشهٔ رسولِ خدا
فتاده غرقه به خون، سر ازتن جدا

اهو ڪٿي رواهيو جو رسول خدا (ﷺ) جي جگر جو ٽڪر رت منجهه ٻڏل ۽ سندس سِسِي ڌڙ کان ڌار هجي.

## امام حسين عليه السلام جي بردباري ۽ درگذر

امام نجم الدين عمر نسفي رحمه الله [ص۴۵] (سندس) "تفسير تيَسِير" ۾ هيٺ ڏنل آيتن جي تفسير جي ضمن ۾ هڪ حڪايت بيان ڪئي آهي:

أُعِدَّتْ لِلْمُتَّقِينَ الَّذِينَ يُنفِقُونَ فِي السَّرَّاءِ وَالضَّرَّاءِ وَالْكَاظِمِينَ الْغَيْظَ وَالْعَافِينَ عَنِ النَّاسِ وَاللَّهُ يُحِبُّ الْمُحْسِنِينَ (سورت آل عمران ۱۳۴)

يعني: (اها جنت، جنهن جي پکيڙ آسمانن ۽ زمين جيتري آهي)، سا مُتّقين لاءِ تيار ڪئي ويئي آهي، جيڪي سرنديءَ ۽ سختيءَ ۾ (خيرات ۾) خرچ ڪن ٿا ۽ ڪاوڙ کائن ٿا ۽ ماڻهن سان درگذر جو ورتاءُ ڪن ٿا ۽ الله اهڙن نيڪ مردن سان محبت ڪري ٿو.

حڪايت جو مضمون هن طرح آهي ته بوستانِ ولايت ۽ گلستانِ هدايت جو تازو ۽ رسيل ميوو سبطِ نبي (ﷺ) ۽ باغِ ولايت جو وڻ: حسين ابنِ علي عليهما السلام جن سندن ڪجهه مهمانن سان، جيڪي عرب جا معزز عظيم عالم ۽ اديب هئا، سي دسترخوان تي تشريف فرما هئا، ته سندن ملازم پيالي ۾ گرم سُوپُ کڻي ڪمري ۾ داخل ٿيو ته (هنن جي) هيبت ۽ حشمت سببان سندس پير دسترخوان سان جو وِچڙيو ته

همراهہ کي ٿيڙُ اچي ويو ۽ گرم گرم شوپُ امام حسين ﷺ جي مٿي ۽ مُنهَن مبارڪ تي هارجي پيو. شاهزادي ﷺ هن کي تاديب ۽ تنبيهہ جي نگاهہ سان ڏٺو نڪي ڪاوڙ ۽ سزا جي نظر سان، پر ملازم جا هوش خطا تي ويا ۽ واتڙو تي ويو ۽ ان ئي صورتحال ۾ سندس زبان تي (ڪلام الله شريف) جاري ٿيو: وَالۡكَاظِمِينَ الۡغَيۡظَ (۽ اهي ڪاوڙ ضبط ڪن ٿا) امام ﷺ فرمايو: مون ڪاوڙ ضبط ڪئي. ملازم وڌيڪ قرآن مجيد پڙهيو: وَالۡعَافِينَ عَنِ النَّاسِ (۽ ماڻهن کان درگذر ڪن ٿا). امام ﷺ فرمايو: مون درگذر ڪيو ملازم آيت جو اختتام پڙهيو: وَاللّٰهُ يُحِبُّ الۡمُحۡسِنِينَ (۽ الله نيڪي ڪندڙن سان محبت ڪري ٿو) فرزندِ رسولِ خدا (ﷺ) سندن جواب ۾ فرمايو: مون توکي پنهنجي غلاميءَ مان آزاد ڪيو ۽ تنهنجي معاشي مدد پاڻ تي لازم ڪيم.

نظم:

(1)

آنکـــه در ســيرت نِيکـــو بُـــود
آدمـــي از آدميـــان اُو بُـــوَد

جنهن جا لڇڻ پلا ۽ سيرت نيڪ هجي،
اهو ئي ماڻهن منجهان "ماڻهو" آهي.

(2)

نيکـــيءِ مـــردم نـــه نِکـــو رُوئـــي اســـت
خـــوي نِکـــو مايـــهءِ نِيکُـــوبي اســـت

ماڻهن جو مُنهَن مهانڊي ۾ سهڻو هجڻ، سندن خوبي ناهي،
بلڪ سياءَ ۾ سهڻو ۽ پلارو هجڻ ئي سندن خوبي آهي.

حضرت امام حسين ﷺ جن کي ٽيج ڏيندڙ ضاعفان "اُمّ الفضل" چوي ٿي تہ هڪ ڏينهن سرورِ عَالم ﷺ جن منهنجي گهر تشريف فرما ٿيا.

نظم:

هر چيز که گفته بود، آن چيز چنين شد
و ز مَقدمِ اُو خانهءِ ما خلدِ برين شد



Scanned with CamScanner

پاڻ سڳورن (ﷺ) جيئن چيو پئي، ايئين ئي ٿي پئي ويو. سندن تشريف آوريءَ سان اسان جو گهر جنت بڻجي ويو.

تصو ڪوتاهہ اُمّ الفضل رضي الله عنها چوي ٿي تہ پاڻ سڳورن (ﷺ) فرمايو: منهنجي لختِ جگر حسين عليه السلام کي مون ڏانهن کڻي اچ. مون امام حسين عليه السلام کي آڻي سرورِ ڪائنات ﷺ جن جي اڳيان [ص۴٦] اچي وڌو. پاڻ سڳورا (ﷺ) سندن مُنهن مبارڪ امام حسين عليه السلام جي ڳلن سان مهٽيندي سندن مُنهن چمڻ لڳا. ايتري ۾ امام حسين عليه السلام جن ڪَيَ (هاراڻي ڪيرَ اُلٽي) ڪئي، جنهن جا ڪجهہ قطرا پاڻ سڳورن (ﷺ) جن جي پوشاڪ تي اچي پيا. تہ مون تڪڙي امام حسين عليه السلام کي پنهنجي هنج ۾ موٽائڻ جو ورتو تہ امام حسين عليه السلام روئڻ لڳا. تنهن تي رسولِ خدا ﷺ جن فرمايو: ترس اُمّ الفضل رضي الله عنها. تڪڙ نہ ڪر. انهن ڦڙن جو اثر تہ پاڻيءَ سان ڌوپي سگهبو پر اها تڪليف، جيڪا منهنجي جگر گوشي کي پهتي سا ڇا سان دور ٿي سگهندي؟ . . . ايتري ۾ جبرائيل عليه السلام نازل ٿي عرض ڪيو: اي سردار (ﷺ)! هينئر تہ توهان کان حسين عليه السلام جو روئڻ بہ سَلو نہ ٿو ٿئي، پر جڏهن سندن اُجايل ڳلو جوهردار ۽ چمڪندڙ خنجر سان ڪٽيو ويندو ۽ سندن نازڪ لڱ رَتُ سان رَڱيا ڪيا ويندا، تہ ان گهڙيءَ توهان جو ڇا حال هوندو؟ اهو ٻڌندي حضرت رسولِ خدا ﷺ جن کي وِرَهہ وارِيو ۽ سُورن کٽي سانئيٽيو. بس پوءِ ظاهر آهي تہ جيڪو هِن هاڃي تي هجندو ان لاءِ قلم وهي ڇڪو آهي. تہ ان (هن درد ۾ شريڪ ٿيندي) پاڻ سڳورن (ﷺ) سان هڪجهڙائي ۽ موافقت ڪئي. اِنَ ڏس ۾ وڏيڪ چيو ويو آهي تہ جملي اَنبياء عليٰ نَبِيِّنَا وَعَلَيهِمُ السَّلَام جا روح پڻ پاڻ سڳورن (ﷺ) سان موافقت ڪندي امام حسين عليه السلام جي گوندر منجهہ گمر ٿيا.

نظم:

(1)

آدم عليه السلام درين عزا بغم وغصه مبتلا ست
ڪشتيِ نوح عليه السلام غرقهٔ طوفانِ اين بلاست



Scanned with CamScanner

آدم عليه السلام هن سوڳ ۾ نهايت رنج ۽ پيڙا منجهه مبتلا آهي، ۽ اهڙيءَ طرح ان غم ۾ نوح عليه السلام جي ٻيڙي پڻ سُورن جي سيلاب منجهه غرق آهي.

(2)

اي خليل عَلَيْهِ السَّلَام! آتشِ نمرود ديده
اين شعله بين كه در جگرِ شهِ كربلا ست

اي ابراهيم عليه السلام خليل الله! توهان نمرود جي باهه ڏٺي، پر شاهِ عليه السلام كربلا جي جگر منجهان اُٿندڙ اُلا به ڏسو ها.

(3)

رنگين چراست پيرهن موسيٰ ز نيل،
وز دست غصه جبهءِ عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام چرا قبا است

موسيٰ عليه السلام جو پهريان، درياءَ "نيل" (جي نيروٽيءَ) هٿان ڇا لاءِ ماتمي آهي ۽ عيسيٰ عليه السلام جو گريبان ڪهڙي غم ۾ چاڪ آهي؟

(4)

گويا براي ماتمِ سلطانِ دين حسين عَلَيْهِ السَّلَام
چندين خروش وولوله در خيلِ انبياء است

معلوم ٿيو ته دين جي بادشاهه حسين عليه السلام جي ماتم ۽ مصيبت جي حوالي سان انبياءَ عليهم السلام جي ٽولي ۾ روڄ ۽ راڙو پئجي ويو آهي.

(5)

اينها غم از بران دل مصطفيٰ خورند
وان چه حسرت است كه در جانِ مصطفيٰ است

اهي (انبياء ع) جناب مصطفيٰ (صلي الله عليه وآله وسلم) جي دلداريءَ لاءِ دلگير آهن
۽ ٻئي پاسي پاڻ سڳورن (صلي الله عليه وآله وسلم) جو سَرِير پاڪ حسرت ۽ ارمان منجهه مبتلا آهي.



Scanned with CamScanner

(6)

گر مرتضي عليه السلام بگريد زين غصه در خوراست
فاطمه عليها السلام بنالد زين حالها رواست

جيڪڏهن مرتضيٰ عليه السلام ان رنج ۾ روئن ٿا تہ اهو روا آهي، ۽ جيڪڏهن ان پيڙا ۾ پاڪ بيبي فاطمہ عليها السلام پارٽيون ڪين تہ بلا شڪ بجا آهي.

(7)

سوزش نه بر زمين [ص۴۷] بود بس که بر فلک
در هر که بنگري به همين داغ مبتلا است

هن غم جي باھ منجھ زمين ۽ آسمان جي پچرڻ تي ڳالھ پوري نٿي ٿئي، بلڪ جنهن کي بہ ڏسندين، اهو ان ٿي درد جي ڪنار جو ڪٺل هوندو.

مٿي ڏنل اُمّ الفضل رضي الله عنها وارو قصو "ڪمال الدين ابنِ طلحہ" جي ڪتابَ "مطالب السئول في مناقبِ آلِ رسول" ۾ درج آهي، جڏهن تہ اهوئي قصو "شواهد النبوت"[●] ۾ اُمّ الحارث کان بيان ٿيل آهي. وڌيڪ الله بهتر ڄاڻي ٿو (وَاللهُ اَعلَمُ بِالصَّوَابِ).

## شهادتِ حسين عليه السلام جي ٽئين خبر: جبرائيل۔ حسنين عليهما السلام جو پينگهولوڏي ٿو ۽ سچي سائڻ فاطمہ عليها السلام جو جَنبُ هلائي ٿو

ٽئين طريقي سان جيڪا شهادت جي خبر پهتي، سا هن طرح آهي تہ امام حسين عليه السلام ان وقت ٽن سالن جا هئا. اهو قصو امام طبري رحمة الله عليه "سيرِ ڪبير" منجھ بيان ڪيو آهي تہ پاڻ سڳورن (صلى الله عليه وآله وسلم) جي اصحابن منجهان "دحيہ الڪلبي" رضي الله عنه هڪ خوبصورت ۽ خوب سيرت انسان هيو سندس ڪجھ وقت واپار منجھ گذرندو هو. جڏهن

● ليکڪ ملا عبدالرحمان جامي (رح) اردو ترجمو: بشير حسين ناظم اير ايہ چاپو: لاهور ص: 304.

ٻه حضرت نورالعالمين ﷺ جن جي خدمت ۾ ايندو هو ته پاڻ سندس عزت ڪندا هئا ۽ هو جڏهن ٻه (بارگاهِ رسالت) ۾ آيو ته هٿين خالي نه آيو بلڪ امامن سڳورن حسنين عليهما السلام جن لاءِ موسم جي لحاظ کان ميوا آڻيندو هو. ٻيئي شاهزادا پڻ هن سانِ هِري مِري ۽ بي تڪلف ٿي ويا هئا. جو هن جي ايندي ئي ٻيئي پائر مسجد هجي يا پاڻ سڳورن (ﷺ) جو ڪمرو، بنا تڪلف ۽ بي پرواهيءَ سان سندس گريبان ۽ آستينُن منجهه هٿ هڻندا هئا ...... جبرائيل عليه السلام ڪڏهن ڪڏهن "دحيه" (ڪلبيءَ رضي الله عنه) جيصورت وٺي بارگاهِ رسالت ﷺ ۾ حاضر ٿيندو هو. هڪ ڀيري جبرائيل عليه السلام مسجد ۾ ويٺو هو ته حضرات حسن ۽ حسين عليهما السلام ٻه تشريف فرما ٿيا، جبرائيل عليه السلام کي "دحيه" جي مهانڊن ۾ ڏسي، خيال ڪيائون ته دحيه آهي، سو نهايت بي پرواهي ۽ بنا ڏڙڪ جي وٺس ويهي، سندس آستين ۽ گريبان منجهه هَٿَ هڻڻ لڳا. تنهن تي پيغمبر ﷺ جن جبرائيل عليه السلام کان شرمايو پئي، سو پاڻ سڳورن (ﷺ) چاهيو ته کين جبرائيل عليه السلام کان پري ڪن. جبرائيل عرض ڪيو: سرڪار (ﷺ)! کين مون کان پري نه ڪريو. پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو: تو کي نه سڃاڻندي تنهنجي حرمت جو خيال [ص۴۸] نٿا ڪن. توکي "دحيه" سمجهندي تو سان بي تڪلفي پيا ڪن. جبرائيل عرض ڪيو: اي سردار (ﷺ)! ايئين ٿيندو هو ته حضرت فاطمه عليها السلام تهجُّد جي نماز پڙهندي ننڊ ڪنديون هيون ته اهي ٻيئي شاهزادا پينگهي ۾ جاڳي پوندا هئا، اچان روئڻ تي ئي هوندا هئا ته الله تعاليٰ جو حڪم پهچندو هو ته اي جبرائيل! دير نه ڪر، سِگهو پهچي ٻنهي شاهزادن جو پينگهو لوڏ. جو فاطمه عليها السلام جي اک لڳي ويئي آهي، ايستائين (پينگهو لوڏيندو رهه) جو آرام ڪري سجاڳ ٿئي. اي الله جا رسول (ﷺ)! ايئين ڪيتريون ئي راتيون آءٌ شاهزادن جو پينگهو لوڏيندي کين هن طرح لوليون ڏيندو رهيو آهيان:

إِنَّ فِي الْجَنَّةِ نَهْرَ اللَّبَنِ
لِعَلِيٍّ وَحُسَيْنٍ وَحَسَنِ

يعني: يقيناً جنت ۾ کير جي هڪ نهر آهي، جيڪا علي ﷺ، حسين ﷺ ۽ حسن ﷺ جي آهي.

اي منهنجا سردار (ﷺ)! اڪثر ڪري جڏهن فاطمه ﷺ جنڊ هلائي هلائي ٿڪجي سمهي پونديون آهن ته آءُ سندن جنڊُ پيهندو آهيان...... پوءِ جڏهن آءُ سندن هَٿَ چَڪِي هلائڻ وارو ۽ پينگهي لوڏڻ وارو آهيان ته سندن مون ڏانهن ايئين (بي تڪلف ٿي) اچڻ ڪا عجيب ڳالهه ناهي، ...... پر حيران آهيان ته منهنجي گريبان ۽ آستين منجهه ڇا پيا ڳولين؟ پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو: تو کي "دحيه" ﷺ سمجهيو ويٺا آهن، ڇاڪاڻ ته جڏهن دحيه ﷺ ايندو آهي ته سندن لاءِ ميوو يا تبرُڪ سندس گريبان يا آستين ۾ وجهي آڻيندو آهي، هينئر تو منجهان به ميوو يا تبرُڪ پيا تلاشين. جبرائيل ﷺ بهشت جي باغ منجهان آندل هڪ ڇُڳو انگورن جو (ڪجهه) ڏاڙهون ۽ صوف سندن خدمت ۾ پيش ڪيا. اچان ڪائڻ لاءِ وڌيا ئي مس ته هڪ سوَاليءَ مسجد ۾ اچي سوال ڪيو: اي نبوّت جي خاندان وارؤ! جيڪو توهان کائو ٿا، ان منجهان مون کي به ڏيو خاص ڪري انهن انگورن منجهان، جن لاءِ ڪيتري عرصي کان سَڌائتو آهيان. پاڻ سڳورن ﷺ جن چاهيو ته انهن انگورن منجهان سواليءَ کي ڪجهه ڏين ته جبرائيل ﷺ سندن هٿ روڪيندي عرض ڪيو: اي الله جا رسول (ﷺ)! هي ابليس (ملعون) آهي، هت بهشت جو ميوو کائڻ آيو آهي، جيڪو متس حرام آهي. جڏهن ابليس کي معلوم ٿيو ته کيس سڃاتو ويو آهي ته مايوس ٿي [ص۴۹] موٽي ويو ...... ۽ پوءِ ٻيئي شهزادا اهو ميوو کائڻ لڳا ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جن ڏانهن نهاريائون پئي. جبرائيل عرض ڪيو: اي سردار (ﷺ)! هي ٻيئي اوهان جي باغ جا ميوا ۽ توهان جا چشم و چراغ شهادت جي سُرڪي پيئندا. هڪ کي ظلمي زهر سان قتل ڪندا ۽ ٻئين کي بي رحم ترار سان ڪٺو ويندو. توهان تي هنن جي مصيبت (جو اثر ۽ تڪليف) شفاعت جي گهٽائيءَ جو ڪارڻ بڻبي. "ابن حسام" چوي ٿو:



Scanned with CamScanner

نظم:

بـه روزِ حشـر بيبنـي بـه دسـتِ پيغمبـر ﷺ
كليدِ گنجِ شفاعت به خونبهـاي حسـين عليه السلام

ڏسجانءِ حشر واري ڏينهن پاڪ پيغمبر (ﷺ) جي
هٿ ۾ هوندي، حسين عليه السلام جي خون بها ۾ شفاعت جي خزاني جي چابي

## معصومن عليهم السلام ساڻ ميون جي جنت ڏانهن مَوٽَ

"مصابيح القلوب" ۾ آيو آهي ته جبرائيل بهشت کان هڪ ڏاڙهون، هڪ صوف ۽ هڪ ٻِهي [●] آڻي شهزادن کي ڏنو جنهن تي شهزادا سَرَها ٿيا. تنهن تي پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو: اهو ميوو اوهان پنهنجي والدين ڏانهن کڻي وڃي سڀ گڏجي کائو ۽ هر ميوي منجهان ڪجھ باقي بچائجو. قصو ڪوتاهه ايئين ئي ڪيو ويو جڏهن ٻئي ڏينهن وڃي ميوا ڏٺائون ته اُهي اڳ وانگر مڪمل ۽ ثابت حالت ۾ هئا. اهڙيءَ طرح (سدائين) انهن ميون منجهان ڪجھ بچائي رکندا هئا ته اهي ٻئي ڏينهن ثابت حالت ۾ ملندا هئا. تان جو حضرت فاطمه عليها السلام جن هن دنيا مان برقعو مٽايو ته انهن منجهان ڏاڙهون ڪٽل ڏٺائون ۽ جڏهن امير حسن عليه السلام کي شهيد ڪيو ويو ته "ٻِهي" به ختم ٿي ويو. البت صوف امام حسين عليه السلام جن وٽ موجود رهيو جيڪو سدائين ساڻ رکندا هئا جڏهن ڪين اُڃ لڳندي هئن ته ان صوف کي سنگهڻ سان سندن پياس گهٽجي ويندي هئي ۽ جڏهن امام حسين عليه السلام کي شهيد ڪيائون ته اهو صوف پڻ غائب ٿي ويو البت ان صوف جي سرهاڻ سندن مقدس مزار منجهان ايندي هئي، جڏهن ته سندن تربت جي خوشبوءِ نِجُ مشڪَ عنبرَ کان هزار درجا ڀلي آهي.

---

● "ٻِهي": خوشبودار ميوي جو هڪ قسم، جنهن مان "بيهي دالگا" نڪرندا آهن. جامع سنڌي لغات: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڇاپو: ڄامشورو 1995ع "ٻِهه": هڪ وڻ آهي، جنهن جو ميوو صوف وانگي ٿئي ٿو فرهنگِ عميد ڇاپو: تهران



Scanned with CamScanner

شعر:

سَلَامٌ عَلَى التُّرَابِ الَّذِي ضَمَّ جِسْمَهُ

يعني: سلام هجي ان خاڪ تي، جيڪا سندن پاڪ جسم سان لڳل آهي.

نظم:

(1)

اگر بر مرقدِ جنت پناه‌اش گذر يابي [ص۵۰]
شميمش در مشام جان زبوئي مشڪتر خوشتر

جيڪڏهن تنهنجو سندن جنت پناهہ مزار وٽان
گذر ٿئي، تہ سندن پاڪ تربت جي مٽيءَ جي سرهاڻ
تنهنجي اندر کي مشڪ کان وڌيڪ واسي وجهندي

(2)

هواي مشهدش چون روضهٔ فردوس روح افزا
فضاي آستانش چون سراي خلد جان پرور

سندن روضي جي هوا، جنتِ فردوس جي روح پرور
هوامثال آهي، (۽) سندن آستاني جو ماحول جنت
جي جيءَ جيئاريندڙ جڳهہ جهڙو آهي.

## شهادتِ حسين عليه السلام جي چوٿين خبر

چوٿين طرح شهادت جي خبر سندن عمر جي چوٿين سال واقع ٿي ۽ اها هن طرح آهي تہ جبرائيل عليه السلام پاڻ سڳورن ﷺ جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيو. ان وقت وَٽِ امام حسين عليه السلام موجود هئا. پاڻ سندن مُنهَن ۽ ڳَلَ پئي چُميائون ۽ سندن مٿو پنهنجي سيني ڀَرِ ڪيٽِي سان لڳايائون. حضرت جبرائيل عليه السلام سوال ڪيو: يا نَبِيَّ اللهِ ڇا اوهان باغ نبوت ۽ ولايت جي هن تازي ۽ رسيلَ ميوي سان محبت ڪريو ٿا؟ سردار فرمايو: نَعَم، اَولادُنَا اَكبادُنَا (يعني:) هائو اسان جو اولاد اسان جو جگر آهن.



Scanned with CamScanner

راوي ٿو چئي ته امام حسين عليه السلام جي ڳچيءَ ۾ هڪ تعويذ پاتل هيو، جنهن جي سڳي جو نشان سندن نازڪ ڳلي تي ٿي بيٺو. جبرائيل عليه السلام اهو نشان ڏسي ڪنڌ لوڏيو. سردارِ عالم صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو: اي ڀاءُ! توهان ڀلا اِن سڳي جي نشان کي ڏاڍي غور سان ٿا ڏسو؟ جبرائيل عليه السلام روئيندي عرض ڪيو: يا رسولُ الله صلي الله عليه وآله وسلم! هڪ ڏهاڙي شهزادي جي ڳچيءَ جو اهو ئي نشان رت سان ريٽو ٿيندو ۽ سندس اهلبيت عليهم السلام ان مظلوم شهيد جي غم ۾ مصيبت منجهه مبتلا ٿيندا.

نظم:

ملک را جان درين ماتم بسوزد
فلک را جگر زينِ غم بسوزد

ملائڪن جون دليون هن ماتم ۾ مصيبت تي پچرن ٿيون ۽ آسمان جو جگر پڻ هن غم ۾ جلي ٿو.

## شهادتِ حسين عليه السلام جي پنجين خبر
## حسنين عليهما السلام لاءِ جنت جو لباس

هن عظيم الميئي ۽ سخت واقعي جو اعلان پنجين نموني سَيِّدُ الشَّهداءِ جي عمر جي پنجين سال ٿيو. چون ٿا ته عيد جو ڏينهن هيو، جڏهن شاهزادن عليهما السلام سَيِّدِ عالَم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي ڪمري ۾ تشريف فرما ٿي عرض ڪيو: اي نانا سائين! اڄ عيد آهي، عرب جا معزز ۽ شريف زادا رنگا رنگ ويس ساڻ سينگاريل آهن، جڏهن ته اسان وٽ نئون لباس ڪونهي، يَاأَيُّهَا الْمُدَّثِّرُ تنهن ڪري توهان ڏانهن متوجهه ٿيا آهيون، جو توهان جي مٿي تي "لَعَمرُكَ"① جو تاج [ص٥١] ۾ لڳن تي " يَاأَيُّهَا الْمُدَّثِرُ"② جي خلعت ڍڪيل آهي. سو توهان وٽ آيا آهيون ته توهان

---

• لَعَمرُكَ اِنَّهُم لَفِي سُكرَتِهِم يَعمَهُونَ. ترجمو: (اي رسول!) تنهنجي حياتيءَ جو قسم اهي (ڪافر) ته سندن بدمستيءَ ۾ مدهوشيءَ منجهه حيران ۽ واترا آهن. (سورتِ الحجر آيت نمبر 72).

• سورتِ مدّثر آيت نمبر 1. ترجمو: اي ڪپڙو اوڙهيندڙ (رسول)!

کان عيد جي خرچي وٺون ۽ اها خرچي نئين پوشاڪ جي صورت ۾ ئي وٺنداسون. خواجهءِ عالم ﷺ جن ڪجهه دير ويچار ۾ پئجي ويا، ڇاڪاڻ ته شهزادن جي مانَ ۽ مرتبي لائق ڪو لباس گهر ۾ موجود نه هو ۽ ڪين نااميد ۽ نِرَههُ ڪرڻ به سندن شان وٽان نه هو تنهن ڪري درگاهِ احديت ۾ متوجه ٿيندي بارگاهِ بي نياز ۾ ڪنڌ جهڪايائون ئي مَس ته جبرائيل ؑ جنت جي پوشاڪن منجهان به سفيد پوشاڪون سندن قدَ ڪاٺَ موجب سِبيلَ ٺهيل ڪٺي فوراً اچي حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين! اي سردار (ﷺ)! ملول نه ٿيو هي لباس حاضر آهي، اوهانِ پنهنجن پيارن پُٽن کي ڏيکاريو. پاڻ سڳورن ﷺ جن شاهزادن کي سڏُ ڪنديَ فرمايو: اجهو هي لباس، جيڪو قدرت توهان جي ماپ مطابق غيب منجهان سِبِي موڪليو آهي.

نظم:

خَلَقَه قدر که خياطِ کرامت آراست
بر قدوقامتِ اقبالِ شما آمد راست

الاهي درزيءَ اهڙو ته مناسب لباس تيار ڪيو جيڪو اوهان جي عالي شان قَدَ ڪاٺَ تي پورو ۽ ٺهڪي بيٺو آهي.

پر جڏهن امامن حسن ۽ حسين ؑ جن ڏٺو ته ان لباس جو رنگ اَڇو آهي ته پيهر نهايت نيازمنديءَ سان فرمايائون: اي مهربان نانا سائين! عرب جي مڙني نينرن رنگين لباس پاتو آهي، ان لاءِ اسان به رنگين پوشاڪ پهرڻ چاهيون ٿا. پاڻ سڳورا ﷺ جن سوچ ۾ پئجي ويا. جبرائيل ؑ عرض ڪيو: اي الله جا رسول (ﷺ)! اوهان پنهنجي سُڳنڌيل دل جائِتِي ڪريو اهو مامرو هن رنگارنگ ڪارخاني جي ماهر جي قدرت سان اجهو بنا دير جي نبريو ۽ توهان جي جگر گوشن جي دل جنهن به رنگ تي ييهي، اهو رنگ اچي ويندو. بهرحال حڪم ڏنو ويو ته گينبڊي ۽ بدنو آندو وڃي. پاڻ سڳورن (ﷺ) جي حڪم تي اهي شيون آنديون ويون. جبرائيل ؑ عرض ڪيو: يا رسولُ الله (ﷺ)! هنن پوشاڪن مٿان پاڻي ٿو پيئيان، اوهين پنهنجن



Scanned with CamScanner

مبارڪ هٿن ساڻ انهن کي مهٽيندا وڃو ته جيئن گهربل رنگ ظاهر ٿي پوي. پاڻ سڳورن (ﷺ) هڪ لباس گينديءَ ۾ رکنديءَ امام حسن (عليه السلام) ڏانهن مُنهَنڙو ڪندي فرمايو: اي نورِ نظر! ڪهڙي رنگ جو لباس ٿا چاهيو؟ امام (عليه السلام) فرمايو: سائو پاڻ سڳورن (ﷺ) ان [ص٥٢] پوشاڪ کي مهٽيو ته الله تعاليٰ جي قدرت سان "زمرد" جهڙو سائو رنگ لٽن تي چڙهي بيٺو پوءِ حضور (ﷺ) جن اهو وڳو ٻاهر ڪڍي امام حسن (عليه السلام) کي پائڻ لاءِ ڏنو. ٻيون جوڙو چلمچيءَ ۾ وجهندي پنجن ورهين جي ڄمار جي امام حسين (عليه السلام) ڏانهن رخ ڪندي فرمايو: نانو گهورَ وَڃيوَ! توهان ڪهڙي رنگ ڏانهن مائل آهيو؟ امام (عليه السلام) فرمايو: ڳاڙهو. سردارِ انبياء ﷺ جن جي دست مبارڪ جي برڪت سان اها پوشاڪ پڻ "رُماني يا قوت" جي رنگ جهڙي ٿي پيئي. جيڪا امام حسين (عليه السلام) جن پاتي. جبرائيل (عليه السلام) اها صورتحال ڏسي روئي پيو.

جڏهن شهزادا پوشاڪون پهري خوشيءَ وچان سندنِ پاڪ امڙ جي ڪمري ڏانهن روانا ٿيا ته پيغمبر ﷺ جن جبرائيل (عليه السلام) کان پڇيو ته جڏهن منهنجا پُٽ سَرَها ۽ نهال ٿيا ته توهان ان وقت ڇو غمگين ٿي وَيئُ؟ جبرائيل (عليه السلام) عرض ڪيو: اي سردار! ڇا توهان کي بهشت ۽ محلاتن جو صو ياد ناهي؟ اهي محلات جيڪي حسن ۽ حسين عَلَيهِمَا السَّلَام جن جي نالن تي اڏيل آهن. انهن مان حضرت حسن (عليه السلام) جو محل سائي رنگ جي "زبرجد" مان ٺهيل آهي ۽ جڏهن ته امام حسين (عليه السلام) جو محلات ڳاڙهي ياقوت منجهان تعمير ڪيو ويو آهي ...... هينئر پڻ سندن پاران پوشاڪن جي رنگن جي چونڊ ان صورتحال جي تائيد آهي ته حسن (عليه السلام) کي زهر ڏيندا ۽ زندگيءَ جي آخري گهڙين ۾ ان زهر جي اثر ڪري سندن رنگ مبارڪ سائو ٿي ويندو ۽ جڏهن ته امام حسين (عليه السلام) کي شهيد ڪندا ۽ پوءِ سندن خوبصورت ۽ دلفريب ڳلَ سندن ئي لهوءَ سان لال ٿيندا.

نظم:

سبزه رُو بر خاک مالد از غمِ زهرِ حسن علیه السلام
لاله گون گردد شفق، از غیرتِ خونِ حسین علیه السلام

"ساوڪ"، حسن علیه السلام کي زهر ملڻ جي غم ۾ سندن مُنهن خاڪ سان پيئي مهٽي

۽ حسين علیه السلام جي قتل جي جوش ۽ غيرت ۾ شفق جو جگر پڇي لال ٿي ويو آهي.

"شواهد النبوت" ۾ اُمّ المومنين عائشہ رضي الله تعاليٰ عنها کان بيان ڪيو ويو آهي تہ هڪ ڏينهن رسولِ خدا صلی الله علیه وآله وسلم جن جبرائيل علیه السلام سان ويٺا هئا تہ امام حسين بن علي رضی الله عنهما تشريف فرما ٿيا. جبرائيل پڇيو: هي ڪنهن جو فرزند آهي؟ پاڻ سڳورن (صلی الله علیه وآله وسلم) کين پاڻ سان ويهاريندي فرمايو: منهنجو پٽ آهي. جبرائيل علیه السلام عرض ڪيو: ٿرت ئي هن کي قتل ڪيو ويندو. رسول الله صلی الله علیه وآله وسلم جن پڇيو: اهو ڪِيسُ ڪير ڪندو؟ عرض ڪيائين: توهان جي اُمّت جو هڪ ٽولو [ص۵۳] کين قتل ڪندو. جيڪڏهن توهان چاهيو تہ آءٌ توهان کي ٻڌايان تہ کين ڪهڙي ماڳ تي ڪُهندا ۽ پوءِ جبرائيل "ڪربلا"[2] ڏانهن اشارو ڪري ڪجھ ڳاڙهي مٽي پاڻ سڳورن صلی الله علیه وآله وسلم جن جي خدمت ۾ پيش ڪندي عرض ڪيو: هي ڏسو سندن مقتل، جيڪو رَتُ سان ڳاڙهو ٿيندو.

نظم:

(1)

خاک را از خونِ آن شهزاده رنگین کرده اند
جمله حوران سرمه چشم جهان بین کرده اند

اها خاڪ جيڪا ان شهزادي (حسين علیه السلام) جي رَتُ سان رڱي ڪيائون سا سڀني حورن سندن اکين جو سرمو بڻايو اهڙو سرمو جنهن سان اک سموري سنسار کي ڏسڻَ لائقُ ٿي پوي.

(2)

کوه خلا سنگها برسر زند گر بشنود
آنچه آن سنگین دلان باآلِ یاسین کرده اند

منن پٽر دل ماٺهن، جيڪو سلوڪ آلِ ياسين (عليه وآله) سان
ڪيو اهو جيڪڏهن جَبَلَ ڄاڻي وٺن تہ جيڪر
پٿرن سان پنهنجا متا ڪٽي ڇڏين.

(3)

وه چرا با خاک میدان غرقه خون افتاده اند
شهسوارن که فتح قلعهء دین کرده اند

افسوس! دين جو قلعو قائم ڪرڻ وارن شهسوارن
جا لاش ڇو ميدان جي مٽيءَ منجهہ رت ۾ ٻڏل
پيا آهن.

## الله تعاليٰ جي عبادت ۽ اطاعت لاءِ هڪ رات جي مهلت

چون ٿا تہ "عبيدالله ابنِ زياد" جڏهن اهو ٻڌو تہ امام حسين عليه السلام ڪجهہ قبيلن ڏانهن سنڌن قاصد روانا ڪري، ڪانئن مدد جي گهرَ ڪئي آهي تہ هو ڏاڍو ڪاوڙيو ۽ "ابن سعد" کي نياپو ڪيائين تہ جيڪڏهن اجوڪي ڏينهن ئيِ امام حسين عليه السلام سان جنگ نہ جهيڙيئي تہ توکي تنهنجي ساٿارين سميت سزا ڏيندس. ابنِ سعد ان سنيهي کان ٻڌي ويو جيتوڻيڪ اهو ڪمهلو قدم هو پر پوءِ بہ فوراً سوار ٿي سندس سورو لشڪر ساڻ ڪري امام حسين عليه السلام ڏانهن رُخُ رکيائين. اها محرم جي نائين تاريخ هئي، جنهن کي (عربيءَ ۾) "تاسوعا" چئجي ٿو. مي اهو وقت هو جڏهن امام حسين عليه السلام جن سنڌن مُنهُن مبارڪ مُونن ۾ وجهي اجان هلڪي اکِ ئي لڳائي هئي تہ فوج جي آمد سان اُتندڙ دَڙَ سوارن جي نعرن ۽ هٿيارن جي ڪڙڪن ۽ ڪڙ ڪڙ ڪين جاڳائي وڌو ...... بهرڪيف، صورتِحال کي ڏسندَي سندن ڀاءُ عباس عليه السلام کي ڏانهن اُماڻيائون تہ انِ لشڪر جي آمد جو ڪارڻ معلوم ڪن. (جنابِ عباس معلومات وٺي واپس وريا ۽ اچي عرض ڪيائون تہ ابنِ سعد سموري لشڪر سوڌو جنگ جوڙڻ لاءِ آيو آهي. امام عليه السلام فرمايو: اوهان



Scanned with CamScanner

مهرباني ڪري وڃي اِنَ ٽولي واپس موٽايو ۽ چئوِن تہ اڄ دير ٿي ويئي آهي، اڄوڪو ڏينهن ۽ اڄوڪي رات جيڪا عاشور ۽ جمعي جي رات آهي، مهلت ڏيوم تہ آءٌ الله تعاليٰ جي اطاعت ۾ سندس ذڪر پنهنجي معمول مطابق اڄوڪي رات پڻ برقرار رکان. عباس رضی اللہ عنہ موٽي ويا ۽ هنن کي خطاب ڪندي چيائون تہ مصطفيٰ صلی اللہ علیہ وآلہ جن جو لختِ جگر [ص۵۴] اڄوڪي هڪ رات جي مهلت پيو گهري ۽ چاهي ٿو تہ سندن زندگيءَ جي آخري رت آهي، تنهن ڪري اها رت اطاعت ۽ عبادت ۾ رهڻ چاهي ٿو تہ جيئن وِردَ ۽ ذڪر جي ادائيگيءَ ۾ ڪو خَلَلُ ۽ رخنو نہ پوي، "ابنِ سعد" لشڪر جي سردارن سان صلاح ڪئي، هنن جواب ڏنو تہ اسان تنگ اچي ويا آهيون ۽ ان ڪان سواءِ ابنِ زياد جي ڪاوڙ کان پڻ ڊنل آهيون ...... ان دوران شمر ملعون (جناب عباس علیہ السلام ڏانهن متوجہ ٿيندي ۽) رڙ ڪندي چيو تہ توهان لاءِ ڪا "امانَ" ناهي. توهان کان ڪنهن بہ قسم جي غفلت ڪرڻ ۽ توهان کي ڪابہ مهلت ڏيڻ جائز ناهي. ان موقعي تي "اَبُوشعبان ڪندي" يا هڪ روايت موجب عَمرو بن حجاج کي (شمر جي) ان ڳالهہ تي شرم آيو ۽ پنهنجن ئي ساٿين کي ڪاوڙ منجهان چيائين: اي بي حيا قوم! ڪيڏي نہ سنگدلي ۽ بي وفائي آهي، جو جيڪڏهن هي "روم" يا "چين" جي قومن سان واسطو رکندڙ هجن ها ۽ توهان کان مهلت گهرن ها، تہ بہ توهان کي مهلت ڏيڻي هئي، پر هي تہ آخرڪار توهان جي پيغمبر (صلی اللہ علیہ وآلہ) جا اهلبيت علیہم السلام آهن ۽ توهان هن جي ناني جي اُمَت آهيو ...... الله ڪان ڊڄو يا گهٽ ۾ گهٽ ان جي بندن جو ئي شرم ڪريو.

نظم:

(1)

شما بس سخت رُوي وسُست دِينيد
چُو شيطانِ لعين، در ڪِبرو ڪِينيد

توهان مهانڊن ۾ سختُ ۽ دين ۾ سستُ آهيو.
۽ شيطان لعنتير وانگي وڏائيءَ ۽ بغض جا بيمار آهيو.

(2)

زحق سُبحانهٗ شرمي، نداريد
زمردم نيز آزرمي نداريد

توهان کي الله تعاليٰ کان ڪوبہ شرم ۽ حياءُ نٿو اچي،
بلڪ توهان کي ماڻهن کان بہ ڪا لَڄَ لِيهہَ ناهي.

نآخر اهلبيتِ مصطفيٰ اند
بصد کرب و بلا در کربلا اند.

پلا نيٺ مصطفيٰ (ﷺ) جا اهلبيت عليهم السلام آهن،
جيڪي ڪربلا ۾ نهايت رنج ۽ مصيبت منجهہ مبتلا آهن.

اها تقرير ٻڌندي ئي لشڪرُ جنگ تان هٿ ڪڍي ويو ۽ سندن سوارين تان لهي خيمن ۾ هليو ويو. ان کان اڳ امام حسين عليه السلام جن جي فرمان مطابق، سندن لشڪر گاهہ جي چوڌاري کَڏَ کوٽي ويئي هئي، تہ جيئن جنگ جو ميدان هڪ پاسي کان ئي هجي ۽ پاڪ بيبيون بہ دشمن جي حملي کان محفوظ رهن. ان کان سواءِ ان کَڏَ منجهہ ٻارڻ پريو ويو. امام عليه السلام فرمايو تہ ان ٻارڻ کي باهہ ڏني وڃي، تہ جيئن ڪو راتاهو نہ هڻي سگهي. جڏهن آگ جا اُلا اُوچا ٿيا تہ "مالڪ بن عُروَه" گهوڙي تي ويٺي اڳتي ٿيندي چيو: اي امام حسين عليه السلام! آخرت جي آتش کان اڳ ئي هتي باهہ ۾ پاڻ ٿو جلائين؟...... شلَ وات ۾ ڪا واري پَوَيس. امام حسين عليه السلام وراڻيس: كَذَبتَ ياعَدُوَّ الله. يعني: ڪوڙو آهين، اي الله جا دشمن!...... ڇا تون اهو گمان ٿو ڪرين تہ منهنجي جاءِ جهنم آهي ۽ تون [ص ۵۵] بهشتَ پيڙو ٿيندي؟ "مسلم بن عوسجہ" عرض ڪيو: اي فرزندِ رسولِ خدا! اجازت ڏيوم تہ هڪ ئي تير سان وات ڪٽي بند ڪريانس. امير المومنين فرمايو: آءُ جنگ ۾ اڳرائي نٿو ڪرڻ چاهيان، پر تون هينئر ڏيان ڪر تہ جيئن خدا جي قدرت ڏسين ...... پوءِ پاڻ قبلي رخ تي دعا ڪيائون: اَللّٰهُمَّ جَرِّهِ اِلَى النَّارِ. يعني: اي خدا! هن کي باهہ جي زنجير ۾ جڪڙ ۽ آخرت جي باهہ کان اڳ دنيا جي دوزخ جي چاشني چکائينس. فوراً مظلوم جي دعا جي مقبوليت جا آثار ظاهر ٿيا

...... سندس گهوڙي جو پير ڪنهن کڏ ۾ لهڻ جي ڪري گهوڙي کي ٿاٻڙ جو آيو تہ سندس هٿان واڳ ڇٽي ويئي ۽ پير وڃي رڪاب ۾ اٽڪيس گهوڙو ٿهي هيڏانهن هوڏانهن ڀڄڻ لڳو. تانجو باھہ پريل خندق جي ڪناري تي اچي پهتو ۽ هن کي سندس پٺيءَ ٺان باھہ منجهہ ڦٽي ڪري موٽي آيو تہ ماڻهن ۾ رڙيون پئجي ويون. اها ٻئين ڪرامت هئي, جيڪا امام حسين عليه السلام جن کان ظاهر ٿي. بهرحال اميرُ المُومنِين امام حسين عليه السلام شڪر جو سجدو بجا آندو ۽ سجدي مان ڪنڌ مٿي ڪري ايترو تہ بلند آواز سان فرمايو جو ٻنهي پاسن جي لشڪرن ٻڌو. خدايا ! اسان تنهنجي رسول جا اهلبيت عليهم السلام ۽ اولاد آهيون, ظالمن کان اسان جو پلَئہ وٺ. "ابنِ اشعث" نياڳي رڙ ڪري چيو تہ اي حسين عليه السلام تنهنجو پيغمبر (صلي الله عليه وآله) سان ڪهڙو واسطو جو هَرَ گهڙيءَ ساڻس ويجهڙائيءَ جي ڊاڙ ٿو هڻين؟" شِل مٿي ۾ ڇائيءَ جا ڪي ٻُڪ پَونسِ!" منهنجو دلير ۽ سخي امام غيرت وچان جلال ۾ آيو ۽ نهايت عجز ۽ نياز سان سندن پيشاني اُنَ ڪريم ڪارساز ۽ بنده نواز خدا جي بارگاھہ ۾ جهڪائي عرض ڪيائون: خدايا! هيءَ آشعَث جو پٽ منهنجو نسب ڏار ٿو ڪري ۽ اسان کي تنهنجي نبيءَ (صلي الله عليه وآله) جو اولاد نٿو سمجهي: "فَأرِنِيهِ فِي اليَومِ ذُلاًّعَاجِلا" يعني: اڄوڪي ڏينهن ئي کيس ذلت ۽ خواريءَ منجهہ مبتلا ڪر ۽ سندس حياتيءَ جي مالها ٽوڙي ڇڏ. اڃان دعا جو تير سندس منزل ۽ نشان تائين بہ نہ پهتو جو قدرت الاهيءَ جو شهبازَ عالمِ تقدير ۾ پرواز ڪندي اچي پهتو...... ۽ انهيءَ ئي گهڙيءَ هن پليدَ جي اندر منجهہ بيتُ الخلا ڏانهن وڃڻ جي خيال جنم ورتو سو گهوڙيءَ تان لهي گندائتو ٿي پائخانو ڪرڻ ويٺو تہ هڪ ڪارَي وڇونءَ اچي ويهڪَ تي ڏنگي وِڌس. جنهن ڪري اُن اُگهاڙپ جي حالت [ص٥٦] ۾ ئي لگ سندس ئي نجاست ۽ پليديءَ ۾ پرجي ويا ۽ ان ئي حال ۾ دم ڏنائين. اها هڪ ٽئين ڪرامت هئي, جيڪا امام عليه السلام جي هٿان واقع ٿي. ان کان پوءِ "جعده مزنيءَ" اڳتي وڌي رڙ ڪئي تہ اي امام حسين عليه السلام! هيءَ "فرات" جو پاڻي ڏسين ٿو.



Scanned with CamScanner

ڪيئن درياهہ وانگي موجُون ڏيئي پيو وَهَي، ان منجهان هڪ ڦڙو بہ نہ چکي سگهندين، تان جو تِسيوئي هلاڪ ٿيندين ....... "شل دنيا ۽ آخرت ۾ الله جي مارَ پئيس". جڏهن اميرِ امام عليه السلام اهو سخن ٻڌو تہ سندن اکين ۾ ڳوڙها تري آيا ۽ فريائون: پالڻهار! هن کي ٿسيو مار ...... فوراً بنا ڪنهن سبب جي سندس گهوڙي تاهہ ڪاڏو ۽ هن کي هيٺ ڪيرائي وڌائين. هي اُتي گهوڙي جي ڳَڏَ ڀڳو ايستائين جو اُڃَ مٿس غلبو ڪيو ۽ پياس! پياس! پڪاريندو رهيو ....... ڪيس پاڻي پيئارڻ جي جيتري بہ ڪوشش ڪئي ويئي، پر ناڪام .......پاڻي سندس چپن تائين آندو پئي ويو پر پِي نہ پئي سگهيو ايستائين جو اِنَ پياس جي حالت ۾ ئي بچڙو ٿي مُئو. ان ڏينهن تي اهو ٽيون معجزو ٿيو جيڪو امام عليه السلام کان ظاهر ٿيو ....... ابنِ زياد جو لشڪر اهي سموريون ڪرامتون ڏسڻ کان پوءِ بہ سندس جهالت ۽ ڪيني واري سلوڪ تي قائم رهيو.

نظم:

(1)

اَشقيا منکرِ کراماتند

بربساطِ مناکرت ماتند

جيڪي مانجهي ميدان ۾ سِرُ ڏيئي سرها ٿيا،

اِهي بدبخت انهن جي عزت ۽ شان جا انڪاري آهن.

(2)

اولياء را چون خويش پندارند

سر به اهل وفا فرو نارند

الله تعاليٰ جي وليِن کي پاڻ جهڙو ڄاڻين ٿا،

۽ وفادارن اڳيان بہ ڪنڌ نہ ٿا جهڪائين.

(3)

اين همه بهر آنکه، جنس نيند

دد ديوند نوعِ انس نيند



Scanned with CamScanner

اهو سڀ ڪجهه ان لاءِ آهي ته اهي انساني فطرت سان واسطو نٿا رکن، بلڪ اهي درندا جانور ۽ ديوَ آهن، انسان ناهن.

## امام حسين عليه السلام جو خواب

"نُورُ الائمه" ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته پرهه ڦٽيءَ جو ابتدائي گهڙيون هيون، جڏهن آسمان منجهان آواز آيو: اي لشڪرِ خدا جا سپاهيو! سوار ٿيو جو ميدان ۾ لهڻَ جو وقت اچي پهتو آهي، ڇا توهان نه ٻڌو آهي ته آخرت جي منزل دارُالقرار ڏانهن تياريءَ جو وقت اچي ويو آهي؟... (حضرت) اُمِّ ڪلثوم عليها السلام جن نهايت بيتابيءَ سان رڙيون ڪندي، سندن آسي پاسي جي صورتحال کان بي نيازي ۽ بي خبر امام حسين عليه السلام جن جي خيمي ۾ داخل ٿيندي چيو: اي منهنجا ڀاءُ! ڇا توهان اهو آواز ٻڌو جيڪو آسمان کان آيو؟ امام فرمايو: هائو ٻڌم. بلڪ ڪلاڪ کن پهريائين ان کان به وڌيڪ عجيب شيءِ ڏٺم [ص٥٧] يعني: منهنجي اکين جو سوجهرو ۽ نور جيڪو منهنجي دماغ جي آسمان تان منهنجي اکين جي ماٺڪين ۾ نازل ٿيو ۽ پوءِ آءٌ انهن اکين جي وِٽين مان گلشنِ ملڪوت (يعني: غيب جي دنيا) جي لقاءَ ۾ مشغول ٿي ويم. پنهنجي ناني سائينءَ صلي الله عليه وآله جن کان ورثي ۾ مليل خاصيت "نيڻن ۾ ننڊ، پر سينو سجاڳ" مطابق ڏٺم ته ڪجهه ڪُتا مون تي حملي آور ٿيا آهن ۽ انهن سيني مان هڪ ڪارَي رنگ جو ڪتو مون تي سيني کان وڌيڪ مچريل آهي. مون خود ڪلامي ڪندي چيو: هيءُ ته مون کي ماري وجهندو! اچان ان ئي ويچار ۾ هيس ته نانا سائين محمد مصطفي! صلي الله عليه وآله جن مون اڳيان ظاهر ٿيا ۽ مون کي ڏسي فرمايائون: اي منهنجا ٻچڙا اي آلِ محمد (عليهم السلام) جا شهيد! اي منهنجي اولاد منجهان سڀ کان وڌيڪ مظلوم پٽڙا! اجهو ڏس عالم بالا ۽ عرش واسي توهان جي پاڪ روح جي سُهاڳت لاءِ آيا آهن، جيڪي توهان کي بلند مرتبي جي بشارت پيا ڏين. ڪوشش ڪريو ته جيئن اڄوڪي رات گڏجي افطار ڪريون، ڏسجو دير نه ڪجو (۽ پوءِ) ناني



Scanned with CamScanner

سائينءَ سان گڏ هڪ فرشتو ڏٺم جنهن لاءِ ناني سائينءَ فرمايو: اي حسين ﷺ هن کي سڃاڻو ٿا؟ مون عرض ڪيو: نه. ناني سائينءَ فرمايو: هي فرشتو آسمان کان سائي شيشي کڻي آيو آهي، ته جيئن توهان جي رَتِ اِنَ ۾ لاهي محفوظ ڪري رکي. ان (خواب ٻڌڻ) کانپوءِ حضرت اُمِ ڪلثوم ﷺ روئڻ لڳيون. امام ﷺ فرمايو: منهنجي سيني گهرَ ڀاتين کي سڏ ڪري وٺو جو هينئر آخري موڪلائڻي آهي.

نظم:

(1)

الوداع اي دوستان کين دم سفر خواهيم کرد
مسکنِ اصلي خود جائي د گر خواهيم کرد

اي دوستو! هينئر موڪلايون ٿا، جو هينئر اسين سفر تي اُسهڻ وارا آهيون.

هينئر اسين پنهنجي اصلي رهائش طور ڪا ٻي جڳهه اختيار ڪرڻ وارا آهيون.

(2)

مابا کراهيم چون يوسف درين زندان اسير
مصر غرّت را عزيز آسا مقر خواهيم کرد

اسان هن دنيا ۾ بي دِليا رهون ٿا، جيئن جناب يوسف ﷺ زندان منجهه قيد رهيو توهان جي مصر مثال ڏوکيباز دنيا منجهه اسان مصر جي عزيز وانگي (عارضي طرح) ترسنداسون.

(3)

حاصلي دنيا مطاع نيست کانرا قيمتي است
زوچو صاحبِ همتان قطع نظر خواهيم کرد

دنيا جَي مال مطاع جي حاصلات ڪا ايتري قيمتي ۽ حيثيت واري شيءِ ناهي،

اسان ته ڪيس همٿ وارن جوانن جيان نظر انداز ڪنداسون.



Scanned with CamScanner

(4)

ما ازینجا شاد و خرم مي رويم از بهر آنكه
منزل اندر بقعه خوبتر خواهيم كرد

اسان لاءِ اهو خوشيءَ جو مقام آهي، ڇاڪاڻ جو اسان پنهنجي مزار منجهه وڌيڪ ڀلاري جڳهه تي وڃي منزل ڪنداسون.

(5)

هر كرا عزم تماشاي رياض قدس هست
كو مهيا شود زاينجا سفر خواهيم كرد [ص۵۸]

جيڪڏهن تون بهشت جي باغن جو سڌائتو آهين، ته پوءِ اي پهلوان جوان!

اُٿي تياري وٺ، جو اسان ته اهڙي سفر تي نڪرڻ وارا آهيون!

## جنابِ قاسم عليه السلام جي ناني امام حسن عليه السلام جو وصيّت نامو

راوي ٻڌائي ٿو ته جڏهن جناب قاسم بن حسن عليهما السلام سندن پيءُ[•] جو گلستان ناز جي گل جهڙو چهرو ان جان ليوا حادثي جي ڪري ڪنهن سان رُهنڊيل ڏٺو ته سندن اندر منجهان هڪ آهه نڪتي ۽ ان ساڳئي

• حضرت امام حسن عليه السلام جا 20 پٽ هئا. جن مان ست (7) ڪربلا ۾ موجود هئا. انهن مان ڇهه شهيد ٿيا ۽ هڪ زخمي ٿيو: (1) حسن مثنيٰ (زخمي ٿيو) (2) احمد. (3) ابوبڪر (4) قاسم (5) عبدالله اڪبر (6) عبدالله اصغر (7) بشر. مرحوم شيخ مفيد رحمة الله امام حسن جي ٽن (3) پٽن جو ذڪر ڪيو آهي جيڪي ڪربلا ۾ شهيد ٿيا: قاسم ابوبڪر ۽ عبدالله علامه سيد محسن امين چئن پٽن جو ذڪر ڪيو آهي: قاسم عبدالله . ابوبڪر ۽ بشر. علامه مجلسيءَ رحمة الله 'بحار الانوار' ۾ هڪ پٽ جو اضافو ڪيو آهي جنهن جو نالو يحيٰ' آهي 'مصائبِ آلِ محمد' (اردو ترجمو موسيٰ بيگ) تاليف: محمد محمدي اشتهاردي ص 197 ۽ 198.
شيخ عباس قمي رحمة الله سندس ڪتاب 'در ڪربلا چه گذشت' ۾ ص 403 ۽ 408 تي قاسم عبدالله ۽ ابوبڪر بن حسن جو ذڪر ڪيو آهي
سيد ابن طائوس رحمة الله امام حسن عليه السلام جي ٻن پٽن کي قيدين ۾ ڳڻايو آهي: زيد ۽ عمرو "لهوف" (عربي ۽ فارسي متن سان) ڇاپو: ايران ص: 175.



Scanned with CamScanner

جلندڙ جيري، حسرت ڀريءِ ڪباب دل سان سندن چاچي سائينءَ جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو: اي شاهزادهءِ دوجهان! هينئر مون کان پنهنجن جو وڇوڙو سهيو نٿو ٿئي. زماني مون کي خوشيءَ ۽ سرهائيءَ جي تخت تان لاهي پيڙا ۽ مصيبت جي مٽيءَ مٿان اڇي ويهاريو آهي. هينئر مون کي حڪم ڏيو ته آءٌ پنهنجي پيءُ جو پلاند ڪريان ۽ گمراهيءَ جي پاندين جي سوال جو جواب ترار ۽ ڏڪي سان ڏيان. امير المومنين امام حسين عليه السلام جن فرمايو: اي، چاچي جي جان! توهان ته منهنجي پيءُ جا يادگار آهيو ... ن رڻ ۾ توسان ته منهنجي ڏکايل دل لاءِ آٿت ۽ ٽيڪ آهيو. توهان کي ڪيئن اجازت ڏيان ۽ توهان جي جدائيءَ جو داغ سندم دل تي ڪهڙيءَ ريت سهان؟ (ان گفتگو دوران) جناب قاسم رضي الله عنه جي امڙ خيمي اندران ڊوڙندي اچي جناب قاسم عليه السلام جي قميص جي پلئه ۾ هٿ وجهندي فرياد ڪئي.

نظم:

اي به دلم گرفته جا، لطف كن از نظر مَرو
مرهم سينه چون توئي مردم ديده هم تُوشَو

يعني:

اي منهنجي دل ۾ جاءِ وٺڻ وارا! مِهرَ ڪر، منهنجي اکين کان اَوڇ نه ٿي،

جهڙيءَ طرح تون منهنجي سينَي (جي درد) جو دارُون آهين، اهڙيءَ طرح منهنجي اکين جي ماڻڪين جي جڳهه به وٺُ.

## سِر ڏئي سر هو ٽيڻ جي سڌَ

قصو ڪوتاهه، جناب قاسم کي جنگ جي اجازت نه ملي جڏهن ته امير المومنين (امام حسين عليه السلام) جن جا پائر ميدان ۾ لهڻ لاءِ تيار پئي ٿيا. حضرت امير قاسم سندن خيمي ۾ آيا ۽ سندن مُنهَن گوندَر مُونن ۾ وجهي ويهي رهيا ته اوچتو کين ياد آيو ته بابي سائينءَ سندن ٻانهن ۾ هڪ تعويذ ٻڌندي فرمايو هو ته جڏهن توهان ڪنهن وڏي پيڙا



Scanned with CamScanner

۽ پريشاني منجهہ اچي وڃو تہ هيءُ تعويذ کولي پڙهجو ۽ جيڪي ڪجهہ ان ۾ لکيل آهي، ان تي عمل ڪجو. جناب قاسم ؑ ڇپڙ پٽڪو ڪنڌَي ڇيو تہ اڄ تائين مون سان اهڙي صورتحال پيش ناهي پئي ۽ نہ ئي وري اهڙي پريشاني ۽ مصيبت مُنهِن پئي اٿم. ڏسجي تہ ان ۾ ڇا لکيل آهي. بهرحال اهو تعويذ کولي ڏٺائون تہ امام حسن مجتبيٰ ؑ جن سندن هٿن مبارڪن سان لکيو تہ اي قاسم ؑ آءٌ توهان کي وصِيَّت ٿو ڪريان تہ جڏهن توهان منهنجي ڀاءُ، پنهنجي چاچي امام حسين ؑ کي ڏسو [ص٥٩] تہ ڪربلا ۾ دغاباز شامين ۽ بي وفا ڪوفين هٿان مصيبت ۾ گرفتار آهن تہ ان وقت ضرور ۽ هرحال ۾ پنهنجو سِرُ پيرن منجهہ رکجو ۽ پنهنجي جان سندن جان تان صدقي ڪجو ۽ توهان کي ڪيترو بہ ميدان کان مَنعُ ڪن، پر توهان ڪوشش جاري رکجو ۽ پنهنجي عرضَ تي اِصرار پيا ڪجو ڇاڪاڻ تہ امير حسين ؑ تان جان قربان ڪرڻ شهادت جي دروازي جي ڪُنجي ۽ سر بلندي ۽ سڀاڳ تائين رسائيءَ جو ذريعو آهي.

نظم:

ڪُدام ڪُشتهءِ عشقِ وي است روئي به خاڪ
که جان ڪشته به خونش غريق رحمت نيست

يعني: هن جي برهہ جو اهڙو ڪهڙو ڪٺل آهي، جيڪو خاڪ ۾ لٿيل نہ هجي؟ ۽ جنهن اِنَ قرب جي ڪٺل ۽ برهہ جي بيمارَ (عاشق) جي رت ۾ سندس هٿ رڱيا، اهو الله جي ٻاجهہ کان تمام گهڻو پري آهي.

حضرت قاسم ؑ اهو وصِيَّت نامو پڙهڻ کان پوءِ ايترو تہ خوش ٿيا، جو ڪجهہ سمجهہ ۾ نٿي آيس تہ ڇا ڪن؟ فوراً پڙڪو ڏيئي پنهنجي جاءِ تان اٿي اميرالمومنين امام حسين ؑ جن جي خدمت ۾ آيا ۽ وصِيَّت نامو سندن هٿن ۾ ڏنائون. حضرت سيد الشهداء ؑ اهو خط ڏسي، جگر منجهان هڪ دردناڪ آهہ ڪندي زارئون زار روئندي فرمايو: اي چاچي جا محبوب! توهان چاهيو ٿا تہ پنهنجي بابي جي وصيت موجب پاڻ ملهايو. تہ پوءِ مون کي پڻ توهان جي باري ۾ وصيت

ڪئي هُئائون، تنهن ڪري منهنجو بہ خيال آهي تہ ان وصيت تي عمل ڪريان، اچو تہ ڪجهہ وقت لاءِ هن خيمي منجهہ هلون. آءٌ پڻ ان وصيت کي نڀايان،سو امير قاسم جو هٿ وٺي خيمي ۾ داخل ٿيندي ئي سندن ڀائرن عون ؑ ۽ عباس ؑ کي سڏ ڪرايائون. جناب قاسم ؑ جي امڙ کي فرمايائون تہ قاسم ؑ کي نئون لباس پهرائين ۽ سندن ڀيڻ زينب عَلَيهَا السَّلَام کي حضرت حسن المجتبيٰ ؑ جي ڪپڙن جي پيٽي آڻڻ لاءِ چيائون. جيڪا فوراً حاضر ڪئي ويئي. پوءِ اها پيٽي کولي حضرت حسن مجتبيٰ ؑ جي قبا ۽ هڪ قيمتي وڳو امام حسين ؑ جن پنهنجي پاران شهزادي قاسم ؑکي پهرايو ۽ نهايت پلي ۽ سهڻي پڳ سندن سياڳن هٿن سان ٻڌائون ۽ پوءِ جناب قاسم ؑ جي نالي ٿيل سندن نياڻيءَ جو هٿ وٺي چيائون: اي امير قاسم ؑ! هيءَ توهان جي بابي جي امانت آهي، جنهن جي توهان کي وصيت ڪئي هئائون. هينئر آءٌ توهان جي حوالي ڪريان ٿو. ان کان پوءِ پاڪ بيبيءَ جو جناب قاسم ؑ سان نڪاح پڙهي، سندن هٿ جناب قاسم ؑ جي هٿ ۾ ڏيئي خيمي کان ٻاهر هليا آيا. هڪ پاسي جناب قاسم ؑ سندن ڪنوار جو هٿ وٺي، ڏانهنس نهاري، سندس آڏو ڪنڌ جهڪايو تہ ٻئين پاسي دشمن جي لشڪر منجهان للڪار جو آواز آيو [ص.٦٠]تہ آهي ڪو مانجهي، جيڪو ميدان ۾ لهي؟ حضرت قاسم ؑ سندن ڪنوار جو هٿ ڇڏي، چاهيو تہ خيمي کان ٻاهر اچن، پر ڪنوار سندن پلئہ جهلي فرمايو: اي قاسم! ڇا پيا سوچيو ڪٿان جو ارادو آهي؟

نظم:

بگو کز برمن کي مي روي
مرا مي گذاري کجا مي روي

يعني:

پلا ٻڌايو تہ مون وٽان اُٿي ڪيڏانهن پيا وڃو
مون کي ڇڏي کهڙي پاسي هلي پيا آهيو؟



Scanned with CamScanner

جناب قاسم عليه السلام فرمايو: اي راحتِ جان! ميدان جو ارادو اٿم دشمن دَفعي ڪرڻ جي همٿ رکان ٿو. اوهان منهنجو پلئہ ڇڏيو جو هينئر پنهنجي شادي ۽ گهوٽ ٿيڻ قيامت کي پهتو.[1]

"نُورُالائمہ" ۾ علامہ جار الله زمخشري لکي ٿو تہ ان وقت جڏهن امام حسين عليه السلام ڪربلا ۾ اڪيلا رهجي ويا هئا.

نظم:

(1)

وراي پرده نشينان و کو دلِ بيمار
نماند هيچڪس ديگر از تبارِ حسين عليه السلام

---

[1] چاڪاڻ تہ هت جنابِ قاسم بن حسن عليه السلام جن جو ميدان جنگ ۾ پهچڻ جي ذڪر ڪانپوءِ سندن شهادت جو ذڪر ناهي ڪيو ويو تنهن ڪري پڙهندڙن جي معلومات لاءِ اسين هت سندن شهادت جو مختصر احوال هيٺين ريت بيان ڪريون ٿا:
راوي (حميد بن مسلم) چوي ٿو هڪ جوان ميدان ۾ لٿو جنهن جومنهن چوڏهينءَ جي چنڊ مثال هو. جوان جنگ شروع ڪئي، ڪمسنيءَ جي باوجود پنجٽيهہ (35) ڄڻا دوزخ پيڙا ڪيائين ان ڏي وٽ ۾ ابن فُضيل ازدي (منتهي الآمال جي روايت مطابق عمرو بن سعد) مٿس تلوار جو وار ڪيو جنهن سان سندس مٿو ڏري پيو منهن ڀر زمين تي ڪرندي فرياد ڪيائين "چاچا سائين!..." امام حسين عليه السلام سندن دانهن تي ڪنهن باز وانگر ميدان ۾ پهچندي شينهن جيان سندس قاتل تي حملو ڪيو. قاتل پاڻ بچائڻ لاءِ سندس هٿ اڳتي ڪيو جيڪو ٽوٽ کان ڪپجي ويس تنهن تي هن رڙ ڪندي سندس ساٿارين کي سڏ ڪيو جيڪي سندس جياپي لاءِ اچي پهتا. پر هو بدبخت گهوڙن جي سنبن هيٺيان لتاڙجي مئو. راوي ٿو چوي تہ مون ڏٺو تہ امام حسين عليه السلام ان جوان جي سيراندي ۽ کان بيٺا آهن. جنهن زمين تي کرڙيون پئي هنيون. ان حال ۾ امام پئي فرمايو: الله تعاليٰ انهن ماڻهن کي پنهنجي رحمت ۽ عنايت کان پري رکي، جن توکي ڪُٺو آهي، قيامت جي ڏينهن تنهنجو نانو ۽ ڏاڏو تنهنجي قاتلن سان جهيڙيندا. ان کان پوءِ فرمايو: خدا جو قسم! تنهنجي چاچي لاءِ اها ڳالهہ نهايت سخت ۽ ڏکي آهي جو تون کيس فرياد ڪرين تہ هو توکي سڏ نہ ورائي سگهي ۽ جيڪڏهن سڏ ورائي تہ تنهنجي مدد نہ ڪري سگهي ۽ جيڪڏهن مدد ڪري تہ توکي ان جو فائدو نہ ٿي سگهي. الله جو قسم اڄ اهڙو ڏينهن آهي جو تنهنجي چاچي جا دشمن گهڻا ۽ واهرو گهٽ آهي.
ان کانپوءِ هن جوان کي پنهنجي سيني لائيندي کڻي سندن پاڪ خاندان جي ٻين شهيدن سان زمين تي ليٽايائون.
(حوالو: لهوف: سيد بن طاووس ص 141/منتهي الآمال ج اول ص99_698)

حسين ؑ کانپوءِ سندن پوٽر خاندان منجهان،
پاڪ پرديدارن ۽ هڪ بيمار ٻچڙي کان سواءِ ڪوبه ناهي رهيو.

(2)

حسين ؑ گريه کنان، در وِداعِ فرزندان
ستاده لشکر بيحد، در انتظارِ حسين ؑ

حسين ؑ سندن نياڻين کان روئندي موڪلائين ٿا
۽ ٻئين پاسي ساڻن جنگ جهيڙڻ لاءِ تمام وڏو لشڪر سندن
انتظار ۾ آهي.

## جنن ۽ پَرين جو سردار "زعفر زاهد"
## امام حسين ؑ جي مدد لاءِ ڪربلا ۾

شاهزادي (امام حسين ؑ) اڃان حملو ڪرڻ ئي ٿي چاهيو ته هڪ ڌُوڙ اٿي، ايتري گهاٽي جو هَٿُ هَٿُ ڪيَ نه ڏسي سگهي، ان ئي دوران عجيب ۽ پوائتن مهاندن سان هڪ شخص، جيڪو ڪنهن اهڙي جانور تي سوار هيو جنهن جي منڍي ۽ اڳيان پير گهوڙي جا، جڏهن ته پٺيان پير اُٺ جي پيرن وانگر هئا. امير المومنين حسين ؑ جن جي خدمت ۾ پهچي هنن لفظن ۾ سلام ڪيائين. اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ وَ عَلٰی جَدِّكَ وَاَبِيكَ وَاُمِّكَ وَاَخِيكَ. يعني: توهان تي سلام هجي ۽ توهان جي ناني سائين، بابي سائين، امڙ سائڻ ۽ توهان جي ڀاءُ تي پڻ سلام هجي. امير المومنين امام حسين ؑ سندن سلام جي موٽ ڏيندي پڇيو: اي سياڻا! تون ڪير آهين، جو هھڙي وقت ۾ مظلومن، لاچارن ۽ غريبن کي پيو سلام ڪرين؟ عرض ڪيائين: اي فرزندِ رسولِ خدا! آءٌ جنن ۽ پرين جو سردار ۽ سيد الانبياء آخر الزمان (ﷺ) جو ڀانهو ۽ شاهِ مردان مولا علي ؑ جو نوڪر "زعفر زاهد" آهيان، هن بيابان منجهه منهنجو لشڪر پڻ موجود آهي. اوهان جي بابي سائينءَ "بيرالعلم" جي ماڳ تي سندن ذوالفقار جي وار سان جنن ۽ ديوَنِ کي مسلمان بڻائي منهنجي پيءُ کي هنن تي حاڪم مقرر ڪيو هو. بابي جي

فوتيءَ کان پوءِ هاڻ اهي سمورا منهنجي فرمان هيٺ آهن. هيئنر توهان جي حڪم [ص٦١] جي دير آهي، بس حڪم ڪريو تہ هنن سمورن کي تباھ ۽ هلاڪ ڪري رکان.

نظم:

دوستان را شادگردانم بفرمانِ خدایی
وین ستمکارانِ سرکش را دراندازم زپایی

يعني:

الله جي حڪم سان سڄڻن کي سَرهو ڪريان ۽ هنن ظالم سَرڪشن کي سندم پيرن هيٺان چيپاٽي ناس ڪريان.

## امام حسين ؑ جي سندن دشمنن سان عدالت

اميرالمومنين امام حسين ؑ جن فرمايو: اي زعفر! الله تعاليٰ تو کي بهترين اجر عنايت ڪري، توهان (جنن) کي انسانن سان جنگ ڪرڻ جو حڪم ناهي، ڇاڪاڻ تہ توهان جو جسم لطيف آهي، جنهن کي ڏسي نٿو سگهجي، هو توهان کي نٿا ڏسي سگهن، جڏهن تہ توهان هنن کي ڏسو ٿا ۽ ان حالت ۾ توهان هنن کي قتل ڪريو اهو ظلم ٿيندو ...... باقي رهي اها ڳالهہ تہ ملائڪن ناني سائينءَ جي خدمت ۾ پهچي بدر ۽ حنين جي جنگين ۾ شريڪ ٿي ڪافرن سان جنگ ڪئي، اهو الله تعاليٰ جو حڪم هيو تون هيئنر پنهنجي گهر موٽي وڃ. زعفر منٿ ڪندي عرض ڪيو: اي اسان جا سيد ۽ سردار! اسان هنن اڳيان انساني صورت ۾ اچون، اهڙيءَ طرح جيڪڏهن اسان جي قوم منجهان ڪي مارجن تہ توهان جي راھ ۾ شهادت ماڻين. امير المومنين امام حسين ؑ جن فرمايو: اي زعفر! الله تعاليٰ توکي جزاءِ خير عطا ڪري، منهنجي دل دنيا جي زندگيءَ کان پرجي ويئي آهي، مون خواب ڏٺو آهي تہ اڄ پنهنجي پالڻهار جي لقاءَ کي پهچندم، تون منهنجي ڪري موٽي وڃ ۽ هن قوم جي آڏو نہ اچ. زعفر موٽي ويو ۽ پوءِ اها ڏڌڙ ۽ غبار ختم ٿي ويو.



Scanned with CamScanner

## امام حسين عليه السلام جي آخري لمحن ۾ تبليغ

امام اسماعيل بخاري چوي ٿو تہ جڏهن ڀنهي جهانن جو شهزادو ۽ فرزندِ رسولِ الثقلين صلی الله علیه وآله (سندن جسم مبارڪ تي زخم کائي) ڪري پيو تہ هڪ شخص کين قتل ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيو تہ امير المومنين امام حسين عليه السلام ڏانهسِ ڏسندي فرمايو: هليو وڃ تون منهنجو قاتل ناهين. مون کي تنهنجي دوزخ پوڻ تي افسوس ٿو ٿئي، تنهن تي اُن شخص روئندي عرض ڪيو: اي فرزندِ رسول الله (صلی الله علیه وآله)! ههڙي هن حال منجهہ بہ توهان کي اسان جي ڳڻتي آهي تہ اسان دوزخ ۾ نہ سڙئون!؟ ايئين چئي، اها ترار جيڪا امام جي قتل لاءِ کنئي هٽائين، اها لوڏيندو ڀوڙندو ڊوڙندو عمر ابن سعد وٽ پهتو. ابنِ سعد پڇيس [ص٦٢] ڇا ڪيئي؟...... امام حسين عليه السلام جو ڪم پورو ڪيئي؟ هُن وراڻيو هت آيو آهيان تہ جيئن تنهنجو ڪم پورو ڪيان ۽ ان سان ئي ترار سڌي ڪري ابن سعد تي اُلَرَ ڪيائين، پر عمر ابن سعد جا نوڪر ڪيس چوڌاري ورائي ويا، مٿس حملو ڪري ڏاڍو زخمي ڪري وڌائونس. هن امير المومنين امام حسين عليه السلام جن ڏانهن رخ ڪندي عرض ڪيو: اي فرزند رسولِ خدا! گواهہ رهجو هنن مون کي توهان جي محبت جي گهٽيءَ منجهہ ڪُٺو آهي، سڀاڻي منهنجي سار لهي پنهنجي لشڪر جي شهيدن ساڻ بهشت نِجو. امير المومنين اُتان ئي آواز ڏنو تہ دلجاءِ ڪر، ايئين ئي ڪندس.

نظم:

چون برسرِ کُويِ مِهرِ من کشته شدي
زعهدۂ خون بهات بسر آيم من

جڏهن تون منهنجي محبت جي ڳليءَ ۾ ڪُٺو آهين،
تہ پوءِ تنهنجو خون بها بہ منهنجي ذمي آهي.

## امام حسين عليه السلام جي شِمر ملعون سان آخري گفتگو

هڪ روايت موجب حضرت اميرالمومنين عليه السلام جڏهن زمينِ

ڪربلا تي ڪِريا تہ زمين ڏُڏي ويئي ۽ آسمان منجهان فريادون اچڻ لڳيون. تانجو لشڪر منجهان ڪجھہ ماڻهو پيادا ٿيا ۽ سندن تلوارون ڪڍي اڳتي وڌيا. انهن مان هر هڪ اهو ئي ٿي چاهيو تہ اڳرائي ڪري شاهزادهءِ ڪونين جو سِرُ وڍي انعام ۽ خلعتون ماڻي. ان صورتحال ۾ جيڪو بہ اڳتي پئي وڌيو امير المومنين امام حسين عليه السلام جن سندن نيڻ ڪولي ڏانهنس پئي ڏٺو تہ هو شرم کان پٺتي پئي هٽي ويو ايستائين جو رُڳا بہ ڄڻا وڃي بچيا: "سنان ابن اَنَس" ۽ "شمر ذوالجوشن" عَلَيهِمَا اللَّعنة" هر هڪ اڳرائي ڪرڻ پئي چاهي، پر شمر ملعون هن کان گوءِ ڪٽندي اڳتي وڌي امام حسين عليه السلام جي سيني تي چڙهي ويٺو. امام مظلوم اکيون کولي فرمايو: تون ڪير آهين؟ هو وراڻيو: آءٌ آهيان شمر ذوالجوشن. امام حسين عليه السلام فرمايو: پنهنجي مُنهَن تان زِرَهہ تہ هٽاءِ ....... جيئن ئي هن مُنهَن اگهاڙو ڪيو تہ سوئر جي ڏندن وانگر سندس ڏند وات منجهان ٻاهر پئي لڙڪيا. امير عليه السلام فرمايو: بهرحال هڪ نشاني تہ صحيح آهي، ان کان پوءِ فرمايو: پنهنجو سينو ظاهر ڪر. [ص٦٣] هن جڏهن سيني تان ڪپڙو هٽايو تہ سندس سيني تي ڪوڙهہ جا داغ نظر آيا. امام فرمايو: منهنجي ناني سائين رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جن جي سچائيءَ جو هيءُ ٻيون اُهڃاڻ آهي جواڄ رات مون کي خواب ۾ فرمايائون تہ توهان سياڻي ظهر جي نماز اسان ...ا پڙهندؤ ۽ توهان جو قاتل اهڙين آرين پارين هوندو ۽ اهي سموريون نشانيون تو منجهہ موجود آهن. سو هاڻ تون پنهنجي ڪِرتِ ڏيکار. اي شمر! خبر اٿئي اڄ ڪهڙو ڏينهن آهي؟ هن چيو: ڇاڻان ٿو جمعي جو ڏينهن ۽ محرم جي ڏهين تاريخ آهي. امام فرمايو: خبر اٿئي تہ هينئر ڪهڙو وقت آهي؟ چيائين: هائو معلوم اٿم تہ خطبي پڙهڻ ۽ جمعي جي نماز جو وقت آهي. امام فرمايو: ناني سائينءَ جي امت جا خطيب منبر جي بلنديءَ تان جمعي جو خطبو ۽ ناني جي نعت پڙهن ٿا ۽ تون مون سان هي سلوڪ روا رکيو آهي! اي شمر! حضرت رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جن تہ منهنجي سيني تي سندن منهن مبارڪ رکندا هئا ۽ تون اُنَ



Scanned with CamScanner

سيني تي چڙهي ويٺو آهين. پاڻ سڳورا (ﷺ) منهنجي ڳل کي چُمندا هئا ۽ تون اُنَ ڳل تي تکي تلوار پيو هلائين ۽ آءٌ ڏسان ٿو ته حضرت ذڪريا پيغمبر عليٰ نَبِيِّنَا وَ ؑ منهنجي ساڄي کان بيٺا آهن ۽ حضرت يحيٰ معصوم عليٰ نَبِيِّنَا وَؑ کي پنهنجي کابي کان ڏسان ٿو. اي شمر! منهنجي سيني تان اُٿي پري ٿي، جو نماز جو وقت آهي ۽ آءٌ قبلي رخ ٿي نماز ۾ مشغول ٿيان ۽ پنهنجي بابي سائينءَ جي ميراث ماٺيندي نماز جي حالت ۾ زخمي ٿيان. جڏهن آءٌ نماز ۾ مصروف ٿي وڃان ته پوءِ جيڪي ڪاروائي ڪرڻي هجيئي، ڪجانءِ شمر "سيد" جي سيني تان اٿيو... مظلوم شهزادي منجهه صرف ايتري ئي سگهه هئي جو قبلي رُخ ٿي نماز منجهه مشغول ٿيا. جڏهن سرسجدي ۾ رکيائون ته شمر، الله تعاليٰ هن جي قبر باهه سان پري، کان صبر نه ٿيو جو امام مظلوم نماز ڪٿي پوري ڪن، سندن پهرين ئي سجدي ۾ خنجر جي وار سان شهيد ڪري وڌائين اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْنَ-[ص۶۴]

نظم:

(1)

باچنين سنگدليها که از آن قوم آمد
از هوا سنگ نه باريد زهي دهر ستمگر

هن ٽولي پاران اهڙي پٿر دليءَ جو مظاهرو ڪيو ويو! پوءِ به هنن ظالمن تي آسمان مان پٿر ڪونه وَٺا؟

(2)

اين چنان واقعه حادث وانگاه هنوز
چرخه گردان فلک، روشن خورشيد انور

اهو واقعو اهڙو ته هيو جو اُن تي اڄ تائين نوراني سِجُ فلڪ جي چوڌاري چڪر ايل آهي.

## عالم فطرت ۾ ماتم

ان وقت ملائڪن کان سندن عبادتون ڇڏائجي ويون، منجهن

دانهون ۽ واويلا جون رڙيون پئجي ويون، عالم عظمت ۽ جبروت جي فرشتن ۾ ڳوڪرا ۽ ڪهرام مچي ويو ان صدمي جي خبر سان ”سج“ جا هٿ پير ٺري ٺڪر ٿي ويا. ”چنڊ“ سندس اکين جو سوجهرو وڃائي ويٺو جناب زهراء (عليها السلام) جي ”زُهره“ مثال دل خوشين تان هٿ کڻي ويئي، ”زحل“ مصيبت جي مارين جي غم ۾ شرڪت ڪندي آسمان جي ستن ئي ماڙين تي سوڳ ۽ عزاداري جو علم بلند ڪيو زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ رهڻ وارا فرشتا پار ڪيڏي پئي رُنا. ڪربلا جي پرپاسي ۾ آباد جِنن هيانءُ ڏاريندڙ رڙيون پئي ڪيون، آسمان رت سان ريٽو ٿي ويو زمين کي الاهي عذاب جو سوچي سيئاندو وٺي ويو پکي پکڻ آکيرا ڇڏي وڳر وساري ڪٺو ڪٺو ٿي، ڪيهاڻ ڪرڻ لڳا. مڇيون پڙڪا کائي درياهہ کان ٻاهر سُڪ تي اچي ڦٿڪڻ لڳيون. دريائن حسرت منجهان سندنلهرن کي فلڪ جي اوچائيءَ تي پهچائي هيٺ پئي هنيو ڏونگرن گوندر وچان رديليون دانهون ۽ پيڙا منجهان پار پئي ڪيا. اهڙيءَ طرح هر ڪنڊ پاسي کان روئڻ جا آواز پئي آيا. ڪوبہ ان قضيئي کي پروڙي نہ سگهيو تہ اهي روئڻ وارا ڪير آهن ۽ اها عزاداري ڪٿي پئي ٿئي.

نظم:

(1)

اندرین غم نه همین ارض و سما بگریستند
کاهلِ عالَم از ثریا تا ثري بگريستند

هن غم ۾ رڳو زمين ۽ آسمان نہ رُنا.
بلڪ زمين کان آسمان تائين ڪُلُ عالَم رُنو.

(2)

آفتاب و ماه و عرش و کرسي و لوح و قلم
در غم شاهِ شهيدِ کربلا بگريستند

حضرت شاهہ (عليه السلام) شهيدِ ڪربلا جي غم ۾
سج چنڊ ۽ عرش ڪرسي ۽ لوح و قلم رُنا.



Scanned with CamScanner

(3)

در هوائي آن لب محروم از آب فُرات
ماهي اندر آب مرغ اندر هوا بگريستند

فُرات نديءَ جي پاڻيءَ کان نِرهه ٿيل چپن جي محبت ۾ پاڻيءَ اندر مڇيون ۽ هوا منجهه پکي رُنا.

(4)

اوليا گشتند بهرِ مرتضيٰ عليه السلام زاري کنان
انبيا بر اتفاقِ مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم بگريستند

اولياء ڪرام حضرت مرتضيٰ عليه السلام لاءِ رُنا ۽ انبياء ڪرام عليهم السلام جناب مصطفيٰ (صلي الله عليه وآله وسلم) جي غم ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ رُنا.

(5)

درِ قُصورِ جنتُ الفردوس حوران سر به سر
از براي خاطر خيرُ النسا عليها السلام بگريستند

جنتِ فردوس جي محلاتن منجهه جناب فاطمه خَيرُ النِساءِ سَلَامُ اللهِ عَلَيهَا جي دلجاءِ لاءِ حورون گڏجي رُنيون.

هن عظيم واقعي تي جناب احمدِ مختار عَلَيهِ وَآلِهِ وَاَصحَابِهِ صَلَواتُ اللهِ المَلِكِ الغَفَارِ جي پيروڪارن جون دليون [ص٦٥] حيرت ۽ اچرج جي دائري منجهه سرگردان آهن ۽ اهلبيت عليهم السلام جا محب هن سُورائتي سانحي جي ظهور تي ڪنهن ڳوڙهيءَ ڳڻتيءَ ۽ وڏي ويچار منجهه غرق ۽ گوندر ول ۾ وڪوڙجي ويا آهن. جڏهن بہ هن قصي جي آگ جا اُلا سيني منجهه اٿن ٿا تہ وادوڙين جون دليون ڪباب ٿين ۽ جگر جيرا جليون پون.

نظم:

(1)

بر فلک دوش از خروشِ من دلِ اختر بِسُوخت
شعله آهم چو پروانه، ملک را پَر بسوخت

منهنجين اُپ ڏاريندڙ دانهن آسمان تي ويٺل ستارن

جون دليون ڪباب ڪري ڇڏيون (۽) منهنجي آهہ جي اُلن ملائڪن جا پَرَ ساڙي رکيا.

(2)

زاهد از سوز غمش لب خشک، صوفي ديده تر
آه زين آتش که چون زد شعله خشک و تُر بِسُوخت

سندن هاجي تي "زاهد" جا چپ سُڪل آهن ۽ "صوفيءَ" جون اکيون آليون آهن. ها!
اها آگ جڏهن جو لڳي تہ ان جي اُلن هر-سُڪي ۽ آلي کي ساڙي ڇڏيو.

## ذوالجناح خيمي گاهہ ڏانهن

"احمد اعثم ڪوفي" سندس تاريخ ۾ لکي ٿو تہ اميرالمومنين امام حسين ﷺ جي قتل سان هڪ ڳاڙهو غبار ڏسڻ ۾ آيو ۽ جهانَ تي اُوندهہ ڇانئجي ويئي، جو ماڻهو هڪ ٻئي کي نٿي ڏسي سگهيا، ڪين گمان ٿيو تہ عذابِ الاهيءَ جو مهاڳ آهي، پر ڪجهہ دير کان پوءِ غبار ختم ٿيو دنيا ديکڻ لائق ٿي، تہ اکين ڏٺو تہ امام حسين ﷺ جو گهوڙو سندن شهادت کان پوءِ تاهُ ڪائي جَولاَن ۽ ڇالَ ڏيڻ لڳو ۽ جهڻ کان پوءِ سندس بشڪون (نراڙ جا وار) امام ﷺ جي رت سان رڱيون ڪري نيڻن منجهان نير وهائيندي اميرالمومنين امام حسين ﷺ جي خيمي ڏانهن رخ رکيائين. جڏهن امام ﷺ جي گهر ڀاتين گهوڙي کي رتُ هاڻي روپ ۾ سندس سوار کان سواءِ ڏٺو تہ منجهن رڙيون پئجي ويون. گهوڙي کي خطاب ڪندي چيائون: اي ذوالجناح! شاهزادي کي ڪيڏانهن ڪيئي؟ تون ايئين ڪيئن موٽي آئين؟ تنهنجي دل تو کي ڪيئن اجازت ڏني تہ تون کين دشمنن منجهہ ڇڏي، لشڪر گاهہ ڏانهن موٽي اچين.

نظم:

(1)

چه کردي خداوندِ اسلام را
چه کردي شهنشاهِ ايام را



Scanned with CamScanner

اسلام جي بادشاهہ کي ڪٿي ڇڏي آيو آهين؟
وقت جي امام کي ڪنهن جي حوالي ڪري آيو آهين؟

(2)

خاڪست اي اسب بر رُوي تو
زخون که سرخ است اين مُوي تو [ص ٢٦]

اي ذوالجناح! تنهنجي مُنهَن ۾ خاڪ جا ڀُڪَ هجن، جو تون اهو لالُ لهو پنهنجي ٻُشڪن تي هٽي آيو آهين.

اهلِ حرم نوحو پئي ڪيو جڏهن تہ ذوالجناح ڪنڌُ جهڪائي اکين منجهان هنجُون هاريندو رهيو ۽ سندس مُنهن امام زين العابدين ﷺ جي پيرن سان ملindو رهيو. "ابو المؤيد" خوارزمي چوي ٿو تہ گهوڙي سندس مٿو ايترو تہ زور سان زمين تي هنيو جو اُتي جو اُتي اُٽ مري ويو. جڏهن تہ "ابوالمفاخر" جو چوڻ آهي تہ گهوڙي بر مُنهُن ڪيو ۽ ان کان پوءِ ڪنهن کي بہ خبر ناهي تہ هن جو ڇا ٿيو؟

## امام ﷺ جي شهادت کان پوءِ شمر پاران خيمي گاهہ ۾ لُٽ مارَ ۽ امام زين العابدين ﷺ جي قتل جي ڪوشش

امام حسين ﷺ جي شهادتِ کان پوءِ شمر مردود سندس ملعون ساٿين سان گڏجي خِيمي گاهہ ڏانهن رُخُ ڪيو ۽ جيڪا بہ شيءِ نظر آئي سا لٽيائون ۽ پاڪ خاندان جي پاڪ ضاعفن کي سندن ڪڙي ۾ ولي گرفتار ڪيائون. ان دؤران شمر عَلَيهِ اللَّعنَة امام زين العابدين ﷺ جي خيمي، جنهن منجهہ پاڻ ٽيڪ لڳايو ويٺا هئا. داخل ٿيو ۽ ترار ڪڍي کين قتل ڪرڻ چاهيو تہ "حميد بن مسلم" چيو: سبحان الله! هن بيمار جوان جي قتل کان تہ مڙي وڃ. ڪجهہ ماڻهن جو خيال آهي تہ "عمر بن سعد" شمر جي ٻنهي ٻانهن کان جهلي چيو: خدا کان شرم نٿو اچئي؟ جو هن بي گناهہ جوان کي قتل ٿو ڪرين. جيڪو مرض جي چار ۾ ڦاٿل ۽ سندس پيءُ، ڀائرن ۽ چاچي جي ڪيس تي روح راڙي ۾ رڏل آهي. نيٺ "ابن سعد" جي اصرار ۽ زور بار وجهڻ تي ان گڏجي



Scanned with CamScanner

ڪم کان پاڻ پليائين ۽ پوءِ شهيدن جا سِرَ ساڻُ ڪري پاڪ خاندان جي ضاعفن کي قيدي بڻائي ڪوفي ڏانهن روانو ٿيو.

## امام حسين عليه السلام جي مدد جي تمنا، بخشش جو باعث

چون ٿا ته ”عَمرو بن لَيث“ خراسان جو بادشاهه هو سندس قاعدو هو ته اميرن منجهان جڏهن ڪو امير سندس سرڪردگيءَ ۾ هڪ هزار مڪمل هٿياربند (فوجي) سوار ساڻ ڪري بادشاهه جي اڳيان پيش ٿيندو هو ته اُن امير کي هڪ سوني ”شاهي عصا“ عطا ڪندو هو. هڪ ڏينهن سمورو لشڪر سندس آڏو پيش ڪيو ويو. سندن دفتري ڪاغذن موجب هڪ سؤ ويهن اميرن کي سوني شاهي عصا ڏني وئي هئي ۽ هر امير جي فرمان هيٺ مڪمل هڪ هزار فوجي سوار هئا. جڏهن اها صورتحال سندس آڏو پيش ڪئي وئي ته ”عَمرو بن لَيث“ روئڻ لڳو ۽ پاڻ کي گهوڙي تان هيٺ ڪٽي ڪيرايائين. مُنهُن زمين تي رکي ڪيتري دير تائين ڍِنڍڪُرن ڏيئي روئندو رهيو ۽ جڏهن ڪافي [ص٦٧] وقت کان پوءِ سامتَ ۾ آيو ته هڪ حُجائتي درٻاريءَ پڇيس ته اي بادشاهه!

نظم:

اين نه وقتِ گريه و فرياد تست
وقتِ شادي و مبارڪبادِ تست

هيءُ وقت توهان لاءِ روئڻ ۽ فرياد ڪرڻ جو نا هي،
بلڪ هيءُ ته خوشين ۽ واڌاين جو وقت آهي.

هڪ وسيع حڪومت، امير ۽ وزير توهان جي حڪم جي تعميل لاءِ تيار! ان کان سواءِ توهان جي اقتدار جي بُستانَ ۾ هڪ لکُ ويهه هزار هٿياربند سوارن جي اختيار جي ٿارِي توهان جي هٿ ۾ آهي! پوءِ هي روئڻ ڇا لاءِ؟ عَمرو بن لَيث وراڻيو: مون جڏهن پنهنجي لشڪر کي مڪمل هٿيارن سان لَيس ڏٺو. سندم نوڪرن چاڪرن کي پنهنجن پنهنجن ڪمن ۾ مشغول ۽ لشڪر جو ميدان منجهه مشاهدو ماڻيم ته



Scanned with CamScanner

فوراً منهنجي مَنَ ۾ ڪربلا جو خيال اچي ويو ۽ دل ۾ ارمان ۽ حسرت پيدا ٿيم تہ جيڪر آءٌ هن جنگجُو ۽ ويڙهاڪ لشڪر سوڏو ڪربلا جي خوني رڻ منجهہ هجان ها. جڏهن شاهزادهءِ ڪونين امام حسين عليه السلام دشمنن جي لشڪر منجهہ بي يارومددگار ۽ پريشان هئا تہ آءٌ هي لشڪر ساڻ ڪري سندن خدمت ۾ حاضر ٿي، اهلبيت عليهم السلام جي دشمنن کان پلاند وٺان ها ۽ پوءِ يا تہ سر صدقي ڪريان ها يا وري فتح ۽ نصرت جو مارڳُ وٺي ڪا منزل ماڻيان ها.

نظم:

اي ڪاش در آن سفر صبامي بودم
با قومِ يزيد در وغا مي بودم
تا از شُهداء ڪربلا مي بودم
يا در قدمي آل عَبا مي بودم

آءٌ جيڪر ان سفر ۾ حضرت امام حسين عليه السلام سان گڏ هجان ها ۽ يزيدين خلاف ميدان جنگ ۾ پوري عشق سان وڙهان ها، تہ جيئن آءٌ ڪربلا جي شهيدن جي فهرست منجهہ شامل ٿيان ها. يا وري آلِ عَبا عليهم السلام جي خدمت ۽ چاڪريءَ لاءِ (جيئرو) هجان ها.

قصو ڪوتاهہ ان جوان مرد بادشاهہ کي سندس وفات کان پوءِ خواب ۾ ڏٺو ويو: مٿي تي جواهردار تاج رکيل ۽ هيرن جڙيل ڪمربندُ چيلهہ سان ٻڌل. جنت کان آيل سواريءَ تي جَلوَي افروز سندس اڳيان اڳيان نازُڪ بدن غِلمانَ ۽ سندس ساڄي کاٻي کان خوبصورت جوان ٻوڙي رهيا آهن. کانئس پڇيو ويو: اي امير! وفات کان پوءِ توهان سان ڇا ٿيو؟ چيائين: الله تعاليٰ مون کي بخشي ڇڏيو ۽ مُنڪَر نَڪيرَ کي مون کان راضي ڪيو ڇاڪاڻ تہ مون پنهنجي لشڪر اڳيان شاهہ شهيدِ ڪربلا عليه السلام جي مدد جو خيال دل ۾ آندو [ص٦٨] جڏهن مون شهيد سان محبت ۽ عشق جو اظهار ڪيو ۽ انهن مظلومن جي حوالي سان سندم دل تي جيڪا گذري، ان ڪري الله تعاليٰ مون تي اها عنايت ڪئي...... ان ڳالهہ منجهان اهو نُڪتو نِڪتو تہ جيئن ئي ڪنهن



Scanned with CamScanner

شخص جي دل ۾ حضرت امام حسين عليه السلام جي محبت پيدا ٿئي ٿي ته اها ان شخص جي نجات ۽ درجات جي بلنديءَ جو ڪارڻ ٿئي ٿي، سو بلا شڪ شهيدن جي جزا (جنت جا) بلند ۽ بالا گهر ۽ عالي درجا هوندا.

نظم:

(1)

شهيدان رابه چشم ڪم مَبين ڪايشان بِهَر زخمي
ڪه اينجا يافتند، آنجا ز رحمت مرهمي دارند

شهيدن کي گهٽ نظر سان نه ڏس، ڇاڪاڻ ته اهي هر ڦَٽَ جي موٽ ۾ جيڪي هِتان مليا اٿن، هُت الله تعاليٰ جي رحمت جو مرهم ماڻيندا.

(2)

اگر رفتند با درد و الم، زين عالم ناخوش
بِه دارالخلد بي درد و الم خوش عالَمي دارند

جيڪڏهن (اهي شهيد) هن پيڙا ۽ مصيبت جي جهان ۾ غم ۽ گوندر منجهه گذاري ويا، ته پوءِ اهي جنت ۾ بنا درد ۽ غم جي خوش گذاريندا.

## سياڳوءِ ملڪوتي وڻ

"شواهدالنبوت" ۾ مذڪور آهي ته زمخشريءَ ڪتاب: "ربيعُ الابرار" ۾ "اُمِّ معبد" جي پاليجي "هند"● کان روايت ڪئي آهي: چوي

● 'شواهد النبوت' جي اردو ترجمي ص 117 تي "هند" کي امِّ معبد جو ماساٽ ڄاڻايو ويو آهي. جڏهن ته بيدل سائينءَ (رحمة الله عليه) جي ماخذ: "روضة الشهداء" قلمي فارسي ڪاتب: محمد علي ابن يوسف علي ساڪن قصبه "شڪر" (عبدالحسين موسوي وٽ پيل) ص 241 تي پاليجو ڄاڻايل آهي. جنهن جي تائيد ڪتاب: 'بحار الانوار' علامه مجلسي رحمة الله عليه (بحوالا: سيد الشهداء ليکڪ: شهيد محراب آيت الله سيد عبدالحسين دستغيب رحمة الله عليه ص 136، ڇاپو: پنجون ايران) منجهان پڻ ٿئي ٿي. ان ڪانسواءِ روضة الشهداء اردو ترجمو صائم چشتي جلد نمبر 2، ص 370 پڻ پاليجو ڄاڻايل آهي. ان ڪانسواءِ ڏسندا، ڪتاب: 'جلاءُ العيون' فارسي تاليف: علامه محمد باقر مجلسي رحمة الله عليه ڇاپو: قم (ايران)، ص 462.



Scanned with CamScanner

تو تہ رسول الله ﷺ جن منهنجي خيمي ۾ آرام فرما ٿيا، جڏهن ننڊ مان سجاڳ ٿيا تہ پاڻيءَ جي گهر ڪيائون. پاڻيءَ سان سندن هٿ مبارڪ ڌوتائون ۽ ڪرڙي ڪيائون، جنهن جو پاڻي خيمي جي پرسان هڪ ڪنڊائين وڻ جي پاڙ ۾ هاريائون. صبح جو اٿي ڏٺوسين تہ ان جاءِ تي هڪ وڏو ۽ ڦريل وڻ پيدا ٿي چڪو آهي، ايئين پئي لڳو تہ اهو وڻ ڪيترن ئي ورهين کان اتي بيٺل آهي.

نظم:

بوي او چون بوي عنبر
طعم او چون طعم شهد[1]

يعني:

سندس سُرهاڻ عنبر مثال ۽ سندس مزو ماکيءَ مِثل.

جيڪڏهن بکايل کائي تہ ڍاپي، پياسو پيئي تہ اُڃ اُجهيس، جي اگهو واپرائي تہ سگهو ٿئي ۽ ڏاچي ۽ رڍ (وغيره) سندس پن کائن تہ کير گهڻو ڪن. ان لاءِ سندس نالو "سياڳو وڻ" رکيوسون. بهرحال مڙني تبيلن جا ماڻهو ۽ ان سان لاڳاپيل قبيلا بيمارن جي شفايابيءَ لاءِ اسان وٽ اچي ان وڻ مان ميوو پٽي کائيندا هئا. هڪ ڏينهن صبح جو ڏٺوسون تہ ان وڻ جو سمورو ميوو پٽ تي ڪريل آهي ۽ پنَ سڪي ويا آهن. ڏاڍو رُنا پِٽياسون، تہ اوچتو رسول الله ﷺ جن جي وصال جي خبر پهتي. ان کانپوءِ منجهس ٿورو ميوو ٿيڻ لڳو جڏهن ان واقعي کي ٽيهہ ورهيہ وَرِي آيا تہ هڪ ڏهاڙي ڏٺو سون تہ سندس پنجن ٽارين تي ڪنڊا ڦُٽي آيا آهن ۽ سندس ميوو هيٺ ڪريل آهي.

ان صورتحال کان فوراً پوءِ امير المومنين علي ؑ جن جي قتل جي خبر [ص۹۶] پهتي سون. ان کان پوءِ اُن وَڻَ ميوي ڏيڻ کان بَسِ ڪئي، پر سندس پنن منجهان فائدو وٺندا رهياسون، مريضَ صحتَ

---

[1] روضة الشهداء قلمي فارسيءَ ۾ ص 241 تي "شهد" بجاءِ "قند" لکيل آهي.



Scanned with CamScanner

ماٺيندا رهيا. ايستائين جو هڪ ڏينهن صبح جو ڏٺوسون تہ سندس ٿُڙَ منجهان خالص خونُ جاري آهي ۽ پَنَ ڪومايل آهن. چيو سون آهاِ هن پيري ڪو عظيم حادثو واقع ٿيو آهي. جڏهن رات ٿي تہ وڻ هيٺيان نوحي ۽ روئڻ جو آواز ٻڌوسون. پر ڪوبہ ڏسڻ ۾ نہ ٿي آيو. اسان نهايت ڏکايل. پريشان. غمگين ۽ دلگير ھئاسون تہ اوچتو اميرالمومنين امام حسن عليه السلام جي قتل جي خبر اچي پهتي. ڏاڍو رُناسون. هاءِ گهوڙا ڪئي سون ۽ عزاداريءَ جون رسمون ادا ڪيون سون.

نظم:

اين زمانِ محنت است، اي دل دمي خورم مباش

خون گري درماتمِ اُو و ز درختي کم مباش

هيءُ رنج ۽ غم جو وقت آهي، اي جيئڙا! (سُکيو رهڻُ) ڇڏي ڏي.

سندن غم ۾ رَتُ روئڻ جي ميدان منجهہ هڪ وڻ کان تہ پُٺتي نہ رَهُہ.

**خون حسين عليه السلام جو معجزو**

"ڪنزالغرائب" ۾ روايت آهي[1] تہ ڪنهن يهوديءَ کي هڪ نياڻي هئي. جيڪا نهايت سهڻي پڻ هئي. اوچتو ڪنهن مرض ۾ مبتلا ٿي ۽ ٻنهي اکين کان ويهجي ويئي ۽ ان ڪانسواءِ ٻيون بيماريون پڻ وڪوڙي ويس. جن جي ڪري. هٿن پيرن ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنس. پٽس آب و هوا ۽ ماڳ جي تبديليءَ لاءِ شهر کان ٻاهر هڪ باغ ۾ رهائڻ لاءِ وٺي ويس تہ شايد مرض ۾ ڪجهہ فرق پويس. ڇوڪري باغ ۾ رهڻ لڳي ۽ پٽس سندس ٽهل ٽڪور لاءِ هر وقت حاضر پئي رهيو ۽ ساٿس ڪچهريون ڪري ڪيس دلجاءِ ڏيندو هو. ان دوران ڪنهن ضروري

[1] اها روايت لفظن جي ٿوري متاسفا سان هنن ڪتابن ۾ پڻ موجود آهي: معالي السبطين في احوال الحسن و الحسين (اردو ترجمو) آقاي محمد مهدي مازندراني ص: 97 کان 100/ الوقايع و الحوادث (فارسي) از محمد باقر ملبوبي جلد سوم. قسمت دوم. طبع چهارم ايران. ص: 273 کان 275.



Scanned with CamScanner

ڪم لاءِ هن ڪي ان باغ ۾ اڪيلو ڇڏي شهر نڪري ويو. اتفاق سان همراهه جو ڪم اُڪِلي نہ سگهيو ۽ رات شهر ۾ ئي ٽڪي پيو ۽ ڌيڻس ان باغ ۾ هڪ وڻ هيٺيان اڪيلي رات گذاري. صبح جو سوير ڪنهن ٻئي وڻ تان هڪ پکيءَ جو آواز ٻڌائين. جيڪو زارئون زار رُنو پئي، ڇوڪري، جيڪا سندس مرض کان تنگ آيل هئي، پکيءَ کي ڏسي هن ڏانهن متوجہ ٿي تہ سندس مَنَ منجهِہ هڪ عجيب درد جو احساس ٿيو ۽ ان پکيءَ جي آواز تي رِڙهندي رِڙهندي ان وڻ هيٺيان پهتي. ان جي باوجود جو انڌي هئي. [ص۷۰] منڍي مٿي ڪري وڻ ڏانهن متوجہ ٿي تہ اوچتو هڪ گرم ڦڙو ٽمي سندس اک ۾ اچي ڪريو تہ سندس اک ۾ سوجهرو پيدا ٿيس. ڏٺائين تہ ان پکي جي پَرن منجهان ڦڙا ٽمن ٿا، ايتري ۾ ٻيو ڦڙو سندس هٿ تي ڪريو جيڪو سندس هٿ ۾ جذب ٿي ويو تہ هن جلديءَ ۾ هٿ کڻي اڳتي ڪيو جيئن ٽي ڦڙو سندس هٿ تي آيو تہ هن ٻئينءَ اک تي ملي ڇڏيو جنهن سان ان اک ۾ پڻ نور جو اولڙو اچي ويس. اهڙيءَ طرح هڪ ٻيو قطرو هٿ تي وٺي ٻئين هٿ تي مليائين تہ ان هٿ منجهہ حرڪت پيدا ٿي پيس، هڪڙي قطري سان پيرن جي مالش ڪيائين، تہ ڇوڪري تندرست هٿين پيرين سنئين ۽ نابينا مان بينا ٿي، اُٿي باغ ۾ گهمڻ لڳي ۽ هيڏانهن هوڏانهن چڪر ڏيڻ لڳي. ايتري ۾ پڻس موٽيو ڏٺائين تہ ڪا ضاعفان باغ منجهہ سير ڪري رهي آهي. سندس وهم گمان ۾ بہ نہ هو تہ اها ضاعفان سندس ڌيءَ هوندي. هن اچي پڇيو: اي مائي تون ڪير آهين؟ هن وڻ جي هيٺيان اَڌَرنگيَ جي مريضہ، اکين ۽ هٿن پيرن کان لاچار هڪ ڇوڪري ڇڏي ويو هيم، سا ڪيڏانهن ويئي؟ ڇوڪريءَ پيءُ جي ويجهو اچي چيو: "يا اَبتاهُ اَنَا اِبنَتُكَ المَعلُولة" يعني: اي بابا! توهان جي اها مريضہ ڌيءَ آءٌ ئي آهيان. پڻس خوشيءَ وچان بي هوش ٿي ويو. جڏهن هوش ۾ آيو تہ ڇوڪريءَ کان ماجرا معلوم ڪيائين. ڇوڪريءَ سمورو سربستو احوال ڪيس ۽ ان وڻ هيٺان وٺي ويس، جتي پکي اڃان ويٺو هيو. يهوديءَ ڏٺو تہ هڪ پکي وڻ تي ويٺل آهي، جنهن جا کنڀ رت ۾ ٻڏل

آهن. هن پکيءَ کي مخاطب ٿيندي چيو: اَيُهَا الطَّيرُ المُبارَكُ مَاحَالُكَ، يعني اي سياڳا پکي! تنهنجن سياڳن ۽ بخت آورپرن تي هي رتُ ڇو آهي ۽ ان رت ۾ شفا جو اثر ڪٿان آيو؟ پکي الهامِ الاهيءَ سان يهوديءَ جي هدايت لاءِ ڳالهائڻ لڳو: ڪالهه جو قصو آهي تہ اسان ڪجهه پکي پکڻ پنهنجن آکيرن منجهان ڇوڪِريءَ جي ڳولا لاءِ ٻاهر نڪري هڪ پاسي هلي پياسون. جڏهن اچي منجهند ٿي ۽ گرميءَ جي ڪري اسان منجهان اڪثر پکي فلاڻي رڻ منجهه هڪ وڻ تي اچي گڏ ٿيا. سڀ ڪربلا (جي ماڳ) جي گرمي ۽ لڪ جا لُوساٽيل هئاسون. سو ان وڻ جي ڇانوَ جي پناهہ ۾ ورتي سون. تہ ايتري ۾ هڪ آواز آيو تہ توهان ٽڏي ڇانوَ جي پناهہ ۾ پهچي وَيئہ جڏهن تہ سمورا آسمان ۽ زمين واسي ماتم ۽ مصيبت ۾ مبتلا آهن ۽ توهان کي پنهنجي چوڳي جي لڳل آهي [ص٧١] ۽ رسولِ خدا ﷺ جا اهلبيتؑ ڪربلا ۾ اُجارا، پريشان ۽ بي يارومددگار آهن. اسان سمورا پرندا، الهامِ الاهيءَ سان، ڪربلا جي پيچري تي پُري پياسون. اُت پهچي پڇڻ تي پروڙ پيئي تہ مظلوم امام حسين ؑ کي قتل ڪري ڇڏيو اٿائون ۽ سندن پاڪ لڱن منجهان اڃان تائين رَتُ جاري آهي. اسان سڀ سندن صدمي ۾ روئڻ لڳاسون. ان دوران امام ؑ جي مٿان مون ڪٽي پاڻ ڇڏيو ۽ سندم لڱ ۽ پَرَ لهوءَ منجهه لالُ ڪري ڇڏيم. هي اهو ئي رت آهي جيڪو منهنجي ڪنين منجهان ڳڙي رهيو آهي ۽ جتي جتي هي رتُ ڦُڙو پوي ٿو اتي خير ۽ برڪت پيدا ٿي پوي ٿي. يهودي اها ڳالهہ ٻڌي چوڻ لڳو: جيڪڏهن امام حسين ؑ جو نانو سائين، مٿن دائمي درود ۽ سلام هجي، حق تي نہ هجي ها تہ سندس اولاد منجهہ هيءَ برڪت ۽ ڀلائي نہ هجي ها ۽ اميرالمومنين امام حسين ؑ جي رَتُ ڦڙن جي برڪت سان منهنجي نياڻي بہ چاڪ نہ ٿئي ها. ان کان پوءِ اهو يهودي سندس سموري خاندان سميت مسلمان ٿيو. جڏهن ڪانئس اسلام آڻڻ جو سبب پڇيو ويو تہ هو نهايت تفصيل سان اهو قصو ڪري ٻڌائيندو هو.



Scanned with CamScanner

نظم:

در قدرتِ خدائي، چُنيها غريب نيست

خدا جي قدرت جي اڳيان اهي عجيب ۽ اَڻ ٿيڻيون ڳالهيون ناهن.

## امام حسين عليه السلام جو سر مبارڪ، خوليءَ جي گهر ۽ ابن زياد جي درٻار ۾

راوي ٻڌائي ٿو چوي ٿو ته امام حسين عليه السلام جو سر مبارڪ کڻي خولي ملعون ڪوفي ڏانهن رُخ ڪيو. سندس گهر ڪوفي کان اٽڪل ڇهن ڪلوميٽرن جي پنڌ تي هيو. ڪوفي پهچڻ کان پوءِ هو گهر ويو. سندس گهر واري "انصاري" قبيلي منجهان هئي ۽ اهلبيت عليهم السلام جي دل ۽ جان سان طرفدار هئي. خوليءَ کي ڪائنس ڊپ هو ان لاءِ هو امام مظلوم جو سر مبارڪ تنُور ۾ لڪائي اچي ساڻس ويٺو. گهر واريءَ پڇيس: ايترا ڏينهن ڪٿي هئين؟ چيائين: هڪ شخص يزيد خلاف بغاوت ڪئي هئي، سو ان سان جنگ لاءِ ويا هئاسون. مائيءَ وڌيڪ ڪجهه به نه پڇيس. اٿي وڃي هن لاءِ ماني کڻي آئي. خولي ماني کائي سمهي پيو پر مائي سندس معمول ۽ عادت مطابق تهجد جي نماز [ص٧٢] لاءِ اٿي، جڏهن تنور واري جاءِ تي پهتي ته ان جاءِ تي تمام گهڻي روشني محسوس ڪيائين. جهٽڪ ڪنهن لڪين ڏيئا ۽ شماعون ٻاري ڇڏيون هجن. غور ڪرڻ تي معلوم ٿيس ته اها روشني تنور منجهان پئي نڪتي، چيائين ته سبحان الله! مون ته تندور ناهي ٻاريو نه وري ڪنهن کي ٻارڻ لاءِ چيو اٿم. پوءِ هيءَ روشني ڇا جي آهي؟ اچان ان ئي اچرج منجهه هئي ته ڏٺائين ته اها روشني تنُدور منجهان نڪري آسمان ڏانهن سفر ڪري رهي آهي، پوءِ ته سندس حيرت اچان وڌي ويئي. اوچتو چار ضاعفون ڏٺائين، جيڪي تنور ڏانهن وڌي رهيون آهن. انهن منجهان هڪ خاتون اهو پاڪ ۽ سياڳو سِرُ تنور منجهان ٻاهر ڪڍي چميو ۽ سندس سيني تي کڻي رکيو ۽ پار ڪڍڻ لڳي: اي جيجل جا مظلوم ٻچڙا! الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن مون کي انصاف پلئه وجهندو ۽



Scanned with CamScanner

تنهنجي قاتلن کان بدلو وٺندو. جيستائين انصاف پلئہِ نہ پوندم عرش کان پاسي نہ ٿيندس. ان دوران ٻيون ضاعفون بہ روئنديون رڙنديون رهيون، نيٺ سر مبارڪ تنور منجھہ رکي اکين کان اوچتيون اوٺ ٿي ويون. هينئر اها نيڪ انصاري خاتون اٿي تنور جي ڪناري تي آئي، سر مبارڪ ٻاهر ڪڍي چڱيءَ طرح تڪڻ لڳي، چاڪاڻ تہ امام حسين عليه السلام جن کي چڱيءَ طرح سڃاڻندي هئي. فوراً امام جو سِر سهي ڪري ويئي ۽ رڙ ڪري بيهوش ٿي ڪري پئي. ان بيهوشيءَ دوران هڪ آواز ڪنن تي پيس تہ اٿي ۽ اتان نڪري وڃ، ڪٿي تون بہ پنهنجي مڙس جي گناهہ جي آوهِہ ۾ نہ اچي وڃين. ان ضاعفان آواز ڏيندڙ کان پڇيو: اهي چار ضاعفان جيڪي تنور تي اچي رُنيون ڪير هيون؟ آواز آيو: اها خاتون جنهن سر مبارڪ کي سندن سيني ۽ منهن مبارڪ سان مليو ۽ پار ڪڍي رُني. سان حضرت فاطمة الزّهراء (عليها السلام) هئي، ٻئين سندن امڙ خديجة الڪبريٰ عليها السلام، ٽئين عيسيٰ عليه السلام جي والده مريم عليها السلام چوٿين ”آسيہ“ فرعون جي گهر واري هئي. ان کان پوءِ مائي، جڏهن هوش ۾ آئي تہ سندس پرسان ڪنهن کي بہ نہ ڏٺائين. سر مبارڪ ٻاهر ڪڍي مشڪ، زعفران ۽ گلاب سان ڌوئڻ کان پوءِ زعفران منجهان تيار ڪيل هڪ اعليٰ قسم جي سرهاڻ ملي، وارن کي ڦٽي ڏيئي، پاڪ جاءِ تي رکي، اچي خوليءَ کي اٿاري چيائين: اي نيچَ ۽ ڪريلَ، ملعونَ، اي لعنتير، ذليلَ ۽ خوار ڪمينا! [ص٧٣] هي ڪنهن جو سِر مبارڪ تنور ۾ رکيو اٿئي؟ اڙي!؟ ...... رسولِ خدا (صلى الله عليه وآله وسلم)! جي پُٽ جو پاڪ ۽ سُرَهو سِرُ ؟!! اٿي پري ٿي، آسمان ۽ زمين ۾ ڪهرام مچي ويو آهي، ملائڪن جي ٽولن جا ٽولا، نهايت ادب ۽ عقيدت سان زيارت لاءِ اچي زارئون زار روئندي سندن نوحن فريادن جو آواز اُپ تائين رسائيندي توتي لعنت ڪندي واپس وري رهيا آهن. آءٌ تو کان ۽ پنهنجي جهانن ۾ بيزار آهيان. ايئين چوندَي چادري مٿي تي رکي گهران ٻاهر نڪتي. خوليءَ پٺيان سڏ ڪندي چيس: ڪيڏانهن پئي وڃين؟ منهنجي ٻارن کي چو ٿي يتيم ڪرين؟ مائيءَ ورندي ڏنس: اي ملعون!



Scanned with CamScanner

حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي اولاد کي يتيم کندي تو کي کو پڇُ نہ ٿيو. هينئر پٽُ تنهنجو بہ اولاد يتيم ٿئي. ان کان پوءِ اها نيڪ خاتون نڪتي هلي ويئي ۽ کنهن کي بہ سندس بابت ڪا ڄاڻ نہ ملي سگهي. ❶ قصو ڪوتاهہ خولي جڏهن امام حسين عليه السلام جو سر مبارڪ ٿالهہ ۾ رکي ابن زياد وٽ پيش ٿيو تہ ان وقت هن پاڙئي بي غيرتَ جي هٿ ۾ ڪجيءَ جي وڻ مان ٺهيل لَڪڙُ هيو، جنهن سان هن شاهزادي جي پاڪ لبن ۽ موتين ڳُتيل ڏندن تي ڏڪ هڻڻ شروع ڪيا. سندس درٻار ۾ بزرگ صحابي زيد بن ارقم (رضي الله عنه) ويٺل هو تنهن رڙ ڪري چيس: اي مرجانہ جا پُٽ! هي ڇا ٿو ڪرين؟ اهو لڪڻ امام حسين عليه السلام جي ڏندن تان پري ڪر، ڪعبي جي رب جو قسم! هنن مبارڪ لبن ۽ پاڪ ڏندن کي رسول الله ﷺ جن ڪيترائي ڀيرا چميو آهي. تنهن جو اندازو نہ ٿو ڪري سگهان. ايئين چوندي زيد بن ارقم روئڻ لڳو ۽ ساڻس ٻيا درٻاري پڻ روئڻ لڳا. ابن زياد ڪاوڙ ۾ اچي ويو ۽ صحابي سڳوري کي مخاطب ٿيندي چيائين: اي زيد! جيڪڏهن پيرسن ۽ پريو مڙس نہ هجين ها تہ سِسِي سلامت نہ هُجَئِي ها. ان تي "زيد" اٿي ٻيهي چيو: اي عَرَبئو! الله تعاليٰ توهان کان راضي نہ ٿئي، جو حضرت فاطمه (عليها السلام) جي فرزند کي ڪُٺو اٿوَ ۽ مرجانہ جي پٽ کي پاڻ تي حاڪم مقرر ڪيو اٿوَ.

ائين چئي هو گورنر هائوس مان ٻاهر نڪري آيو. ابن زياد حڪم ڏنو تہ اها سسي لشڪر ۾ موٽائي ڪٺي وڃو ۽ ٻين سسين سان نيزي تي چاڙهي شهر ۾ داخل ٿيو.

---

❶ اها روايت لفظن جي ڪجهہ تبديليءَ سان هنن ڪتابن ۾ پڻ موجود آهي: 'معالي السبطين' (اردو ترجمو) تاليف: آقاي محمد مهدي مازندارني رح جلد: 2، ص: 169 کان 173. "معدن البڪا" بحوالا: 'الوقايع و الحوادث' (فارسي) تاليف: آقاي محمد باقر ملبوبي، جلد نمبر 3، قسمت دوم ڇاپو ايران، ص 269/ تاريخ ڪامل بحوالا 'تاريخ احمدي' تاليف نواب شيخ احمد حسين صاحب خان بهادر ڇاپو: لاهور ص: 378/ 'منتهي الآمال' (فارسي) تاليف: ثقة المحدثين شيخ عباس قمي، ڇاپو قم (ايران) ص: 738.



Scanned with CamScanner

نظم:

(1)

سرِ فرزندِ ارجمند نبي (صلى الله عليه وآله وسلم)
برسرِ نيزه، اين است بُوالعجبي [ص ٧٤]

نبي سڳوري (صلى الله عليه وآله وسلم) جي فرزندِ ارجمند جو سِرُ نيزي مٿان بلند آ، ڏاڍو عجيب آ.

(2)

سرِ آن سَروِ بُوستانِ غيوب
جلوه گر چون شگوفه برسرِ چُوب

ان الاهي اسرار ۽ ڳجهه جي باغ جي "سَروَ" جي سِرِ نيزي مٿان ايئين جلوَي گر آهي، جيئن ڪنهن ٽاريءَ مٿي گُلُ ٽڙيل هجي.

## امام حسين عليه السلام تي جنن جو نوحو

چون ٿا تہ ٻن ڏينهن کان پوءِ ابن سعد جي لشڪر اهي سر مبارڪ ڪنيا ۽ ڏڙاتي ئي چڙي ڏنا. "غاضريہ" واسين [1] کي خبر پئي تہ اهي آيا، ڪجهہ ڏڙ بنا منديين جي پيل ڏٺائون جن جي آسي پاسي کان نوحي ۽ زاريءَ جون صدائون پئي آيون، پر ڪجهہ ڏسڻ ۾ نٿي آيو جو اهي روئڻ وارا ۽ نوحو ڪندڙ جنن جو ٽولو هيو جن شهيدن جا نوحا، قصيدا ۽ مرثيا پئي پڙهيا. انهن منجهان هڪ شعر هيٺينءَ ريت آهي:

نِسَاءُ الجِنِّ يَسعَدنَ النِساءَ الهَاشِمِيَّاتِ
بَنَاتُ المُصطفىٰ اَحمَد، اِمامُ البَرِيَّاتِ

جنن جي ضاعفن ماتم ۽ نوحي خوانيءَ ۾ هاشمي ضاعفن سان هڪ جهڙائي (ڪندي سندن غم ۾ شرڪت) ڪئي. هاشمي ضاعفن،

---

[1] شواهد النبوت (اردو ترجمو) ملا عبدالرحمان جامي (رحمه الله) ص: 307 ڇاپو: لاهور 1985ع ان ڪانسواءِ "تاريخ الخلفاء" (اردو ترجمو) علامہ جلال الدين سيوطي (رحمه الله) ص: 305 ڇاپو: دهلي 38ع ۽ ڪتاب "لهوف" سيد بن طاووس فارسي، ترجمو مڪمل عربي متن سميت ص: 232، ڇاپو: قم ايران.



Scanned with CamScanner

يعني: الله تعاليٰ جي چونڊ هستي احمدِ مختيار ﷺ ۽ سموري مخلوقَ ۽ مخلوقَ منجهان منتخب مهانڊن جي مهندار جون نياڻيون ۽ ڏيٽرون.

"شواهد" ۾ آيو آهي تہ هڪ اعتماد جوڳي ۽ معتبر ماڻهوءَ چيو: مون "بني طَي" قبيلي جي هڪ همراهہ کان پڇيو: اسان کي خبر پئي آهي تہ توهان اميرالمومنين امام حسين ؑ تي جنن جو نوحو ٻڌو آهي؟ هو وراڻيو: هائو! اسان جي ذات واري ڪنهن بہ نيڪ مرد ۽ شريفَ، ننڍي وڏي يا غلامَ کان ان بابت پڇنڌين تہ هُو سمورو احوال ڪندو. مون چيو: آءٌ چاهيان ٿو تہ توکان ٻڌان. بس تون هنن کان ٻڌو آهي نہ؟ چيائين: مون جنن کان هيءُ شعر ٻڌو:

(1)

مَسَحَ الرَّسُولُ جَبِينَهُ

فَلَهُ بَرِيقٌ فِي الخُدُودِ

رسول (ﷺ) هن(يعني: امام حسين ؑ) جي پاڪ پيشانيءَ تي سندن هٿ رکيو تہ ان جاءِ گل نهايت چمڪندڙ ۽ روشن هئا.

(2)

اَبَوَاهُ مِن عُلَيَا قُرَيشٍ

وَجَدُّهُ خَيرَ الجُدُودِ

هن ؑ جا والدين قريش جي بزرگن منجهان آهن ۽ هن جو نانو سڀني نانن کان ڀلارونانو آهي.

## امام حسين ؑ جو پاڪ سر ۽ ڪلام الله شريف جي تلاوت

"شواهد النبوت"[1] ۾ زيد بن ارقم روايت ڪري ٿو تہ جڏهن امام حسين ؑ جو سر مبارڪ ڪوفي جي گهٽين ۾ گهمايوپئي ويو تہ آءٌ

---

[1] شواهدالنبوت (اردو) جامي (رحمة الله) ص: 308. منتهي الآمال (فارسي) مرحوم شيخ عباس قمي، جلد: پهريون، ص: 765، ڇاپو: قم (ايران).

پنهنجي گهر ۾ دريءَ کان ويٺو هيس، جڏهن سر مبارڪ منهنجي اڳيان لنگهيو تہ مون سندن سياڳي سسيءَ منجهان ٻڌو: أَمْ حَسِبْتَ أَنَّ أَصْحَابَ الْكَهْفِ وَالرَّقِيمِ كَانُوا مِنْ آيَاتِنَا عَجَبًا (ترجمو: ڇا تون اهو خيال ٿو ڪرين تہ غار ڪتبي (يعني: تختيءَ) وارا (همراهہ) اسان جي عجيب نشانين منجهان ڪا عجيب نشاني هئا(سورتِ ڪهف آيت نمبر 9). ان صورتحال کان مون تي هيبت طاري ٿي ويئي ۽ منهنجا لڱ ڪانڊارجي ويا، مون بي اختيار چئي ڏنو: الله جو قسم، اي فرزندِ رسول خدا! هيءَ اوهان جوئي سر مبارڪ آهي ۽ توهان جو مامرو هر عجيب ڳالهہ کان وڌيڪ عجيب آهي.

## خونِ امام حسين عليه السلام ابن زياد لاءِ دنياوي سزا جو سبب

اي منهنجا عزيزا! هڪ ٻئين روايت موجب [ص٧٥] حضرت زيد بن ارقم (رضي الله عنه) چوي ٿو تہ اهي پاڪ سِرَ ابن زياد جي محل ۾ پهچايا ويا، جڏهن سِرَ نيزن کان هيٺ پئي لاٿا ويا تہ آءٌ امام حسين عليه السلام جي سر مبارڪ جي ڀرسان ۾ بيٺل هيس. ڏٺم تہ سندن ٻوٽر چپ چُريا. مون ڪجهہ ٻڌڻ لاءِ ڪن ڏنو مون ٻڌو تہ هيٺين آيت جي تلاوت پئي ڪيائون:

وَلَا يَحِيقُ الْمَكْرُ السَّيِّئُ إِلَّا بِأَهْلِهِ.

(يعني: برائيءَ جي ڳجهي تدبير (جو وبال ۽ مصيبت) ان جي اهل (يعني ڪندڙ) تي ئي اچي پوي ٿي. (سورت فاطر، آيت نمبر ۴۳).

پر جڏهن پيهر اهي پاڪ سِرَ آندا ويا ۽ ابن زيادَ امام حسين عليه السلام جو سر مبارڪ ڪٺي سندن پاڪ مهانڊن ۽ وارن تي نگاهہ ڪئي تہ سندس هٿن ۾ ڪنبڻي پيدا ٿيس ۽ وڌيڪ سر مبارڪ نہ ڪٺي سگهيو ۽ سندن سَٿَرَ تي ڪٺي رکيائين. ان دوران سر مبارڪمنجهان چوڏهينءَ جي چنڊ مثال نور پئي ڦُٽو ۽ ڪاڪُلن منجهان مشڪ ۽ عنبر کان سَرسُ سرهاڻ پئي آئي. حضرت قاسم انوار قدِس سرهُ (٧٥٧هہ-٨٣٧هہ/ 1356ع_1433ع) ان پاسي هيٺين شعر ۾ اشارو ڪيو آهي:

نظم:



Scanned with CamScanner

بُوي جان مي آيد، زبادِ صبا اين چه بُوست
مشک را اين بُو نباشد، نکهتِ گيسوي اُوست

صبح جي هير منجهان اڄ سندم سڄڻ جي سُرهاڻ پئي اچي، ڇا تہ هڳاءُ آهي!؟ مشڪ منجهہ اهڙو سڳنڌ ڪٿي؟ اها هُبڪار پڪ سان سندس ڪاڪُلن جي ٿي آهي.

"ابوالمفاخر" چئي ٿو تہ جڏهن ابنِ زياد، امام مظلوم عليه السلام جو سر مبارڪ پنهنجي رانَ تي رکيو تہ سر منجهان رتُ ڦڙو سِمي سندس قَبَا تي اچي پيو جيڪو جُبَي شلوار ۾ رَانَ کي وڃيندو سندس تخت منجهان پار پوندو وڃي زمين تي پيو. سندس رَانَ جو گهاءُ تمام گهڻي علاج ڪان پوءِ بہ نہ ڀرجي سگهيو. منجهانئس ايتري تہ بدبوءِ ايندي هئي، جو ڪنهن ڪان بہ سَٺي نہ ٿيندي هئي. سدائين ڦَٽَ تي مُشڪَ بڌي رکندو هو ان هوندي بہ اها اَڻ وڻندڙ ۽ گندي بُوءِ مشڪ جي سُرهاڻ تي غالب اچي ويندي هئي. اهڙيءَ طرح ان ٿي مرض منجهہ مبتلا رهيو. ايستائين جو قتل ٿي دوزخ ڀيڙو ٿيو.

## امام حسين عليه السلام جي پاڪ سر سان اسلام پکڙجي پيو

راوي ٿو چئي، جيڪي ڪجهہ رستي ۾ واقع ٿيو ان مان هڪ قصو هن طرح آهي تہ "حران" جي ماڳ تي هڪ يهوديءَ جو حجامڪو هٽ هو. اهو يهودي "يحيٰ حراني" ڪوٺبو هو. هيءُ شهيدن جا سِرَ آڻيندڙن جي سهاڳت لاءِ ٻاهر آيو ۽ سِرَ ڏسندو رهيو اوچتو سندس نظر امام حسين عليه السلام جي سِرَ تي وڃي ڪُتي، ڏٺائين تہ سندن چپن ۾ چُرپُر ٿي رهي آهي، اڳتي اچي ڪن ڏنائين [ص٧٦] تہ هي لفظ سندس سماعت سان ٽڪرايا:

وَسَيَعلَمُ الَّذِينَ ظَلَمُوا اَىَّ مُنقَلِبٍ يَنقَلِبُونَ. [1]

---

[1] ۽ جن ظلم ڪيو اهي جلد ئي ڄاڻي وٺندا تہ هنن جي موٽي وڃڻ جي جڳهہ ڪهڙي آهي، جتي ڪين موٽي وڃڻو آهي. (سورت شعراء آيت نمبر 227). ڏسندا ڪتاب: منتهي الآمال (شيخ عباس قمي رح) جلد: پهريون، ص: 776، ڇاپو: قُم (اِيران).



Scanned with CamScanner

"يحيٰ حراني" اها صورتحال ڏسي، اڳرج ۾ ايندي پڇيو: هي سِرُ ڪنهن جو آهي؟ چيائون: هيءُ سِرُ امام حسين اِبن علي عليهما السلام جو آهي. چيائين: سندن بابي بابت معلوم اٿم. سندن امڙ بابت سُڌِ ڏيوم. چيائون: فاطمه عليها السلام بنتِ محمد عربي رسول الله صلي الله عليه وآله يهوديءَ چيو: جيڪڏهن سندس نانو سائين برحق (نبي) نہ هجي ها تہ هيءُ "برهان" ۽ دليل ڪانئس ظاهر نہ ٿئي ها. اهو چوندي ڪٽي ڪلمو پڙهيائين ۽ نهايت نفيس ۽ قيمتي مصري يا روميڪپڙي جي سندس پڳ لاهي ٽڪر ٽڪر ڪري (چادرون ٺاهي) پاڪ بيبين کي ڏنائين ۽ سندس ريشمي لباس، جيڪو ڪيس پاتل هيو سو هڪ هزار درهمن سان امام زينُ العابدين عليه السلام جي خدمت ۾ ڏياري موڪليائين تہ انهن سان پنهنجون ضرورتون پوريون ڪن. تنهن تي انهن پاڪ سرن تي نگهبان (يزيدي) ٽولي ڪيس تنبيهہ ڪئي تہ هي ڇا ٿو ڪرين، حاڪمِ شام جي قيدين جي حمايت پيو ڪرين؟ هنن قيدين ڪان پري ٿي، بئي صورت ۾ سِرِ لاهي وجهندا سون ۽ يحيٰ حرانيءَ جو ذوقِ محبت جاڳي پيو. سو سندس ملازمن کي چيائين تہ ڪيس تلوار آڻي ڏين ۽ پوءِ تلوار ڪڍندي ئي الله اڪبر ڪري مٿن ڪڙڪي پيو. هڪ ئي حملي ۾ پنج مڙس ماري وڌائين ۽ پوءِ پاڻ بہ شهادت جو پيالو پيتائين. اڄڪلهہ سندس مزار حران جي دروازي وٽ يحيٰ شهيدَ رحمة الله عليه جي نالي سان مشهور آهي، سندس مزار تي دعا قبول ٿئي ٿي.

نظم:

در هر دو جهان گر آ برومي طلبي
بگذر بسرِ خاڪِ شهيدانِ غمش

جيڪڏهن ٻنهي جهانن جو مانُ ماٺ چاهين ٿو تہ حسين عليه السلام جي غم ۾ مرڻ وارن جي مزار تي حاضري ڀر.

## يهودي قبيلي اسلام آندو

جڏهن شمر جو لشڪر سِرِن سميت "حلبَ" ڏانهن راهي ٿيو:



Scanned with CamScanner

”حلب“ جي پرپاسي ۾ هڪ جبل هيو جنهن تي هڪ ڳوٺ آباد هيو جنهن کي چوڌاري ڪوٽ نڪتل هيو. ان ڳوٺ کي ”معموره“[1] چوندا هئا اڄ به ”معموره“ ئي ڪوٺجي ٿو. ان ڳوٺ ۾ ”عزيز بن هارون“ نالي هڪ ڪوٽوال هيو. اُنَ ڪوٽ جا سمورا واسي ۽ سندن چڱو مڙس يهودي هئا. جيڪي پاٽولڪو ڪم ڪندا هئا. سندن ڪپڙو نفاست ۾ حجاز عراق ۽ شام ۾ مشهور هيو.[ص٧٧] جڏهن شمر سندس لشڪر سميت جبل جي پاڙ ۾ پهتو ته گاهه ۽ پاڻيءَ جي گهٽائي ڏسي اُتي ئي رات ترسي پيو. جڏهن رات ٿي ته حضرت شهربانو[2] (سَلاَمُ اللهِ عَلَيهَا) جن جي هڪ ڪنيز سندن خدمت ۾ آئي، جنهن کي سندس سونهن سوڀيا ۽ مٺڙي زبان جي ڪري ”شيرين“[3] چوندا هئا.

نظم:

دَو شکر چون عقيق آب داده
دَو گيسُو چون کمندي تاب داده

ٻه چپ آبدار ۽ چلڪندڙ عقيقن جهڙا
ٻه ڪاڪُل سَرڪڻ ڦاهيءَ وانگي وٽيل.

شيرين حضرت شهربانو عليها جي خدمت ۾ ايندي ئي روئڻ لڳي، سندس روئڻ جو ڪارڻ (ماضيءَ ۾ مٿس هڪ مهرباني ۽ ڪرم نوازيءَ

---

[1] ”حلب“ جي پرپاسي ۾ ”معموره“ نالي ڪنهن به ڳوٺ جو ذڪر تاريخ يا مقتل جي ڪتابن ۾ نٿو ملي. البت ايترو معلوم ٿيو آهي ته ترڪيءَ جو مشهور شهر زلزلي ۾ تباهه ٿي ويو جنهن کي عباسي خليفي منصور دوانيقيءَ ڪربلا جي واقعي کان ٧٩ سال پوءِ سن ١٣٩هه ۾ نئين سر اڏرائي آباد ڪيو جنهن جو نالو ”معموره“ رکيو ويو.

[2] اها ڳالهه ناقابل ترديد آهي ته حضرت شهربانو عليها، امام حسين عليه السلام جي گهرواري سندن پٽ امام علي زين العابدين عليه السلام جي ٣٦ هجريءَ ۾ ولادت کان ڪجهه ئي ڏينهن اندر ۽ ڪربلا جي واقعي کان 22 يا 24 سال اڳ وفات ڪري ويون. ڏسندا ڪتاب: منتهي الآمال: ج2 ص29/ صداء حضرت سجاد از محمد يوسف حريري، ص 32/ اهلبيت اظهار کي مختصر سوانح حيات از عقيقي بخشايشي، ص148

[3] تاريخ ۽ مقتل جي ڪنهن به معتبر ڪتاب ۾ شيرين نالي امام حسين عليه السلام جي ڪنهن ڪنيز جو ذڪر نه ٿو ملي.



Scanned with CamScanner

جو) هيءَ قصو هو تہ حضرت شهربانو عليها السلام کي جڏهن مديني آندو ويو تہ سندن سموريون ٻانهيون ساڻ هئن، جڏهن امام حسين عليه السلام جن سان شادي ٿين تہ رخصتيءَ واري رات پنجاهہ ٻانهيون آزاد ڪيائون. جڏهن امام زين العابدين عليه السلام جن سان سندن هنجَ سائي ٿين تہ چاليهہ ڪنيزون ٻيون پڻ آزاد ڪيائون، هينئر وٽن ڏهہ ڪنيزون وڃي رهيون، جن منجهان هڪ اها "شيرين" هئي، جيڪا حسن ۽ جمال ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئي. هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي تہ حضرت امام حسين ۽ حضرت شهربانو (عليها السلام) جن گهر ۾ ويٺا هئا تہ "شيرين" داخل ٿي. امام حسين عليه السلام جن شيرين کي ڏي، جناب شهربانو عليها السلام سان مزاح ڪندي فرمايو: شيرين ڪيڏي تہ سهڻي آهي! جناب شهربانو عليه السلام سوچيو تہ ڪٿي امام حسين عليه السلام جن ڪنيز کي پسند جي نگاههَ سان تہ ناهي ڏٺو؟ اهو خيال ڪندي عرض ڪيائون: اي فرزندِ رسولِ خدا! مون اها ڪنيز توهان کي تحفي طور ڏني. امام عليه السلام سمجهي ويا تہ شهربانو عليها السلام ڇا سوچيو آهي، سو هڪدم فرمايائون: مون هن کي آزاد ڪيو. جنابِ شهربانو عليها السلام اُٿي سندن ڪپڙن وارو صندوق کولي هڪ نفيس ۽ قيمتي لباس ان ٻانهيءَ کي ڍڪايو. امام حسين عليه السلام فرمايو: توهان ڪيتريون ئي ڪنيزون آزاد ڪيون آهن. پر ڪنهن کي بہ اهڙو لباس نہ ڍڪايو اٿوَ. جناب شهربانو عليها السلام فرمايو: اي سردار! هُنن ڪنيزن ۽ هِن ڪنيز ۾ فرق آهي. هنن کي مون آزاد ڪيو هو ۽ هيءَ توهان جي هٿان آزاد ٿي آهي. امام حسين عليه السلام کين دعا ڪئي ۽ شيرين پڻ جناب شهربانو عليها السلام جي ئي خدمت ۾ [ص۷۸] رهي پئي. ايستائين جو ان رات هِنَ جبل جي پاڙ ۾ اچي منزل ڪيائون. شيرينءَ جڏهن ان منزل تي جناب شهربانو عليها السلام جو اهو حال ڏٺو تہ کين ڍڪيل لباس سندن شان وٽان ناهي، تہ کيس قيمتي موتين سان جڙيل اهو لباس ياد اچي ويو جيڪو پاڪ بيبيءَ عليها السلام کي اميرالمومنين امام حسين عليه السلام جن سان گڏ ويٺي پهريل هو. ان لاءِ کيس روئڻ اچي ويو. تنهن ڪري جناب شهربانو عليها السلام جي خدمت ۾ اچي ڪائنن اجازت ورتائين تہ ان ڳوٺ ڏانهن وڃي. سندس



Scanned with CamScanner

غرض اها هئي تہ ونس ڪجھ ڳهہ رهجي ويا هئا. جيڪي وڪڻندي ۽ اُن رقم منجهان جناب شهربانو عليها السلام جي لاءِ ان ماڳ ۾ تيار ٿيندڙ پَٽَ جو لباس وٺندي. شيرين جڏهن اجازت لاءِ عرض ڪيو تہ بيبيءَ عليها السلام عرض ڪيو تہ تون آزاد آهين. ڪوبہ توتي نظر نہ وجهندو ۽ نہ ئي توکي ڪو قيد ڪندو. جيڏانهن وڻيئي هليو وڃ. شيرين اُتان اُٿي جبلَ مٿي ڪوٽ جي دروازي تي پهتي، جيڪو اُن وقتِ بند هيو. رات جو ڪجھ حصو گذرڻ کان پوءِ دروازو ڪڙڪايائين. ”عزيز ابن هارون“ کي واقعي جو اڳ ۾ ئي اطلاع هيو سو ڪوٽ جي اندران در وٽ اچي اوسيئڙي ۾ ويهي رهيو. در ڪڙڪندي ئي هن آواز ڏنو: اي دروازو ڪڙڪائڻ واري! شيرين تون آهين؟ هن جي هائوڪار تي هڪدم دَرُ کولي کيس سلام ڪيائين ۽ ساڻس نهايت تعظيم سان پيش آيو. شيرين پڇيس: منهنجي نالي جو تو کي ڪنهن ٻڌايو؟ چيائين تہ رات جي پهرين حصي ۾ خواب ڏٺم تہ حضرات موسيٰ ۽ هارون عليهما السلام مٿن ۽ پيرن اگهاڙا آهون ۽ دانهون ڪري رهيا آهن ۽ سندن نيڻن منجهان نيرُ نار ڪري وهي هليا آهن. سندن حال منجهان عزاداريءَ جا آثار نمايان ۽ مصيبت جا اُهڃاڻ سندن مهانڊن منجهان پڌرا هئا. مون عرض ڪيو: اي بني اسرائيل جا سردارئو! اي الله جا چونڊيل ٻانهؤ! توهان سان ڇا ٿيو آهي، جو توهان جو حال مصيبتن جي مارين مثال پيو ڏسان ۽ هي آهون ۽ دانهون ڇا لاءِ آهن؟ چيائون: ڇا تو کي خبر ناهي تہ پيغمبر آخرِ زمان محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله جي پُٽَ کي ظلم سان ڪُنو اٿائون ۽ هينئر سندن سِرُ مبارڪ ۽ سندس اهلبيت عليهم السلام کي ”شام“ پيائنِ، اڄوڪي رات هن جبل هيٺان منزل ڪئي اٿائون. مون چيو: ڇا توهان محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله کي سچاٽو ٿا ۽ ساڻن اعتقاد بہ رکو ٿا؟ جناب موسيٰ عليه السلام فرمايو: [ص٧٩] ڪيئن نہ سڃاڻون، جو پاڻ پيغمبر برحق آهن ۽ الله تعاليٰ اسان کان ان بابت عهد ورتو آهي ۽ اسين مٿنِ ايمان آندو آهي. جيڪو سندن حمايت نہ ڪندو اهو سچو ناهي ۽ ان جو ٺڪاڻو ۽ جاءِ جهنم آهي ۽ اسان مڙئي مُرسلَ ۽ نبي کانئس بيزار آهيون



Scanned with CamScanner

...... ۽ جيڪو الله تعاليٰ تي ايمان آڻي ۽ ڪين(صلي الله عليه وآله وسلم) سچي دين جو مرسل مڃي، الله تعاليٰ سان شرڪ کان سواءِ صغيرن ۽ ڪبيرن گناهن ۾ ٻڏل هجي، تڏهن بہ الله تعاليٰ پنهنجي ٻاجھہ ڪري، قيامت جي ڏينهن سندس سمورين سهوُون ۽ گناهہ اِنَ صاحبِ شفاعتَ (صلي الله عليه وآله وسلم) جي سفارش جي صدقي بخشي ڇڏيندو ۽ اهو جنت جي درجن ۾ الله تعاليٰ جي ديدارَ لائقُ ٿيندو. مون عرض ڪيو: مون کي ڪا نشاني ۽ اُهڃاڻ ٻڌايو تہ جيئن منهنجي يقين ۾ اضافو اچي ۽ ان ڏس ۾ ڪاميابي ۽ مراد ماڻڻ جو ڪو دروازو مون تي کلي پوي، فرمايائون: اُٿي ۽ قلعي جي دروازي ڏانهن وڃ، جڏهن تون قلعي جي دروازي تي پهچندين تہ ٻاهران "شيرين" نالي ڪنيز پهچندي، جيڪا اميرالمومنين امام حسين عليه السلام جي آزاد ڪيل آهي. اها ڪنيز دروازو کڙڪائيندي، تون سندس پيروي ڪج. اُن سان تنهنجي شادي ٿيندي ۽ تون دينَ اسلامَ ۾ داخل ٿِجُ. ان کان پوءِ تون امام حسين عليه السلام جي سسيءَ ڏانهن وڃي، سندن خدمت ۾ اسان جا سلامَ عرض ڪجانءِ، توکي يقيناً سلام جو جواب ملندو. اهڙيءَ طرح آءٌ ننڊ مان سجاڳ ٿي يڪدم قلعي جي در تي پهتم تہ تو در کڙڪايو. سو مون چاتو تہ تنهنجو نالو "شيرين" آهي. جيئن مون کي چيو ويو هو تہ تون منهنجي نڪاح ۾ ايندينءَ، ان لاءِ هينئر منهنجي زال ٿيڻ لاءِ تنهنجي رضامندي لازم آهي. ڪنيز ورندي ڏني: اهو تڏهن جائز ٿيندو جڏهن تون اسلام آڻيندين ۽ حضرت شهربانو عليها السلام مون کي نڪاح جي اجازت ڏين. شيرين حضرت شهربانو عليها السلام جي خدمت ۾ واپس پهچي سموري ماجرا بيان ڪئي. بيبيءَ کي قصو ٻڌي تعجب ٿيو ۽ پوءِ اهو سمورو احوال حضرت امام حسين عليه السلام جن جي نياڻين ۽ ڀينرن سان ڪيائون. انهن کي پڻ ان ڳالهہ اچرج ۾ وڌو ...... پر جڏهن ڪائنات کي سندس سوجهري سان سينگاريندڙ سجَ. [ص۸۰] موسيٰ عليه السلام مثال ٿي جبل جي چوٽيءَ کان سندس "يدبيضاء" (جهڙو رُخ) ظاهر ڪري، دنيا جي آباديءَ کي روشن ڪيو تہ "عزيز" اچي سپاهين کي هڪ هزار درهم



Scanned with CamScanner

رشوت ڏني تہ جيئن خاندانِ اهلبيت عليهم السلام جي ڪجهہ خدمت ڪرڻ جي اجازت ڏينِ. جڏهن ڪيس اجازت ملي تہ هن عصمت ۽ پاڪائيءَ واري ڪٽنب جي هر هڪ ضاعفان لاءِ قيمتي لباس آندو ۽ امام زين العابدين عليه السلام جي خدمت ۾ ہہ هزار دينار ڪٽي اچي پهتو ۽ سندن هٿن تي اسلام قبوليندي، امام حسين عليه السلام جي پاڪ سسيءَ جي ويجهو وڃي عرض ڪيائين: اي سيدَا! موسيٰ ۽ هارون عليهما السلام جا سلام توهان جي خدمت ۾ ڪٺي آيو آهيان. امام حسين عليه السلام جي سياڳي سسيءَ منجهان صدا آئي تہ انهن تي بہ الله تعاليٰ جو سلام هجي. عزيز عرض ڪيو: اي سيدَا! منهنجي لائق ڪا خدمت هجي تہ آءٌ الله تعاليٰ جي رضا ماڻڻ لاءِ انجام ڏيان. امام مظلوم جي سر مان آواز آيو تہ جيڪو تنهنجي لائق هو ٿو انجام ڏنو: جڏهن تو اسلام آندو تہ خدا (ج) ۽ رسول (صلي الله عليه وآله وسلم) توکان خوش ٿيا. جڏهن تون منهنجي خاندان سان نيڪي ڪئي تہ منهنجو نانو بابو ڀاءُ ۽ امڙ تو کان راضي ٿيا ۽ ان کان سواءِ انهن پنهي نبين جا سَلام مون تائين پهچائي، منهنجي رضا ماڻيئي ۽ قيامت ۾ اسان جي اهلبيت سان اُٿندين. هَوڏانهن حضرت شهربانو عليها السلام شيرين کي چيو تہ جيڪڏهن منهنجي مرضي ٿي معلوم ڪرين تہ پوءِ عزيز سان نڪاح ڪر. شيرين عزيز سان شادي ڪئي ۽ پوءِ سموري قلعي جي آبادي مسلمان ٿي ويئي.

نظم:

سايہءِ اهل نبي چون بر سر ايشان فتاد
در زمان هر ذرہءِ خورشيد عالمتاب شد

جڏهن نبيءَ (صلي الله عليه وآله وسلم) جي اهلبيت عليهم السلام جو پاڇولو مٿن پيو تہ ان وقت هر ذرو ڪائنات کي روشني ڏيندڙ سجَ مثال ٿي پيو.

## امام حسين عليه السلام جي سِرَ مبارڪ جي پهريدارن تي الاهي عذاب

امام اسماعيل، ابوالحُنُوق جي روايت موجب، چوي ٿو تہ انهن پڙهَر

سسين تي هر رات پنجاهہ ماڻهو پهرو ڏيندا هئا. ابوالحنوق چوي ٿو تہ آءٌ بہ انهن پهريدارن ۾ شامل هيس. سمورا سپاهي سمهي پيا، پر مون کي ننڊ نہ آئي. اوچتو مون اُڀ منجهان هڪ آواز ٻڌو جنهن جي شدت جي ڪري ايئين پئي لڳو تہ اجهو هي جهان درهم برهم ٿيو: مون ڏٺو تہ نوراني ۽ سفيد لباس ۾ هڪ قدآور ۽ ڪڻڪ رنگو شخصُ آسمان کان هيٺ آيو. جنهن سندس مٿو اگهاڙو ڪري، [ص٨١] جنهن ٻيٺيءَ ۾ امام حسين عليه السلام جن جو سر مبارڪ پيل هيو ان مان سر ٻاهر ڪڍي، سندن مُنهَن چمندو رهيو ۽ روئندو رهيو. آءٌ اچرج ۾ ايندي اُٿي ويٺس. مون چاهيو تہ ان کان اڳ جو سپاهي سجاڳ ٿين، اها سِسِي واپس وٺي صندوق ۾ کڻي بند ڪريان، تہ ايتري ۾ هڪ آواز آيو: خبردار! گستاخي نہ ڪجانءِ! اڳتي نہ وڌجانءِ! اهو حضرت آدم صَفِي الله اٿئي، جيڪو حبيبِ خدا (صلى الله عليه وآله وسلم) جي فرزند جي ماتم لاءِ آيو آهي. ايتري ۾ هڪ ٻيو نعرو لڳو ۽ نوح نَجِيُّ الله هيٺ آيو ۽ اهڙيءَ طرح ٿي ابراهيم خليلُ الله، اسماعيل ۽ اسحاق عليهم السلام هيٺ آيا ۽ آخر ۾ سَيِّدُ الأنبياء محمد مصطفيٰ صلى الله عليه وآله وسلم بزرگ اصحاب، علي مرتضيٰ، حسن مجتبيٰ، حمزه ۽ جعفر طيار رَضِيَ اللهُ تعالیٰ عَنهُم أجمَعِين: سمورا مٿن اگهاڙا ۽ وکريل وارن سان زمين تي نازل ٿيا. سيني هِڪُ هِڪُ ٿِي اِهو پاڪ سِرُ کڻي تعظيم پئي بجا آندي، اُن کان پوءِ هڪ نوراني ڪرسي آندي ويئي ۽ عرشِ عظيم جو مسافر يعني: رئوف ۽ رحيم سردار يعني: حضرت محمد مصطفيٰ صلى الله عليه وآله وسلم ان نوراني ڪرسيءَ تي تشريف فرما ٿيا.

نظم:

محمد که آفرینش هست خاکش
هزاران آفرین بر جانِ پاکش

(پاڻ سڳورا صلى الله عليه وآله وسلم) ان نوراني ڪرسيءَ تي تشريف فرما ٿيا ۽ سندن چوڌاري انبياء زمين تي ويٺل هئا. ايتري ۾ هڪ فرشتو ظاهر ٿيو، جنهن جي هڪ هٿ ۾ تلوار ۽ ٻئين هٿ ۾ باهہ جو گرز کنيل هو. اُن فرشتي منهنجي ٻانهن ۾ کڻي هٿ وڌو مون فرياد ڪندي چيو تہ آءٌ هن



Scanned with CamScanner

خاندان جو محب آهيان، مون کي هنن زوريءَ ساڻ کنيو آهي. فرشتي اهو باهه وارو گُرز ڪٽي منهنجي مُنهَن تي وهائي ڪڍيو جنهن سان ڏکيل جاءِ ڪاراٽجي ويئي. حضرت رسول الله ﷺ جن فرشتي کي حڪم ڏنو ته مون کي ڇڏي ڏي. فرشتي ڪٽي مون مان هٿ ڪڍيا ۽ پوءِ آءٌ بيهوش ٿي ويم، تانجو صبح ٿي ويو. پهريدارن جو ڪٽي به نالو نشان نظر نه ٿي آيو امام حسين عليه السلام جن جي پاڪ سِرِ صندوق ۾ پيل ڏٺم ۽ ان صندوق جي آسي پاسي کان رَتَ جا ڍير ڏسڻ ۾ پئي آيا. راوي چوي ٿو ته: [ص٨٢] شمر ٻئين ڏينهن صبح جو ابوالحنوق کي گهرائي چيو ته گذريل رات جيڪي ڪجهه ڏٺو اٿيئي، سو بيان ڪر. ابوالحنوق، جنهن جو اڌ مُنهن ڪاراٽيل هو هڪ آهَه ڪري بيهوش ٿي ڪري پيو. سڄو لشڪر هِراسجي ويو ڪجهه ماڻهو يزيدي لشڪر ۾ شامل ٿيڻ تي پشيمان ٿيا، پر هينئر (لشڪر ۾) ساڻ رهڻ کان سواءِ ڪا ٻي راهه نه هئي.

نظم:

دگر باره سفر را ساز کردند
پئي رفتن شتاب آغاز کردند

هڪ ڀيرو ٻيهر سفر لاءِ آماده ٿيا
۽ جلدي جلدي سفر جو آغاز ڪيائون.

## امام حسين عليه السلام جو سر مبارڪ دليون فتح ڪندو اڳتي وڌي ٿو

"ابوسعيد دِمشقي" چوي ٿو ته آءٌ ان ٽولي ۾ شامل هيس، جيڪو امام حسين عليه السلام جو سِرُ مبارڪ شام ڏانهن پئي کٽي هليو. جڏهن دِمشق کي ويجها ٿيا سون ته هڪ خبر پهتي ته "مُسيب بن قعقاع خزائي" لشڪر گڏ ڪري رهيو آهي. سندس ارادو آهي ته راتاهو هڻي، سموريون سسيون کسي وٺي. يزيدي لشڪر جا سردار اچي پريشان ٿيا ۽ نهايت احتياط ۽ خبرداريءَ سان سفر ڪندي رات جو هڪ منزل تي



Scanned with CamScanner

پهتا، جتي هنن هڪ مضبوط گرجا ڏٺي، سيني يڪراءِ فيصلو ڪيو ته ان گرجا منجھ پناھ وٺن ته جيئن ڪو راتاهو نه هڻي سگهي. راوي چوي ٿو ته شمر بدبخت گرجا جي در تي اچي رڙ ڪئي، جنهن جي موٹ ۾ گرجا جي پير مرد بالاخاني منجهان ڏٺو ته گرجا جي آسي پاسي هڪ لشڪر ويٺو آهي. گرجا جي پير مرد پڇيو: هي لشڪر ڇا جو آهي ۽ توهان ڪير آهيو؟ شمر ورائيو: اسان (عبيدالله) "ابنِ زياد" جا ملازم آهيون، ڪوفي کان دمشق پيا وڃون. پير مرد پڇيو: ڪهڙي ڪم سان پيا وڃو. شمر چيو: عراق ۾ هڪ شخصَ يزيد خلاف بغاوت ڪئي هئي، اسان اُنَ خلاف جنگ لاءِ ويا هئاسون، کيس ساٿين سميت قتل ڪري ڇڏيوسين. هينئر انهن جون منڍيون نيزن تي سوار ڪري، انهن جي اهلبيت کي قيد ڪري، يزيد اڳيان پيش ڪرڻ لاءِ پيا وڃون. پير مرد نيزن تي سوار سِرين جو جائزو وٺڻ شروع ڪيو ۽ پڇيائين: هنن جي سردار جي سِرِ ڪهڙي آهي؟ هن شاهزادي جي معطر منڍيءَ ڏانهن اشارو ڪيو. پير مرد پاڪ منڍيءَ تي نگاھ وڌي ۽ انهيءَ ئي گهڙيءَ پاڪ منڍيءَ جي هيبت سندس دل ۾ ويهجي ويئي. چيائين: [ص٨٣] منهنجي گرجا آڏو ڇو آيا آهيو؟ شمر چيو ته اسان کي اطلاع مليو آهي ته ڪجھ ماڻهو متحد ٿي راتاهو هڻي، اسان کان سسيون کسي ويندا. اسان چاهيون ٿا ته تنهنجي گرجا ۾ پناھ وٺون. نيڪ مرد چيو: ايتري گنجائش ڪونهيم. توهان صرف سسيون ۽ ضاعفون اندر موڪلي ڏيو ۽ توهان گرجا کي ڪڙو چاڙهي باھ ٻاري ويهي رهو ۽ هوشيار ۽ سجاڳ رهو ته جيئن راتاهي کان امانَ ۾ رهو. شمر چيو: ڀلي صلاح آهي. اُن کانپوءِ شاهزادي امام حسينؑ جو سر مبارڪ هڪ مضبوط پيٽيءَ ۾ رکي، ان کي هڪ مضبوط تالو هنيو ويو ۽ راتوڪي رات جي لاءِ ان پيٽيءَ سان گڏ ڪجھ سپاهين کي به گرجا ۾ ساڻ وڃڻ لاءِ چيو ويو پر ڪنهن به نه قبوليو ڇاڪاڻ ته هو "ابوالخُنُوق" جي قصي کان پوءِ ڊڄي ويا هئا ۽ رڳو ايترو ڪيائون جو پيٽيءَ کي گرجا ۾ ڪنهن ڪمري اندر رکي، ان جي دروازي کي مضبوط تالو هڻي هليا



Scanned with CamScanner

ويا. امام زَينُ العابدين ﷺ پڻ سندن اهلبيت ﷺ سميت گرجا ۾ داخل ٿيا. گرجا جي نيڪ مرد سندن لاءِ پلي جڳهه جو بندوبست ڪيو. هينئر اهو نيڪ مرد، جنهن ڪمري ۾ امام حسين ﷺ جو سِرُ رکيل هو اُنَ جي چوڌاري چڪر ڪاٽڻ لڳو تہ جيئن امام جو سِرُ ڏسي، انهيءَ ئي گهڙيءَ هن ڏٺو تہ ان ڪمري ۾ بنا ڪنهن ڏِيئي ۽ چراغ جي سوجهرو ٿي ويو. پير مردَ اچرجَ ۾ ايندي خود ڪلامي ڪئي تہ هان!! هيءَ روشني ڪٿان آئي؟ اتفاق سان ان ڪمري جي پِڪِ ۾ هڪ ٻيو ڪمرو هو ۽ انهن ٻنهي ڪمرن جي وِچين پٽ ۾ هڪ ننڍڙو سوراخ هيو. هن پڪ واري ڪمري ۾ وڃي ان سوراخ مان ڏسڻ شروع ڪيو هن ڏٺو تہ هر ساعت ۽ هر گهڙيءَ ان روشنيءَ ۾ اضافو ٿيندو پئي ويو. روشني ان حد تائين وڌي ويئي، جو ڪوبہ اک کٽي ان روشنيءَ کي نہ ڏسي سگهي ها.

**نظم:**

دردا که هيچ ديده ندارد درين جهان
تاب لقاي لمعه اشعه جمال اُو

هاءِ افسوس! جو هن جهان ۾ ڪابہ اک ان لائق ناهي تہ سندس سُونَهن جي هڪجهڙڪ جي اَولڙي جو تاءُ سهي سگهي.

قصو ڪوتاهہ، ان نوراني لاٽَ جي گهٽائي ۽ زور تي ڪمري جي ڇت ۾ ڦاٽَ پئجي ويو، جنهن مان هڪ پالڪي ڪمريَ ۾ نازلَ ٿي، جنهن منجهان چندَ مثال هڪ ضاعفان ٻاهر نڪتي. ساڻس ڪيتريون ئي ڪنيزون [ص۸۴] جيڪي دنياوي ڪنيزن وانگي نہ پئي لڳيون، تن هَوڪا پئي هنيا تہ پري ٿيو! رستو ڏيو! تہ جيئن سموري آدم زاد جي ماءُ حضرت حوا صَفّيُ الله لنگهي وڃي ۽ اهڙيءَ ئي طرح جناب ابراهيم خليل الله ﷺ جي گهر واري ۽ جناب اسحاق ﷺ جي حضرت ساره ﷺ ۽ جناب اسماعيل ﷺ جي ماءُ حضرت هاجره ﷺ نازل ٿيون ۽ ان ئي وقت جناب يوسف ﷺ جي ماءُ حضرت راحيل ﷺ، جناب شعيب ﷺ جي ڌيءَ حضرت صفورا ﷺ، جناب موسيٰ ﷺ جي ڀيڻ حضرت ڪلثوم ﷺ، فرعون جي گهر واري حضرت آسيہ ﷺ ۽

جناب عيسيٰ عليه السلام جي ماءُ حضرت مريم عليها السلام نازل ٿيون ...... ۽ پوءِ اوچتو هڪ وڏو آواز ۽ گوڙ ٿيو ۽ هڪ پالڪي اچي پهتي، جنهن ۾ حضرت خديجة الڪبريٰ عليها السلام ۽ حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جن جون ڪجهه ٻيون گهر واريون بہ سوار هيون، جن امام حسين عليه السلام جن جو سِرُ مبارڪ صندوق منجهان ٻاهر ڪڍي وارَي وارَي سان زيارت ڪئي. ان دوران اوچتو هڪ عظيم فرياد ۽ رڙ بلند ٿي ۽ ان سان گڏ ئي هڪ نوراني پالڪي ظاهر ٿي ۽ فوراً ان نيڪ مردَ عيسائي راهبَ کي ڪنهن رَڙِ ڪري چيو: هن وقتِ منجهان نظر هٽاءِ، جو خاتونِ قيامت (حضرت فاطمہ عليها السلام) تشريف فرما ٿيون آهن. پيرسن راهب رڙ ٻڌي حيرت ۾ پئجي ويو ۽ اتي ئي بيهوش ٿي ويو. جڏهن هوش ۾ آيو تہ سندس اکين آڏو هڪ حجاب اچي ويو جنهن ڪري هينئر انهن معزز ضاعفن کي ڏسي نٿي سگهيو پر سندن فريادون ۽ دانهون ٻڌڻ ۾ پئي آيس. هڪ آواز آيو: سلام هجي توتي، اي امڙ جا مظلوم ٻچڙا! اي جيجلُ جا شهيد پُٽَا غم نہ ڪر، آءُ تنهنجي دشمنن خلاف پڪاريندس ۽ تنهنجي پيڙا جي آگ، انتقام جي آب سان اُجهائيندس. روايتن منجهہ مذڪور آهي تہ حضرت فاطمہ عليها السلام اُن رات امام مظلوم لاءِ مرثئي جا ڪجهہ بيت پڙهيا. جن سان خاندانِ عصمت جي ضاعفن ۾ ڪهرام مچي ويو. انهن مان ڪجهہ بيتن جو مفهوم هيٺ ڏنل شعرن منجهان معلوم ڪري سگهجي ٿو.

نظم:

(1)

گربه نسبت ابرِنيسان هچو من بگريستيَ
چشم پروين بر سحاب قطره زن بگريستيَ

جيڪڏهن تون بهار جي برسات وانگي وَسَڻَ بجاءِ مون وانگي روئين هاءِ ڪتيون پڻ ڪڪرن مٿان سندن اکين منجهان ڦڙا ڦڙا ڪري نِيرَ وهائن ها.



Scanned with CamScanner

(2)

کاشکي صد چشم بودَي مردُمِ چشمِ مرا
تابصد ديده بران فخرِ زمن بگريستَي

هَوندَ هن مُنهنَ ۾ سؤ اکيون هجن ها،
تہ آءٌ ان فخرِ ڪائنات تي سؤ اکين سان روئان ها.

(3)

رشتہءِ موي حسين آغشتہءِ در خاک وخون
چشم شب کوتابران مشکين رسن بگريستَي [ص٨٥]

حضرت امام حسين عليه السلام جا پِوتر گيسُو خاڪ ۽ خون منجھ لُٿڙيل آهن، ڪِٿي آهي رات جي (آنڌاري جِي) اک، جيڪا انهن مشڪ وسيل وارن تي روئي.

(4)

يوسف مصري نبي را جامہ پر خون شد کجا است
ديده يعقوب تا بر پيرهن بگريستَي

مصر واري يوسف نبيءَ عليه السلام جي رت هاڻو ڳُڙتو ڪٿي آهي؟
جو يعقوب عليه السلام جو اکيون سندس پهرياڻ تي روئن.

(5)

کوه را گر گوش بودي تاشَنَيدي ناله اش
باهمه سنگين دلي کوه حزن بگريستَي

جيڪڏهن جبل کي ڪَنَ هجَن تہ هُو سندس فريادون ٻڌي ها، ان سموري سنگدليءَ سميت پٿرُ بہ پيڙا محسوس ڪندي روئي پوي ها.

(6)

طفلِ خوردِ شهربانو تشنه لب شد آب کو
تابران لب تشنهءِ شيرين دهن بگريستَي

حضرت شهربانو عليها السلام جو اُبهم ٻچڙو اڃارو آهي، ڪٿي آهي پاڻي؟
جيڪو انهن اڃارن چپن ۽ مٺڙي ٻولي ٻوليندڙ ٻارڙي تي اچي روئي.



Scanned with CamScanner

پيرسن راهب اهو مرثيو ٻڌي بيهوش ٿي ويو. جڏهن هوش ۾ آيو ته اتي ڪنهن به پالڪيءَ ۾ پالڪي سوارن جو ڪو نانءُ نشان نه نظريس ته اتي ڊوڙندي وڃي. سر مبارڪ واري ڪمري جو لشڪر پاران ڏنل تالو ڀڳائين ۽ پيٽيءَ جو پڙ قفل ڀڃي، پيٽيءَ اڳيان پاڻ کي زمين تي ڪيرائي تمام گهڻو رُنو ۽ ان کان پوءِ امام مظلوم جو سر مبارڪ ٻاهر ڪڍي مشڪ ۽ گلاب سان ڌوئي ٺئين آسڻَ تي رکي، يڪدم شمع روشن ڪري اڳيان رکي، پاڻ پري ادب سان دوزانو ٿي ويهي، سر مبارڪ کي ڏسي روئندي ۽ زاريون ڪندي عرض ڪيائين: اي جهان جي سردارن جا سردار! اي بني آدم جي ڀلارن جا رئيس! منهنجو خيال آهي ته تون انهن هستين منجهان آهين، جن جا ڳُڻَ مون موسيٰ عليه السلام جي توريت ۾ ڏٺا آهن ۽ عيسيٰ عليه السلام جي انجيل منجهه پڙهيا آهن. توکي سوڳنڌُ آهي، اُن خدا جو جنهن توکي اهو مقام ۽ منزل عطا ڪئي آهي، جو بزرگ ۽ معصوم ضاعفون ۽ ان کانسواءِ خاندانِ نبوت جون پرديدار خواتين تولاءِ پار ڪڍي رنيون! مون کي ٻڌاءِ تون ڪير آهين؟ فوراً حڪمِ حضرت ذُوالجلال سان امام حسين عليه السلام جن جي سياهي سِر سخن ايجاد ڪندي فرمايو: اي پيرسَن! آءٌ پيڙهيل ۽ مظلوم آهيان. آءٌ هڪ ڏکايلُ ۽ غمن جو ماريل آهيان. آءٌ دشمنن جي ٽيڳن ۽ ترارن جو ڪٺل آهيان. آءٌ بي وطن ۽ سندم گهرَ ۽ خاندانَ کان وڇڙيل آهيان. نظم:

(1)

مـــن خســـته وبيـــدلي نـــاتوانم،
نه ياري نه ڪاري نه خاني نه ماني [ص٨٦]

آءٌ دردِ دل جو ماريل ۽ لاچار آهيان.

نه منهنجو ساٿ سلامت رهيو ۽ نه ورن، گهر ۽ خاندان ئي باقي بچيو.

(2)

اسيري غريبي، شهيدي حزيني
نه همراه اميني، نه از کس اماني



Scanned with CamScanner

قيد ۾ بيوطني، راهِ خدا ۾ ڪسجڻ ۾ پيڙا ۾ پچڻ اسان جو حصو آهي، اسان جو نہ ڪو اعتماد جوڳو دوست رهيو آهي ۽ نہ ئي پنهنجي لاءِ ڪا پناھہ گاھہ محسوس ڪريون ٿا.

پير مرد عرض: اڃان وڌيڪ ٻڌايوم. امام حسين عليہ السلام جن جي سِر مبارڪ فرمايو: اي پيرسن! منهنجي حسبَ نَسبَ بابت پيو پڇين يا پياسَ ڪان پڇڻ ۾ ڪامڻَ جي مصيبت ٿو معلوم ڪرڻ چاهين؟ جيڪڏهن منهنجي پيڙھہ پيو پڇڻ چاهين تہ آءٌ مصطفيٰ (صلي الله عليہ وآلہ وسلم) جو پٽ آهيان. آءٌ الله جي چونڊ ٻانهي جي فرزند آهيان. آءٌ علي مرتضيٰ عليہ السلام جو نينگر آهيان. آءٌ الله تعاليٰ جي پسند پيلَ وليءَ جو اولاد آهيان.

نظم:

(1)

من نورِ دو چشم مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم ام
من فرزندِ علي مرتضيٰ عليہ السلام ام

آءٌ مصطفيٰ (صلي الله عليہ وآلہ وسلم) جي اکين جو نور آهيان.
آءٌ علي مرتضيٰ عليہ السلام جو پُٽ آهيان.

(2)

سر دفترِ خاندانِ خويشم
برگزيدهءِ حضرتِ خدا ام

پنهنجي خاندان جو مُهندار آهيان.
آءٌ الله تعاليٰ جو چونڊ ٻانهو آهيان.

(3)

نه، نه، که غيب مستمندم
مظلوم شهيد کربلا ام

نہ نہ! آءٌ غريب ۽ محتاج ناهيان.
(بلڪ) آءٌ مظلوم ۽ ڪربلا جو ڪُٺل آهيان.

پيرسن راهب اهڙو احوال ٻڌڻ ڪانپوءِ سندس مريدن کي گهرايو جيڪي ستر ڄڻا هئا. ساڻن سمورو سربستو حال ڪيائين. اهو قصو ٻڌندي ئي سيني ۾ ڪهرام ۽ رڙيون پئجي ويون. سندن لباس چاڪ

ڪري ڇڏيائون ۽ انهيءَ حال ۾ امام زين العابدين ؑ جن جي خدمت ۾ پهچي سندن "زنار"[1] ڇنِي ڪلمءِ شهادت پڙهيائون ۽ امام زين العابدين ؑ جا هٿ ۽ پير چمندي چيائون: اي فرزندِ رسولِ خدا! اجازت ڏيو تہ گرجا کان ٻاهر وڃي مٿن راتاهو هڻي، هنن نيچ نياڳن ۽ لعنتيرن جو ڪم پورو ڪري دل جو بار هلڪو ڪريون. امام زَين العابدين ؑ جن فرمايو: الله تعاليٰ توهان کي پلو اجر عطا ڪري، اهي پلپل سزا ۾ گذاريندا ۽ جيڪي پوکيو اٿائون، اهو ئي لڻندا.

نظم:

ظالمان رابکردگار[2] گذار

تاجزا شان دهد هزاري زار

ظالمن جو فيصلو الله تعاليٰ جي حوالي ڪريو.

تہ جيئن نهايت ذلت ۽ خواريءَ سان سندن ڪِيتو آڏو اچي.

## محبت جي مارڳ ۾ سر ڏيئي سَرَهو ٿيو

راوي چئي ٿو تہ سِرَ مبارڪ جڏهن بازار ۾ آندا ويا تہ جامع مسجد جي اڳيان انهن جو گذر ٿيو. مسجد جي اڳيان اچي ڏاڙهيءَ سان هڪ پيرسنُ بيٺو هيو جنهن امام زين العابدين ؑ ۽ پاڪ خاندان جي ضاعفن جي پالڪين ڏانهن ڏسندي ئي [ص٨٧] چيو: الله جو شڪر آهي، جنهن توهان کي هلاڪ ڪري، ماڻهن کي توهان جي فتني کان نجات بخشي ۽ يزيد کي توهان تي غالب ڪيو. امام زين العابدين ؑ اهو ٻڌندي ئي هن ڏانهن رخ ڪندي فرمايو: اي پير مرد! قرآن مجيد پڙهيل آهين؟ هن هائوڪار ڪئي تہ امام پڇيس: قرآن ۾ هيءَ آيت ڏٺي اٿئي؟ : قُلْ لَّآ اَسْئَلُكُمْ عَلَيْهِ اَجْرًا اِلَّا الْمَوَدَّةَ فِى الْقُرْبٰى آيت[3] چيائين: هائو ڏٺي

---

- [1] زنار: گردن بند: ڏور يا ڪپڙي جي پٽيءَ ۾ ننڍڙي صليب پوئي مذهبي سڃاڻ طور عيسائي ڳچيءَ ۾ پائيندا آهن.
- [2] موساڻي ۽ موسوي: "بکرد کار"
- [3] ترجمو: (اي رسول (ﷺ)!) اوهان چئو تہ آءٌ توهان کان ان (تبليغ) تي ڪوبہ اجر نہ ٿو گهران، سواءِ ان جي تہ منهنجي قريبن سان محبت (مودت) ڪريو. سورتِ شوريٰ (42) آيت نمبر 23



Scanned with CamScanner

اٿم. امام زين العابدين ؑ فرمايو: رسول اللهﷺ جن جا اهي قريب (۽ ويجها مائٽ) اسان ئي آهيون، جن جي "مَوَدَّت" فرض آهي. اتي ئي امام فرمايو: اي بزرگ! ڀلا هيءَ آيت پڙهي اٿئي: اِنَّمَا يُرِيْدُ اللهُ لِيُذْهِبَ عَنْكُمُ الرِّجْسَ اَهْلَ الْبَيْتِ وَيُطَهِّرَكُمْ تَطْهِيْرًا آيت •

چيائين: هائو پڙهي اٿم. امام فرمايو: اهي اهلبيت ؑ اسان آهيون، جن کي هِنَ آيت تطهير سان مخصوص ڪيو ويو آهي. اهي ڳالهيون ٻڌي پيرسَن ڪنڌُ ڪٽي هيٺ ڪيو ڪجهه دير کان پوءِ روئڻ لڳو. جڏهن مٿس گريئَي غلبو ڪيو تہ هن عرض ڪيو: اي فرزندِ رسولِ خُدا! منهنجو عذرَ قبول ڪريو جو مون نٿَي ڄاتو تہ توهان ڪير آهيو. ان کان پوءِ قبلي رخ ٿي دعا گهرڻ لڳو: خدايا! آءٌ هن پاڪ جماعت جي دشمنيءَ کان توبهہ ڪريان ٿو ۽ هنن جي دشمنن کان بيزار آهيان ۽ هنن جي دوستن سان محبت ڪريان ٿو. ايئين ڪندي امام زين العابدين ؑ جي اُٺ جي پيرن ۾ وڃي پاڻُ ڪيرائي، مٿيءَ منجهہ غلطان ٿي دعا گهريائين: خدايا! جيڪڏهن منهنجي توبهہ قبول آهي تہ منهنجي حياتي کُٽاءِ. پير مرد جي دعا الله تعاليٰ جي فيصلي سان هڪ جهڙائي ڪندي قبول ٿي ۽ هڪ دانهن ڪيائين ۽ انهيءَ ئي گهڙيءَ دم پرواز ٿي ويس. سندس موت تي خاندانِ اهلبيت منجهہ ماتم مچي ويو امام سميت سڀئي پاڪ بيبيون مٿس روئڻ لڳيون.

نظم:

(1)

پير در راه محبت جان بداد
جان براي وصلتِ جانان بداد

پير مرد محبت جي مارڳ منجهہ مُئو... اهڙيءَ طرح هو سِرُ سَٽِ ۾ ڏيئي (درد جو دارون ماٽيندي) محبوب جي وصال کي پهتو.

• ترجمو: سواءِ ان جي (ڪجهہ بہ) ناهي تہ الله تعاليٰ ارادو ڪري ٿو تہ اي اهلبيتؑ هُو توهان کان هر قسم جي پليديءَ کي پري رکي ۽ توهان کي اهڙو پوتر ۽ پاڪ رکي، جهڙو رکڻ جو حق آهي. (سورت احزاب (33) آيت نمبر 33.)



Scanned with CamScanner

(2)

چون سِرّ دوستي آگاه شد [ص۸۸]

با شهيدان در زمان همراه شد

جيئنَ ئي سِڳڻَ جي رمزَ جوماهر ٿيو تيئن ئي ڪاتيءَ هيٺيان پاڻُ ڏيئي، وچي واڍوڙين ۾ شامل ٿيو.

## هڪ ٻيو يهودي امام حسين عليه السلام جي سسيءَ جو اسير ٿي ڪُٺو

ابوالمفاخررازي چوي ٿو تہ ان ڏينهن هڪ يهودي وَڻجارو يزيد جي ڪچهريءَ ۾ حاضر هيو جنهن يزيد کان پڇا ڪئي تہ تنهنجي اڳيان رکيل سِسِي ڪنهن جي آهي؟ يزيد چيو: هيءَ ان شخص جي سِسِي آهي، جيڪو عراق ۾ منهنجي خلاف اٿي کڙو ٿيو هو. سندس ارادو هيو تہ پاڻ کي اميرالمومنين سڏرائي. سو منهنجي عملدارن ساڻس جنگ جوٽي، نتيجي ۾ سندس ۽ ساٿين جون سسيون مون ڏانهن اماڻيون اٿن. يهوديءَ پڇيو: ڇا هن سسيءَ جو صاحب شريف هو جنهن امامت جي منصب کي سندس حق پئي سمجهيو؟ يزيد چيو: هائو هو شريف هيو ۽ خاندانِ بني هاشم جي شريف ترين شخص جو پُٽ هو. يهوديءَ پڇيو: نالو ڇا هيس؟ يزيد وراڻيو: حسين عليه السلام. يهوديءَ پڇيو: سندس پيءُ جو نالو ڇا هو؟ يزيد ورندي ڏني: علي عليه السلام. يهوديءَ پڇيو: سندس ماءُ؟ يزيد جواب ڏنو: فاطمہ عليها السلام. يهوديءَ پڇيو: فاطمہ عليها السلام ڪنهن جي ڌيءَ هئي؟ يزيد جواب ڏنو: محمد صلى الله عليه وآله جيڏيءَ هئي. يهوديءَ چيو: هن منڍيءَ جو مالڪ توهان جي پيغمبر جو ڏوهٽو ٿيو؟ يزيد چيو: برابر. يهوديءَ حيرت جي اظهار لاءِ ڪنڌ کي ڌُوڻو ڏيندي هڪ وڏي دانهن ڪندي چيو تہ جيڪڏهن توهان جو نبي برحق هيو تہ پوءِ اوهان جي حال تي نهايت افسوس آهي. اي يزيد (ملعون)! منهنجي ۽ دائود نبيءَ عليه السلام جي وچ ۾ ستر (70) پيڙهين جو پنڌ آهي، ان ڪارڻ يهودي منهنجو پورو پورو احترام ڪندا آهن. جڏهن تہ محمد عربي صَلَوٰاتُ اللهِ وَسَلَامُهُ



Scanned with CamScanner

عَلَيهِ وَآلِهِ وَاَصحَابِهِ اجان ڪالھ جي ڳالھ آهي تہ توهان کان ڏار ٿيا آهن، اڄ توهان سندس اولاد سان هي سلوڪ روا رکيو آهي؟

نظم:

(1)

جواب چيست شُمارا اگر سوال کند
محمد ﷺ عربي از شما بروز جزا

حضرت محمد عربي ﷺ جيڪڏهن قيامت جي ڏينهن توهان کان سوال ڪن، تہ توهان وٽ ڪهڙو جواب آهي؟

(2)

آن چه بود که با اهلِ بيت عليهم السلام من کرديد
چون به ملک بقا رفتم از سراي فنا

فاني جهان کان ملڪِ بقا ڏانهن -منهنجي روانگيءَ کان پوءِ منهنجي خاندان سان اهو ڪهڙو سلوڪ ڪيوَ؟

(3)

جزائي آنکه شمارا به حق نمودم راه
روا بوَد که چنيها بما رسد ز شما

ڇا توهان کي راهِ حق ڏيکارڻ جو اهو ئي اجرَ هيو جيڪو توهان کان مون کي پهتو؟

يهوديءَ جي اهڙي گفتار تي يزيد ڏمرجي پيو ۽ هن کي خطاب ڪندي چيائين: ماٺِ ڪر يهوديا جيڪڏهن [ص٨٩] اسان جي پيغمبر ﷺ جن جو اهو فرمان نہ هجي ها تہ "جيڪو غير مسلمان ذِميءَ کي آزاريندو، آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جو دشمن هوندس". تہ آءٌ فرمان جاري ڪيان ها تہ تنهنجي منڍي ڌڙ کان ڌار ڪئي وڃي. يهودي وراڻيو: اي بيوقوف، عقل جا انڌا! جيڪو شخص هڪ يهوديءَ کي آزاريندڙ سان دشمني رکي ٿو اهو پنهنجي لختِ جگر لاءِ ڇا نہ ڪندو؟ حيف هجي، تنهنجي حال تي، جڏهن سسيءَ واري جو نانو خدا جو پيغمبر توسان دشمنيءَ جو اعلان ڪري ۽ سندس امڙ فاطمه زهراء عليها السلام



Scanned with CamScanner

محشر سندَي ميدان منجهہ تنهنجي گريبان ۾ هٿ وجهَي، اِتي يزيد تپي باهہ ٿي ويو ۽ نهايت ڪاوڙ ۾ جلاد کي حاضر ٿيڻ جو حڪم ڏنائين. اتي يهوديءَ ٿپو ڪائي وڃي امام حسين ﷺ جي منڍي هٿن ۾ وٺندي چيو: اي اَبا عَبدِاللهِ الحُسَين! آءٌ اوهان جو غلام آهيان ۽ سندم پوئتر دل سان مسلمان ٿيم: "اَشهَدُ اَن لآ اِلٰهَ اِلاّ اللهُ وَاَشهَدُ اَنَّ مُحَمَّداً رَسُولُ اللهِ: اي سيد! سڀاڻي سندءِ ناني سائينءَ سامهون منهنجي ايمان جي گواهي ڏجانءِ. يزيد ڏسي چيو: هينئر جڏهن سمجهين ٿو تہ تو کي قتل ڪندس تہ مسلمان پيو ٿئين. هو وراڻيو: اي يزيد بدبخت! آءٌ امام حسين ابن علي ﷺ کان تہ وڏيڪ صاحبِ فضيلت ناهيان! جڏهن تنهنجي حڪم تي اهڙي پاڪ هستيءَ کي ڪُٺو اٿائون، تہ هينئر منهنجي قتل جو بہ فرمان جاري ڪر. آءٌ اميدوار آهيان تہ اَلمَرءُ مَعَ مَن اَحَبَّ، (يعني: انسان جنهن سان محبت ڪندو ان سان گڏ هوندو) جي اصول هيٺ مون کي بہ قتل ڪري ڪربلا جي شهيدن ۾ شامل ڪر، تہ جيئن (قيامت ۾ آءٌ) انهن سان ئي محشور ٿيان. ايئين ڪندي يزيد جي حڪم تي ان نئين مسلمان کي پڻ شهيد ڪيو ويو.

## روم جي سفير يزيد اڳيان ڪلمہءِ حق بلند ڪيو

هڪ ٻئي ڪتاب منجهہ مذڪور آهي تہ "قيصرِ روم" پاران هڪ عيسائي ايلچي يزيد جي لاءِ سوکڙيون پاکڙيون آڻي، سندس دربار ۾ حاضر هو. جڏهن امام جو نوراني سر ڏٺائين تہ سندس دل مان هڪ آهہ ڪڍندَي چيائين: اي يزيد! پيغمبر ﷺ جن جي زماني ۾ واپار سانگي منهنجو مديني وڃڻ ٿيو. مون سندن خدمت ۾ تحفو پيش ڪرڻ پئي چاهيو. ان لاءِ اصحابن کان سندن پسند پڇيم. تہ چيائون: سُرهاڻ [ص.٩٠] پسند ڪندا آهن. تنهن ڪري، مون سندن لاءِ مشڪ جون ٻہ ٿيلهيون ۽ ڪجهہ نِجَ عنبر کڻي سندن خدمت ۾ روانو ٿيم. ان وقت پاڻ اُمّ المومنين اُمّ سلميٰ (رضي الله عنها) جي گهر ۾ هئا، اتي ئي ساڻن ملاقات ڪندي جمالِ باڪمال جو مشاهدو ماڻيم. سندن پاڪ ڳلن منجهان



Scanned with CamScanner

نڪرندڙ نُورَ منهنجو اندر اجاري وڌو ۽ منهنجو مَنُ سندن محبت جو ٿيدي ٻڌجي ويو. مون ڪين سلام ڪندي، سوکڙيءَ ۾ آندل سموري سُرهاڻ سندن خدمت ۾ پيش ڪئي. فرمايائون: هي ڇاهي؟ عرض ڪيم: حقير هديو آهي، جيڪو توهان جي خدمت ۾ آندو اٿم.

نظم:

(1)

پـائي ملخـي نـزد سـليمان الطَيْلاً بـردن
عيب اسـت وليكن هنـر اسـت از مـوري

هڪ ڪِئل جا پير جناب سليمان جي هٿن تي هجڻ، آهي ته خطا، پر ڪِئل جو سندن بارگاهه ۾ رسائيءَ جو طريقو ۽ هنر آهي.

(2)

بپذير اين تحفهءِ احقر، بكن شاها سليماني

اي سردار! اي فخرِ سليمان! هيءَ حقير سوکڙي سُوئيڪار ڪريو.

پاڻ سڳورن ﷺ مون کان نالو پڇيو. مون عرض ڪيو: "عبدالشمس"، فرمايائون: مون تنهنجو نالو "عبدالوهاب" رکيو جيڪڏهن اسلام قبول ڪرين ته سندءِ سوکڙي سوئيڪار اٿم.[1] مونکي ان ڏس ۾ ڇاڪاڻ ته ڪافي معلومات هئي ته پاڻ (برحق) پيغمبر آهن، جو حضرت عيسيٰ (عَليٰ نَبِيِّنَا وَ السَّلام) اسان کي ان باري ۾ علم ڏيئي چڪا هئا.

نظم:

عيسيٰ بنام اُوچو به اَيّام مَژده داد
ازيمنِ نامِ اُو نفسش جان به مُرده داد

حضرت عيسيٰ السَّلام جڏهن پاڻ سڳورن (ﷺ) جي پاڪ ذات جي ناليجي زماني کي خوشخبري ڏني، ان کان پوءِ ئي سندن (ﷺ) پَوِتر نالي جي برڪت سان مُردن کي جيئاريندا هئا.

---

[1] اها روايت بحارالانوار جي ج: 10، ص 266 ۾ اختصار سان موجود آهي. بحوالا ڪتاب "دربار يزيد" (سيد فيض الحسن موسوي) ڇاپو: ٻيون (2007) ناشر: ايليابڪس راولپنڊي



Scanned with CamScanner

مون يڪدم سندن مبارڪ هٿن تي ايمان آندو. آءُ مديني کان واپس هليو ويس ۽ پنهنجي دين کي ڳجهه ۾ رکيو. هينئر مون کي پنج پُٽ ۽ چار ڌيئرون آهن. اسان سمورا رومين منجهه رهي به مسلمان آهيون ۽ ڪجهه سالن کان روم جو وزير به آهيان ۽ ڪو به اسان جي احوال کان آگاهه ناهي. جنهن ڏينهن اُمّ المومنين اُمّ سلمي عليها جي گهر ۾ آءُ پيغمبر ﷺ جن سان گڏ هيس، ان زماني ۾ اهو مان وارو جنهن جي منڊي تو آڏو بي احتراميءَ جي حالت ۾ تو ڏسان، ٻارڙو هيو. سوجڏهن ڪمري ۾ داخل ٿيو ته پاڻ سڳورن ﷺ سندن ٻانهون ڊگهيري ڀاڪر ۾ ورتي، ڪيس لبن تي چميون ڏيندي فرمايو: رحمتِ خدا کان پري هجي اهو شخص جيڪو تو کي ناحق قتل ڪري. ٻئي ڏينهن آءُ پيغمبر ﷺ جي مسجد ۾ موجود هيس، هيءُ جوان ڀاءُ سِ سان گڏ، جيڪو هن کان وڏيرڙو هيو آيو. ٻنهي اچي عرض ڪيو: اي نانا سائين! [ص٩١] اسان ٻيئي پاڻ ۾ ملهه وڙهياسون. پر ٻيئي هڪ ٻئي کي دَسي نه سگهياسون. هينئر ڪيئن خبر پوي ته اسان منجهان ڪير وڌيڪ سگهارو آهي؟ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: اي ناني جا پيارئو! توهان کي ملهه نه ٿي سُونهين، توهان ٻيئي اکرن جو مقابلو ڪريو. جنهن جا اکر وڌيڪ ڀلا اهو وڌيڪ طاقتور ليکبو. بهرحال اهي ٻيئي ويا ۽ ڊار ڊار هڪ تحرير اچي پيغمبر ﷺ جن جي هٿن ۾ اچي ڏنائون. پاڻ سڳورن (ﷺ) ڪجهه غور ڪندي فرمايو: پٽڙئو! پنهنجي بابي سائينءَ کي ڏيکاريو جو سندس اکر ڀلا آهن ۽ اِنَ حوالي سان ستي چاڻ به اٿس، جو فيصلو ڪري ته توهان ٻنهي منجهان ڪنهن جا اکر ڀلا آهن. اهي ٻيئي ٻارڙا هليا ويا ۽ آءُ پاڻ سڳورن ﷺ جن جي بارگاهه منجهان ٻاهر نڪري آيم. منهنجي ”سلمان فارسيءَ“ (رضي الله عنه) سان دوستي هئي، ڪانئس پڇيم ته پاڻ سڳورن ﷺ جن سندن ڏوهٽن جي وچ ۾ اکرن جي مقابلي جو فيصلو ڇو نه ڪيو؟ سلمان (رضا) ورائيو: پاڻ سڳورن (ﷺ) کي ٻنهي سان محبت آهي، تنهن ڪري ان معاملي ۾ غور ڪيائون ۽ سوچيائون ته جيڪڏهن چوَن ته حسن عليه السلام جا



Scanned with CamScanner

اکر ڀلا آهن تہ حسين ؑ جو من ملول ٿيندو ۽ جيڪڏهن اهو فيصلو ڏين تہ حسين ؑ جا اکر سٺا آهن تہ حسن ؑ کي رنج رسندو. تنهن ڪري مجبوراً اهو مامرو سندن بابي سائينءَ جي سپرد ڪيائون. مون چيو توکي واسطو آهي، پنهنجي وچ ۾ سنگت ۽ ڀائپيءَ جو اها ڪوجنا ڪر تہ سندن بابي انهن ٻنهي جي وچ ۾ ڪيئن قضاوت ڪئي. سلمان (رضہ) منهنجي ڳالهہ قبول ڪئي ۽ اتي هڪ ٻئي کان موڪلايو سون. تان جو ٻئي ڏينهن ملاقات ٿي تہ پڇيو مانس: اي سلمان! ڪالهہ جيڪو ڪم توکي رکيو هئم، سو ڪٿي پهتو؟ چيائين ڀائو! ٻيئي ڀائر سندن بابي سائينءَ جي خدمت ۾ حاضر ٿيا. ساڳئيءَ طرح جيئن حضرت پيغمبر ﷺ جن جي ذهن مبارڪ منجهہ جيڪا ڳالهہ پيدا ٿي، اها ئي علي مرتضيٰ ؑ جي اندران اُسري ۽ پوءِ اهو فيصلو حضرت فاطمۃُ الزّهراء ؑ جي حوالي ڪرڻ لاءِ فرمايائون تہ پنهنجي امڙ جي خدمت ۾ وڃي سندن راءِ معلوم ڪريو تہ ان بابت ڇا ٿيون فرمائن. [ص٩٢] اهڙيءَ طرح حضرت فاطمہ ؑ جن جي خدمت ۾ پهچي عرض ڪيائون تہ ناني سائينءَ فرمايو تہ اسان ٻيئي ڪجهہ لکي ڪين ڏيکاريون، پوءِ اسان مان جنهن جا اکر وڏيڪ ڀلا هوندا، اهووڏيڪ طاقتور ليکبو.ان لاءِ اسان ٻيئي پنهنجا اکر کڻي حضرت خير البشر (ﷺ) جي بارگاهہ ۾ وياسون تہ اسان جو معاملو بابي سائينءَ جي حوالي ڪيائون. اهڙيءَ طرح جڏهن بابي سائينءَ وٽ وياسون تہ هنن اسان کي اوهان جي عدالت ۾ اماڻيو. سو هينئر حاضر آهيون ۽ اوهان اسان جا اکر ڏسي حق ۽ سچ جو فيصلو ڪريو. حضرت فاطمہ زهراء ؑ جن سوچ ۾ پئجي ويون تہ جيڪڏهن سندن بزرگوارن نانيَ ۽ بابيَ ناهي چاهيو تہ ڪين ڪو رنج رسي، تہ پوءِ آءٌ ڪيئن رنجايانِ. سو چيائون تہ توهان کي خبر آهي تہ آءٌ اهي ڳالهيون نہ ڄاڻان، پر هاڻ هيئن ٿي ڪريان تہ آءٌ پنهنجي مرواريد جي مالها جا سَت ئي موتي توهان تي ڇٽيان ٿي، جيڪو وڏيڪ موتي ميڙيندو ان جا اکر وڏيڪ سهڻا ۽ اهو وڏيڪ سگهارو ڳڻبو. ان کان پوءِ مٿن موتين جي ورڪا

ڪئي ويئي. امام حسن عليه السلام تي مٺيا ميڙي ورتا ۽ امام حسين عليه السلام پڻ تي گوهر گڏ ڪيا، ان ڪان پوءِ رهيلَ هڪ داٽي جي لاءِ ٻنهي جاکوڙڻ شروع ڪيو. يڪدم حضرتِ ذُوالجَلال جَلّ جَلالَہُ پاران جبرائيل عليه السلام کي حڪم ٿيو تہ فوراً ڪان بہ اڳ ۾ زمين تي پهچي، سندس شاناٽي پڙ سان ان آخري مٺئي کي ٻہ اڌ ڪري تہ جيئن هر هڪ شهزادو اڌاڌ مٺيو کڻي سگهي ۽ ڪوبہ ڏُکُ نہ پرائي. جبرائيل عليه السلام الله تعاليٰ جي حڪم هيٺ ان هڪ موتيءَ کي ٻہ اڌ ڪيو. اهڙيءَ طرح هر هڪ شهزادي ساڳيا تي موتي ڪنيا. اي يزيد ملعون! مٿين مذڪورَ منجهان اهو مفهوم معلوم ٿئي ٿو تہ محمد مصطفيٰ صلی الله علیه وآله، علي مرتضيٰ ۽ زهراء عليها السلام جن سندن دل ڏکي نہ پيا ديکڻ چاهين ۽ حضرت خداوندِ جَلّ جَلاَلُہُ پڻ نہ ٿي چاهيو تہ ٻنهي منجهان ڪنهن کي بہ صدمو سَهڻو پوي. مون کي "روم" ۾ اهو اطلاع مليو تہ توهان منجهان ڪنهن، هنن ٻنهي پيائرن مان ڪنهن هڪ کي هيري منجهان تيار ٿيل زهر ڏنو جو سندس جگر ٻاهتر (72) ٽُڪر ٿي واتان ٻاهر نڪتو ...... ۽ هينئر ڏسان ٿو تہ ٻئين ڀاءُ جي سِسِي ٻاهتر (72) ٻين سِسِين ساڻ تو اڳيان حاضر آهي. [ص۹۳]خدا جِي ڪا مارَ پوي تو تي ۽ تنهنجي گڏَ لڳڻ وارن تي.

نظم:

(1)

اي ناکسان به نسبتِ فرزند مصطفيٰ صلی الله علیه وآله

باشد به هيچ وجه روا کين چنين کند

اي نالائق ۽ نيچ انسانؤ! جناب مصطفيٰ (صلی الله علیه وآله) جي پٽ سان اهڙو بغض ۽ ڪينو ڪنهن بہ طرح روا نہ هيو.

(2)

برحلقِ تشنهءِ دين تِيغِ کين نهيد

درخاک و خون نهال رُخِ آن نازنين کنيد

دين جي بادشاهہ مولا حسين عليه السلام جي ڪومل ۽ ڦلهڙي ڳل تيڪيني جي ڪنارَ وهائيسندس اَڏ ڪِڙيل گل جهڙن ڪوئنرن ۽ نفيس



Scanned with CamScanner

مهانڊن کي مٿيءَ ۽ رت ۾ رولي ڇڏيو.

جڏهن گفتگو جو سلسلو اتي پهتو ته ڪچهري ۾ ويٺل ماڻهن منجهان هڪ (شخص اهڙي ته) فرياد بلند ڪئي جو يزيد پليد ڊڄي ويو... ۽ چوڻ لڳو: اي عبدالشمس! تون ماڻهن کي منهنجي خلاف ڀڙڪائين ٿو ۽ رعيت کي بغاوت جي راهه ٿو ڏيکارين؟ جيڪڏهن روم جي بادشاهه جو سفير نه هُجين ها ته سزا ڏيانءِ ها. عبدالشمس چيو: اي بي شرم نا انصاف! روم جي بادشاهه جي سفير جي عزت جو خيال اٿئي! جڏهن ته الله تعاليٰ جي سفير جي حرمت هيٺائين پيو ڪرين؟! اتي يزيد سندس نوڪرن کي رڙ ڪري چيو ته هن کي سندس دربار مان ڌڪي ٻاهر ڪڍو ۽ پوءِ هن کي دربار منجهان ٻاهر ڪڍيو ويو.

## خاندانِ رسالت جي محب تي پاڪ رسول ﷺ جي نوازش

ڪتاب "عُيون اَخبَارَ الرِّضا"[1] منجهه "دِعبل خُزائيَ" جو پُٽ روايت ڪري ٿو ته جڏهن منهنجي پيءُ جي وفات جو وقت ويجهو ٿيو ته سندس زبان بند ٿي ويئي ۽ مُنهن ڪارو ٿي ويو. ان صورتحال مون کي ڏيڇاري ڇڏيو سو مون اها ڳالهه ڍڪ ۾ رکي. سوچيم ته سندس موت کان پوءِ ڳجهه ۾ کيس غسل، ڪفن ۽ دفن ڪرايان. بهرحال ان حوالي سان گهڻو پريشان هيس ته رات جو مون بابي کي خواب ۾ سهڻي ۽ روشن صورت ۾ پيلي ۽ سفيد لباس منجهه ڏٺو. مون پڇيو: بابا! الله تعاليٰ توهان سان ڪهڙو سلوڪ روا رکيو؟ بابو وراڻيو: مون کي بخشي ڇڏيائين. مون چيو: مرڻ مهل ته توهان جي منهن تي عجيب علامتون اُسري آيون هيون؟! چيائين: هائو مُنهن ڪارائجي ويو هيم ۽ زبان بند ٿي ويئي هيم. چاڪاڻ ته آءُ شراب پيئندو هيس. جڏهن مري ويس ته مون کي قبر ۾ لاٿائون. اتي به اهائي صورتحال هئي: اوچتو ڏٺم ته رسولِ خدا ﷺ جن تشريف فرما ٿيا. مون کان پڇيائون: دِعبل تون ئي آهين؟

---

[1] ليکڪ: ابي جعفر محمد ابن علي بن حسين، المعروف شيخ صَدوق، ص: 657 ۽ 658، ج: 2.

عرض ڪيم: هائو اي الله جا رسولﷺ (ﷺ) فرمايائون: منهنجي اهلبيت جي شهيدن لاءِ جيڪو مرثيو چيو اٿئي، سو پڙهہ. [ص۹۴] مون پڙهڻ شروع ڪيو:

لَا اَضحكَ اللهُ سِنَّ الدَّهرِ اِنَّ ضَحِكَت

وَآلُ اَحمَدُ مَظلُومُون قَد قهِرُوا

جيڪڏهن زمانو کلڻ چاهي تہ الله تعاليٰ سندس ڏندَ (کلڻ لاءِ) ظاهر نہ ڪري، ان حال ۾ جو پاڪ پيغمبر (ﷺ) جي اولاد تي ظلم ۽ ڏاڍ ڪيو ويو آهي

مون مٿيون مرثيو مقطعي تائين پڙهيو حضرت رسالت مآب ﷺ جن روئڻ لڳا. جڏهن مرثيو پورو ٿيو تہ فرمايائون: پلو پڙهيو اٿيئي ۽ پوءِ منهنجي شفاعت ڪندي، منهنجا گناهہ معاف ڪيائون، هيءَ لباس رسولِ خدا (ﷺ) جن جو آهي، جيڪو مون ڪي پهريل آهي.

مٿين روايت منجهان معلوم ٿئي ٿو تہ امير حسين عليہ السلام تي روئڻ سان انسان عظيم اجرُ ۽ پلاري جزا ماڻي ٿو.

نظم:

(1)

ديده كز بهرِ شهيدِ كربلا شد اشكبار

يابد از نور سعادت روشني روز شمار

اهڙي اک جيڪا شهيد ڪربلا لاءِ رُني، سا قيامت ڏينهن سياڳ ۽ سعادت جي سوجهري منجهان جوتِ ماڻيندي

(2)

از عقيق تشنهءِ شاه شهيدان ياد كن

گوهرِ اشك ازبهر ديدهءِ خونين بِبار

سَيِّدُ الشُّهداء عليہ السلام جي اڃايل عقيق کي ياد ڪندي پنهنجين رت ۾ رنگين اکين منجهان ڳوڙهن جا بي بها موتي برساءِ



Scanned with CamScanner

(3)

هر كه اُو امروز گريان است از بهر حسين عليه السلام
بالبِ خندان بُوَد فردا بصد اقتدار

جيڪو اڄ حسين عليه السلام لاءِ روئي ٿو سو سڀاڻي (قيامت ڏينهن) اقتدار جي ڪرسيءَ تي مرڪندڙ مهاندڻ سان ويهندو.

## امام حسين عليه السلام جي قاتلن لاءِ بخشش جي دعا الله تعاليٰ وٽ مقبول نا هي

"صحيفهءِ اشرفيه" ۾ حضرت امام علي رِضا عليه السلام جن جي سَنَدُن سان، آيو آهي ته حضرت رسولِ خدا صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو: حضرت موسيٰ بن عمران عليهما السلام سندن ڀاءُ هارون عليه السلام جي وفات کان پوءِ بارگاهِ باريءَ ۾ دعا لاءِ هٿ بلند ڪيا: يا الاهي! منهنجي ڀاءُ هارون عليه السلام موت جو ذائقو ورتو ۽ هو فنا جي قيد منجهان نڪري بقا جي باغ ڏانهن لڏي هليو. هينئر منهنجي ۽ هن جي مغفرت فرماءِ. الله تعاليٰ ڏانهسِ "وحي" ڪئي ته جيڪڏهن مون کان اولين ۽ آخرين جي (گنهگارن جي بہ) مغفرت ۽ بخشش گهرندين ته بہ آءٌ تنهنجي دعا قبول ڪندس. پر امام حسين ابنِ علي عليهما السلام جي قاتلن جي بخشش جي دعا قبول نہ ڪندس، جو هنن کان پلاند وٺڻ جو ذمو مون پاڻ تي رکيو آهي.

نظم:

ڪسي ڪو آنچنان خوني بريزد
چنان افتد ڪه (شايد) برنخيزد

يعني:

جيڪو اهڙو (پوِتر ۽ پاڪ) رت وهائي،
اهو ايئين ڪرندو جو وري نہ اُٿي سگهندو.

## دوزخ ۾ "شديد" نالي نانگ جي سَدَ

"ڪنزالغرائب" ۾ آيو آهي ته دوزخ ۾ "شديد" نالي تمام وڏو ۽



Scanned with CamScanner

خوفناڪ نانگ آهي، جيڪو روزانو ستر (70) ڀيرا لرزش ۾ اچي، سندس زهر ٻاهر اڇلي ٿو. [ص٩٥] الله تعاليٰ ڪائنس پڇندو آهي ته "اي شديد"! ڇا ٿو چاهين؟ "شديد"عرض ڪندو آهي ته پالڻهار! امير امام حسين عليه السلام جي قاتلن جي سزا ۽ سيڪت منهنجي حوالي ڪر ته آءُ پنهنجو زهر مٿن وهايان. الله تعاليٰ سندس جواب ۾ فرمائيندو آهي ته ماٺ ڪر، هنن جو عذاب تنهنجي ئي ذمي آهي، سيني ڪي چڱيءَ طرح ڏنگجانءِ ۽ ان سزا ۾ هو تمام گهڻي تڪليف ڏسندا. اهي آخرت جون اهڙيون عقوبتون آهن، جن جي ڪا انتها ۽ اختتام ناهي، جڏهن ته دنيا ۾ ڪوفي ۽ شامي جنگجو سپاهي ۽ تماشو ڪندڙ جيڪي ڪربلا ۾ موجود هئا. بلڪ اهي ماڻهو جيڪي اُت موجود نه به هئا ۽ امام معصوم جي قتل تي خوش ٿيا، انهن مان هر هڪ دردناڪ ۽ عظيم عذاب ۾ مبتلا ٿيو.

## امام حسين عليه السلام جو دشمن خارجي ۽ سڙي مئو

"ڪنز الغرائب" ۾ امام سدي رحمه الله لکي ٿو ته اسان جي ڪچهريءَ ۾ هڪ خارجي ويٺو هيو ڪچهريءَ ۾ امام حسين عليه السلام جن جي شهادت جي باري ۾ پئي گفتگو ڪئي سون، ڪچهريءَ ۾ ويٺل هڪ شخص چيو: ڪوبه اهڙو شخص ناهي، جيڪو امام حسين عليه السلام جي قتل تي خوش ٿيو هجي ۽ اهو گندو ٿي نه مئو هجي. تنهن تي ان خارجيءَ چيو: اي عراق وارؤ! ڪوڙ ٿا ڳالهايو آءُ سندس ڪيس تي سرهو ٿيس، پر مون کي ته ڪجهه به نه ٿيو. بس اسان جي ڪچهريءَ ۾ ويٺي ئي الله تعاليٰ جي قدرت سان ڏيئي جي لاٽ پڙڪو ڪائي سندس ڏاڙهيءَ تي وڃي پيئي ۽ هن ڪميني کي ساڙڻ لڳي، هي اٿي پاڻيءَ جي ڳولا ۾ ڀڄڻ لڳو ۽ هڪ کسيءَ ۾ وڃي پاڻ اڇليائين، پر باهه پوءِ به نه وسامي ۽ پاڻيءَ منجهه به سندس کل ۽ گوشت ساڙي ڇڏيائين، ايستائين جو پاڻيءَ ۽ باهه جي وچ ۾ سڙي مئو ۽ نظر وارن مٿان اُغرقُوا



Scanned with CamScanner

فَاُدخِلُوانَارً[1] جو راز پڌرو ٿي پيو.

نظم:

آب ناداده شهيدان را چو آتش درزدي
بايدت بيشک ميانِ آب و آتش سُوختن

تو شهيدن کي پاڻي نہ ڏنو هٿئون سندن گهرن کي باهہ
ڏني، پوءِ تو لاءِ پاڻي ۽ باهہ جي وچ ۾ سڙڻ لازمي هيو.

## خاندانِ رسالت کي اُجو رکڻ جي سزا

امامِ حسن بصريءَ[2] [ص۹۶] جو بيان آهي تہ هڪ شخص اسان وٽ شرعي مسئلا سکڻ لاءِ ايندو هو پر اسان ساڻس ويهڻ کان سخت نفرت ڪندا هئاسون، ڇاڪاڻ تہ ڳالهائڻ وقت منجهانئس تمام گهڻي ڏَپ ايندي هئي، اهڙي جو ڪنهن کي بہ ان ڏپ جي سَهَپ نہ هئي. حضور شرميءَ کان ڪانئس ڏپ جو سبب نٿي پڇيوسون، نيٺ هڪ ڏينهن مون هن کان ان جو سبب پڇيو تہ هن تمام گهڻو لڄي ٿيندي چيو: آءٌ توهان کي ان جو راز ٻڌائيندس، پر مون کي خوار نہ ڪجو. توهان کي معلوم هجڻ گهرجي تہ آءٌ ان ٽولي ۾ شامل هيس، جن فُرات جي ڪناري تي پهرو پئي ڏنو تہ جيئن امام حسين عليه السلام جو لشڪر پاڻيءَ تائين نہ پهچي سگهي. جيڪڏهن ڪو اچي پهتو ٿي، تہ ان کي روڪي پئي ڇڏيوسون. ڪربلا جي واقعي کان پوءِ هڪ رات خواب ۾ ڏٺم تہ قيامت قائم آهي ۽ آءٌ عظيم اُڃ ۾ مبتلا هيس، پاڻيءَ لاءِ هيڏانهن

---

[1] ترجمو: اهي سڀ (سندن خطائن سبب) غرق ڪيا ويا ۽ پوءِ دوزخ منجهہ داخل ڪيا ويا. (سورتِ نوح آيت نمبر 25).

[2] خواجہ حسن بصري رحمة الله عليه وڏو عالم دين، مختلف علمن ۾ ممتاز فاضل، مستند محدث ۽ اعليٰ درجي جو فصيح البيان واعظ هو. کيس تصوف جي روحاني سلسلن ۾ حضرت علي عليه السلام تائين اهم واسطو هجڻ باعث امتيازي حيثيت حاصل آهي. پاڻ رجب المرجب ۱۱۰هہ/ 10 آڪٽوبر 728ع جو بصري ۾ انتقال ڪيائون.
(ڏسو ڪتاب: ڪلمات الصادقين، تاليف محمد صادق دهلوي ڪشميزي همداني، ترجمو لطيف الله، اداره نشر المعارف ڪراچي، 1995ع، ص63_262)

هوڏانهن هٿ پير پئي هنيم، پر پاڻي نہ ماٺي سگهيم. ايتري ۾ مون ڏٺو تہ حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ، علي، فاطمه، حسن ۽ حسين صَلَوَاةُ اللهِ عَلَيهِمِ اَجمَعِين ۽ ڪجهہ اَڪابر اصحاب حوضِ ڪوثر جي ڪناري تي ويٺا آهن ۽ اتي ئي ڪجهہ اصحاب سڳورا پَيرَين اُڀا بيٺا آهن. انهن کان سواءِ ڪجهہ (پاڻيءَ پيارڻ وارا) ساقي آهن، جن اُڃارن کي آبُ ڏنو پئي. مون حضرت رسالت مآب ﷺ جن جي آڏو وڃي پاڻيءَ جي طلب ڪئي. پيغمبر ﷺ جن فرمايو: هن کي پاڻي ڏيو، پر ڪنهن بہ مون کي پاڻي نہ ڏنو، تانجو تي پيرا فريادون ڪيم، پر ڪنهن بہ منهنجي دانهن تي ڌيان نہ ڌريو. جڏهن چوٿون ڀيرو رڙ ڪيم تہ پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو: هن کي پاڻي ڇو ڪونہ ٿا ڏيو؟ عرض ڪيو ويو: يا رسول الله (ﷺ)! هي شخص انهن منجهان آهي، جيڪي درياءِ فُرات تي قابض هئا ۽ امير حسين عليه السلام جي اُڃارن کي پاڻي نہ ڏنائون. پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو: هن کي ڊامر (ڏامر Coaltar) پياريو. سو جيئن ئي مون ڊامرَ جو ڦڙو چکيو تہ منهنجي اک کلي ويئي [ص٩٧] ۽ مون پاڻ منجهہ اها بدبوءِ محسوس ڪئي، جيڪي پيتم پئي، سو ڊامرَ پئي ٿي ويو ۽ ان جي ڏپ ماڻهن جي ڪراهت جو ڪارڻُ پئي ٿي. امام حسن بصريءَ (رضہ) فرمايس: آئيندي، اسان وٽ نہ اچجانءِ، جو تنهنجي موجودگيءَ سان اسان جي دلين کي آزار ٿو پهچي. نيٺ، ٿوري ئي عرصي اندر ڏاڍو خوار ٿي مُئو.

نظم:

اعداي تُرا، دهد خداوند
مرگي که ازان بترنه باشد

يعني:

تنهنجي دشمنن کي ڏئي ٿو خدا، اهڙو موت جنهن کان نہ بدتر آهي شيءِ ڪا.

## قاتلان حسين عليه السلام جي دنيا ۾ سزا

"ابوالمفاخر" چئي ٿو ته هڪ شخص مُنهَنتي پُٺ ٻڌي ڪعبي جو طواف پئي ڪيو ۽ ان دوران دعا گهرندو رهيو ته اي باري بخشڻهار! مون کي بخش، پر آءٌ ڄاڻان ٿو ته نه بخشيندين. حرمِ بيتُ الله جي سادات ۽ مشائخن چيس: اي عزيز! رحمان جي رحمت کان مايوسي ڪفر آهي. ڪنهن جا ڪيترا به گناهه بي شمار هجن، جيڪڏهن هو ڏٺيءَ دِرِ موٽ کائي ۽ توبهه ۽ معافيءَ جي لاءِ ليلائي، ته ٻاجهه ۽ بخشش جي اميد آهي. نظم:

اگرچه جرم بيش از بيش دارم
به الطافِ خدا اميدوارم

جيتوڻيڪ گهڻي کان به گهڻا ڏوهه ڪيا اٿم،
پر پوءِ به خدا جي لطف ۽ ڪرم جواميدوار آهيان.

تون نااُميديءَ جو اظهار ڇو ٿو ڪرين ۽ سنڌءِ نه بخشجڻ جي ڳالهه ڇا لاءِ پيو ڪرين؟ هو وراڻيو: اڇو ته اوهان کي اصليت کان آگاهه ڪريان ته سندم نااُميدي ڇا کان آهي. چيائونس: بيان ڪر، اسان به ٻڌئون. چيائين: آءٌ به اُن لشڪر ۾ هيس، جنهن امير حسين عليه السلام سان جنگ جهيڙي هئي ۽ سندن شهادت کان پوءِ ان ٽولي جو همسفر هيس، جنهن امام جو سر مبارڪ شام ڏانهن پئي نيو. اسان ڪُلُ پنجاهه (50) ڄڻا هئاسون، جن تي سيني سِڀين جي نظرداريءَ جي ذميداري هئي. ان منحوس ۽ مُرده ضمير ٽولي جتي به منزل پئي ڪئي، اتي امام عليه السلام جي پاڪ سر وچ تي رکي شراب پيئندا هليا ۽ آءٌ اُهو سَڀُو ڪجهه پري کان ويهي ڏسندو هليس ۽ ڪڏهن ڪڏهن سندم ۽ هنن جي بدبختيءَ جي صورتحال ۽ نتيجي کي نظر ۾ رکندي روئي به ڏنم. بهرحال هڪ رات معمول مطابق، اهي شراب خوريءَ کان پوءِ سمهي پيا. آءٌ اڃان سجاڳ ئي هيس ته اوچتو [ص٩٨] رڙين، گوڙگُن ۽ دانهن جو آواز ڪنن تي پيم. پر ڪو نظر نه ٿي آيو. انهيءَ صورتحال ۾ مون مٿي نظر ڪئي ته مون کي ڏسڻ ۾ آيو ته آسمان جا دروازا کليا. ڏٺم ته نور جو هڪ خِيمو حضرت



Scanned with CamScanner

امام حسين ﷺ جن جي سر جي سامهون اچي هوا منجهہ مُعَلق ٿي (لٽڪي) بيهي رهيو جنهن مان ٿي ڇٽا روحاني مُنهَن مهاندن ۽ نوراني پَرن سان هيٺ لٿا ۽ شهيد جي سر پاڪ جي زيارت ڪيائون. هڪ شخص اچي پوشاڪ ۽ سائي پڳ سان منهنجي مٿان اچي بيٺو. چيومانس: هي ڪير آهن؟ چيائين: اهي بارگاهِ بي نياز جا مقرب آهن. پهريون جبرائيل آهي، ٻيون ميڪائيل ۽ ٽيون اسرافيل (عليهم) آهي. ايتري ۾ جبرائيل ﷺ خيمي جي هيٺان وڃي عرض ڪيو: اي صَفِيَّ الله! هيٺ لهي اچو. مون ڏٺو تہ آدم شيث ۽ ادريس (عليهم) هيٺ لٿا ۽ شاهزادي جي سر جي زيارت ڪيائون. جبرائيل ٻيهر خيمي اڳيان وڃي ارداس ڪيو: اي نَجِيَّ الله! هيٺ هليا اچو. ڏٺم تہ حضرات نوح ۽ سام (عليهما) هيٺ لٿا. ٽئين ڀيري جڏهن جبرائيل هيٺ لهڻ لاءِ گذارش ڪئي تہ حضرات ابراهيم، اسماعيل ۽ اسحاق (عليهم) هيٺ تشريف فرما ٿيا. ان کان پوءِ جبرائيل ﷺ جي التماس تي حضرات موسيٰ ۽ هارون (عليهما) خيمي منجهان ٻاهر آيا ۽ وري ٻيهر جبرائيل ﷺ درخواست ڪئي تہ: اي رُوحِ خدا! اوهان بہ اچو ۽ پوءِ حضرت عيسيٰ ﷺ نازل ٿيا. جيڪو بہ نبي هيٺ پئي آيو تنهن امام حسين ﷺ جي منڍيءَ جي زيارت پئي ڪئي. هينئر جبرائيل آخري دفعو خيمي وٽ وڃي التجا ڪئي: اي حبيب خدا! اوهان بہ هيٺ هليا اچو. ڏٺم تہ پاڻ سڳورا (ﷺ) بزرگ اصحابن ۽ شرافت مآب اهلبيت: علي ﷺ، حسن، حمزه ۽ جعفر طَيّار رَضِيَ اللهُ عَنهُم اَجمَعِينَ سميت هيٺ تشريف فرما ٿيا. جڏهن رسولِ خدا ﷺ جن ان خيمي منجهان ٻاهر آيا تہ مون ڏٺو تہ امام حسين ﷺ جن جي سسي [ص٩٩] سندن جڳهہ تان متحرڪ ٿي سَتَّر قدم اڳتي وڌي، ڊوڙندي وڃي پنهنجي پيشاني پاڻ سڳورن (ﷺ) جي پيرن تي رکندي، وڏي آواز سان دانهن ڪندي چيائون: بابا! هي ڏسو هنن ظالمن ۽ بدڪارن مون سان ڪيڏو نہ ڏاڍُ ۽ ظلم ڪيو آهي. عالمين جا سردار صَلَوَاةُ اللهِ عَلَيهِ وَ سَلامُہُ سِسِي کڻي سندن مُنهَن تي مليندي روئڻ لڳا ۽ پوءِ سمورا نبي (عليهم) پڻ پاڻ سڳورن (ﷺ) جي پيرويءَ ۾ روئي پيا.

نظم:

(1)

آدم در اين عزا به غم و غصه مبتلا است
كشتيءِ نوح غرقهءِ طوفان ازين بلا است

آدم عليه السلام هن سوگ ۽ عزاداريءَ جي حوالي سان نهايت درد ۽ رنج ۾ مبتلا آهي، (۽) نوح عليه السلام جي ٻيڙي (به) ان ئي مصيبت جي طوفان منجهه غرق آهي.

(2)

هان! اي خليل ز آتشِ نمرود دم مزن
اين شعله بين که در جگر شاه کربلا است

خبردار! اي ابراهيم عليه السلام خليل خدا، متان نمرود جي آڙاهه ۾ ڪُڏي پوڻ تي فخر ڪيو اتي بلڪ ڪربلا جي بادشاهه جي جگر منجهه جهاتي پائي ڏسو ته ڪيڏا نه اُلا اٿي رهيا آهن.

(3)

رنگين چراست پيرهِن موسيٰ ز نِيل
وزدست غصه جبهءِ عيسيٰ چرا قبا است

موسيٰ عليه السلام جو پهرياڻ ڇو ماتمي آهي... ۽ عيسيٰ عليه السلام جو گريبان ڪهڙي غم ۾ چاڪ آهي؟

(4)

گويا براي ماتم سلطانِ دين حسين عليه السلام
چندين خروشُ و ولوله درخيلِ انبيا عليهم السلام است

مطلب ته دين جي بادشاهه حسين عليه السلام جي ماتم ۾ نبين سڳورن عليهم السلام جي ٽولي منجههتمام گهڻو گهرام متل آهي.

(5)

اينها غم از برائي دل مصطفيٰ صلى الله عليه وآله وسلم خورند
آن خود چه داغها است كه بر جانِ مصطفيٰ صلى الله عليه وآله وسلم است

اهي سمورا جناب مصطفيٰ (صلى الله عليه وآله وسلم) جي درد ۾ ڏکي آهن، ته پوءِ

رنجَ ۽ پيڙا جو اهو پهاڙ جيڪو جناب مصطفيٰ (صلى الله عليه وآله وسلم) جي جانِ مٿان اچي پيو اهو ڇا هوندو؟

(6)

گر مصطفيٰ صلى الله عليه وآله وسلم بگريد زين غصه درخور است
بنالد زين نالها رواست عليها السلام و ز فاطمه

جيڪڏهن جناب مصطفيٰ (صلى الله عليه وآله وسلم) هن رنج ۾ روئن، ته اهو سندن حال مطابق آهي ۽ جيڪڏهن جناب فاطمه عليها السلام هن درد تي دانهون ڪن، ته بجا آهي.

جبرائيلَ اچي وڏي عرض ڪيو: يا رسول الله جيڪڏهن حڪم هجي ته ڪوفين ۽ شامين سان اهڙي (تعدي) ڪيان، جهڙي جناب لوط عليه السلام جي قوم سان ڪيم. پاڻ سڳورن (صلى الله عليه وآله وسلم) فرمايو: آءٌ چاهيان ٿو ته سڀاڻي قيامت ڏينهن هنن جي خلاف ڏُر تي بيهان. جبرائيل عرض ڪيو: اي ثقلين جا سردار! ڪجهه ملائڪ هيٺ آيا آهن، عرض ٿا ڪن ته ڪين حڪم ٿئي ته هنن پنجاهه ڄڻن جو سِرُ ڪٽئون. پاڻ سڳورن (صلى الله عليه وآله وسلم) ان جي اجازت ڏني. اجازت ملڻ کان پوءِ ملائڪن [ص۱۰۰] سندن هٿن ۾ ڪنيل باهه جا هٿيار هنن تي وَهائڻ شروع ڪيا، جنهن ڪي جو اهو هٿيار پئي هنيائون ته ان ڪي باهه وٺي ٿي ويئي ۽ اهو سڙي پئي ويو تان جو اٺونجاهه ڄڻا جَلِي مُئا. جڏهن منهنجو وارو آيو ته مون فرياد ڪندي چيو ته اَلاَمانُ يَا رَسُولَ الله فرمايائون: ٽري وڃ، الله تعاليٰ تنهنجي بخشش نه ڪري، هينئر ان ۾ شڪ ناهيِ ته جيڪو پيغمبر (صلى الله عليه وآله وسلم) جن فرمايو ان جي خلاف ڪجهه ناهي ٿيڻو. تنهن تي اهل حرم چيس: ڀلا مُنهُن ڇو لڪايو اٿئي؟ چيائين: ان واقعي کان پوءِ منهنجا مهانڊا مسخ ٿي ويا. ماڻهن جي زور ڀرڻ تي پٽڪ جو لاٿائين ته صفا سوئرِ جي صورت ۽ ڏند ڪتي جي ڏندن جهڙا ظاهر ٿي بيٺس، حرم جي ساداتن ۽ مشائخن چَيُس: اسان کان پري ٿي وڃ ته تنهنجي گناهن جي شامت اسان تي نه اچي پوي. اهو شخص مُنهَن تان پٽڪ لاهڻ کان پوءِ حرم کان ٻاهر هليو ويو. اڃان حرم کان ڏهه وِکُون به ٻاهر نه ٿيو

هن جو آسمان کان وڄ اچيءَ انَ ناپاڪ وجود کي ساڙي ڇڏيو.
نظم:

(1)

از برقِ ستم هر که زد آتش به شهيدان
شد سوخته صائقهٔ خشم الاهي
جنهن به ظلم ۽ ڏاڍ جي ڪنوڻ سان شهيدن مٿان باهہ برسائي،
اُهو الاهي ڏمر جي وڄ جي شعلن جو شڪار ٿيو.

(2)

و زهر که الم يافت دل آن شهِ مظلوم
حقا که بيابَد الم نامُتناهي
۽ جنهن جي هٿان بہ مظلوم امام ﷺ کي درد ۽ پيڙا پهتي (تہ نتيجي ۾) يقيناً اُن اَبَدي الم ۽ دائمي دردُ پرايو.

معتَبر راوين جو بيان آهي تہ اميرالمومنين امام حسين ﷺ ۽ مڙني شهيدن کان پوءِ ابن زياد جي لشڪر سان لاڳاپيل امير توڙي سردار، سوار يا پيادي خادم يا مخدوم کي سک جو ساهہ کڻڻ نصيب نہ ٿيو ۽ نہ وري ڪڏهن سڪون ۽ گوارا پاڻي خوشدليءَ سان پِي سگهيو. بلڪ ٿوري ئي عرصي ۾ هر هڪ مختلف عذابن ۾ مبتلا ٿي عالمينَ لاءِ عبرت بڻجي مُئو.

شواهد النبوت● ۾ روايت آهي تہ اها ڳالهہ صحيح ثابت ٿي چڪي آهي تہ امام حسين ﷺ ۽ سندن اصحابن (رضي الله عنهم) جي قاتلن مان ڪوبہ اهڙو ماڻهو نہ بچيو جيڪو مرڻ کان اڳ خوار نہ ٿيو هجي ۽ قتل يا ڪنهن ٻئي مصيبت ۾ مبتلا نہ ٿيو هجي.

## امام حسين ﷺ جو اسباب لُٽڻ وارن جو دنيا ۾ حشر

"ڪنزالغرائب" منجهہ مذڪور آهي تہ امام حسين ﷺ جن جي

● شواهد النبوت (اردو) ملا عبدالرحمان جامي (رح) ص: 306



Scanned with CamScanner

شهادت کانپوءِ جابر بن يزيدَ سندن ﷺ اعليٰ مرتبي وارو عمامو [ص۱۰۱] پنهنجي مٿي تي رکيو تہ انهيءَ ئي گهڙيءَ پاڳل ۽ ديوانو ٿي ويو ۽ دماغي طرح ايترو جنوني ٿي ويو جو کيس زنجير وجهي قيد ۾ رکيو ويو. نيٺ ان قيد منجهہ ئي مري ويو ۽ "سِلسِلَةٍ ذَرعُهَا سَبعُونَ ذِرَاعاً"[1] جي زنجير منجهہ جڪڙجي ويو.

"جعونہ حضرميءَ" امام حسين ﷺ جن جو پاڪ پهراڻُ سندن پوٽر ٿَنَ تان لاهي پاڻ پاتو تہ کيس ڪوڙهہ ٿي پيو. نَعُوذُ بِاللهِ مِنهَا. ان مقدس ڪُڙتي ۾ هڪ سو ستر (170) سوراخ ڳڻيا ويا، جيڪي ايترن ئي زخمن جا اُهڃاڻ هئا. ڪن جو چوڻ آهي تہ اهوپاڪ پهرياڻُ عبدالرّحمان بن حُصَين پاتو جنهن کي ڪوڙهہَ ورتو الله جي پناهہ! سندس، مٿي ۾ ڏاڙهيءَ جا وار ڪِري پيا ۽ عالَمَ لاءِ عبرتَ بڻيو.

"اَسوَد بن حنظلہ" امام حسين ﷺ جن جي ترار ڪٽي ورتي تہ منجهس ڪوڙهہَ جا آثار نمايان ٿيا، ايستائين جو ڪوڙهہ ۾ سندس سمورا عضوا ڇڻي ڪِري پيس، جنهن سبب سندس موت واقع ٿيو.

"مالڪ بن يسار" امام ﷺ جي زِرَهہ کنئي تہ سندس ڳلَ ٽڙي ويئي، اجايو مٿو هڻڻ لڳو هروڀرو هيڏانهن هوڏانهن جا احوال ڪڻڻ لڳو. ماڻهو مٿس ٺٺولَ ۾ چرچا ڪندي پٿر هڻندا هئا. آخر ايئين ٿيو جو هڪ ڏينهن مسخريءَ ۾ ڪنهن جو پٿر اچي مٿي ۾ لڳس ۽ ميڄالو اچي ٻاهر پيس.

شواهد النبوت[2] ۾ آيو آهي تہ "شمر ذُوالجوَشن" بدبخت امير حسين ﷺ جي سامان منجهان ڳاڙهَي قسم جو ڪجهہ سون ڪٽي ورتو. اُنَ سونَ منجهان ڪجهہ ڌِيئِس کي ڏنائين. جنهن سوناري کي زيور ٺهرائڻ لاءِ ڏنو سوناري جيئن ئي اهو سَون باهہ جي آڙو آندو تہ اهو ڌوڙ ۽ لٽ جي صورت اختيار ڪري ضايع ٿي ويو. جڏهن شمر پليدَ کي اها خبر پيئي تہ هن سوناري کي سڏرائي، وٽس باقي بچيل سَون منجهان

---

[1] ثُمَّ فِي سِلسِلَةٍ ذَرعُهَا سَبعُونَ ذِرَاعاً فَاسلُكُوهُ يعني: پوءِ ان کي اهڙي زنجير ۾ جنهن جي ڊيگهہ ستر (70) هٿ آهي جڪڙي ڇڏيو (سورتُ الحَاقه (69) آيت نمبر 32).

[2] ليکڪ: ملا جامي رح (اردو ترجمو) ص: 307.

ڪجهہ ڏنو تہ سندس سامهون باهہ تي رکي، جيئن ئي اهوسَونُ باهہ تي رکيوويوتہ اهو پڻ پهرين سَونَ وانگي دَزَ ۾ تبديل ٿي ختم ٿي ويو. اهو پڻ چيو ويچي ٿو تہ امام حسين ؑ جن جا ڪجهہ اُٺ پڻ هنن وٽ هئا، جن کي ذبح ڪري پچايو ويو تہ انهن جو گوشت ايترو تہ ڪوڙو ۽ ڪسارو ٿيو جو ان مان ڪوهڪ گرهہُ بہ نہ کائي سگهيو. ان کان سواءِ هن دنيا ۾ امام مظلوم ؑ جي قاتلن جو بڇڙو حشر نهايت ذلت، خواري ۽ عذابن سان سندن قتلَ، [ص١٠٢] جيڪو ابراهيم (بن مالڪ) اشتر، مختار (بن ابوعُبَيده ثقفي) ۽ انهن ٻنهي کانسواءِ ٻين محبانِ اهلبيت رسولِ خدا ﷺ جن جي هٿان ٿيو. سو ڪتابن منجهہ مذڪور آهي. وَاللهُ عَلِيمٌ بِذَاتِ الصُّدُورِ "❶

## عبيدالله ابن زياد ملعون جي منديءَ تي نانگ جو عذاب

امام يافعي ڪتاب: "مرات الجنان" ۾ لکي ٿو تہ امام حسين ؑ جي شهادت کان پوءِ جلد ئي بدبخت عبيدالله ابن زيادَ بَد بڻيادَ جي منڍي جڏهن ڪوفي ۾ گورنر هائوس منجهہ آندي ويئي تہ اها خبيث ۽ مذموم منڍي پڻ ان ئي جاءِ تي رکي ويئي، جتي امام حسين ؑ جي پاڪ ۽ پوتر سِسِي رکي ويئي هئي. امام ترمذي پنهنجي سَنَدَ سان "عماره بن عمر" کان نقل ٿو ڪري تہ ابن زياد ۽ سندس ساٿين جون سسيون ڪوفي جي مسجد ۾ آڻي هڪ جاري ۾ رکيون ويو. آءٌ جڏهن اتي پهتس تہ ماڻهن وٽي رڙيون ڪيون تہ "اچي ويو اچي ويو". ايتري ۾ مون ڏٺو تہ هڪ نانگ انهن منڍين ڏانهن وڌيو ۽ ابن زياد جينَڪ ۾ گهڙي ويو. ٿوري دير کان پوءِ ٻاهر آيو ۽ اسان جي اکين آڏو گُم ٿي ويو. هڪ دفعو ٻيهر "اچي ويو اچي ويو" جا آواز آيا، ڏٺم تہ ساڳيو نانگ آيو ۽ ساڳيو ئي ڪم ڪيائين. بهرحال، ڪيترائي ڀيرا اِنَ عملَ جو ورجاءُ ٿيو. "امام يافعي" چئي ٿو تہ عالمن سڳورن جو چوڻ آهي تہ اهو ابن زياد جي ان گستاخيءَ جو نتيجو ۽ سزا آهي، جيڪا هن امام حسين ؑ

❶ الله سينن منجهہ محفوظ ڳجهين ڳالهين کان آگاهہ آهي. (سورت آل عمران، آيت 154)



Scanned with CamScanner

جي پاڪ سِرَ سان ڪئي ۽ اهو ڪليل اُهڃاڻ ۽ علامت آهي. اهو قصو "شواهد النبوت" [1] ۾ پڻ لکيل آهي.

## قاتلانِ حسين عليه السلام لاءِ عذاب جي خبر، لعنت ۽ شفاعت کان محرومي

ان کان سواءِ "شواهد النبوت" [2] ۾ ذڪر آهي ته انهن بدبختن منجهان هڪڙي مديني ۾ تقرير ڪندي امير حسين عليه السلام جي قتل تي سرهائي ۽ خوشيءَ جو اظهار ڪيو ته انهيءَ رات مديني ۾ هڪ آواز ٻڌو ويو پر آواز جو صاحب نظر نه پئي آيو. اُن آواز ڏيندڙ تي بيت پڙهيا، جن مان هڪ بيت هيٺ ڏجي ٿو:

أَيُّهَا القَاتِلُونَ جهلا حُسَيناً
أُبشِرُوا بِالعَذَابِ وَ التَّنكِيلِ

اي حسين عليه السلام جا جاهل ۽ بيوقوف قاتلو! توهان ڪي دوزخ جي عبرتناڪ عذاب جيخوشخبري هجي.

جڏهن ته ٻئين بيت جو ترجمو [ص١٠٣] هن طرح آهي:

جيڪي به اُتي ۾ رهن ٿا، اهي سمورا توهان تيلعنتون پيا ڪن، اهي نبين سڳورن عليهم السلام جا روح هجن يا مقرب ملائڪ.

معنيٰ:

توهان تي، دائودَ، سليمانَ ۽ صاحبِ انجيل عيسيٰ عليهم السلام
جن جي طرفان لعنت ڪئي ويئي آهي. [3]

---

[1] شواهد النبوت (ملا جامي رحمة الله عليه) اردو ص: 306.

[2] شواهد النبوت (اردو) ملا عبدالرحمان جامي رح، ص: 307 ۽ 308.

[3] هن ڪتاب (قرةُ العينين...) جي حاشيئي ۾ باقي ٻن بيتن جو عربي متن هيٺينءَ طرح ڏنل آهي:

يَنفُرُ مَن فِي السَّمَآءِ عَلَيكُم
مِنَ الاَنبِيَآءِ وَمَلائكَتِهِ بِالتَّعجِيلِ
لَعِنتُوا بِلِسَانِ دَاوُدَ وَابنِهِ
وَ عِيسَى ابنِ مَريَمَ صَاحِبِ الاِنجِيلِ



Scanned with CamScanner

اهو پڻ شواهد النبوت[1] ۾ آيو آهي ته رُوم جي غازي ۽ مجاهد چيو ته مون ڪِرستانن جي گرجا گهر ۾ هي شعر لکيل ڏٺو:

اَتَرجُوا اُمَّةٌ قَتَلَت حُسَيناً
شَفَاعَةُ جَدِّهٖ يَومَ الحِسَابِ

جنهن قوم حسين عليه السلام کي قتل ڪيو آهي، ڇا اها قيامت ڏينهن سندن ناني سائينءَ جي شفاعت جي اميد رکي ٿي!!؟

ان غازيءَ پڇيو ته هيءُ شعر ڪنهن لکيو آهي؟ ته گرجا جي انتظاميه ان ڏس ۾ لاعلميءَ جو اظهار ڪيو.

"ابوالمفاخر" چئي ٿو ته اهي چار بيت هئا. انهن جي هيٺيان انهن بيتن جي لکجڻ جي تاريخ پڻ لکيل هئي، حساب ڪيائون ته رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جن جي اعلانِ نبوت کان هڪ سؤ سال کان وڌيڪ عرصو اڳ کان لکيل هئا. انهن بيتن جي ترجمي جو مفهوم هيٺينءَ طرح مذڪور آهي.

"ڇا اهي اميدوار آهن؟، اهو استفهام ۽ سوال؟ اچرج جي لحاظ کان آهي، يعني: اهو ٽولو جنهن حسين عليه السلام کي شهيد ڪيو اهو ڪهڙيءَ طرح حسين عليه السلام جي ناني (صلي الله عليه وآله وسلم) کان قيامت ڏينهن شفاعت

---

جڏهن ته ٻنهي بيتن جي عربي عبارت شواهد النبوت (اردو) ملا عبدالرحمان جامي (رحمة الله عليه) ص: 308 تي هيٺين ريت آهي:

كُلُّ مَن فِي السَّمَآءِ يَدعُوا عَلَيكُم
مِن نَبِيٍّ وَ مَلَاكٍ وَ قَبِيلٍ

قَد لَعنتُم عَلىٰ لِسَانِ ابنِ دَاوُدَ
وَ عِيسىٰ صَاحِبِ الاِنجِيلِ

[1] شواهد النبوت (اردو) جامي رحمة الله عليه، ص: 308 کان سواءِ هيٺين ڪتابن ۾ پڻ ٿوري لفظي تبديليءَ سان موجود آهي: "حياتُ الحيوان"، علامہ دِميري(رحمة الله عليه) بحوالا: "تاريخ احمدي" (اردو) تاليف: نواب شيخ احمد حسين صاحب (رحمة الله عليه) ڇاپو لاهور ص: 380. "درڪربلا چہ گذشت" (فارسي) تاليف: شيخ عباس قمي (رحمة الله عليه) ڇاپو: قم (ايران)، ص: 543 ۽ 544. "مقتل الحسين" (اردو) ابي مِخنَف (رحمة الله عليه) متوفيٰ ١٥٧ هہ ترجمو ۽ حاشيو: زاهد حسين ڪاظمي، ڇاپو: شيخوپوره، ص: 148./ "لهوف" (مڪمل عربي ۽ فارسي متن سان) سيد بن طائوس (رحمة الله عليه)، ڇاپو: قم (ايران)، ص: 170.



Scanned with CamScanner

جي اميد رکي ٿو؟ اها ڳالهه تہ نهايت عجيب ۽ غريب آهي تہ ڪو ڪنهن جي پٽ کي ظلم ۽ ڏاڍ سان قتل ڪري ۽ پوءِ اهو بہ چاهي تہ اُنَ مظلوم ۽ ڪٺل جو پيءُ سندس شفاعت ڪري!

نظم:

(1)

تعجب است مرا، زان لعين که از سرِ جهل
نداشت حرمتِ اولادِ پاک مصطفوي

مون کي ان ملعون تي حيرت ۽ عجب ٿو اچي، جنهن سندس جهالت جي بنياد تي، مصطفيٰ ﷺ جي پاڪ اولاد جي حرمت جو لحاظ نہ رکيو.

(2)

بريخت خونِ حسين عليه السلام وهنوزمي دارد
طمع به لطف خدا و شفاعتِ نبوي

ڇا (اهڙو ماڻهو) حسين عليه السلام جو خون وهائڻ کان پوءِ بہ الله تعاليٰ جي مهرباني ۽ نبي سڳوري (ﷺ) جي شفاعتجو اميدوار آهي؟

## شفاعت ۽ بخشش ڪنهن جي لاءِ

عنايت اِلاهيءَ جي اميد ۽ حضرت رسالتؐ مآب (ﷺ) جي حمايت اها آهي تہ الله تعاليٰ جي بخشش ۽ انعام ۽ جناب احمدِ مختار (ﷺ) جي اُتم ۽ مڪمل شفاعت جو حصو ۽ سندن (ﷺ) سفارش جو پورو ۽ سمورو ڀاڱو آخري زماني جي رنجايلن، ڏکايلن ۽ دردمندن کي رسندو جيڪي سَيِّدُ الشّهداء جي ماتم منجهہ روئندڙ اکين ۽ پرسوز سينن ساڻ حاضر ٿين ٿا ۽ ڪربلا جي شهيدن جو جگر سوز داستان ۽ رنج رسائيندڙ روايتون [ص۱۰۴] ٻڌن ٿا. ان کان سواءِ هن ڪتاب جي فرمائش ڪندڙ پڙهندڙ ٻڌندڙ ۽ لکندڙ کي پڻ انهن شهادت جو پيالو پيئندڙن ۽ سياڳ ۽ سعادت جي خلعتَ ماڻيندڙن جي



Scanned with CamScanner

(پاران) ثواب، عنايت ۽ بخشش کان محروم ۽ نِرَاسُ نہ رکي.
نظم:

(1)

اي جهان آفرين بجانِ حسين عليه السلام
بغم و درد بيكرانِ حسين عليه السلام

اي جهان جا خالق! توکي حسين عليه السلام جي جان جو واسطو آهي ۽ توکي واسطو آهي حسين عليه السلام جي بي پناهہ ۽ اَٿاهہ ارمان ۽ درد جو.

(2)

كه رساني ثوابِ آن شُهَداء
به مصيبت رسيد گانِ حسين عليه السلام

تہ غمِ حسين عليه السلام ۾ مبتلا ماڻهن تائين، انهن شهيدنجو (اجر ۽) ثواب پهچاءِ

(3)

فضل كن بر مصنِف و كاتب
بر بخوانند هم بشانِ حسين عليه السلام
آمين يارب العالمين

(هن ڪتاب جي) مُصنِف ۽ ڪاتب تي ڪرم ڪر ۽ پڙهندڙ تي پڻ، حسين عليه السلام جي مقام ۽ منزلت جي صدقي ڪا ٻاجھ ڪر. قبول ڪج، اي عالمين جا پالڻهار!

## خاتمہ بالخير

توهان کي ڄاڻڻ گهرجي تہ هي جيڪو ڪجھ لکيو ويو آهي، سو احاديث نبويءَ جو شوق ڏيارڻ لاءِ آهي.

ٻئين ڳالهہ اها تہ هن ڪتاب جا اڪثر مقالا ۽ عنوان ڪتاب "روضۃُ الشهداء" منجهان ورتل آهن، جنهن کي عبدالقادر فقير امامن سڳورن حسن ۽ حسين عليهما السلام جي محبت ۾ تاليف ڪيو. جنهن جي



Scanned with CamScanner

ڪتابت سندس دوست پير محمد الله سندس پلو ڪري ڪئي.

ڪتاب جي تڪميل جي تاريخ ١٨ رجب المرجب ١٢٨٠ھ آهي. اي پالڻهار! اسان کي رسولِ رب العالمين جي نيڻن ٺارن حضرات حسنين (عليهما السلام) جي ٽولي ۾ داخل فرماءِ ۽ اسان کي انهن ساڻ، نبي پاڪ (صلى الله عليه وآله وسلم) جي حڪومت جي پرچم هيٺ اُٿار. آمين.

(1)

الاهي بحرمتِ شاهِ شهيدان

دراهلِ حُبِ اُو مارا در آوز

الاهي! توکي واسطو آهي سيد الشهداء (ع) جي عزت جو اسان کي سندس محبن ۾ داخل ڪر.

(2)

تَوَلاَّيَش چنان افگن بجانم

که باشد دل هوا دارش به حشر

سندس محبتَ ۽ ولايت منهنجي سرير منجهه ايئين پيهي وڃي، جو محشر تائين سندم دل سندس عشقَ وَراڳي ۾ اَٽڪيل هجي.

(3)

بگردان حشر مازيرِ لوايش

بمع اشياعِ، آن سلطانِ سرور عليه السلام

سردار ۽ آقا حسين عليه السلام جي پيروڪارن ۽ ٽولي وارن ساڻ، سندس عَلَمَ جي پاڇي هيٺان اسان جو حشر ٿئي.

(4)

جمالش نور بخش جانِ ما بادِ

مُشام از نکهتِ وحدت مُعَطِرَ.

آمين.

سندن سونَهن شل اسان جي روح کي روشني بخشي. ۽ اسان سندن وحدتَ ۽ هيڪڙائيءَ جي سُرهاڻ وٽي سُڳَندِڃي وڃون. آمين.

[ص ١٠٥]



Scanned with CamScanner





Scanned with CamScanner

Scanned with CamScanner

# منابع

## (الف) قلمي نسخا


1. بيدل عبدالقادر: "قرة العينين في مناقب السبطين".
2. بيدل عبدالقادر: "قرة العينين في مناقب السبطين". ۳۰ ذوالقعد ۱۳۳۴هـ.
3. بيدل عبدالقادر: "مصباح الطريقة". كاتب غلام مهدي قاضي. تاريخ كتابت 1893ع.
4. حيدري حيدر بخش: "گلِ مغفرت". (۱۳۰۵هـ)
5. كاشفي حسين واعظ ملا: "روضة الشهداء". كتابت قبل از ۱۱۸۰هـ.
6. كاشفي حسين واعظ ملا: "روضة الشهداء". كتابت ۲۱ شوال ۱۲۶۹هـ.


## (ب) عربي كتاب


1. كلام الله شريف
2. جلال الدين سيوطي، علامہ: "احياء الميت". تحقيق جلال جمال فخري، نشر توحيد، ۱۴۰۸هـ.
3. شهاب الدين مرعشي، آية الله العظمي: "احقاق الحق و ازهاق الباطل". ج: 9 ۽ ج 10. طبع ايران
4. محمد بن اسماعيل بخاري، امام الحافظ: "كتاب التاريخ الكبير". تحقيق مصطفي عبدالقادر احمد عطا. ج اول تا تاسع. دارالكتب العلميہ بيروت، لبنان. الطبعة الاولي. 2001ع.




Scanned with CamScanner

### (ج) فارسي كتاب


1. احمد منزوي: "فهرست مشترک پاکستان" (نسخہ هاي خطي فارسي پاکستان)، ج: دهم مرکز تحقيقات فارسي ايران، پاکستان، 1988ع.
2. اختر راهي: "ترجمہ هاي متون فارسي بہ زبانهاي پاکستان"، مرکز تحقيقات فارسي ايران و پاکستان، 1986ع
3. باقر ملبوبي،شيخ حجة الاسلام: "الوقايع و الحوادث"، ج سوم قسمت دوم، مؤسسة انتشارات دارالعلم، چاپ چهارم، 1369هہ ش
4. حسن عميد: "فرهنگ عميد"، سہ جلدي، مؤسسہ انتشارات امير کبير تهران، 1374 ش.
5. درگاهہ قلي خان: "مرقع دهلي"، مرتبہ و مترجمہ خليق انجم، انجمن ترقي اردو هند، 1993ع.
6. سلطان الواعظين شيرازي: "شبهاي پيشاور"، دارالکتب الاسلاميہ تهران، چاپ 34، 1370هہ ش.
7. سيد ابن طاؤس: "لهوف"، مترجم عقيقي بخشايشي، دفتر نشر نويد اسلام، قم، 1379هہ ش.
8. شيخ صدوق: "عيون اخبارالرضا"، ج اول، مترجم، حميد رضا مستفيد و علي اکبر غفاري، نشر صدوق، چاپ اول 1372هہ ش.
9. عارف نوشاهي، سيد: "کتابهاي فارسي چاپ سنگي و کمياب کتابخانہ گنج بخش"، ج اول، مرکز تحقيقات فارسي ايران و پاکستان، 1986ع.
10. عارف نوشاهي، سيد: "کتابهاي فارسي چاپ سنگي و کمياب کتبخانہ گنج بخش"، ج دوم، مرکز تحقيقات فارسي، ايران و پاکستان، 1989ع.
11. عباس قمي، شيخ: "منتهي الآمال"، ج اول ۽ دوم، مؤسسہ انتشارات هجرت، چاپ هشتم، 1374 هہ ش.
12. عباس قمي، شيخ: "در کربلا چہ گذشت"، مترجم محمد باقر قمرئي، انتشارات مسجد مقدس حضرت صاحب زمان قم جمکران، چاپ چهارم، 1373هہ ش.
13. عبدالحسين دستغيب: "سيد الشهداء"، دفتر انتشارات اسلامي،




Scanned with CamScanner

1374ھ ش.
14. عمادزاده، عماد الدين حسين اصفهاني: "سيرت سيد الشهداء حضرت امام حسين عليه السلام"، مترجم: سيد محمد حسين زيدي اماميہ پبليكيشنز 35 حيدر روڈ اسلام پوره لاهور.
15. محمد باقر مجلسي علامہ: "جلاء العيون"، انتشارات علميہ اسلام قم
15. محمد باقر مدرس بستان آبادي: "شهر حسين"، ناشر انتشارات كلين، تاريخ انتشار 1414ھ چاپ دوم
16. محمد محمدي اشتهاردي: "نگاهي بر زندگي امام حسن عليه السلام"، نشر مطهر، 1373ھ ش.
17. مهدي هاشمي حسيني، سيد: "فاطمہ زهرا سلام الله عليها در كلام اهلسنت از ولادت تا رحلتِ پدر"، انتشارات حر، قم، چاپ اول 1376 ھ ش.
18. مير عليشير قانع تتوي: "معيار سالكان طريقت" (تذكره) بہ تصحيح و مقدمہ و تحشيہ و تعليقات ڈاكٹر خضر نوشاهي، مركز تحقيقات فارسي ايران و پاكستان، 2001ع.

(د) اردو كتاب
1. آغا مهدي، سيد لكنوي: "زعفر جن"، جمعيت خدام عزا كراچي، ١۴٠٠ھ.
2. آل نقي سيد: "شجرہء ملعونہ"، الدنايت پبليكيشنز سنڌ، 2000ع.
3. ابن حجر مكي: "الصواعق المحرقہ"، مترجم: اختر فتح پوري، ناشر حافظ محمد رئيس خان رئيس جمالي.
4. احمد حسين، شيخ نواب: "تاريخ احمدي"، اماميہ كتب خانہ لاهور.
5. احمد رباني: مقالات مولوي محمد شفيع لاهوري: ج اول، مجلس ترقي ادب لاهور.
6. ترمذي محمد بن عيسيٰ، امام: جامع، ج 2، مترجم مع مختصر شرح، مترجم: فضل احمد، دارالاشاعت كراچي 2007ع.



Scanned with CamScanner

7. "جامي" نورالدين عبدالرحمٰن: "شواهد النبوت"، مترجم: بشير حسين ناظم، مكتب نبويہ گنج بخش روڈ لاهور، اشاعت چهارم، 1985ع.
8. جلال الدين سيوطي: "تاريخ الخلفاء"، مترجم: شمس بريلوي، ارشد برادرز كوتانہ استريٹ سؤيوالان دهلي نمبر 2.
9. حسين كاشفي، كمال الدين: "روضة الشهداء"، مترجم: صائم چشتي، ناشر شبير برادرز 40 اردو بازار لاهور، بار سوم 2003ع.
10. حريري، محمد يوسف: "صداءِ حضرتِ سجاد"، دارالثقافة اسلاميہ كراچي، 1405هـ
11. دهلوي شاه عبدالعزيز: "سرالشهادتين"، اماميہ پبليكيشنز لاهور.
12. ذهبي ابوعبدالله شمس الدين محمد: "تذكرة الحفاظ"، ج اول و دوم، مترجم: شيخ الحديث حافظ محمد اسحاق، اسلامك پبلشنگ هائوس لاهور 1981ع.
13. رشيد موسوي، ڈاكٹر: "دكن مين مرثيہ اور عزاداري"، ترقي اردو بيورو نئي دهلي 1989ع.
14. زاهد حسين كاظمي: "مقتل ابي مخنف"، مكتبہ خانہ اسلاميہ خاكي جان روڈ شيخوپوره.
15. سكسينہ رام بابو: تاريخ ادب اردو
16. شبلي نعماني، علامہ: "سيرة النبي"، حصہ اول مطبع معارف اعظم گڑھ، 1364هـ.
17. شيخ مفيد رحمه الله: "مقتل": مترجم صفدر حسين نجفي، دارالثقافة الاسلاميہ ۱۴۲۰هـ
18. ظهورالدين احمد، ڈاكٹر: "پاكستان مين فارسي ادب كي تاريخ"، مجلس ترقي ادب كلب روڈ لاهور طبع اول 1974ع.
19. علي شرف الدين موسوي: "قيام امام حسين عليه السلام كا جغرافيائي جائزه"، دارالثقافة الاسلاميہ پاكستان، 1997ع.
20. علي شرف الدين موسوي: "معجم كتب و مؤلفين حيات و قيام امام حسين عليه السلام"، دارالثقافة الاسلاميہ پاكستان، 2001ع.



Scanned with CamScanner

21. عقيقي بخشايشي، حجة الاسلام: "اهلبيت اطهار كي مختصر سوانح حيات"، ترجمہ: علي ارشاد نجفي، سازمان تبليغات اسلامي ايران ۱۴۰۵هـ
22. غلام رسول رضوي، علامہ: "تفهيم البخاري"، (شرح صحيح بخاري)، ج 5، تفهيم البخاري پبليكيشنز فيصل آباد.
23. فاروقي محمد زبير شوكت الہ آبادي: "معاون تواريخ"، طبع اول 1985ع.
24. فضلي فضل علي: "كربل كتها"، مصحح: ڈاكٹر خواجہ احمد فاروقي، شعبہ اردو دهلي يونيورسٹي دهلي 1961ع.
25. قزويني صدرالدين: "رياض القدس"، ج اول، مترجم: ظل حسين زيدي موسوي، ولي العصر ٹرسٹ، رتہ متہ جهنگ 1989ع.
26. گوپي چند نارنگ، پروفيسر: "ولي دكني" (تصوف، انسانيت اور محبت كا شاعر)، ساهتيہ اكادمي نئي دهلي 2005ع.
27. مسيح الزمان، ڈاكٹر: "اردو مرثيي كا ارتقاء"، قومي كونسل براۓ فروغ اردو زبان نئي دهلي، 2002ع.
28. مرتضيٰ مطهري، استاد: "حماسہ حسيني"، دارالثقافة الاسلاميہ پاكستان.
29. مهدي مازندراني، آقاۓ: "معالي السبطين في احوال حسن و حسين عليهما السلام"، ج 2، مترجم: اثير جاڑوي شهيد، ولي العصر ٹرسٹ، رتہ متہ جهنگ، 1989ع.
30. نسيم امروهوي، مرتضيٰ حسين، محمد باقر: "جديد نسيم الغات"، شيخ غلام علي اينڈ سنز پبلشرز لاهور، اشاعت ششم 1979ع.
31. نجفي موسيٰ بيگ: "سوگ نامہ آل محمد"، حوزه علميہ جامعة المنتظر لاهور، 2006ع.
32. "ولي": "روضة الشهداء"، (منظوم)، مطبع محمدي واقع بمبئي، 1353هـ
33. ياقوت حموي: "معجم البلدان"، مترجم: غلام جيلاني برق، طابع شيخ نياز احمد، غلام علي پرنٹر جامع اشرفيہ اچهره لاهور.



Scanned with CamScanner

(ھ) سنڌي ڪتاب


1. بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر: "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ"، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ٽيون ايڊيشن 1990ع.
2. بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر: "جامع سنڌي لغات"، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 1404ھ
3. بولچند راجپال: "بيدل جو سنڌي ڪلام"، پبلشر آزاد بڪ ڊپو جيڪب آباد، 1950ع.
4. حسام الدين راشدي، پير: "ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون"، انجمن تاريخ سنڌ ڪراچي/ حيدرآباد 1981ع.
5. سليم الله صديقي مخدوم: "خزينة المخطوطات"، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو سنڌ، 2006ع.
6. عباس علي بيگ ميرزا: "ڪليات ثابت علي شاھ ڪربلائي"، اسلامڪ ڪلچر اينڊ ريسرچ سينٽر ڪراچي، 1984ع.
7. عبدالحسين شاھ موسوي: "ديوان بيدل"، سنڌي ادبي بورڊ، پهريون ايڊيشن 1954ع.
8. غلام محمد لاکو: "سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو"، مارئي سماجي سنگت ملير ڪراچي، 1997ع.
9. گدومل ڪنڊڻ مل هرجاڻي: "ديوان بيدل"، بيدل يادگار ڪاميٽي روهڙي، 2007ع.
10. نواز علي شوق، ڊاڪٽر: "ديوان تارڪ"، سنڌي ادبي بورڊ.


(و) رسائل


1. سہ ماهي ثقلين اسلام آباد، شماره 4، آڪٽوبر – ڊسمبر، 1998ع.
2. رضاڪار لاهور سيد الشهداء نمبر 1379ھ




Scanned with CamScanner

(ز) **مضامين**

3. **آقائي رسول جعفريان: "بستر تاريخي عزاداري اهل سنت براي امام حسين عليه السلام" (فارسي).**

4. **حسن حضرتي و غلام حسن مقيمي: "نگاهي اجمالي به حيات و انديشه سياسي ملا حسين واعظ كاشفي". (فارسي).**



Scanned with CamScanner

## قطعات تاريخ تدوين و ترجمهءِ كتاب
## ”قرة العينين في مناقب السبطين“

(1)

### نتيجهءِ فكر
### مولانا مفتي محمد پريل ’بيدار‘ سنگراروي

قرة العينين جو آ ترجمو هي لاجواب،
في مناقب السبطين آ علي اطهر جو انتخاب،
محترمہ نوشاد علي ”آ وه جو ذاكر سرخرو“
2008
عيسوي سن ترجمو ’بيدار‘ جو آ باصواب

(2)

### نتيجهءِ فكر
### انجنيئر عبدالحسين موسوي

مدعاي ذاكر، مذكور مي شود
مدعاي چشم بس، اشک عزايت
مدعاي خاطرم، دردت کہ اي حسين ؑ
مجلس مقدس، شفيع آخرت
2008ع



Scanned with CamScanner



مزار مولانا حسين واعظ كاشفي رحمه الله



رب یسر وتمم بالخیر

بسم الله الرحمن الرحیم

قرة العینین فی مناقب سبطین

حامدا لمن جعل السبطین الطیبین سیدی شباب اهل الجنة ومصلیا وعلی سلطان الرسل صاحب لواء
الحمد خیر البریة وآله النقیة واصحابه الجنة اما بعد فهذه رسالة تسمی قرة العینین فی مناقب السبطین
تکتب لتزید تولاء المحبین وتوفیر تمناء المخلصین اللهم اجعلنا منهم آمین عن سعد بن ابی وقاص
قال لما نزلت هذه الآیة قل تعالوا ندع ابناءنا وابناءکم دعا رسول الله صلی الله علیه وآله وسلم علیا
وفاطمة وحسنا وحسینا فقال اللهم هؤلاء اهلبیتی رواه مسلم عن عائشة قالت خرج النبی صلی الله
علیه وآله وسلم غداة وعلیه مرط مرحل من شعر اسود فجاء الحسن بن علی فادخله ثم جاء الحسین فدخل معه ثم جاءت
فاطمة فادخلها ثم جاء علی فادخله ثم قال انما یرید الله لیذهب عنکم الرجس اهل البیت ویطهرکم تطهیرا رواه مسلم
عن زید بن ارقم قال قام رسول الله صلی الله علیه وآله وسلم یوما فینا خطیبا بماء یدعی خما بین مکة والمدینة
فحمد الله واثنی علیه ووعظ وذکر ثم قال اما بعد الا ایها الناس انما انا بشر یوشک ان یاتینی رسول ربی فاجیب
وانا تارک فیکم الثقلین اولهما کتاب الله فیه الهدی والنور فخذوا بکتاب الله واستمسکوا به فحث علی کتاب الله
ورغب فیه ثم قال واهلبیتی اذکرکم الله فی اهل بیتی اذکرکم الله وفی روایة کتاب الله هو حبل الله من اتبعه کان
علی الهدی ومن ترکه کان علی ضلالة رواه مسلم عن البراء قال رأیت النبی صلی الله علیه وآله وسلم والحسن
علی عاتقه یقول اللهم انی احبه فاحبه متفق علیه عن ابی هریرة قال خرجت مع رسول الله صلی الله

عكس صفحه اول كتاب "قرة العينين في مناقب السبطين"



Scanned with CamScanner



عکس صفحه آخر کتاب "قرة العینین في مناقب السبطین"



**عکس صفحہ قبل از اول کتاب "روضة الشهداء"**
**ملکیت بسم الله شاہ رضوي**


وبه نستعين بسم الله الرحمن الرحیم وبه التیسیر و التتمیم

ای شربت درد تو دوای دل ما آشوب بلای تو عطای دل ما
از نامه حمد تو شفای [illegible] ما وز نام حبیب تو صفای دل ما
حضرت صبوری بی ملال و شکوری بی زوال عمت عطیاته و طابت بلیاته
در کتاب کریم و کلام لازم التکریم زمره بلا رسیدگان میدان محنت و محنت
کشیدگان معرکه مشقت بدین خطاب دل نواز سرافراز ساخته که و لنبلونکم
و هر آینه مای آزمائیم شمارا یعنی با شما معامله آزمایندگان میکنیم
چه هیچ حال شما بر ما پوشیده نیست اما میخواهیم که عیار کار هر کس بر محک
امتحان ظاهر گردد و عالمیان بدانند کدام نقد از اخلاص ابتلا پاک و بی غش
بیرون می آید بشیء من الخوف بیت خوش بود گر محک تجربه آید بمیان تا
سیه روی شود هر که در او غش باشد و آزمایش الهی بچندین نوع در
آیه واقع شده بشیء من الخوف بچیزی ترس که آن از خوف الهی باشد یا بیم
دشمنان و الجوع و گرسنگی آن قحط است و تنگی و یا روزه داشتن
و نقص من الاموال و نقصان بعضی مالها بتاراج حادثات یا اخراج
زکوة یا صدقات و الانفس و نقصان در نفسها که آن بیماری باشد
و ضعف و عجز یا احتیاج دی نوایی و الثمرات و نقصان میوها که محصولات
با آفات ارضی و سماوی و یا مرگ فرزندان که میوه باغ دلند و روشنی چراغ
بصر و ثمره نهال نهاد بدر رود و بشر الصابرین و بشارت ده صبر کنندگان
را که درین بلیات طریقه شکیبائی پیش آرند و رسوم جزع و فزع و شکایت

عکس صفحہ اول کتاب "روضة الشهداء"

ملکیت بسم الله شاہ رضوی


[..ین] چهار بیت است و تاریخ نوشتن این ابیات هم در تحت
[..]بوده بحساب کرده اند هفتصد سال بیش از صعوبت حضرت
[ر]سالت صلی الله علیه وسلم بوده و ترجمه این بیت که مسطور
[ش]ده است که آیا امید میدارند استفهام بر سبیل تعجب است
[یعن]ی چگونه امید میدارند گروهی که حسین را شهید کنند شفاعت
[جد] او را در روز شمار و پس تعجب است که کسی فرزند کسی را بظلم
[..] بقتل رساند و خواهد که پدر آن مظلوم مقتول او را
شفاعت کند [..] تعجب است هزاران لعین که از سر جهل نداشت
[حر]مت اولاد پاک مصطفوی به بر تیغ خون حسین و هنوز امید دارد
[ب]لطف خدا و شفاعت نبوی امید بعنایت الهی و حمایت حضرت
[ر]سالت پناهی آنست که از مواهب فضل احدی و میامن شفاعت
[مح]مدی صلی الله علیه وسلم منتظر ام و اکمل سهمی اعم اشمل روزگار محبت
[..]کان آخر که در ماتم شاه شهیدان با دیده گریان و سینه بریان حاضر
شده اند اصل و منوا اصل دارد فرماینده کتاب و خواننده و نویسنده
[و شنو]نده را از مثوبات آن نویسندگان شربت شهادت و کرامات
[آ]ن نوشندگان خلعت سعادت محروم و بی بهره نگذارد بیت
ای جهان آفرین بجان حسین به غم و درد دیگران حسین
برسانی ثواب این شهدا به بمحبت رسیدگان حسین

آمین رب العالمین

تمام شد کار حلا امت محمد رسول الله صلی الله علیه وسلم نظام شد بخط [..]

عکس صفحه آخر کتاب "روضة الشهداء"

ملکیت بسم الله شاه رضوي



Scanned with CamScanner



83280
1-2-89

12.61
1.2.89

هن كتاب جو تعلق محترم ............
... مرحوم سيد عطا حسين شاه موسوي صاحب
جي خاندان سان آهي

بسم الله الرحمن الرحيم

درود فاتحہ بھیجیں رسول کی آبر
پھر اسکی بعد علی و بتول کی اوپر
شفیع روز قیامت ہیں احمد و حیدر
نبوت اور ولایت ہیں ختم دونوں پر
جناب فاطمہ کی کس سی ہو بیان توقیر
کہ اسکی شان میں نازل ہے آیۂ تطہیر
حسن کی روح کی اوپر سدا درود و سلام
کہ ہے وہ سبط پیغمبر امام ابن امام
جفا و ظلم و ستم اسکو ہیں شہید کیا
جگر یہ اس شہ بیکس کا ٹکڑے ہو کے گرا
حسین کشتۂ خنجر پہ جان و دل سے سدا
درود فاتحہ بھیجو اے بندگان خدا
درود فاتحہ زین العباء پہ ہے دن رات
کہ خلق کا ہے اس پیشوا کا ہاتھ برات
عدو نی جب اس شاہ کو شہید کیا
گلے میں طوق پہنا کی دستگیر کیا
درود فاتحہ ہر دم امام باقر پر
کہ ہے وہ روشنی چشم احمد و حیدر
یزید ستم سی وہ شافع کو نہیں
بنی کی دین کا حامی علی کا نور العین
درود فاتحہ ہر دم امام جعفر پر
کہ ہے وہ مجتبیٰ صادق آپ دین کا رہبر
دغا سی ظالموں نے اسکو بھی شہید کیا

LIBRARY
Institute of Sindhology

عکس صفحہ اول کتاب "گلِ مغفرت"

کاتب: سید حسین بخش رضوی



غرض بیان غم اہلبیت رسول ہیں

در مطبع حیدری تمت بالخیر بروز چہار شنبہ
بتاریخ ہشتم
ماہ محرم الحرام
سنہ ۱۲۸۷

این کتاب گل مغفرت یعنی روضة الشہدا
بفضل اللہ جلشانہ وبہ
یمن محمد رسول اللہ
صلی اللہ علیہ وآلہ
وسلم
از دست فقیر حقیر پر تقصیر
اضعف عباد اللہ
سید علی شاہ

**عكس صفحہ آخر كتاب "گلِ مغفرت"**
**كاتب: سيد حسين بخش رضوي**



Scanned with CamScanner


۱۵۲

که کربلای می‌شنوند وصل متواصل دارد و فرمانبده کتاب و خوانندگان و شنوندگان و نویسنده

از مثوبات آن نویسندگان شربت شهادت و کرامات آن نویسندگان خلوت

سعادت محروم و بی بهره نگذارد — نظم — ای جهان آفرین بحال حسین : نعم پرورد

بیکران حسین : که رسانی ثواب آن شهدا : بمصیبت رسیدگان حسین

فضل کن بر مصنف و کاتب : بر بخوانندهم بشان حسین : آمین یا رب العالمین

خاتمه بالخیر

اعلموا ان هذه الاوراق بستولهجان الاشتیاق مبتدی باحادیث النبوة

و منتهی ببعض مقالات التی تخرج من روضة الشهداء فی حب السبطین کمال

تالیفها من عبد القادر الفقیر و تحریرها من رفیقه پیر محمد المستغفر تاریخ اتمامها

ثامن عشر من رجب المرجب فی سنة الف مائتین ثمانین — اللهم

ادخلنا فی زمرة خدام قرة عینی رسول رب العالمین و حشرنا معهم تحت لوای

دولته آمین : الهی حرمت شاه شهیدان : در اهل حب او مارا درآور : بنور لاش

جهان افگن بجانم : که باشد دل هوادار تن بمحشر : بگردان حشر ما زیر لوایش

بمعه اتباع آن سلطان سرور : جمالش نور بخش جان ما باد : مشام

از نکهت و مد معطر آمین

جمالش

عکس صفحہ قرة العينين بخط نجفي

نسخو: موساٹي

اسان جي دوست نوشاد علي جعفري 5 جولا 1958ع جو روھڙيءَ ۾ جنم ورتو. روھڙيءَ جي مقامي ڪاليج گورنمينٽ عطا حسين شاھ ڊگري ڪاليج مان 1983ع ۾ تاريخ اسلام ۾ ايم اي ڪئي. ھن غيرسرڪاري ذھن رکندڙ ھمراھ جي ڪرت ٽيھن سالن ڪان سرڪاري ملازمت آھي. جيستائين سندس ھن علمي ڪاوش جو تعلق آھي تہ ھن ڪتاب تي لکيل مقدمو حواشي، متن تي ڪيل پورھيو ۽ ترجمو اسان جي ھن فاضل محقق جي علمي وسعت، تحقيقاتي مھارت، تنقيدي صلاحيت، صحيح ادبي مذاق ۽ ھڪ لفظ شناس مصنف ھجڻ جو ثبوت آھي. مقدمي جي ڪن عنوانن تحت تحرير مان سندس حڪيمانہ خيالات ۽ عارفانہ جذبات پڌرا آھن.

درحقيقت ھيءَ مڪمل علمي ۽ محققانہ ڪاوش دورِ حاضر جي تحقيقي ۽ تنقيدي تقاضائن مطابق آھي. نوشاد علي جي اڻ ڇپيل علمي آثارن ۾

- ”شھرِ آشوبِ بکر“: مخمس از سيد جان محمد شاھ رضوي متخلص بہ ”مير“ (تدوين، ترجمو، حواشي، تعليقات ۽ مقدمو)
- ”روھڙيءَ جو ھڪ ھندو علمي خانوادو“ (احوال ۽ علمي آثار، (تحقيق)

۽ ڪجھ اردو/ فارسي ڪتابن ۽ مقالن جا ترجما شامل آھن.

انجنيئر عبدالحسين موسوي

موج وحدت پبليڪيشنس، روھڙي

Scanned with CamScanner